# ڇپر ڇڙيون

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ



سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چپر ۾ چڙيون

مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ
2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاپو پهريون — سـال 1971ع — تـعـداد 3000
چـاپـو ٻـيـو — سـال 1990ع — تـعـداد 2000
چاپو ٽيـون — سيپٽمبر 2004ع — تعداد 1000

[سمورا حق ۽ واسطا محفوظ آهن]

قيمت: هڪ سؤ ستر روپيا
[Price: Rs. 170-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ جناب انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ١ | مهاڳ | [الف] |
| ٢ | ٻئي ڇاپي جي ناشر طرفان | [ت] |
| ٣ | پهرئين ڇاپي جي ناشر جا پيش لفظ | [ت] |
| ۴ | مقدمو | [ث] |
| | **بيت** | |
| .١ | هادي آهي هڪڙو | ١ |
| .٢ | مرسل مٺيادار | ٩ |
| .٣ | تقواي ري طاعت | ١٨ |
| .۴ | جي پائين جاني لهان | ٢١ |
| .۵ | عشق نہ بيت المال | ٢۴ |
| .٦ | جي ڪُسين پاڻ قريب ڪان | ٣٠ |
| .٧ | ڏولڻ آهي ڏڪ | ٣٧ |
| .٨ | جي جو جياپو | ۴٣ |
| .٩ | جڙيو جانب جيءَ ۾ | ۵١ |
| .١٠ | ڪاند! ڪميڻي ناهيان | ۵٣ |
| .١١ | تون تنين سان تي | ۵۵ |
| .١٢ | رهاڻيون راهوند ۾ | ٦١ |
| .١٣ | ڳونگيون ڳوءِ ڪتي ويون | ٦۴ |
| .١۴ | قدمن تان قربان ٿيان | ٧٨ |
| .١۵ | سِرَ سدائين سَٽ ۾ | ٨٩ |
| .١٦ | درجا آهن دلن تي | ١٠٢ |
| .١٧ | رمزون آهن روح جون | ١١٣ |


جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج



| | | |
|---|---|---|
| .١٨ | اکِن ميٺهن وسايو | ١٢٢ |
| .١٩ | سار سنيار | ١٢٦ |
| .٢٠ | وڻان جيئن ويام | ١٢٩ |
| .٢١ | ڪونجن ڪرڪي ڪاله | ١٣١ |
| .٢٢ | ٻُڌان تو پيِن ڪان | ١٣٥ |
| .٢٣ | لڪي ليا مَر پا | ١٣٧ |
| .٢٤ | جيڪر آئون هجان | ١٣٩ |
| .٢٥ | جُتيءَ جوڙ ٻه جي ٽيان | ١٦١ |
| .٢٦ | ليلائي ليلا | ١٦٧ |
| .٢٧ | قرب ڪِني سان ڪئن ڪيئي | ١٧٢ |
| .٢٨ | جنهن ڪي چنجي ڪاند | ١٧٨ |
| .٢٩ | سونه چنبو ڪاند | ١٨٣ |
| .٣٠ | سانَ سدائين سهٽا | ١٨٦ |
| .٣١ | عورت ڏنگي پاسري | ١٩٠ |
| .٣٢ | ڪُتو ڪُتو نه چئو | ١٩٢ |
| .٣٣ | متو ڪُپندئي متيءَ ۾ | ١٩٦ |
| .٣٤ | طالب تنوارون ڪري | ١٩٩ |
| .٣٥ | پاڻ مرادو اچ | ٢٠٢ |
| .٣٦ | مٺايان منو گهڻو | ٢٠٣ |
| .٣٧ | آهي آب حيات | ٢٠٦ |
| .٣٨ | ويل وقت نه آهيان | ٢١٢ |
| .٣٩ | ڪنهن ڪي خبر ڪنهن جي | ٢٢٦ |
| .٤٠ | چپر ۾ چڙيون | ٢٣٠ |
| .٤١ | متفرقات | ٢٣٧ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪافيون

### [۱] مالڪ جي مختاري


۱. مالڪ جي مختاريٖ وي ۲۳۵
۲. هادي حڪمتدار اِلاالله ۲۳۵
۳. هُن جا حمد هزارَ ۲۳۶
۴. نرمل! رخ تان لاهه نقاب ۲۳۶


### [۲] منهنجو محمّد مير


۱. محبّت جو مقصود، لائق ستائش جو ئي آهي ۲۳۸
۲. منهنجو محمّد ميرِ مولاٍ ڄاڻي ۲۳۸
۳. حضرت پاڻ حسينُ ـ صَلواعَلي ۲۳۸
۴. منا مير مرسل وِلهن جو تون والي! ۲۳۹
۵. سچ چيم توکان سوا، منهنجي تہ ڪا ڪانهي ڳلي ۲۵۰
۶. اونائج هي عاجز جون سيّد صدائون! ۲۵۰
۷. عاجز جون التجائون ـ سيّد تون سڻ سوپارا! ۲۵۱


### [۳] تقويٰ سان ڪر طاعت طلب


۱. طاعت ڪي ٿي اُجاري ـ تقوا ئي طالبن جي ۲۵۳
۲. ماڻڻ ڳهرين محبُوب جَي ـ پرهيزگاري ڪر سدا ۲۵۳
۳. چڱو رکج گمان ـ مولائي جي مومن آهين ۲۵۴
۴. جاڳڻ سان رک جاڙ مسافر ۲۵۵


### [۴] هت آهيان انسان


۱. ڏي ڪو هيُ جواب ڄا هت آهي، ڄا هت تيندو! ۲۵۶
۲. هت آهين انسان هت الاهجي ڄا وجي تيندين! ۲۵۷


جيئي سنڌ ڪتاب گهر

.٣ اها الله جي جاڻ ـ جي تون پاڻ سڃاڻي ٢٥٧
.٤ جيتر تون موجود ـ تيتر لا موجود هو هوندو ٢٥٨
.٥ ڏور نہ ڀنا ڪي ڏس ـ "نحن أقرب" پاڻ چيائين ٢٥٨
.٦ آهيان پنهنجو پاڻ ـ جيڪي اڳي هُس ٢٥٩
.٧ مون ۾ آهين تون ـ تون ئي تون ٢٥٩


## [٥] لالڻ لئي لوڙين


.١ آپت ۾ اورين ـ آديسي تا اَلکَ ڪي ٢٦٠
.٢ ويراڳي ووڙين ـ هرهنڌ حسن حبيب جو ٢٦٠
.٣ ڪُوڙي ڇڏي ڪثرت ـ بيراڳي برن ٢٦١


## [٦] سوا عشق جي بيو ڪو مذهب نہ ملت


.١ اچي عشق اندر ۾ سمايو ٢٦٢
.٢ عشق ڏنا آزار ـ سورن آهي سمهڻ وڃايو ٢٦٢
.٣ جي عشق اُمالڪ اچي ٢٦٣
.٤ عشق ڪرڻ آسانُ ـ ناتو نڀائڻ ڏاڍو مشڪل ٢٦٣
.٥ برهُ نہ آهي بيت المال ٢٦٤
.٦ عشق ٿيو استادُ ٢٦٥
.٧ "عشق ڏنا آزار ٢٦٦
.٨ آهي ڪنهن کي خبر ڪا چار ٢٦٦
.٩ ماري عشق ڇڏيو ڇڻ اديون ڙي! اُقَتُ ٢٦٧
١٠ "محبت ري، مُردار ـ هي، تہ حياتي ڇا ڪندي!" ٢٦٧
.١١ ورهُ وهائج ويهي ويهي ٢٦٨
.١٢ ڪَئِن وساريا ويهي تو "قالُوا بَلِيٰ" اقرارڙا! ٢٦٨
.١٣ عجب عشق آهي اسان جو الستي ٢٦٩
.١٤ جنهن کي عشق جڏهن تو نهوڙي نئي ٢٧٠


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [٧] ساري سَرَ ۾ سهڻو صبيح ٻه تون


| | | |
|---|---|---|
| ١. | تون تارن ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ | ٢٧٢ |
| ٢. | تنهنجي ڪارن وارن پاتو ڪمند | ٢٧٣ |
| ٣. | تنهنجي قرب جو آهي وسيع ڪمند | ٢٧٤ |
| ٤. | تنهنجي حسن جا هُلَ - دلدارن ۾ يار دلارا! | ٢٧٥ |
| ٥. | سهڻل جا سينگار ــ وهوا ــ دل کي وڻن تا | ٢٧٧ |
| ٦. | تنهنجي عجب اڏاوت ۽ بيهڪ | ٢٧٨ |
| ٧. | اِهو اٿم يقين ته آهيان برحق | ٢٧٩ |
| ٨. | تنهنجي رخ ۾ نوري ڏاڍو نمڪ | ٢٨٠ |
| ٩. | گهٽو آهن گهٽ توکان سڀ گل ڦل! | ٢٨١ |
| ١٠ | تنهنجو دنيا ۾ محبوب! نه مٽ | ٢٨٣ |
| ١١. | آهين لاثاني بي نظير پرين! | ٢٨٤ |
| ١٢. | تنهنجي شان وٽان ڪينهي مڙني منصبَ | ٢٨٥ |
| ١٣. | جيڪي منهنجي ڳچيَ جا هار ٿيا | ٢٨٦ |
| ١٤. | مٺا محب ماٺهو پرين پيار وارا | ٢٨٨ |


## [٨] سڪندي ٿيڙم سال


| | | |
|---|---|---|
| ١. | مست الفت ۾ ڪيا ڪئين وِرهه ويچارا هٽي | ٢٩٠ |
| ٢. | تو لاءِ ڪوڙين ڪانگ اڏايان پئي | ٢٩٠ |
| ٣. | ساهه سڪي تو جن لاءِ - سڄڻ شل سارين! | ٢٩٢ |
| ٤. | ڏوهه دل جو آهي ظاهر ۾ وجي اکڙيون اڙيون | ٢٩٢ |
| ٥. | پنهنجي پرين ڪاڻ - پاند پسايم روئي روئي | ٢٩٣ |
| ٦. | سڪندي ٿيڙم سال - ويئي ساجن ساريان | ٢٩٣ |
| ٧. | محبت کي ڪا پرواهه ناهي | ٢٩٤ |
| ٨. | سڄڻ هجن شل سنوان! - حالڙا پڌائنديس | ٢٩٤ |
| ٩. | مولا! ملاءِ تون مون سان منهنجي من جو ٺار | ٢٩٥ |
| ١٠. | رئندي رئندي ٿيون گذرن راتيون | ٢٩٥ |
| ١١. | ايندم شال ! عجيبَ - سرتيون - | ٢٩٦ |


جيئي سنڌ جيجل ڪتاب گهر

١٢. ڪندي ياد توکي هي راتيون وهاٽيون ٢٩٧
١٣. تون ڇا هئين، ڇا مان ڇا ٿي وئين ٢٩٨


## [٩] دلڙي ڏئي مون درد پرايو


١. مون ڪان نٽيون وسرن سڄڻ! ٣٠٠
٢. مون سان دلبر دلڙي نہ لائين ها ٣٠٠
٣. تو دلڙي يار! ڏتاري ٣٠٢
٤. جنڙي جيَ جا جيارا- او پيارا! ٣٠٣
٥. ساريو، ساريو، ساريان ٣٠٤
٦. سڪندي سال ٿيا ٿيندس نيٺ چري ٣٠٥
٧. دلدار چو ڏيئي پيار وري يار ٣٠٦
٨. ڪري قرب اچڻ، وري موٽي وڃڻ ٣٠٧
٩. تو مان اميد نہ لاهيندس ٣٠٨


## [١٠] درد مندن جون دليون ڦيراڏئي دلبر ڦٽيون


١. سهڻو، تہ يار سهڻو، سهڻو ٻيو ڪير آهي ٣٠٩
٢. ڪٺن نہ بي دردن جون دليون ٣١٠
٣. درد مندن جون دليون ڦيرا ڏئي دلبر ڦٽيون ٣١٠
٤. تنهنجون زوراوَرَ سڄڻ! اهڙيون اَجهل آهن اکيون ٣١١


## [١١] توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان


١. تنهنجا ڪهڙا تورا ڳايان ٣١٢
٢. مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون پلا ٣١٣
٣. توسان نرمل نينهن نڀائيندس ٣١٤
٤. محبوب مٺا! ڪل نيڻ ڪٽي ٣١٥
٥. منهنجا رُسڻا پرين، منهنجا رسڻا پرين! ٣١٦
٦. مٺڙا! تون نہ وسارج، جڳ جي وساريو تہ ڇا ٿيو! ٣١٧
٧. منهنجا دلبر مٺا! چو ٿي ٿئين جدا ٣١٨


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢٣. پاڻي ورهه جا ونگ، آ ته ڪريون ڪي قربڙا ٣٣٨
٢٤. اڄ ته گذاريون گڏ، وقت ويل آئون ناهيان ٣٣٨
٢٥. مون ۾ آهن اَوَس اڻ ڳڻيا اوڳڻ ٣٣٨
٢٦. ڏاڍي ٿي دير ويئي اي دلدار يار آ! ٣٤٠

## [١٣] مون کي ماري دردَ جياري وئين

١. وئين ڪسي دلڙي انهن جون جن ۾ تو ٣٤١
٢. اچي محبت منا! مون کي ماري وئين ٣٤١
٣. ڪسي دل ڪٺي وئين ڪجل پائي ڪانيون ٣٤٣
٤. ڇڏي مون کي ڪيئي ڪچو ڪبڏو نه ڪم! ٣٤٣
٥. خبر هاڻ پوندي ته ڇاهي جدائي! ٣٤٥
٦. رڙي روئي عاشق! ڪندس التجائون ٣٤٦
٧. لئون وينيس لالڻ سان لڳائي ٣٤٧

## [١٤] مون ڏي حرفَ هزارَ

١. پازي آئون پينار - ناهي دم دعوا جو ٣٤٨
٢. مون ڏي حرف هزارَ-پاڻ ڪرم ڪر ٣٤٨
٣. ڪيا محب ڪروڙ محبّت سان ٣٤٨
٤. خبر خاص آيو ڪٺي اڄ ڪيانتو ٣٤٩
٥. بخشئي بخشٺهار!- پلارا! ٣٥٠

## [١٥] آيو يار ڏنئين دلداريون

١. سهٹا ساٿينڙا مون وٹ اڄ تا اچن ٣٥١
٢. آيو يار ڏنئين دلداريون ٣٥٢
٣. سور ويا سڀ لهي- محب مليو ٣٥٣
٤. درد دفع سڀ ٿيا- مون سان ٿيو ٣٥٣
٥. صبح سان سردار، پنهنجو پاڻ پَسايو ٣٥٤
٦. ڪِلُ ڪِلُ او ناز وارا! لايون نوان نظارا ٣٥٤
٧. تنهنجا ڪرم ڪروڙين قرب سندا ٣٥٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [١٩] طالب عشق امام جنھين جو


١. گھڙيءِ ساھڙ جي تہ سھاري ٣٧٩
٢. جتي چام سميون ڪئين سياٽيون ٣٧٩
٣. عمر! بند رڪبيون نہ ڪنھن جو نياٽيون ٣٨٠
٤. لڳايم نينھن جو ناتو، اھو ناتو! نڀائيندس ٣٨١


## [٢٠] وڻجارا تہ ورن


١. ھيڙي ھُلَ ھشر، ڪانھي خبر ٣٨٣
٢. وڻجارا تہ ورن ڙي پينر جيڏيون! ٣٨٤


## [٢١] پي ۽ پيئڻ ڏي


١. تون بہ پيالا پي- ڙي يار! ٣٨٥
٢. ساقي! سُرڪيون ڏئي غمَ تارِ يلا ٣٨٥


## [٢٢] دنيا اٿئي درياءُ دلاور!


١. سجاٽي چڏيسون ھي دنيا دورنگي ٣٨٨
٢. ڏاڍا دنيا جا تا رنگ ڏسجن ٣٨٩
٣. تَرُ تارو اٿئي ويل تَرَڻ جي ٣٩١


## [٢٣] متفرقات


١. پري تي بہ آھين اکن ۾ عجيبي ٣٩٢
٢. پرديسي پکيئڙا- ڪري ويِڙا ولر وَھي وَھي ٣٩٣
٣. جاني جلويدار! منھنجي جيءَ جا جيارا! ٣٩٣
٤. مولا ڏيئي پي چمار- جاني شال جيين تون! ٣٩٤
٥. ونگيو دل ونن تا ڪُندا ڪيس ڪارا ٣٩٥
٦. ڪٿي لال لبَ ۽ ڪٿي گل گلابي! ٣٩٦
٧. سھٽي تون صندوق- پاڻ ئي پنھنجي ٣٩٧
٨. آھي آب حيات- پڪَ پرين جي ٣٩٧
٩. رخ روشن تي پرينَ! آھيان پتنگ ٣٩٨
١٠. وني آيا تو وٽ پرين! ھير پيارا ٤٠٠
٤٣. حوالا ٤٠١
٤٤. "مجمع الفيوظات" تان اُڪريل عڪس ٤٠٣
٤٥. قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي مقولن جون معنائون ٤٠٦
٤٦. ڏکين لفظن جي معنيٰ ٤١١


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مهاڳ

ڪتاب "چپر ۾ چڙيون" ڇپجي آهي رهيو ٻي پيري ٻه، ان ۾ ڪيا ويا آهن ٻه طريقا اختيار. هڪ "اڪن پيرن" وغيره جي داستانن سان "رمزون آهن روح جون" داستان کي ملايو آهي ويو ۽ هڪ ٻيو ڪم هي ته سنڌ يونيورسٽي جي هڪ جمالي شاگرد، جنهن جو اڳتي ايندو ذڪر، ان جي موجب چوڻ ته سندس ۾ خيال جيڪي ڏکيا آهن لفظ انهن جون معنائون سمجهاڻي معمولي سان لکجن جيڪي اچن سمجهڻ ۾. آهي اميد مون کي وڏي ته ڪيل ذڪر وارو ڪتاب جيڪو آهي هٿن ۾ اوهان جي اهو پسند ايندو اوهان کي ۽ ڏاڍو وڻندو.

خيال آهي نون شاعرن ۽ ڪجهه غير شاعرن جو منهنجي واسطي اڄڪلهه هي، ته زبان فارسي زياده استعمال ڪريان ٿو آئون؛ موزون شاعري ۾ پنهنجي. موجوده دور ۾ جيڪڏهن ماڻهو نٿا سمجهن زبان فارسي ته ڏوهه فارسي جو ڪهڙو. ٻيو ته نٿي پڙهائي وڃي فارسي اسڪولن ۾ ، ته پوءِ ناهي قصور انهن شاگردن جو ٻه.

لکندڙن ڪان ٻڌان ٿو اڄڪلهه نظم توڙي نثر ۽ پڙهان ٿو رسالن ۾ هندي ۽ سنسڪرت زبانن جا لفظ ڪيئي ۽ جملا. جي ڪيا وڃن ٿا استعمال سنڌي ۾ آل جال. ڇا استعمال انهن لفظن جو ناهي اعتراض جوڳو؟ طريقو بهترين آهي هي، ته زبان جيڪا ڳالهايون ٿا روز ، منجهه گهر ۽ ٻاهر گهر ڪان، چو نه زبان ان ۾ لکون نظم ۽ نثر وغيره. جئن اڄڪلهه لکجڻ ٿي ويو آهي شروع.

شاعري عروضي، جيڪا پاڪ ۽ هند ۾ ڪيئي صدين ڪان پئي ٿي ڪئي وڃي، جا ٿي وئي آهي عام مقبول. ان کي نه ڪبو فارسي سان جيڪڏهن مرصّع (رنگين ۽ خوبصورت) ته لڳندي ڦڪي ڦڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شيخ اياز جا لکيل هيٺ پڙهندا غزلن جا شعر ڪجهه ڏسندا ۽ ڪندا غور انهن تي ته ڪيئن نه آهن سينگاريل فارسي سان. تئي تي بيحد خوشي انهي تي ته شيخ صاحب به آهي غزل گو بهترين شاعرن مان شاعر هڪ.

۱۔ مونسِ ماهتاب آهيان مان
ڪنهن پرندي جو خواب آهيان مان
۲۔ خالقِ ڪائنات ڏس تنهنجي
جستجو جو جواب آهيان مان

●

۱۔ خار زار حيات ۾ رقصان
پنهنجي خوشبو جو ڪاروان آهي
۲۔ اي تصوّر سندم تڏي تي اڄ
ڪنهن پکڙي جي ڪهڪشان آهي

●

۱۔ اي اڪئون پياريون اڪئون اڄ بيحساب
منهنجي تشنہ روح تي اوتيو شراب
۲۔ عاشقي ۾ روح ڪي آزاد رک
جسم جو زنجير آ دورِ شباب
۳۔ حور و غلمان ۽ طهورا تو رکين
عرش وارا تون به گهٽ ناهين جناب

●

۱۔ اجهو دارو رسن جو ڪو پيام آيو
ملي اڄ زلفِ جانان سان صبا آهي

۲. زمين جي تشنہ لب جنّت پڪاري تي
ڪٿي هو باد و باران جو خدا آهي
(يُوٺر پري آڪاس)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪافين ۾ منهنجي، لفظ ۽ جملا فارسي، محاورا، استعارا، اشارا ۽ تشبيهون وغيره آهن بلڪل. ڪي ڪافيون تہ زبانَ فارسي جي آميزش سببان ڪن تيون رنگ غزل وارو پيش، جيڪي پڙهندا منهنجيُ ڪتاب "بَي پير اکيون" ۾.

سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد هڪ، نالي غلام علي جمالي بي - ايس - سي (آنرز) روم نمبر ٧ انٽرنيشنل هاسٽل مان ٣-٥-١٩٧٧ع ۾ منهنجي ڪتاب "چپر ۾ چڙيون" جي گهڻن ئي سنڌي لفظن جو نوٽ بڪ پري آهي موڪليو ۽ آهي لکيو ان ۾ تہ انهن لفظن جون معنائون ڪتاب مذڪور جي ڇاپي بي ۾ لکان ضرور، پڙهندا جمالي صاحب جو خط اهو ۽ ڏسندا ڪتاب جي آخر ۾ لفظن جون معنائون.

## خط

٧ - انٽرنيشنل هاسٽل سنڌيونيورسٽي

٣-٥-٧٧ع

سلّمهٗ ربّ تعالي

عالي جناب پير حضرت مخدوم محمّد زمان طالب المولي

السّلام عليڪم: خيريت طرفين خيريت.

عرض حال تہ توهان بزرگن جي شعر جو مجموعو "چپر ۾ چڙيون" بنده جي نظر مان گذريو. حد درجي جي خوشي ٿي تہ هڪ پير جي دماغ اسان جي سنڌي ادب کي جيڪا سگهہ بخشي آهي جيڪا مکڻ ۾ ماکي وانگر آهي. بيت تمام سٺا آهن ۽ ڪافيون تمام پياريون ڏنل آهن انهن ۾ لفظ اصل سنڌي جا ڪافي ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي اجوڪي شاعرن جي شعر ۾ گهٽ آهن. ڪتاب "چپر ۾ چڙيون" ۾ اها هڪ وڏي ڳالهہ ڏسڻ ۾ آئي تہ هرهڪ شعر جي هيٺان تاريخ ۽ هنڌ ڏنل آهي. اها حقيقت ۾ وڏي محنت جو نتيجو آهي. توهان جي مجموعي ۾ مون کي ڪافي اصل لفظ ڏسڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيا آهن. جيڪي عام ماڻهو جي لاءِ ڪجھ دقت آهي جو اُهي سمجهي سگهن. هونئن ته توهان جي شعر ڪي عام ماڻهو تمام آساني سان پڙهي ۽ سمجهي سگهن ٿا. جيئن ته نجيب ـ اشراف ـ عميق ـ گهرو يا اونهو ـ هيجئون ـ دليئون ـ مورهون ـ اصل مطلب ته ڪافي لفظ آهن جن جي معنيٰ جي ضرورت پوي ٿي. جيئن ته محترم مرحوم علامه آ.ءِ قاضي صاحب شاهه رحه جي رسالي پنيان ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن جيڪي لفظ شاهه صاحب پنهنجي شعر ۾ چيا هئا. ان ڪري منهنجو نماڻو عرض آهي ته توهان جي "چپر ۾ چڙيون" ۾ معنائون ڏيڻ گهرجن. اِن ڪم لاءِ توهان جي اجازت سان بنده توهان صاحبن ڪي پنهنجي توري علم سان اِهي لفظ معنائن سميت چوندي رواند ڪريان جيڪي توهان پنهنجي اينڊڙ ايڊيشن ۾ شايع ڪريو.

مهرباني.

توهان جي جواب جو انتظار رهندو

بنده غلام علي جمالي

ائڊريس

غلام علي جمالي ـ شاگرد بي ـ ايس ـ سي (آنرز)

روم نمبر ۷ انٽرنيشنل هاسٽل

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو سنڌ.

شاعر هر ڪنهن کي وڻندو آهي ڪلام پنهنجو ۽ چاهيندو آهي هي، ته ڳاڻو فقط ڪلام سندس ئي ڳائي ويئو. تنهن ڪري آئون به ڪلام پنهنجو ئي ٿو ڪريان پسند جنهن ۾ ڪيتريون ئي آهن خوبيون به.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/ت

بين ڪيترن ئي صاحبن جو آهي اعتراض ته آئون شاعري ۾ پنهنجي بلبل ۽ گل، ميخاني ۽ مي، مينا ۽ ساغر ، شاهد ۽ ساقي وغيره وغيره جو ئي ڪريان ٿو ذڪر. حقيقت آهي هي ته مضمون انهن جي پردي ۾ لاٿي وڃي ٿي ڪل ابتي، آمرن ۽ ظالمن جي، ڪٽي ڪٽي ۽ ڪڻهن ڪڻهن. مضمون انهن کي خوبصورتي سان لکڻ به فن آهي عظيم ۽ شاعرانه آهي ڪمال - بقول غالب

هر چند هو مشاهدهٔ حق کي گفتگو
بنتي نهين هي ساغر و مينا کهي بغير

طالب المولي
١٦ محرم ١٤٠٨هه
١٠ سيپٽمبر ١٩٨٧ع
لنڊن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڇپائيندڙ پاران

ويهين صديءَ جي سنڌ آڳرين تي ڳڻپ جوڳيون جيڪي چند ڳڻ رُخيون شخصيتون پيدا ڪيون، تن شخصيتن جي پهرين قطار ۾ بنا ڪنهن شڪ شُبهي جي قبلہ محترم مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي ذات باصفات کي بہ ڳڻي سگهجي ٿو. روحاني، سياسي، ثقافتي ۽ سماجي محاذن کان علاوه پاڻ شعر و سخن ۽ ادب جي دُنيا ۾ جيڪو مرتبو حاصل ڪيائون، ويجهي ماضي ۾ تنهن جو مثال ملڻ مُشڪل آهي. سنڌ جو سَرو، لاڙ، وچولو هجي يا صحرا، دريا، جبل ۽ آباد وستيون، اهي سڀ مخدوم صاحب جن جي علم ۽ فهم کان اپٽن فيضياب آهن، جيئن ڪا پلي پني سدا وهندڙ واهڙ مان سيراب ٿئي. اها هڪ حقيقت آهي تہ سُر، ساز، سواد، ذات ۽ ذائي جو حسين سنجوڳ بڻجي سنڌ اندر جا اُڏما آلاپ، ريڊيائي لهرن، مجلسن، مُذاڪرن ۽ مشاعرن جي معرفت تقريبن هر سنڌيءَ تائين پهتا. سنڌ انهيءَ ذهني خوبصورتيءَ سان مخدوم صاحب جن جي پُرڪيف طبيعت ۽ فضيلت پريي سياءِ بالڪل انين جڙاءُ ڪيو، جيئن وسيع اُڀ تي ستارن جو جهرمٽ ڪري بيهندو آهي.

مخدوم صاحب جن جو هيءُ تخليقي ورثو "چِپر ۾ چڙيون" پڻ سنڌ ڏات ۽ ذات جي حُسن جي هڪ من موهيندڙ جهلڪ آهي. جنهن ۾ پاڻ لفظن، خيالن ۽ تصورن کي وهنجاري سهنجاري بوليءَ کي نئي منفرد روپ ئي نہ بخشيو اٿائون، پر جذبن ۽ ڪيفيتن کي بہ نيون جهتون فراهم ڪيون اٿائون. هن شعري مجموعي ۾ سنڌ گهرو ادراڪ ۽ گهڻ رُخو مشاهدو جنهن شدت سان پڙهندڙ جي دل تي اثرانداز ٿئي ٿو، تنهن کي محسوس ڪندي هڪ سيڪڙات بہ "شاعري جزو است از پيغمبري" واري حقيقت تي ايمان آڻڻ لاءِ مجبور ٿئي ٿو.

مون لاءِ اها وڏي اعزاز جي ڳالھ آهي تہ سنڌ جي هڪ باوقار ۽ اعليٰ روايتن جي امين انسان ۽ باڪمال شاعر جي دلپذير تخليق مُنهنجي جستجو ۽ ڪوشش سان چوڏنهن سالن جي وقفي کانپوءِ ٽيون پيرو ڇپجي پڌري ٿي رهي آهي.

جامر شورو، سنڌ
25 رجب 1425هجري
بمطابق
10- سيپٽمبر 2004ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه لفظ

مرڪزي بزم طالب المولا نهايت فخر سان حضرت قبلا طالب المولا جن جو هي بيتن ۽ ڪافين جو مجموعو "ڇپر ۾ چڙيون" پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري ٿي.

جئن پڙهندڙن کي معلوم ٿيندو ته قبله طالب المولا جن جو هن مجموعي ۾ ڏنل ڪلام ١٩٥٥ع کان وٺي ١٩٦٨ع تائين آهي. ١٩٥٥ع کان اڳ جو گهڻو ڪلام "ڪچڪول" ۽ ٻين مجموعن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. سندن عروضي شاعريَ جو مڪمّل مجموعو زيرترتيب آهي ۽ عنقريب شايع ڪيو ويندو.

هن مجموعي کي موضوعن جي لحاظ سان مختلف بابن ۾ ورهايو ويو آهي. ڏٺيَ سڳوري جي واڪاڻ ۽ ڪارڻي ڪريم ﷺ جي ساراه سان بيت توڙي ڪافيون شروع ڪيون ويون آهن ۽ پڇاڙيَ ۾ وڃي حقيقت تائين منزل رسي آهي.

هر باب جي مٿان طالب المولا جي ئي ڪلام مان مصرع يا اڌ مصرع چونڊي موضوع ڪري قائم ڪيو ويو آهي. گهڻو ڪري هر بيت ۽ ڪافيَ جي ٺاهڻ جي تاريخ به ڏني وئي آهي ۽ جتي ساڳئي ڏينهن تي گهڻا بيت يا ڪافيون چيون ويون آهن ۽ موضوع به ساڳيو آهي ته تاريخ پڇاڙيَ ۾ ڏني وئي آهي. تاريخ ڏيڻ جي ڪري شاعر جي ارتقائي ڪيفيت جو اندازو ڪري ۽ جائزو وٺي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جي طباعت وغيره تي جيڪا رقم خرچ ٿي آهي اها حضرت قبله طالب المولا صاحب جن ڪمال مهربانيَ سان بزم کي اداري ڏني آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/ٽ

جنهن لاءِ اسان سندن شڪر گذار آهيون.

محترم مصري ڪاڪا مائل سروري پريس ڪاپي تيار ڪئي. ان لاءِ سندس مهربانيون.

اسان کي افسوس آهي جو هڪ هنڌ تي غلطيَ ڪان بابن تي ساڳيو ساڳيو نمبر ڇپجي ويو آهي ۽ ڪجھ پروفن جون غلطيون به رهجي ويون آهن.

بهرحال اميد تي ڪجي ته هي ادبي تحفو سنڌي زبان جو بيش بها خزانو ثابت ٿيندو.

١٩٧١ع

اسدالله شاهه "بيخود" حسيني
جنرل سيڪريٽري
مرڪزي بزم طالب المولا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مقدمو

شاعري ڇا آھي، ڇو ٿي ڪئي وڃي، شاعري مان فائدو ڪھڙو نقصان ڪھڙو شاعر ڪير آھي، ڪھڙين مجبورين ڪري قلم کڻيو ڪاڳر تو ڪارا ڪري، ايترو وقت ڪٿان تو بچائي جو دنيائي ڏنڌن کان دل دماغ کي واندو ڪريو وھيو تو پنھنجا ۽ پرايا پَٽَڻا پٽي ـ سندس وجود سڳورو ٻي خلق لاءِ چڱو آھي يا مَنو. اھي سڀ سوال سمجھاڻ ٻہ سولا نہ سمجھاڻ بہ سولا ـ

چون ٿا تہ "شاعری جزوی است از پیغمبری". شاعرن وٽ غيب جي خزانن جون ڪنجون آھن. شاعر ڏٺيءَ سڳوري جا ڪتابي آھن يا وري شاعر گمراھن جا پوئلڳ آھن ـ جيڪي ڪجھ بہ آھن پر آھن سموري جھان کان الڳ جنس ـ يا تہ ڪنيار وانگي مٽيءَ جي مُٺ کي ڳوھيو سوھيو. سٽيو ڪٽيو. چڪ تي چاڙھيو، نِيپو ٺاھيو، برھ جون ٻاھيون ڏيو. ڪي ڪارا ڪي ڪمرا. ڪي سادا ڪي چٽڪمرا. ڪي سڄا ۽ سالم. ڪي ڪچا ۽ پڪا ڪڍيو ٻاھر ڪري ۽ ملڪ ۾ ورھائي: پر پاڻ اھو گھر ۾ دانگي بہ سڄي نہ ـ مطلب تہ ھر ھنرمند ۽ ڪاريگر سان سندس پيٽ ۽ مقابلو ڪرڻ کان پوءِ بہ انھي نتيجي تي پھچبو تہ ھي ھمراہ ڪا شئي ئي ٻي آھي:ـ

بسیار خوبان دیدہ ام اما تو چیزی دیگری

اھين چئجي تہ شعر انسان جي جذبات ۽ احساسات سان واسطو رکي ٿو. شعر فڪر جي عميق گھراين جو حامل. واردات

قلبي جو مظهر عشق ۽ الفت، پريم ۽ پياس، سوز ۽ گداز سڪ، هڪ ۽ ڇڪ جو حسين ۽ ظاهري لباس، دل جي آهن ۽ دانهن جو مؤثر ذريعو، قدرت جي دلفريب ۽ دلڪش مناظر جو عڪس، ڪائنات جي همه گير ۽ عالمگير وسعتن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ وارو، حسن جي رشڪ آفتاب، نور ۽ ضيا، ناز ۽ ادا، جور ۽ جفا، دلبري ۽ دلدهي، دلفريبي ۽ دلربائي، ڪج روي ۽ ڪج ادائيءَ جي تصوير آهي.

شاعر گويا درد ۽ الم جو پيڪر آهي. ڪيف ۽ سرور جو مجسمو آهي. هر موچاري شيءِ جو عڪس سندس دل جي آرسيءَ تي منعڪس ٿئي ٿو. بلبل جو نغمو، ڪوئل جي ڪوڪ، چيهن جي چهه چهه، گل جو ٽڙڻ، باغن جي بهاري، جهڙ ڦڙ جي لطافت، بهار جي مند جي پرڪيف ڪشش، سج جو تاب، چنڊ جي ٿڌي روشني، تارن جي جڳ مڳ، سرو ۽ سمن جو دلبري شان، نرگس جي نيمخواب اک، صبا جي ٿڌاڻ، شاعر جي بينا دل تي پنهنجي هوشربا جمال ۽ رعنائيءَ سان جلوه افروز ٿي ٿئي ٿڌهن شاعر انهن فطرت جي نيرنگين ۾ فنا ٿي وڃي ٿو ۽ سندس هر فڪر فطرت سان هم آهنگ ٿئي ٿو.

علمي حيثيت سان متن خوبن واري سگهوري کي ئي شاعر سڏي سگهجي ٿو. سندس شعر انسان جي مئل دل کي جياري ٿو. سندس شعر همّت ۽ مردانگيءَ جو سبق آهي، اخلاق ۽ نيڪ نيتيءَ جو باب آهي، عشق ۽ الفت، سوز ۽ گداز، سچائي ۽ سنائيءَ جو داستان آهي. سندس شعر ٻڌڻ سان سمجهبو ته فقط اسان لاءِ چيو ويو آهي ۽ دل آه ۽ واه ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندي. ڪي ڏينهن سندس ڪلام جي سرمستي من ۾ موجود هوندي. سندس ڪلام جي سؤ دفعا پڙهبو ته به نئون پيو لڳندو.

اهڙي شاعر کان سواءِ بيا پراڻي لڪير جا فقير جن ڪڏهن نه پاڻ پڇايو. نه سور سٺا، نه جانيَ جو جور ۽ جفا ڏٺو نه وِره ۽ وفا جا پنڌ ۽ پيچرا پيرن هيٺان ڪيا، نه انسان سان همدردي نه فطرت سان سندن واسطو. باقي جو ڪجھ اڳي چيو ويو آهي، تنهن کي طوطي وانگر بار بار پڙهي ۽ ٻٽي لفظ هيڏانهن هوڏانهن ڪري، ساڳين خيالن کي پنهنجي ناموزون ۽ درد کان خالي لفظن ۾ گهڙي پڙهن ٿا ۽ جيڏي مهل شعر پڙهن ٿا ته ڦڪي ٽيڻ جي بجاءِ ماڻهن جي ٽٽول تي خوش ٿين ٿا- واه واه ۽ مڪرر مڪرر ٻڌي بهار بهار ٿين ٿا. جيتوڻيڪ سندن ڪلام ٻڌندڙن لاءِ متي جو سور ۽ لاڪن گهٽتائيءَ جو سبب آهي- سندن ديوان ڪتبخانن جي سينگار جي بدران پسارڻ جي پُڙن جي ڪم ٿا اچن ۽ سندن نقالي ٿوري ئي عرصي ۾ کليو پوي- اها شاعري نه ٻر وقت جو سيڙاپو آهي-

ڪن ملوڪن جو چوڻ آهي ته شاعر اهو آهي جيڪو ڪنهن خراب وٿ کي موچاري صورت ۾ پيش ڪري يا ٺاهوڪي شيءِ کي بڇڙو جامو پهرائي سگهي يا ماڻهوءَ جي مئل جذبن ۾ نئين جان پيدا ڪري يا رئندڙ کي کلائي ۽ کلندڙ کي رئاڙي وجهي يا سست ۽ آرسيءَ آدمي ۾ همت پيدا ڪري يا وري جيڪو ويڙهاڪ وَرَ ڪنجيو ڦڏو ڦڏو ڪندو گهمي، انهي جو سندرو چوڙائي ٿڌيءَ ڇانوَ ۾ وهاري ڇڏي-

ڪي وري چون ٿا ته اهو ماڻهو شاعر چوائڻ جي لائق ئي ناهي جنهن استادن جي ڪلام کي نه فقط ڇڳيَ طرح پڙهيو هجي پر انهن جي ڪلام مان ڪيس هزارها شعر ياد به هجن- ڪي چون ته جيسين فاعلاتن فاعلات جي خرخسي کي ڇڳيَ پر نه پروڙيو اٿس، وزن ۽ بحر جي گهونان گهون اوجهاڙي ۾ گهوتا نه کاڌا اٿس. لفظن جي جادوگري، لفاظي ۽ خيال جي ايڏي بلندي هجيس جو پڙهندڙ به حيران ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وچي ۽ سندس ارشاد کي سمجھڻ لاءِ لغتن جا ڍير لڳائي ڇڏي ۽ تشريح ڪري ته پنا ڪتائي ڇڏي ته پوءِ ڇئبو ته اهو عظيم شاعر آهي -

ڪي بزرگ چون ٿا ته شاعر اهو آهي جنهن جا لفظ معني جي تابع هجن - جيڪڏهن لفظن جو شان ۽ شوڪت آهي ۽ معنيٰ لڪي لڪانو پڙهي الهانو ته پوءِ وقت جو سيڙاپو آهي - وري لفظ به معنيٰ جي اهڙا تابع نه هجن جو شعر نه پر رڳو معنيٰ ئي معنيٰ هجي -

ڪي چون ته شعر انهن انساني جذبن ۽ احساس جي اظهار جو نالو آهي، جيڪو جنهن به طريقي سان ادا ڪيو وڃي ته پڙهندڙ تي اثر ڪري ۽ هرڪو ماڻهو اهين سمجهي ته هيءُ ڳالهه ته منهنجي به ذهن ۾ هئي پر جڏهن قلم کڻي لکڻ جي ڪوشش ڪري ته لکي نه سگهي -

بهرحال جيترا منهن اوتريون ڳالهيون ۽ جيترا ذهن اوتريون تشريحون - تشريحون ڪري وڃي پار پئبو پر وري به ڇئبو ته اڃا شاعر کي سمجھڻ ۽ شاعريءَ کي پروڙڻ لاءِ جيڪي سو ڪجھ گھرجي -

ڪسوٽيون ته ڪيئي آهن ۽ پڙهندڙن جا رايا به جدا جدا- هر راءِ شعر جي همه گير صفتن جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ تي روشني وجهي سگهي ٿي - شاعر جيڏي وڏي بلند مرتبي وارو هوندو اوڏو ئي وڏو سمجھو مقدمه نگار هئڻ به ضروري آهي -

طالب المولا شاعر جي حيثيت سان ايڏي اوچي مقام کي پهتل آهي جو مون جهڙي سيڪڙات سندس ڪلام جو جنهن به پرڪي مطالعو ڪيو آهي ته نيون معنائون، نوان خيال ۽ نئون لطف پلئه پيو آهي ۽ مقدمو لکندي اعتراف ته ڪرڻو پوي ته سندس ڪلام کي پوريءَ طرح پرجهي مقدمي لکڻ جو حق مون کان ادا ٿي نه سگهندو- آئون جيڪي ڪجھ عرض ڪندس، اها منهنجي پنهنجي سمجھ پٽاندر ئي سندس ڪلام جي اپٽار هوندي - شاعر جي ڪلام تي تبصرو يا شاعر پاڻ ئي ڪري سگهي ٿو يا وري ڪي وڏا عالم فاضل نقاد - آئون ته فقط يوسف جي خريدارن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجو نانءُ ڳڻائڻ لاءِ چند ٻڪل تنل خيال ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان -

طالب المولا جي ڪلام تي ڪجهه لکڻ کان اڳ چند جملا سندن سوانح تي لکڻ ضروري آهن - سندن زندگيءَ جو مفصل احوال محترم پروفيسر محبوب علي چنه صاحب ڪچڪول ۾ ڏئي چڪو آهي (١)- هتي فقط ايترو عرض ڪندس ته سندن نالو مخدوم محمّد زمان ولد مخدوم غلام محمّد رحه آهي - سندن پيو نالو محمّد علي ۽ ڪوڏائي جو نالو پيرل سائين آهي - اڪثر مريد کين پورو پير به ڪري سڏيندا آهن - سندن تولد جي تاريخ چنچر جو ڏينهن ٩ محرم ١٣٣٨هه مطابق ★ ۴ آڪٽوبر ١٩١٩ع آهي (٢) پاڻ غوث الحق حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه (م ٢٧ ذولقعده ٩٩٨هه) جا سورهون نمبر سجّاده نشين آهن - حضرت غوث الحق جو سلسلهٔ نسب خليفهٔ اول حضرت ابوبڪر صديق رضه سان وڃي ملي ٿو-

هتي هڪ تاريخي غلطيءَ ڏانهن اشارو ڪري صحيح حقيقت پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان - سنڌ جي سيني متقدمين مؤرخن يا معاصر عالمن ۽ خود حضرت مخدوم صاحب جن جي خانداني روايت موجب. سندن نسب شيخ الشيوخ شهاب الدين ابو حفص عمر بن عبدالله سهروردي (م ٦٣٢هه) يا شيخ ابوالنجّيب عبدالقاهر بن عبدالله سهرورديَ جي خاندان سان ملي ٿو. انهن بزرگن جو سلسلهٔ نسب حضرت محمّد بن ابي بڪر سان ملي ٿو (٣) پر غوث الحق رحه جي نسب کي حضرت عبدالرحمن بن ابي بڪر سان ملايو ويو آهي جيڪو غلط آهي (۴) سندن نسب محمّد ابن ابي بڪر سان ملي ٿو نه عبدالرحمن سان -

---

★پهرئين ڇاپي ۾ شمسي مهيني جي تاريخ ۵ ۽ ڏينهن آچر لکيل آهي. ليڪن پن اديبن مسٽر عنايت بلوچ اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ حبيب الله صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جي تحقيق مطابق اها تاريخ ۴ آڪٽوبر بروز چنچر بيهي ٿي. اسان سندن تحقيق کي صحيح سمجهي قبول ڪيون ٿا.

مخدوم طالب المولا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن فقير حضرت طالب المولا سان سفر ۽ حضر ۾ تمام گهڻو وقت گذاريو آهي - منهنجي سائڻ نيازمنديء کي هي سورهون سال پيو هلي - منهنجي تعليمي تڪميل ۾ سندن مالي امداد ۽ همت افزائيَ جو وڏو حصو آهي - سندن شخصيت جي گهري مطالعي ڪرڻ جو ڪافي موقعو به مليو اٿم- شايد سندن جماعت يا دوستن ۾ پير ميان محبوب علي ۽ سيد حيدر شاه ولد سيد مٺن شاه اجناڻي، سيشنس جج ڪان سواءِ،جن ننڍپڻ کان وٺي سندن صحبت ۾ گذاريو آهي، اهڙو ڪو بيو ماڻهو نه هجي جيڪو مون جيترو سندن طبيعت مان واقف هجي - پير فقير، امير ڪبير ته ملڪ ۾ گهڻي ئي آهن - شان شوڪت، رعب تاب ۽ مانَ مرتبي وارن جي به ڪِر ويائي پئي آهي، پر طالب المولا جهڙو همه صفت موصوف شخص ملڻ مشڪل آهي -

موچارا مهاندا، موزون قد ۽ قامت، سريلو آواز، مٺا ٻول، ياروٻيسي، دوستن تي مهرباني، دشمنن تي نوازش، سچائي، وفاداري نهٺائي ۽ نماڻائي، اميرن غريبن سان هڪجهڙائي هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ ڳولهٽي هجي ته هلي وڃي طالب المولا سان ملجي -

ڪو وقت ته اهڙو هوندو هو جو نوڪر چاڪر تي ناراضپو ٿيو ته بجاءِ انهي جي جو انهيءَ شخص کي لَڪائجي،چانهن ڪونه پيئندا هئا- جنهن تي ڪاوڙ هوندي انهي کي وري خبر ئي ڪانه هوندي ته ڪو پاڻ مٿس ڪاوڙيل آهن - وري پاڻ ئي ٻڌائيندا هئا ته آئون فلاڻي يا فلاڻي تي رنج آهيان، تڏهن وڃي اهو همراه کين پرچائيندو هو - مون ڪڏهن ڪونه ڏٺو ته پاڻ ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن ملازم کي گهٽ وڌ ڳالهائيو هجين يا هٿ جو پوندو ڏنو هجين. ڪاوڙ هوندي ته به ابا ٻچ ڪري ڳالهائيو- وڏي عمر وارن ملازمن کي هميشه جمع جي صيغي سان مخاطب ٿين - ڪيترا اهڙا

ماڻهو به هوندا جن جي کين خبر هوندي ته سندن خلاف آهن، تڏهن به ساڻن اهڙي سهڻي هلت هلندا، جو اڳلي کي محسوس ئي ڪونه ٿيندو ته ڪو هن شخص کي سندس پرڪارن جو پتو آهي - اڪثر پنهنجي ڳالهه ماڻي بين جي ٻڌن - ٻئي ڪنهن جي راءِ سندن راءِ جي خلاف هوندي ته پنهنجي راءِ جو اظهار ڪونه ڪن - اڪثر دوستن، مريدن، ويندي ڏارين ماڻهن جا ڪم ڪاريون به پنهنجي خرچ تي ڪري ڇڏين - طبيعت جي ناسازي، اهم ڪمن جي گهڻائي ۽ ذاتي مصروفيتن جي باوجود ڪو اڙيات اچي نڪتو ته انهي جي ڪم جي پوئواريءَ لاءِ لاهور، راولپنڊي ۽ اسلام آباد پنهنجي خرچ تي وڃي نڪرن -

طالب المولا هڪ وڏو پير آهي - جيڪڏهن مريدن وٽ سير سفر تي مسلسل نڪري ته سڄو سال پيو مسافري ڪري پر مريد نه ڪٽن - پر شروع کان وٺي مسافريَ تي نڪرڻ کين پسند نه هوندو آهي - ڪيترا اهڙا علائقا به آهن، جتي باوجود مريدن جي زوربار ۽ منت ميڙ جي، هڪ دفعو به نه ويا آهن - مثلاً لاڙ جي حصي ۾ حيدرآباد کان وٺي شاه بندر تائين جيترا مريد غوث الحق رحه جا آهن، ڪنهن ٻئي بزرگ جا مشڪل سان هوندا. پر طالب المولا ڪڏهن انهي پاسي سفر تي نه ويو آهي - مريد ٻارهين مهيني يا هر ماه پهرئين سومار تي درگاه جي زيارت تي اچي نڪرن - اهڙي ريت رياست بهاولپور ۽ ٿر جي مٺي ۽ ڇاڇري تعلقن وغيره ڏانهن فقط هڪ دفعو مسافريءَ تي ويا آهن - خيرپورميرس ۽ بين علائقن ڏانهن به فقط هڪ يا ٻه دفعو وڃڻ ٿيو اٿن - پنجاب ۾ خانقاه دوگران، بلوچستان ۾ پاڳناڙي، مستونگ ۽ هندستان جي ڪيترن علائقن ۾ ۽ ڪيترن بين حصن ۾ به سندن ڪافي مريد آهن، پر فقط اتي جا ماڻهو ئي درگاه جي زيارت تي ايندا آهن - طالب المولا ڏيڻ وارو ماڻهو آهي - جيڪي ڪيس ملي ٿو انهي کان بيٺو قومي فلاح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ بهبود، علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي سرگرمين تي خرچ ڪري ٿو. خدا شال سنڌ جي ھين پيرن سگهورن کي به ملڪ جي خدمت جو اهڙو موقعو ڏئي جئن هن خطي جي ڏتڙيل عوام جي خدمت ڪري سگهن ـ

طالب المولا جي مجلس ۾ علم ادب، راڳ رنگ، تهذيب تمدن، ذڪر فڪر، سير سفر ۽ شڪار جون ڳالهيون اڪثر هلنديون رهنديون آهن ـ

ڪڏهن ڪڏهن سندن محفل ۾ چرچو گهبو به ٿيندو آهي ـ مزاح زندگيءَ جي اڻ کٽ مصروفيتن، ذهني مونجهاري ۽ زماني جي افراتفري کان وقتي طور جند ڇڏائڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي ـ ادب جي حدن اندر سنجيده چرچو به هڪ روح جي راحت آهي ـ طالب المولا جي حاضريءَ جي ماڻهن ۾ به ڪي اهڙا شخص آهن جو ڪنهن شيءِ جو رڳو نالو زبان تي آيو ته رڙيون، دانهون ڪڍيون ـ بس رڳو ڏانتو چئو ته اوچتو هوڪرون ڪڍيون ـ حاضرين کل ۾ ہڏل هوندا ۽ ڏانتو فقير نڙي ڦاڙي ايڏو ته وڏو ۽ اهڙي انداز ۾ احتجاج ڪندو جو ڪو زمانو اهو نظارو اکين آڏو پيو ڦرندو.

سالن جا سال پاڻ پنهنجي خرچ تي ادبي محفلون ۽ مشاعرا ڪندا آيا آهن ـ ڪيترن ادبي انجمنن جو وجود سندن مالي ۽ اخلاقي مدد تي ئي منحصر پئي رهيو آهي ـ

محترم قبلہ جي. ايم. سيد، طالب المولا جي علمي ادبي خدمتن متعلق لکيو آهي: "پاڻ سن ١٩٣٦ع ۾ هالن جي شهر ۾ "انجمن علم و ادب" جو پايو وڌائين، جنهن جي سهاري هيٺ ڪيتريون ادبي ڪانفرنسون سڏايون ويون ـ ادبي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ جي ڪري هالن ۾ هڪ پريس "الزمان" نالي سان کولرايائين جنهن مان ڪو وقت هفتيوار اخبارون "پاسبان" ۽ "الزمان" نڪرنديون هيون ـ ١٩٥٠ع ۾ هالن مان هڪ ماهوار رسالو "فردوس" سندس سرپرستيءَ هيٺ جاري ٿيو. ١٩٥٢ع ۾


Scanned with CamScanner

ماستر جمع خان "غريب" سيتان شهر مان، ماهوار رسالو 'طالب المولا' سندس سرپرستيءَ هيٺ ڪڍيو. ١٩٥٦ع کان سندس سرپرستيءَ هيٺ حيدرآباد مان "شاعر" رسالو نڪرڻ لڳو.

١٩٣٦ع ۾ سنڌي شاعرن جي جماعت "جمعيت الشعراء" نالي سان قائم ٿي، ان ۾ هي دلچسپي وٺڻ لڳو، جنهن جو ١٩٥٢ع تي جيڪب آباد واري اجلاس ۾ سرپرست چونڊيو ويو. ١٩٥٧ع ۾ ڪيس گهوٽڪي ڪانفرنس جي موقعي تي جماعت جو صدر چونڊيو ويو، جنهن حيثيت سان پاڻ اجا تائين انهي جماعت سان وابسته رهندو اچي.

١٩٥٣ع ۾ "اداره روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيائين، جنهن جي سهاري هيٺ هالن ۾ راڳ ڪانفرنس ١٩٥٥ع ۾ سڏايائين ۽ ماهوار رسالو "روح ادب" جاري ڪرايائين. نومبر ١٩٥٥ع ۾ "بزم طالب المولىٰ" جو پايو وڌائين جنهن جون سنڌ ۾ ڪيتريون ئي شاخون کلي ويون آهن. جنوري ١٩٥٦ع ۾ ميرپور بٺوري ۾ لاڙ ادبي ڪانفرنس سندس صدارت هيٺ ٿي. سنڌي ادبي بورڊ جو ١٩٥٥ع کان ميمبر رهندو آيو. (پهرين) مارشل لا کان پوءِ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ۾ هنڪي چئرمن نامزد ڪيو ويو. نومبر ١٩٥٥ع کان شاه لطيف يادگار ڪميٽي ۽ ڪلچرل مرڪز جو ميمبر نامزد ٿيو، ۽ ان کان پوءِ انهن تي ميمبر هلندو اچي. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي مشاورتي ڪميٽيَ جو ميمبر آهي. سنڌ جي اڪثر ادبي مجلسن ۾ سندس شرڪت ضروري ڄاتي، ڪين دعوت ڏئي گهرايو ويندو آهي. پاڻ هن وقت تائين ١٧-١٨ ڪتاب تصنيف ڪري چڪو آهي." (٥)

مٿين خدمتن کان علاوه سنڌي لوڪ ادب کي زور وٺائڻ ۽ سگهڙن کي عوام جي روبرو پيش ڪرڻ جي ابتدا به طالب المولا ڪئي ۽ انهي خيال کي عملي روپ ۾ آڻڻ لاءِ پهريون دفعو هالن ۾ سگهڙن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪانفرنس سڏايائين ـ اهڙي ريت سنڌ ۾ چرچو پوڳ. نقل نظير به هڪ الڳ مقام رکن ٿا ـ مسخرا، ظريف، چرچائي ۽ نقال معاشري جون خاميون، خوبيون عجيب وٽنڊڙ انداز ۾ بيان ڪن ٿا ـ جيڪا ڳالهه سنجيدي نموني نه چئي سگهجي اها مزاحيه انداز ۾ آسانيءَ سان پيش ڪري سگهجي ٿي ـ طالب المولا جي ئي ڪوشش سان حيدرآباد جي بسنت هال ۾ مزاحيه ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جتي سنڌ جي چونڊ ظريفن حصو ورتو ـ

شاعري هجي يا ڪو بيو فن ان سان ٽن قسمن جا ماڻهو وابسته ٿين ٿا ـ هڪڙا جن کي خدائي ذات مليل هوندي آهي ـ بيا جيڪي اڪتسابي ٿين ٿا، يعني لکي پڙهي، سکي سکي ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ وارا ـ ٽيا اهي جن کي اها شيءِ ورثي ۾ مليل هوندي آهي ـ هر گهر، خاندان، قبيلي ۽ قوم ۾ ڪي خاص خصوصيتون پشتان پشت هليون ايندون آهن ـ پلن پيٽان ڏلا ۽ ڏلن پيٽان پلا ته برابر ٿين ٿا، پر مجموعي طور چند خصوصيتون ساڳئي گهر جي پلن يا ڏلن ۾ توريون ڪي گهٽيون ضرور ملنديون ـ انهيءَ ڪري ئي چوندا آهن ته سنڌي مهمان نواز آهن ـ اها هڪ قومي خصوصيت آهي، جا هن خطي جي ماڻهن کي ورثي ۾ مليل آهي ـ هتي جنهن کي اسين ڪنجوس چونداسون بين قومن جي مقابلي ۾ اهو به وڏيڪ مهمان نواز ثابت ٿيندو ـ ماحول جي اثر کان سواءِ به خانداني طور تي ڪن خاص خصوصيتن جا اجزا خاندان سان تعلق رکندڙ شخص جي رت ۾ تحليل ٿيل هوندا آهن ـ ڪنهن خاندان جا فرد جري هوندا ته ڪنهن جا عالم فاضل ـ شاعري به انهي طرح ورثي ۾ به ملندي آئي آهي ـ

حضرت طالب المولا جن جي خاندان ۾ بين خصوصيتن کان علاوه به خصوصيتون صدين کان هلنديون اچن ـ هڪ شاعري ۽ بي موسيقيءَ سان دلچسپي ـ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه جن هڪ بلند پايه شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا. سنڌن جيڪي به چند بيت هٿ آيا آهن انهن جي مطالعي مان ئي سنڌن شاعرانه مقام جو بخوبي اندازو ٿي سگهي ٿو. سنڌن بيت:

پيئي جا پريات سا ماڪ مَ پانيو ماڙهوئا!
روئي چڙهي رات ڏسي ڏکوين کي

لفظن جي بندش، تجنيس حرفي، وزن جي پختگي ۽ خيال جي بلنديءَ جو هڪ اعليٰ مثال پيش ڪري ٿو. خيال جي تازگي اهڙي آهي جو اڄ به پاڪستان جي باڪمال شاعرن وٽ اهو خيال استعمال ٿئي ٿو. حضرت پير محمّد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جن لاءِ اهو مشهور آهي ته پاڻ پنهنجي ترتيب ڏنل حضرت روضي ڌڻي رحه جي ملفوظات ۾ حضرت غوث الحق رحه جا بيت ڏنا آهن. (٦)

سنڌن بيا بيت پيش خدمت آهن:

اُپٽيان ته انڌيون پوريون پرين پسن
آهي اڪڙين عجب پر پَسڻ جي

❖

نه سي جوڳي جوءِ ۾ نه سا سڪي چاٽ
ڪاپڙين ڪنوات وڏيءِ ويل پلاٽيا

❖

ابوبڪرا! (٧) آءُ سامي سفر هليا
متان ٿي پئانُ سڪين سناسين کي

❖

متان ڏسين موهجين دنيا وارو ڏڄ
جدا ڪجئين جوڏئون چائيَ ڪي تي چڄ
نرمل! "نوح فقير" چئي ڪر رب سان ريجهي رڄ
اڄ نه ٿئي صبحاڻ صبحاڻ نه ٿئي اڄ
منيون پيڙي پڄ وقت وڃئي تو ويسلا!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمون ۾ ساٿين گڏ تون ۾ لوڇج لڄ ڪي
هلندي سمي سامهون تون پڻ ڪِرت ڪج
تہ تو پڻ تئي ڏڍ سمي ۾ سوڀ تئي

حضرت غوث الحق رحہ جي ئي تربيت هيٺ شاہ عبدالڪريم رحہ ڪمال تي پهتو.

اهڙي طرح حضرت غوث الحق رحہ جي پوٽي لاڪي لطف الله جو ڪلام بہ نهايت بلند پايي جو آهي، سندس بيت شاہ لطيف رحہ جي ڪلام ۾ گڏجي ويا آهن ـ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رايو آهي تہ شاہ جي رسالي ۾ آيل سر بسنت بهار سمورو ئي لاڪي لطف الله جو چيل آهي ـ (٧)
بسنت بهار جا بيت هي آهن:

آئي رت بسنت ڪي ڪـنـٺـهـار ڪـڙيـا
خستوري خوشبوءِ تي اچي پونر پريا
مون ڪي محب مڙيا لٿا ڏک، سک ٿيا

آئي رت بسنت ڪي ڪجورين گل هار
اٿي گوري! بيس ڪر ڄُ آيو بسنت بهار

آئي رت بسنت ڪي ڇهر مکو مند
اٿي گوري بيس ڪر ڄُ آيو بهار بسند

آئي رت بسنت ڪي باغن مکي بوند
لالي ديکو لال ڪي هيڪر وڃي هوند
امت جي آخوند اوڙيز سب اباهيا

اڏمـــيـــا اوڏاڻ رت رسائي سجڻين
لڳي واءُ وڻن ڪي ڇاڻيا ٻن پراڻ
پهرياڻون پهراڻ سڪا ئي ساوا ٿيا


Scanned with CamScanner

انگوريون ۽ ڪيتڪيون قوليون ڦگڻ مانهن
ري لالن "لاکو" چئي سي آئون ڪريان ڪانهن
جي سجڻ هئي مون پانهن ته قل پسيو قولي هيون

⁂

انگوريون ۽ ڪيتڪيون قوليون ڦگڻ هيل
ري لالن "لاکو" چئي سي آئون پانيان سيل
جي سجڻ هئي مون پيله ته قل پسيو قولي هئون

⁂

رُتيان سپ پليان ڪائي نه بسنت جوڙ
جي وڻ پاري ساڙيا تنهين متي موڙ

⁂

رُتيان سپ پليان ڪائي نه بسنت تُلَ
جي وڻ پاڙي ساڙيا تنهين متي گل

⁂

آئي رت بسنت ڪي ڪـڙيـا ڪـٽـهـار
اتي گوڙي ويس ڪر آئي بسنت بهار

⁂

آئي رت بسنت ڪي قولي سپ پن راه
اڊڪ نه قولي ڪيتڪي اور سُڪتِي جاءِ

## وائي

اج سجڻ گهر آيم جيڏيون
الله اميدون پجايم ايڏيون
اج سجڻ گهر آيم جيڏيون


Scanned with CamScanner

پيرين فقيرين پونديس پيرين
کيم سڪائون جن سان ڪيڏيون
اڄ سڄڻ گهر آيم جيڏيون.

حضرت غوث الحق رحہ جن جو هڪ پيو پوٽو ميان فتح محمّد رحہ بہ فارسيءَ جو هڪ سٺو اديب هو۔ سندس لکيل حضرت غوث الحق رحہ جن جي سوانح حيات "رسالہ فتحي"، ٽن جلدن ۾ موجود آهي ـ رسالہ فتحي ۾ ميان فتح محمّد رحہ جو فارسي ڪلام بہ آيل آهي ـ سندس سنڌي ڪلام هٿ اچي نہ سگهيو آهي ـ

طالب المولا جو پڙ ڏاڏو مخدوم امين محمد عرف "پڪن وارا صاحب رحہ" (م ١٣٠٣هـ) سنڌي زبان جي بهترين شاعرن ۾ ليکيو وڃي ٿو۔ سندس ڪلام "ڪليات امين" جي نالي سان پروفيسر محبوب علي چنا مرتب ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي ـ مخدوم امين محمّد جو ننڍو ڀاءُ ميون غلام نبي عرف "پنيلڏو" بہ سنڌي زبان جو شاعر هو۔ سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ڪئي اڄ عجيبن ڪا ترٽئون تياري
واري وصل جي اڄ پرينِ واڳ واري
"پنيل!" يار پنهنجو صفا جي سجاڻي
تہ از خود اکين کان اهو آب آڻي
جتان جان کي ٿي تجلّيَ جي تاري

ميين پنيلڏي کي چار فرزند هئا۔ ميان غلام حسين، ميان غلام رسول (احمد علي)، ميان غلام سرور ۽ ميان غلام محي الدين ـ اهي چارئي پائر شاعر هئا۔ البتہ ميون غلام رسول (احمد علي) سڀني کان سٺو شاعر هو۔ سندس هيٺ ڏنل ڪافي سنڌ ۾ مشهور آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ٿل) ڪا گهڙي مون وٽ گذار چڏ وڃڻ جون يار! وايون

١- دمبدم دل جان ۾ پرينم! آهي تنهنجي پچار
اصل کان آهيان اوهان جي هئي! نہ لَڏيوَ مُئيَ جي سار
هئن نہ گهرجن هي جدايون

٢- جي اچين، هر وقت مون وٽ تو لا آهن انتظار
ساعت تو ري نا سري ٿي بيقراري بار بار
ٽيون بچايون برھ باهيون

٣- جي سٽين تون حال منهنجو، تو سان ڪريان آشڪار
ڳجھ اندر جون ڳالهيون هينڙي ۾ آهن لک هزار
سي نہ مون توکي سٽايون

٤- من اندر جن جي محبت سي سهن سڀ انتظار
ان سان گڏ "احمد علي" آ در سندئي اميدوار
آ، تو لا اکڙيون اجايون

طالب المولا جو والد ماجد حضرت مخدوم غلام محمّد رحہ فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو. ديوان حافظ هميشه ساڻ هوندو هوس - پاڻ گاهي گاهي سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شعر بہ چوندو هو. حضرت علي ع جي شان ۾ سندس چيل هڪ سہ حرفي نموني طور پيش ڪجي ٿي:

الف اعليٰ آھ افضل اڪمل و اڪبر علي
آن امام است اتقيا را اوّل و آخر علي

ب بهادر بت شڪن بدرالدّجيٰ بوذر جو پير
با عمل بي مثل بهتر بعد پيغمبر علي

ت تواضع جي طلب ڪئي تاجدار انّما
تابع امر الاهي تارڪِ تڪبّر علي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ث — ثنا مولا جي ثابت ساري قرآن ۾ ڏسو
ثاني سليمان جو چوان يا ثاني اسڪندر علي

ج — جنگجو پهلوان جائي جنابِ مرتضيٰ
جنگ جو جهونجهار بر جمله جهان جابر علي

ح — حيا ۽ حلم جو صاحب برادر مصطفيٰ
حامي هيٺن جو حبيبِ دادگر حيدر علي

خ — خليفو حق جو خالق جو خاصو خوش لقا
خلد جو خازن شهِ خيبر ڪشا خاور علي

د — درماندن جو دائم داد رس دلدل سوار
دلبرِ خير البشر داور جي در بهتر علي

ذ — ذاتي ذڪر ۾ هو محو شير ذوالجلال
ذي حشم ۽ ذوالعطاء ۽ ذوالحياء ذاڪر علي

ر — رضا تي ربّ راضي رازدانِ مصطفيٰ
رهنما راه يقين جو راستگو رهبر علي

ز — زبردستِ جهان زور آزما شاهِ زمن
زينتِ ارض و سما ۽ صاحب و صفدر علي

س — ساري سِرّ الاهي جو سراسر رازدار
ساقيِ ڪوثر سخي سلطان دين سرور علي

ش — شاهِ اولياء شهزادهٔ عالي نسب
شير حق شاهِ حجازي شُڪر گو شاڪر علي

ص — صلواتون صحيح صد بار صاحب جي مٿان
صف شڪن صائم سدائين صاف دل صابر علي

ض — ضرغامِ الاهي زيردستان را پناه
۽ ضعيفن لئي ضياءُ الدين زيباور علي


Scanned with CamScanner

ط طمع ترڪ ڪئي تقدير جي تابع تمام
طالبن کي ترت تنگيءَ ۾ رسي طاهر علي
ظ ظفر ڪئين اُحد ۽ خندق بضربِ ذوالفقار
زبدۂ اولاد آدم ظاهر و اظهر علي
ع عاشق عارفِ با الله عالم جو امين
عاجزانرا دستگير و قاتل عنتر علي
غ غالب ڪلّ غالب تي "غلام محمّد" جو پير
غرق در بحرِ فنا از غايتي اطهر علي
ف فلڪ تي فيض فائق فاتحِ بدر و حنين
فارغِ الدّنيا و مافيها ڪان فاضل تر علي
ق قربان راه حق ۾ قدر دانِ مصطفيٰ
قائم و قائد شهِ عقده ڪشا قاهر علي
ڪ ڪعبي ۾ تولد ٿيو ڪشنده ڪافران
ڪاروان سالار امت قبلۂ قنبر علي
ل لعلِ لحمڪ و لحمي سان ٿيو جلوه نما
لطف جو سرتاج شير حق شهِ شاطر علي
م مرقد جو محمّد جي مجاور مرتضيٰ
مصطفيٰ من ڪنت مولا چيو شهِ منبر علي
ن نورِ ڪبريا ۽ صاحبِ نهرِ لبن
نائبِ ختم الرّسل شد نافع و ناصر علي
و واحد سان واصل رازدار انبياً
وارثِ خير الامم والاشِيم قاهر علي
ه هميشه رک تون شاهِ هل اتيٰ! مغموم کي
هجر کان زيارت جي حيران ٿو رهي هر هر علي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لامر لائق لطف سان لاهيندو لوڏا مون مٿان
لائقِ لطف و لطافت صاحبِ لشڪر علي
ء عاصم آهيان آڌر اميرالمؤمنين!
شاد ڪر شاها! ز بهر شافع محشر علي
ي يدالله فوق ايديهم ثنا ساجد جو شان
ينفقوني في سبيل الله، تون ياور علي

اها ذات طالب المولا سان گڏ انشاء الله نسل به نسل قائم رهندي - سندس وڏو فرزند مخدوم زاده محمّد امين فهيم سٺو شاعر آهي - سندس نظم، غزل ۽ قطعا نهايت برجستا آهن - سندس ٻه قطعا، هڪ غزل، هڪ ڪافي ۽ هڪ نظم پيش ڪجن ٿا:

## قطعا

الاهجي ڪهڙي سبب دلربا هو آه به لب
الاهجي ڇا ڪان زماني کي بيقرار ڏٺم
الاهجي ڪهڙو نياپو نسيم پهچايو
پري بهار ۾ هر گل کي اشڪبار ڏٺم

خزان ۾ خوش ٿي بهارن جو انتظار ڪبو
نه فرطِ غم ڪان گريبان کي تار تار ڪبو
ٻه ڏينهن گذري ويا ۽ ٻه گذري ويندا "فهيم"
ڪڏهن نه صبر جي دامن کي داغدار ڪبو

## غزل

پيار ۽ تنهنجو پيار ڇا چئجي! مست نظرن جو وار ڇا چئجي!
تنهنجو وعدو ۽ وعدو مون سان ڪيل هو به هي اعتبار ڇا چئجي!
دل جي ويراني ۾ به تون آهين توکي جانِ بهار ڇا چئجي!
بيوفائي وفا جي بدلي ۾ شرم، ڪاوڙ، يا آن ڇا چئجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/ڙ

بيوفا کي حسين لفظن ۾ اي دل، داغدار! چا چئجي!
تنهنجي هوندي به دل جي ڦٽڪڻ کي بيقراري، قرار چا چئجي!
توکي ماڻهن جي روبرو جاني! دوست، محبوب يار چا چئجي!
منهنجون راهون پيو ڏسي اڄڪله حسن ۾ انتظار چا چئجي!
جن کان ساوڻ جا مينهن شرمايا سي اکيون اشڪبار چاچئجي!
فڪر ۾ فڪر پاڻهي پنهنجو "فهيم" پاڻ کي بار بار چا چئجي!

# ڪافي

ٿل: تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس
انهي رمز سان روح ريجهائيندس

١ـ جيڪي چارگهڙيون توسان گهاريون اٿم
ساري عمر کان وڌ سي پياريون اٿم
تو وساري ڇڏيون نه وساريون اٿم
مان ته پنهنجي پريت پڄائيندس

٢ـ منهنجو تون ئي سڄڻ تو لئي پيون به گهٽيون
نه ئي توکي وٺان پر تون ته وٺيون
چا جا هار سينگار چا تيل ڦٽيون
ڪيئن زوري پاڻ وٺائيندس

٣ـ تنهنجو مُرڪي ملڻ، منهنجو عرض ڪرڻ
تنهنجي عشق ۾ سر جي بازي پرڻ
تنهنجي لاءِ مرڻ تنهنجي لاءِ جيڻ
اهو ناتو نيئي نڀائيندس

٤ـ وجي ويهي رهين مون کان ڏاڍو پري
تنهنجي ويئي سري منهنجي ڪيئن سري!
تون "امين" تي اڄ انصاف ڪري
پلا توکي ڪيئن مان پُلائيندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نظم

## نئون سال

نوان ڏينهن راتيون، نيون روشنايون
نوان شعر، ڪافيون، نوان بيت، وايون
نوان باغ بنگلا هي بستيون ۽ جايون
نئين سال ۾ سڀ نيون بنجي آيون
پرين! هو پراڻيون ڇڏي ڏي جدايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون

نوان گل چمن ۾ نئون رنگ و بو آ
صنوبر، سمن، موتيو سرخرو آ
نئين سال جي اڄ خوشي سوبسو آ
مگر مون کي تنهنجي اچا آرزو آ
وري پاڻ گڏجي خوشي جا ملهايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون

خوشيءَ مان وڻن سبز پوشاڪ پاتي
گلن ساڻ بلبل ملائي ٿي ڇاتي
مان پايان تو تو لاءِ جهاتي ٿي جهاتي
نہ معلوم تو آهہ ڇو دير لاتي!
سگهو آ تہ بلبل ۽ گل کي سِکايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون

اسين ڪشورِ دل جا سلطان آهيون
نہ ہي مال و دولت جا خواهان آهيون
چون ٿا جهان وارا، نادان آهيون
محبّت ڪريون ٿا جو انسان آهيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/س

غريبي، اميري جا ويچا وچايون
نئين سال ۾ اچ نئون نينهن لايون

هجون پاڻ گڏ زندگيءَ جي سفر ۾
فضا ۾، بيابان ۾ ۽ بحر و بر ۾
اگر آهيون بيڪار ڪنهن جي نظر ۾
ٿئي ڪو نه ڪو عيب ته هر بشر ۾
سيني ۾ ٽين ٽيون برايون پلايون
نئين سال ۾ اچ نئون نينهن لايون

وئي مون ڪان اچ اوچتو آه نڪري
مان پانيان ته توکي ويو آهيان وسري
گهڙي ڏار توکان گذارڻ نه سُترِي
سڄڻ! هي به سگهندي ئي ويو سال گذري
حياتيءَ جون گهڙيون وڃن ٽيون اجايون
نئين سال ۾ اچ نئون نينهن لايون

نهاريو مون شام و سحر تون نه آئين
قمر آيو رشڪِ قمر! تون! نه آئين
اجا تائين مون ڪي نظر تون نه آئين
بيا سڀ اچي ويا مگر تون نه آئين
مٺا! آءُ موتي ڪري لک پلايون
نئين سال ۾ اچ نئون نينهن لايون

ستارن ۽ شمس و قمر ڪان لڪي آ
فلڪ ڪان ۽ شام و سحر ڪان لڪي آ
لڪي آءُ، جنّ و بشر ڪان لڪي آ
سڄڻ! تون سين جي نظر ڪان لڪي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/ش

نہ ڪنهنکي ڀڏايون نہ ڪنهنکي سٽايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
نئين آئي موسم نوان ٿيا نظارا
نئون چنڊ نڪتو، نوان ڏئي اشارا
جدائيءَ ۾ مون تان ڪلن ٿا ستارا
خدارا! وري آءُ پرديس وارا!
ڪري در گذر اڄ ڪچايون ڦڪايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون
ڀلا چو سڄڻ! وڻئين وعدا وساري!
هي عاشق اڃا ويٺو راهون نهاري
”فهيم“ آهہ تنهنجي ئي سهڻل! سهاري
پرين! جيڪڏهن تون اچين قول پاري
تہ لوڪان لڪي پاڻ محفل مچايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون

هن مجموعي ۾ آيل ڪلام تي تبصري ڪرڻ کان اڳ گذارش ڪندس تہ ڪافي يا بيت صاف سنڌي صنفون آهن - سنڌ تي جيڪي ڌارين جا حملا ۽ جلهون ٿينديون رهيون آهن تن جو لازمي اثر اسان جي ثقافت تي بہ پيو آهي - سنڌي زبان جي علمي ادبي حيثيت جيتوڻيڪ قائم رهي، پر عربي ۽ فارسي زبانن جو غلبو صدين جون صديون هلندو آيو - هڪ تہ انهن ٻولين ۾ دين اسلام جي احڪامات جي اپٽار ڪيل هئي، ٻيو قرآن حڪيم ۽ حديث سڳوري، جي ڪري بہ عربيءَ سان سنڌي مسلمانن جو هڪ خصوصي انس هو - درٻاري زبان فارسي هئڻ ڪري بہ اسان جا پڙهيل ڪڙهيل ۽ عالم فاضل ماڻهو پنهنجي خيالات جي اظهار جو ذريعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فارسيءَ کي بنائيندا آيا۔ نه فقط ايترو پر هڪ صدي اڳ خط و ڪتابت به گهڻو ڪري فارسيءَ ۾ ئي ٿيندي هئي ۔ مدرسن ۽ مسجدن ۾ گفتگو به اڪثر فارسيءَ ۾ ڪئي ويندي هئي ۔ عالمن ۽ شاعرن پنهنجن تخليقن کي فارسي زبان ۾ ئي پيش ڪرڻ کي فخر ٿي سمجهيو ۔ اهڙي ماحول ۾ سنڌين سڳورن جا ٻه گروهه نظر اچن ٿا، جن پنهنجي ٻوليءَ کي مضبوط، شاهوڪار ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ بي انتها ڪوشش ڪئي ۔ هڪ گروهه علماء جو هو، جن عام خلق کي مونجهاري مان ڪڍڻ لاءِ دين جي حڪمن کي سليس سنڌيءَ ۾ منتقل ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ "ابوالحسن جي سنڌي"، "دائري واري سنڌي"، وغيره مشهور ٿيون ۽ ڪيترا ديني ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا ويا ۔

ٻيو گروهه هو صوفي شاعرن جو، جن پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي سنڌيءَ جي قالب ۾ پلٽيو ۔ جتي سنڌ جا بلند پايه عَروضي شاعر لفّ و نشر ۽ مراعات النّظير جي چيستان ۾ قاسي حقائق ۽ دقائق کي بيان ڪرڻ ۾ وار جون کلون لاهڻ لڳا، اتي ٻين بزرگن صاف، سلوڻي، مٺي ۽ موچاري سنڌيءَ ۾ پنهنجي خيالن ۽ صحيح جذبن کي سنڌ جي ماحول مطابق پيش ڪري، ڪافي ۽ بيت کي ابدي زينت بخشي ۽ زبان کي لازوال حسن ۽ دوام ڏئي ڇڏيو ۔ نتيجو اهو نڪتو جو فارسي گو توڙي سنڌي گو شاعرن جو عروضي ڪلام ڪنهن کي ڪو ورلي ياد هوندو پر ڪافي گو شاعرن جو ڪلام يڪتاري، دلي ۽ ڍولڪ ۽ سريلي آواز جي ذريعي جهر جهنگ پکڙجي ماڻهن جي جذبن سان هم آهنگ ٿي ويو ۔

اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته ڪافي گو شاعر ڪي سنڌي جٽ ڪونه هئا جو نڪو فارسي ڄاڻندا هئا نڪو عربي ۔ نه، انهن بزرگن مان اڪثر عالم، فاضل ۽ علم عروض جا ڄاڻو هئا، پر پنهنجي ٻوليءَ سان عشق ۽


Scanned with CamScanner

پنهنجي ثقافت سان پيار ڪين اهو گس وٺايو جو نه فقط پاڻ زنده جاويد ٿي ويا پر سنڌي زبان کي به ڳاڙهي ڪنوار بنائي ڇڏيائون.

البت زبان کي وڏيڪ ميناج ڏيڻ ۽ ان جي اهليت کي ثابت ڪرڻ ۽ عروضي شاعريءَ کي ڪتابن تائين محدود ڪرڻ لاءِ هنن عجمي وزنن کي به استعمال ڪيو آهي ۽ ان ۾ به وري پنهنجو تصرف ڪري، مصرعن کي ننڍو وڏو ڪري، راڳڻين جي لاهين چاڙهين سان پچايو اٿن - صاف، سبڪ ۽ ڪري ٻولي استعمال ڪندي غزل جي شڪل ۾ به ڪافيون چيون ويون آهن - البت غزل ۽ ڪافيءَ ۾ فرق ڪرڻ خاطر مطلع ۾ ٻن مصرعن جي بجاءِ فقط هڪ مصرع آندي وئي آهي - مثال طور:-

ٿل: سگهو ڏي سير ۾ ساهڙا! ميهرا! مون کي مددگاري
١- دلو درياءَ جي دهڪن، پڇي پيلو ڪيو پورا
ڇڏيو ست ساه ٻر ٻانهن، هجيس هيبت ۾ هيڪاري
(مرحوم حافظ شاه)

ٿل: مٺا! توڪان سوا مشڪل جيئڻ جنجل جدائيءَ جو
١- برهه جي يار! بازر ۾ امالڪ مون اچي توسان
رکي سر ساهه ٻئي سٽ ۾ ڪيو سودو سچائيءَ جو
(صاحبڏنو شاه)

يا وري مطلع ۾ به مصرعون آهن ۽ هيٺ ٽي ٽي مصرعون - مثلاً:
(ٿل) هليا جُنگ جوڳي سي نروار ناڱا
لتاڙي لنگهيا لڪ، لڪيون ۽ لانگها
١- نه ٻولين ڪنهن سان ٻڌن ڪانه ڪنهن جي
رکن ڪانه پرواه پرائي ۽ پنهنجي
چڙهي چوٽ تيئڙا! ڏسڻ ڪان مهانگا

(عالم شاه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/ط

ڪنهن ڪافيءَ ۾ وري مطلع جي هڪ ئي سٽ ۾ به قافيا استعمال ڪري، هر شعر جي پنهي مصرعن کي مطلع جي پهرئين قافيي سان ملائي، اڌ مصرع کي مطلع جي ٻيين قافي سان پچايو ويو آهي ـ مثال طور:ـ

ٿل: ٻره ٻي رنگ ٻي حساب، تو مَيَن جي مت منجهائي

۱ـ جت هڻن نيزا نظارا ناز نوڪون نينهن ناب
ان اثر اعلاج جي طاقت طبيبن ناهه تاب
ڪڏ ڪٽيو ديڙا ڏڪائي

(مصري شاهه)

ڪڏهن وري مطلع جي متين سناء قائم رکي، شعرن ۾ اڌ اڌ مصرع کي پاڻ ۾ هم قافيه ڪري، آخر ۾ هڪ اڌ مصرع جي قافين کي مطلع جي پهرئين قافيي ۽ ٻي اڌ مصرع جي قافيي کي مطلع جي ٻيين قافيي سان ملايو ويو آهي ـ جئن:

ٿل: دل دلربا! ڏتاريئي ـ نازن سين ناز وارا

۱ـ مشڪي سيه مسلسل ـ ڪن پيچ پيچ پل پل
قابو ڪمند ڪاڪل ـ بانڪا بچي بهاريئي
ونگيو وڻن ويچارا

(مرحوم حافظ شاهه)

اهڙيون ڪافيون به نظر مان گذريون آهن جيڪي سموريون عروض تي ٻڌل هئڻ جي باوجود راڳڻيءَ کي نظر ۾ رکي مصرعن جي آخر ۾ ٽوڙيون ويون آهن ۽ سندن وزن ڦري وڃي ٿو ـ مثلاً:

(ٿل) يار! چشمن سان چنيئي ڏاڍا تکا تير نوان نوان

۱ـ ڪج ڪلا داري ڪنڊا ڪاڪل وسيهر ور وجهن
ظلم ساز زلفن وڏا هي زور زنجير نوان نوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪافيءَ جي سٽاء تي عروضي شاعريءَ جي اثر جا ٻيا ڪيترا مثال پيش ڪري سگھجن ٿا پر هتي مٿين مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿي - ڪافيءَ جي فن کي سمجھڻ لاءِ ٻين عالمن جي مقالن کان سواءِ حضرت طالب المولا جي تصنيف ڪيل ڪتاب "ڪافي" جو مطالعو ڪرڻ گھرجي - باقي ڪافيءَ جي مختلف گھاڙيٽن تي انشاء الله مصري شاه رحه جي ڪلام تي مقدمو لکندي بحث ڪيو ويندو -

بيت ۾ البت اهڙي قسم جو عروضي تصرف نظر مان نہ گذريو آهي - بيت جون مصرعون ٻن کان وٺي لاتعداد بہ ٿي سگھن ٿيون - جڏهن بيت وڏي وجي تہ ان کي ڏگھو بيت چيو ويندو آهي - نڙ بيت بہ اڪثر ڏگھا ٿين ٿا- سگھڙ اڪثر واقعاتي ڳالهين کي ڏگھن بيتن ۾ داستان جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن - بيت جو وزن چند ودِيا تي ٻڌل هوندو آهي - البت اسان جي سگھڙن پنهنجي پنهنجي خيال سان چند وديا کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ نهايت چابڪدستي ۽ پختگيءَ سان پنهنجي فن کي نڀايو آهي -

عام بيتن کان سگھڙن جي بيتن جي شڪل ۽ سٽا عموماً مختلف نظر ايندي آهي ۽ ان کي هڪ جداگانہ فن شمار ڪرڻ گھرجي -

طالب المولا جي فن ۽ فڪر تي تبصري ڪرڻ کان اڳ ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ پاڻ بنيادي طرح حسن ۽ عشق جو شاعر آهي -

حسن جو ناز ۽ انداز عشق جي آه ۽ دانهن، حسن جو جوبن ۽ جلوو عشق جو ذوق ۽ شوق، حسن جي بيپرواهي ۽ بي نيازي، عشق جو نياز ۽ نوڙت، حسن جو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ، عشق جي آزي ۽ نيازي، لنوڻ لڳائڻ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لوازمات، ڪڏهن قرب جون ڪچهريون ۽ ڪڏهن وره ۽ وڇوڙي جون وايون، ڪڏهن دلبر جي دلدارين جا داستان ته ڪڏهن سندس بي رخي ۽ بيوفائيءَ جا بيان، ڪڏهن عشق جي خودداري، ڪڏهن حسن جي شڪست، سيئي سباجهڙي صاف ۽ سليس ٻوليءَ ۾ طالب المولا جنهن قدرت ۽ قوّت سان بيان ڪيا آهن جديد دور جي ڪنهن ٻئي شاعر ۾ اهو انداز ورلي ملندو.

هي خاص بنيادي ڳالهه جيڪا طالب المولا جي ڪلام پڙهندي محسوس ٿيندي، اها آهي روحانيت - تصوف سنڌ جي اڪثر پراڻن شاعرن جي ڪلام جو بنيادي محرڪ بڻي رهيو آهي - الله پاڪ لڪل خزاني جيان هو ۽ هن پاڻ سڃاڻائڻ لاءِ انسان کي پيدا ڪيو - روح کي ڪساب پنهنجي محبوب حقيقيءَ سان مهر ۽ محبت جي مهراڻ ۾ مستغرق رهي، ڪنهن ڪاڌي ۽ هڪ انوکي آزمائش جي تحت، هن دنيا ۾ ڪجهه مدت لاءِ مقيد ڪيو ويو تان ته هتي ئي پنهنجي اصليت کان واقف ٿي، سيل پڇائي ۽ پاڻ بچائي اهڙو پاڪ ٿي پرينءَ وٽ پهچي جو ڪيس دائمي ۽ ادبي سڪون حاصل ٿئي -

تل: نرمل! رخ تان لاهه نقاب، لڪندي لڪندي عمر گذاريئي
١- روحن جت هو ميڙ مچايو، پيچ پرين! تو تڏهن پايو
ورتئي مون کان "ها" جو جواب، ڪئن ٿي پيارا! مونکي پڪاريئي
٢- طالب مولا مست بنايئي، پيارا پرين! هي پاڻ پلايئي
هاڻ سڄڻ! تون ڪرنه حجاب، سڪ جي سرڪي چو ٿي پياريئي!

هيءَ ڪائنات صاحب جي صفت جي مثال آهي - ذات اهائي هڪڙي آهي، ٻي هر شيءِ جڳ ان جو اولڙو آهي يا ان جي حرڪات ۽ سڪنات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي اثرات جو رد عمل آهي ـ همه اوست يا وحدت الوجود جو نظريو بہ اهائي اپٽار ٿو ڪري ـ طالب المولا جڏهن خالق حقيقيءَ جي واکاڻ ٿو ڪري تڏهن لازمي طرح سان روحانيت وارا نڪتا بہ بيان ڪريو وجي ـ البتہ سندس ڪلام ۾ "اناالحق" يا "سبحاني ما اعظم شاني" وارو فلسفو گهٽ ملندو ـ فرمائي ٿو:

اج بہ اهو ئي آهہ، جيڪو هئو اڳ
هئڻ رڳو هن جو، جلوو آهي جڳ

●

بقا هڪ الله کي، بيو سڀ فنا
هستي فقط هن جي، انسان سندس ادا

●

صفتون سو هزار، ذات آهي هڪڙي
ڪارفرما ڪريم تيو، انسان سڀ اوزار
ڏس عبرت جا آثار، حسن قبح ۾ هڪڙا

●

ڏسڻ کان جو ڏور، سو ويجهوآهي وجود کان
ڪک پن ۾ ڪريم جو، نسورو ئي نور
ذرڙو ذرڙو ذرڙو لئي ڪاملن ڪوہ طور
جو ڏسي نٿو ڏيهہ ۾، تنهن قلب جو قصور
دريون دنيا واريون، اُتي پٽيَ پور
'طالب مولا' جاڻ تون، هرجا اٿئي حضور
هي دل کان ناهي دور، هردم آهي هنج ۾

واحد جي واکاڻ ۽ سچي صفت، سندس قرب ۽ قهر جلال ۽ جمال جي اپٽار آهي:

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

 Scanned with CamScanner

عاشق! الآالله ۾، اتئي واحد جو وصال
هي- صيقل هٽي صاف تي، ڪر قرب منجهه ڪمال
تہ پسين جلّ جلاله جي، جلوي جو جمال
ڪر اطاعت انجي، خاصو رکج خيال
تہ هادي ٿيئي حال، طالب مولا طلب ۾

ربّ جليل جي عظمت اعليٰ، جاه، جلال، جباري وي
ان جي جمال ڪان ذري ذري ۾، جت ڪٿ جلويداري وي
نرت هيَ رکبي نيڪ نظر ۾
بندا! عجز سان هلبو هردم، سائين ڪندو ستاري وي
'طالب مولا' ڪن وسارج، خالق جي خود داري وي
رهج انهي جي خوف خطر ۾

سموري سڪ جو محور، فيض جو منبع، هدايت جو سرچشمو، والي ء جي وات پسائڻ وارو، اونداهيء مان سوجهري ڏي ڏيڻ نيڻ وارو محمد مصطفيٰ ﷺ آهي - شرعي مسائل ۽ فقهي بندشن کي تسليم ڪندي، صوفيائي ڪرام انهيء سڳوري سان لنؤن لڳائڻ، انهي جي در تي دل جهڪائڻ ۽ ڪائنس ئي سڌو سنئون ڪائنات جي ڪُنہَ ۽ ماهيت، قلب جي ڪميت ۽ ڪيفيت، روح جي راز ۽ رمز خالق جي مخلوق سان لاڳاپي ۽ ڳانڍاپي جي سبق پڙهڻ کي افضل ترين عبادت پئي سمجهيو آهي - طالب المولا جي نبي ڪريم ﷺ سان بي انتها محبت جو اندازو سندس سموري ڪلام مان ڪري سگهجي ٿو - جتي فقط مجازي عشق جون ڳالهيون پيو ڪري اتي اوچتو پڙهندڙ کي محسوس ٿيندو تہ مجاز سان گڏ ڪنهن حقيقي محبوب جي تانگهہ، طلب ۽ تات جو بہ ذڪر اذڪار اچي ويو آهي -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چھر ۾ چڙيون/ق

پيرن جي پرينءَ ڏي پلاڻ جو ذڪر ڪندي ڪندي خالص عشقيه انداز مان مديني جي مير ڏانهن موڙيو اٿس ۽ انهي داستان جا آخري بيت مڪي معظمه ۽ مديني منوره ۾ مڪمل ٿيا ـ ارشاد آهي:

اڪيون سڪنديون ئي رهيون، سڪ ۾ روز سدا
طالب المولا طلب ۾، ڪئا سبب خدا
ڪئا قدمن حق ادا، هلڻ جا حبيب ڏي

﴿-﴾

اکن ڪري عاجزيون، پيرن تي پيئي
ڪيئون التجائون انهن کي، ڏه ڏه چميون ڏيئي
تہ پچايو پريت مان، نرمل وٽ نيئي
سدا سکون جن لئي، سجڻ ڏسون سيئي
طالب مولا تن کي، جانب مليا جيئي
قربانئن ڪيئي، اکن تي احسان ڪيا

﴿-﴾

ڊوڙي ڊوڙي پهتا، عجيب جي آستان
پسايئون پرينءَ جا، مڙئي ماڳ مڪان
ڏسي نور نرمل جو، ڪيئون اطمينان
طالب! قدمن کي ڏنا، الله وڏا ايمان
اهي سڀ احسان، اکين مجيا اُن جا

﴿-﴾

راهان ڪڏهن نہ رهيا، هي قربانئتا قدم
ڪٽي ڪيئون ڪين کي، دلبر ڏاران دم
لاٿئون سڀ اکن جا، جيڪي گوندر غم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا! تن کي، هئا اندر منجهه الم
تہ بہ ڪيئون اهڙا ڪم، جو ڪنهن ڪان ٿيا ڪين کي

(-)

ڪيا ڪرم ڪريم، پر پير ڪٽي پريام
پهچي در پرينءَ جي، چاهہ منجهان چميام
دز تنهين جي تهدليئون، لڳن سان لاتيام
ميرا ٻئي محبتي، چشمن تي چاڙيام
آئي جهير اکين کي، تہ پرين خود پسيام
تيس سرخرو سڄڻ وٽ، جو منهن سان ٻئي مليام
لڙڪن سان لعلن جي، ڏوڙ سيئي ڏوتيام
اکن سندي آب سان، ڇهڪ سندن ڇيئيام
مڙيئي مجيام، طالب! احسان انهن جا

حضور ڪريم جن جي وصف ۾ واڪاڻ ڪندي طالب المولا شاعرانہ
تخيل جي بلند مقام تي پهچي تو وڃي ـ مثلاً هي بيت ملاحظ ڪريو:ـ

ڪٿي سنبل سهڻا، ڪٿي مبارڪ مو
ڪٿي چهرو چنڊ جو، ڪٿي جبين جادو
ڪٿي شعاع شمس جو، ڪٿي رهبر رو
ڪٿي تلوارون تير ٿيا، ڪٿي احمد جا ابرو
ڪٿي اکيون عجيب جون، ڪٿي ساغر ۾ سبو
ڪٿي گل گلاب ۾، ڪٿي بدن جي بو
لبن لعل لڄائيا، ڏندن لک لُولُو
هلڻ ان حبيب جي، عجب ۾ آهو
ڪٿي فضيلت فردوس جي، ڪٿي ڪامل سندي
ڪو حبيب آهي هو، طالب مولا تنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي سڳوري سرور جي اڳيان عجز ۽ آزي. ڪان سواء بندو ٻيو ڪو به تحفو پيش ڪري ڪونه ٿو سگهي:-

مٺا مير مرسل! ولهين جو تون والي
وريو تو وٽان ڪو سوالي نه خالي
ڪنن، ڪوجهڙن جو هلي ڪونه حيلو
تون ئي عيبدارن جو واهر وسيلو
مڙئي توکي پرتا هي عالي موالي
تون ئي آهين طالب جو ٻيو ڪير آهي
محمّد مٺا! هاڻ پرواه ناهي
سنڌ ۾ لڄ ۽ لڌ سڀ سڄڻ! تو سنڀالي

موضوعن جي لحاظ سان طالب المولا جي ڪلام ۾ گهڻا اهڙاموضـوع ملندا جن تي هن کان اڳ به ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي، پر جيڪا خاص ڳالهه هتي پڙهندڙن کي نظر ايندي، اها آهي انهن موضوعن کي نڀائڻ جو هڪ انفرادي ۽ امتيازي طريقو - اهوئي سبب آهي جو ڪنهن پراڻي موضوع کي پڙهندي ماڻهو هڪ عجيب سرور ۽ حظ حاصل ڪري ٿو - مثال طور عشق جي ڪيفيتن تي گهڻو ڪري سيڪنهن شاعر لکيو آهي ۽ ائين به چيو آهي ته عشق هر بوالهوس کي ڪونه ٿو ملي وغيره - پر ائين ڪنهن ڪونه چيو آهي ته عشق ڪا هڪ خيرات خاني جي شيءِ نه آهي جا محتاجن ۾ تقسيم ڪئي وڃي يا وري عشق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو بيت المال کوليو وڃي - مثال طور:-

عشق نه بيت المال، جو ملي محتاجن کي
عشق آهي اُن سندو جنهن کيو قرب ڪمال
طالب مولا طلب ۾، جو رکي خاص خيال
جانب جو جمال، اهو، ماڻيندو عشق سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برھ نہ آھي بيت المال، ھت محتاج جو چاھي!
ڪيڏي اھوئي برھ جي بازي، غير ڇڏي جو تيندو غازي
بي ڪي ملندو محب محال، عشق اڙانگو آھي آھي
ڪننا، ڪولاپا، مٽيا، مصلا، ورھ بنا ويران سي وصلا
تيندو ڪين ڪي حاصل حال، ٺاھ ٺڳيءَ جا ٺاھي ٺاھي

●

اڪن جي عجيبن ڈانھن اڪنڊ، پرين پسڻ لاءِ پنھنجي پر ۾ روح ۽ راڙو رند ۽ راھون رلڻ، گھر گھر گھتي گھتي، گھوٽ لاءِ جھاتيون پائڻ ۽ ھيون بہ ڪئين اھڙيون خيالي خصوصيتون ھر شاعر جي ڪلام ۾ ملنديون پر طالب المولا جي تخيل جو رنگ ئي ٻيو آھي - فرمائي ٿو:-

اکِن ڪي آئون، روڪيان جيئن رئڻ ڪان
تئن تئن تنھنجي تات ۾، رھي رنائون
مُنن ماٺ نہ اچٽي، جو پرين پڇيائون
طالب مولا! طلب ۾، سھٽو سوجھيائون
ھنجھون ھاريائون، سڄڻ سارينديءَ گھٽو

●

تتي چيم تن ڪي، تہ مُنيون! ماٺ ڪريو
طالب چوي طلب ۾، چوندو سڀ چريو
ھدايت حبيب جي، ڪي ڪجھ ڪن ڪريو
وريو ڪي وريو، اجھو واءُ وصال جو

●

چيائون تہ چريو نہ ٿي، ھي ھنجون مرھون
ڳوڙھا ڳڙيو ڳلن تان، پرينءَ جي لئي پون
دردن واري داغ ڪي، ڈويو پيا ڈون


Scanned with CamScanner

محبوب پلي محبت مان، چَون جيڪي چون
رويو پيا رون، طالب! آزار اندر جا

●

وسيو ٿيو وسن، اکيون اوهيرا ڪريو
کھڙي مجال مينھنِ کي، جو اينھين ٿي اچن
طالب مولا! طلب ۾، تميو روز تمن
جيڪر محب ملن، ته به رهنديون ڪين رئڻ کان

●

ڇوٽو ڪرين مينھن! مون سان ريس رئڻ جي
طالب مولا سان ڪيا، ناحق وڏا نينھن
تنھنجا به ٿي ڏينھن، منھنجي موسم سيڪا

●

پڇن پڇرن پاڻ ۾، ڪڇن ۽ نه پڇن
تمڻ ٺھڪن ورھ ۾، کي اندر منجھ اٿن
اڪيليون عجيب لاءِ، ڪريو مانداٽا مچن
سدا رهن صبر سان، جو لڳو عشق اڪن
پيغمبراٽي پَر ڪي، پاريو ٿيون پارن
تڏھن محب تن جي، ونن منجھ وسن
طالب مولا! طلب جا، ڪيا حج هنن
سڪ ۾ ڪان سين، گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

●

پڇن پڇرن پاڻ ۾، ڪن محڪم ماٽ مدام
بي زبانيون بره ۾، ڪڏھن ڪن نه ڪلام
آٽن آب اندر مان، ۽ صبح توڙي شام
حبيب نيٽ هٿن سان، ڏنن اگھڻ جو انعام
طالب مولا طلب ۾، سجڻ ڪين سلام
گوليون هيون گگدام، گونگيون گوءِ ڪٿي وين

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر


Scanned with CamScanner

## ڇهر ۾ ڇڙيون / ڳهه

پر اکين پنهنجي دلبر جو ديدار جنهن ذريعي سان ڪيو انهي ذريعي ڏانهن ڪنهن جو خيال ئي ڪونه ويو آهي ـ اهي ته پير ئي آهن جيڪي اکين جي اداس پوري ڪرڻ لاءِ ڇهر ڇهنگ ڇهوٽون جهليندا، رندن ڪي رت سان رڱيو ڪندا، ڪاهيندا پوريندا وڃي تا محب سان ملاقاتون ڪرائين اک ته اک آهي پر پير ڪائنس مٺيرو آهي:ـ

ٿو چمان پنهنجا پير، جي وٺي تو وٽ آئيا
طالب مولا تي ڪيئون، پلائيَ جا پير
اوير ۽ سوين قدمن تان قربان ٿيان

●

اکيون به آهن اکيون، پر پيرن سان نه پڄن
هو رئن تا رت ڦڙا، هي ڦٽجو تا ڦٽجن
هو بيوس آهن برهه ۾، هي هيجئون اٿيو هلن
هو نهارين نجيب کي، هي تِر تتا ترسن
هو اپاٽڪيون عجيب لاءِ، هي رندن منجهه رلن
احسان ڪيا اکن تي، پرت منجهان پيرن
طالب مولا! طلب ۾، چميو چميو چمجن
جهلئي نتا جهلجن، هلندي پنهنجي حبيب ڏي

●

رويو رويو اکيون، اڇيو پيرن مٿي پُون
چميو تن کي چاهه مان، ڏوڙ سندن ٿيون ڏون
اهين اشارن ۾، چريون گونگيون چون
ته هي سلامت هون، اسان سندا آسرا

●


Scanned with CamScanner

جي اکيون پير هجن، تہ پتو پوين پنڌ جو
تہ اگهاڙا عشق ۾، ڪيئن تا سور سهن
ڪئن تا ڦٽ فراق جا، چڪيو ۽ چڪن
رت ٽين جي راهہ ۾، تہ بہ هيجئون اٿيو هلن
پهچن جڏهن پرينءَ وٽ، تہ بہ ڏوراپا نہ ڏين
ڪڏهن ڏنو ڪونہ ڪو، تہ پٽي پڏين پرين،
تہ بہ رڙهيو رڙهيو رڙهن، حبيب جي حضور ۾

●

اکيون تہ اونداهيءَ ۾، وات وڃايو وهن
پر پير ويندي پرينءَ ڏي، بلڪل بس نہ ڪن
اوجهڙ ۾ عجيب لاءِ، لاڪيٽا لوچن
پهچن وڃيو پر وٽ، مورهئون ڪين مڙن
طالب مولا! طلب ۾، ڪمال ڪيو قدمن
انهن اڻ مونن، اکن تي احسان ڪيا

●

اکيون تہ برابر گونگيون، پر زبانون تہ اٿن
هي بي زبانا برهہ ۾، سختيون سڀ سهن
هو اشارن سان عجيب وٽ، ڪجهہ تہ چيو ڏين
هي سدا صبر شڪر ۾، ڦٽجو تا ڦٽجن
هو هر هر حبيب سان، وڙهيو، وريو پرچن
هي طالب مولا ڪڏهن، راڻل سان رسن
تہ بہ ڪرم ٿئي ڪونہ ڪو، متي مظلومن
پرت وڏي پيرن، ڦٽجن، ڦرن ڪين ڪي

●

اکيون بہ عشق جي آزار ۾ تڏهن ٿيون اڙجن جڏهن سر ۾

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

سچڻ جي سونهن جي سنيار پيدا ٿئي ۽ پير به تڏهن تا پرين، جي پيچرن جا پانڌيڙا ٿين جڏهن اکنڊ ۽ اڪير دماغ ۾ ديرو ڪري - جيڪڏهن سر ۾ سچائي ۽ سڪ موجود نه آهي ته پوءِ نه عشق رهيو نه اک جي اهميت، نه پيرن جو پرڻ:-

پير به آهن پيرِ پر سِر انهن کان سرسو
قدم قدم تي جهڪٽو، ڏي سجدا ڊيران ڊير
ان پيشانيءَ ۾، رڳي پلائيءَ جا پير
طالب مولا سڏجن، تا هردم مرد مٿير
صبح ساڻ سويرِ ڏي سجدا سائينءَ اڳيان

●

پير به آهن پيرِ پر سر نه رکي سانگو
گلا ۽ غيبت جو ڪٽي، گهورَ ڏئي گهانگهو
نڪري نرمل ڪاڻ تو، نينهن ۾ تي نانگو
ٻي مڙيئي ملڪ ۾، ٿئي مٿو مهانگو
سر ٿئي سهانگو، سچڻ وٽ صديقي چئي

●

پير ويچارا پرت مان، گهٽو ئي ڪي تا ڪن
سر تين جن صدقي، ات ڪٽي پير پڇن!
پير وڍيا ته مٽيءَ ۾، دٻجو تين دفن
سر شهادت بعد پڻ، نيزن تي چڙهن
پير به طالب! طلب ۾، مورهئون ڪونه مڙن
پر ` سرويچ ئي صديقي چئي، صديق تا سڏجن
پير قريو قتجن، ۽ سر سدائين سٽ ۾

●


Scanned with CamScanner

ڪڏهن ڪنهن نہ پڌو تہ پيرن سوريون ماٽيون
سر فدا تي سجڻ ڪي، ڳُٽن سان ڳڌو
"الانسان سري و اناسره" مورهئون نہ منڊو
سر وجي سوري تي، پنهنجي لالڻ ڪي لڌو
سر سوري پاڻ وڌو پير اهي ئي پٽ تي

●

عاشق هلن اُبتا، مورهئون متي پر
سر پر سدا تا وڃن، دلبر واري در
پارين تا پرت مان، پيغمبراڻي پر
سريو ڪن هو سَر منزلون محبوب جون

سر تہ برابر سوري تي محبت تا ملهائين، پر جيسيتائين من ۾ محب جي منزل نہ ٿئي، قلب ۾ قربين جي قرب جو ڪاڌو نہ اچي، دل دوست جي ديدار ڏيکڻ جو پڪو پهہ نہ پچائي تيسيتائين سڪٿو سر جهڪائڻ منافقن جي منزل آهي:۔

سر تہ برابر سر ٿيا، پر من جا ناهن مٽ
دل تان لهن ڪين ڪي، ڪڏهن جيڪر ڪٽ
تہ رڳي هوند هار ٿئي، يا ڪلندي ٿئي نہ ڪٽ
دل تي نہ هجن درد ۽، بيا قوڙائي جا ڦٽ
تہ سر نہ هجن منجھ سٽ، سچ تو صديقي چئي

●

سر پلي ڏين سجدا، سو سو ۽ سوءَ بار
چائنٹ چمن چاهہ مان، ۽ پرين جا پيزار
جي دل نہ محبت ڪي مچي، تہ سر ڪُلهن تي بار
سر بہ تڏهن تا قبول پون، جڏهن دل پرکن دلدار
سر جهڪن صد بار تہ بہ درجا آهن دلن تي

●


Scanned with CamScanner

سر برابر ڪيترا، بيحد بار ڪٽن
مهل اچي مورهئون، ته مچيو مٿا ڏين
دل گهرجي درياءَ جيئن، نه ته سر ٿيو بار پون
ٽلها پتڪا ته بندن تي به، پڌيو ٿا سگهن
طالب مولا! طلب ۾، دلبر به دل ڏسن
تهان پوءِ عاشقن ڪي، ٿا بيٺا پڪ وجهن
سر سوين هجن، ته به درجا آهن دلن تي

●

سر ۾ رڳو گوڙ ٿيو ته، گدوبندر ۾ گوڙ
هوندو هردم تنگ ۾، نير ۽ پيو نوڙ
سر قريو ته سدائين، رڳو روئي ـ توڙ
طالب مولا! دل ئي، ٿي ڪري طلب ۾ توڙ
پلي سرَ پڌجي موڙ، ته به درجا آهن دلن تي

●

اکيون ٿين جي انڌيون، ڏسڻ ڪان به وڃن
ڪن به جيڪر ڪڏهن، ٻڌڻ ـ ڇڏي ڏين
سرن ۾ سودا ٿئي، ته جڙنيا تي پون
پير به پرڻ ڇڏين جي، هلي ڪين سگهن
۽ مڙئي عضوا ضعف ڪان، جواب ڏئي وڃن
ته به دليون دوست پسن، طالب مولا! طلب ۾

●

سالڪن الست جي آواز کي لبيڪ چوڻ واري شيءِ کي روح سڏيو آهي ـ روح ئي اها شيءِ آهي جتي نوري ـ جي نظر پوي ٿي ۽ اتي پرين پنهنجو پاڻ پسائي ٿو ـ روح لافاني ۽ ابدي آهي ـ ان جي اپٽار ڪري


Scanned with CamScanner

نٿي سگهجي ـ جٺ پيو اونهو وجبو تئن پيا هڪڙا اسرار کلندا ۽ پيا معما پيدا ٿيندا ـ آدم جي بوتي ۾ ڏٺي. پنهنجي روح مان ڦوڪ ڏني "ونفخت فيه من روحي" ـ ان لطيف ۾ اڻ ڏٺي امر کي فقط ڪناين ۽ اشارن تائين سمجهائي سگهجي ٿو ورنہ "يسئلونک عن الرّوح قل الرّوح من امر ربي" ـ روح فقط ڏٺي جو امر آهي ـ

دل تہ برابر آهي دل، پر رگهو آهي ماس
اچي پيو ان ۾، ويتر جي وسواس
تہ هو ئي هڪ گهڙيءَ ۾، نگرو ڪندس ناس
ڪبو جي قياس، تہ رمزون آهن روح جون

●

دل تہ برابر آه دل ناليرو هڪ نانءُ
درد نہ اچي ان ۾ تہ ٺلهو آه ٿانءُ
امر ڪري ان کي جي ڏاتر ڏئي ڏانءُ
تہ ٿئي روحاني رازجي وايرليس وٺانءُ
پوءِ طالب مولا تو ملي الله پڻ اتانءُ
سمجهو ڪي سمجهانءُ تہ رمزون آهن روح جون

●

دل تہ برابر آه ڏل در پرده رهي روح
سوئـي طـالب مـولا آهي سالم سنجهہ صبوح
فـائق ڏنـس فـتوح رمزون آهن روح جون

●

دل تہ برابر آه دل پر اجا اگهتي راز
قاسائيس ڦير ۾ مرگهو ڪٿي مجاز
تہ وحدت وڃيس وسري وئيس حرص ۽ آز

●


Scanned with CamScanner

منجي مولا جو مڙئي | ستئي سوز گداز
طالب مولا! تنهن جو | عجب اٿئي انداز
ظاهر دل دمساز | پر رمزون آهن روح جون

●

رمزون ڏسبيون روح جون | پر روح بہ امر الله
پنهنجي حقيقت پاڻ تيو | منجهہ وحدانيت واهہ
انهي بحر عميق کي | ووڙيندا ڇا واهہ
لاحد واري لڪ ڏي | رڙهي تہ هي راهہ!
تڙيو پير تہ سر ويو | پرور ڏي پناهہ
پتو پيو تہ بہ ترِ جو | پر ساهہ کي ڏبي ساهہ
انهي کان آگاهہ | طالب مولا! مانُ ۾

گهري نظر سان مطاعو ڪبو تہ طالب المولا جي ڪلام ۾ ڪيترائي نوان موضوع نظر ايندا ـ عام چوڻين ۽ پهاڪن جي مخالفت ڪندي جنهن شيءِ کي بي خلق بُري چئي هڪ معنيٰ ڏني آهي تہ طالب المولا ان جي ابتڙ لکي ان جي اصليت جا وسريل پهلو روشن ڪيا آهن ـ مثال طور شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ يا بين شاعرن وٽ هڪڙي مجبور عاشقُ پنهنجي محبوب کي پاڏائيندي ڪميٽي سڏيو آهي ـ "ڪانڌ ڪميٽي آهيان" جا لفظ هر ڪنهن کي سڄهندا هوندا ـ پر طالب المولا چوي ٿو:-

ڪانڌ! ڪميٽي ناهيان | توڙي ڪوجهي آهيان ڪني
سڄڻ! سيل رکيو اٿم | ڇڏين متان چني
تنهنجي محبت من ۾ | ڏاتر آهي ڏني
پيرن کان پني | تون وَرُ ورتم هڪڙو

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙهون/ء

لفظن جي موسيقيت ۽ ڪلام جي رواني طالب المولا جي قلم جون اهي خصوصيتون آهن جو ڪلام ڪن تي پوڻ سان شاعر ڪي سڃاڻي وٺبو- سندن اثر ۽ صحبت جي ڪري ڪيترن شاعرن جي زبان ۾ اها ساڳي خوبي توري ڪي گهٽ اچڻ شروع ٿي آهي- گويا زبان جي لحاظ سان پاڻ شاعري جي هڪڙي جدا اسڪول جا باني آهن- ۽ هڪ شاعر جو انهي کان وڌيڪ ٻيو بلند مقام ٿي نٿو سگهي-

جيڪو حال حبيبان سو پيش پريان

بيخود حسيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١]

# هادي آهي هڪڙو

تڏهن بہ هڪ الله هو جڏهن ڪجھ نہ هو
جڏهن هوندو ڪين ڪي تڏهن بہ سو ئي سو
"وحده' لاشريڪ لہ" ثاني سندس نہ ڪو
صحيح آهي سمجھيو طالبَ! مولا تو
اُهو ئي اُهو هادي آهي هڪڙو
٩-١٢-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

اڄ بہ اهو ئي آهہ جيڪو هئو اڳ
هئڻ رڳو هُن جو جلوو آهي جڳ
قرب ۾ ڪلتارَ جي مانجهي تيجئين مڳ
طالب مولا مرد تي وٺ داور وارو ڏڳ
تہ ليندين ساڳيو سڳ جي پاسي ڪندين پاڻ کي
٩-١٢-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

هادي سو، حڪيم سو مالڪ سو، مختار
رازق سو، رحيم سو جابر سو، جبّار
اڳ بہ سو، پوءِ بہ سو ازين جو آڌار
"اَللهُ الْغَنِيُّ وَ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ" سو ئي سو سردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا مرد تي ڪر وحدت جو واپار
قادر سو ڪلتارُ قائم دائم ڪل تي

١٠-١٢-١٩٥٥ع
ميرپورخاص

●

بقا هڪ الله کي پيو سڀ فنا
هستي فقط هُن جي انسان سندس ادا
هو جبّار جلّ جلاله جائي جلوه نما
'اِن الله عَليٰ کُلِ شَيءٍ قديرٌ' صفت سندس سدا
سيئي سطوتِ ان جا گولا ۽ گدا
اڳيان ان جي ڪا ڪانهي طاقت ڪنهن جي

١٥-١٢-١٩٥٥ع
ڪرم نظاماڻي

●

الله ئـــــــي الله پيو سنيران ڪين ڪي
ڪن ۾ بانگي بانگ سان ڪيو آواز اِلاّالله
مادَرِ مون معصوم کي چيو لوليَ ۾ الله
ڪونهي پيو ڪريم ري هو شاهن سندو شاهه
آهي ان جي امر ۾ سفيد ۽ سياهه
هادي سو همراهه هردم آهي هڪل ۾

٢٦-١٢-١٩٥٥ع
ڪرچات

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساراهجي سچو ڌڻي قدرت جنهن جي قديم
"ڪل شيءِ محيط" سو حاذق اهو حڪيم
قائم ذات قدير جي آهي پاڻ عليم
قادر اهو ڪريم قائم ڪائنات ۾
٢٨-١٢-١٩٥٥ع
ڪرچات

●

صفتون سَوَ هزار ذات آهي هڪڙي
ڪار فرما ڪريم ٿيو انسان سڀ اوزار
هلايو حڪمت سان قدرت کي ڪلتار
ڪافي قرب انهي سندو پي محبت ئي مردار
**طالب مولا** مرد ٿي ڪر نوڙت ساڻ نهار
ڏس عبرت جا آثار حسن قبح ۾ هڪڙا
١-١-١٩٥٦ع
هالا

●

دوا اهو، دارو اهو طاقت اهو، طبيب
**طالب مولا** تنهنجو حاذق اهو حبيب
قادر آهي قريب پر ڏسڻ کان ڏور ٿيو
١-١-١٩٥٦ع
هالا

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

هَلي هر ڪنهن جاءِ تي فائق جو فرمان
انسان مان حيوان ڪري حيوان مان انسان
پري ڪونهي پاڻ کان مالڪ جو مڪان
”ڪل شيءِ يحرّڪ“ ۾ غير نه ڪو گمان
سبحان ئي سبحان پيو سر ۾ سجهي ڪونه ڪو
۱۰-۱-۱۹۵٦ع
تعلقو ڪپرو

●

جنهن ”ڪُن“ چئي ڪُل جوڙيو تنهن واحد کي واڪاڻِ
وحدت جي ويساه سان وجود پنهنجو واڻِ
ڪر اتبار احد تي ايمان اِتي آڻِ
ڪافي تو لئي ڪريم تيو چرڪين تو چاڪاڻِ
در هڪڙو ديک تون بي جي ڪيد نه ڪاڻِ
تون تيڏانهن ئي تاڻِ طالب! مولا جنهن طرف
۲۵-۷-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

ڏسڻ ڪان جو ڏور سو ويجهو آهي وجود ڪان
ڪک پن ۾ ڪريم جو نسورو ئي نور
ذرڙو ذرڙو ذرڙو لئي ڪاملن ڪوه طور
جو ڏسي نتو ڏيهه ۾ تنهن قلب جو قصور
دريون دنيا واريون پهرئين پٽيَ پور
طالب مولا چاڻ تون هر جا اتئي حضور
هو دل ڪان ناهي دوز هردم آهي هنج ۾
۱٦-۵-۱۹۵٦ع
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پري چو پلاٽيين واحد اٿئي ويجهو
"ونحن" واري ويڙھ ۾ وار بہ نا ويچو
آهي سوئي سو دَرَ تون پور دوئيءَ جا
٢١-٥-١٩٥٦ع
هالا

●

جو پري ناهہ پساهہ کان تنهن واحد کي ئي وٺ
کيدي چڏ قلب مان هستيءَ وارو هٺ
طالب مولا طلب ۾ ڪر ڪلمي سان ئي ڪٺ
من مان ڪيدي مٽ مولائي تون مرد ٿي
١٩-٦-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

هادي سوئي هڪڙو بولي ڪبي نہ بي
وحدت جي واپار ۾ ٿيبو مرد مچي
"قل هُوَالله" ۾ قادر جي آهي صفت سچي
واحد جي وحدت جي کهڙي ڳالھ ڪبي!
هلي ڪا چلي دوئيءَ واري جي دنيا ۾!
١-٩-١٩٥٦ع
هالا

●

"وحدہٗ لا شريڪ لہٗ" ويجهو اٿيئي
"ماسويٰ" کي مرد ٿي ڌهاڳ چڏ ڏيئي
قدرتون ڪريم جون قلب ۾ ڪيئي

طالب مولا مرد تي
ڇڏ نِرت اتي نيئي
پڪ اتـــئـــي پيئي
عاشق "اِلّاالله" ۾

١-٩-١٩٥٦ع
هالا

●

عاشق "اِلّاالله" ۾
اتئي واحد جو وصال
سا صيقل هٽي صاف تي
ڪر قرب منجهه ڪمال
تہ يَسين جلّ جلاله جي
جلـــوي جــو جمال
ڪـــر اطاعـــت ان جي
خاصــو رکـج خيــال
تہ هادي تيئي حال
طالب مولا طلب ۾

١-٩-١٩٥٦ع
هالا

●

آڇج "اِلّاالله" سان
الله تـــي ايـمــان
رهبر تيندئي راهہ ۾
ڪـلمـو ۽ قـــرآن
هاديءَ جي حڪمت ۾
هرڪو ئي حيران
ناهي زور زبان کي
ڪري باريءَ جو بيان
قرآن ۾ ڪريم جو
شائقَ پس تون شان
جيڪي لکيم جيءَ سان
سو بہ آگي جو احسان
طالب مولا طَلب ۾
دوئيءَ ڪان رک ڌيان
هنڪڙو اتئي حنان
شڪ نہ آڇج شرڪ جو

١-٩-١٩٥٦ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شائقَ شڪ نہ آڻجئين شڪ جو ٿين نہ شڪار
هادي هڪڙو مچ تون جلّ جلاله جبّار
شرڪ نہ ڪجئينس شانَ ۾ قادر اٿئي قهار
طالب مولا مرد ٿي ڪر احد تي اتبار★
تو سمجهي سپ ستّار ڪيفيتون قلب جون

٨-٩-١٩٥٦ع
ڪراچي

●

آهي هڪ الله حاڪم سو حڪيم
هر هنڌ اٿئي هڪڙو مالڪ ئي مقيم
قائم آهي ڪُلَ تي مولا مستقيم
"اَللهُ الغَنِيُّ وَ اَنتُمُ الفُقَرَآءُ" اهوئي عظيم
طالب مولا آهـ سو عالم پاڻ عليم
ڪريم ئي ڪريم قادر آهي ڪُلَ تي

١٥-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

قائم دائم ڪُلَ تي خالق خلقڻهار
ڪونهي ٻيو ڪريم ري مالڪ ۽ مختار
ڪر اطاعت ان جي بندا نہ ٿي بيڪار
سڏو هل سائينءَ سان آهي ستّار ۽ غفّار
هو ڏڪي تو ڏڪڻ تي عاصي عيبدارُ

---

★ يعني "اعتبار". پر مروّج زبان ۾ "اتبار" ئي ڳالهائجي ٿو ۽ وزن جي لحاظ سان ائين استعمال ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب، مولا ڪان نہ وجھ وتـي هـڪـڙو وارُ
اصـلـوڪـو اقــرارُ پاڻا پارج پرت سان.
١٧-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

گھٽو سارج ساھ سان سبحان سنجھ صباح
آهي قرب ڪريم جو مـحـبـت جو مـفـتـاح
”فاذڪروني أذڪرڪم“ فـڪـر ڪاڻ فـلاح
مـڙئـي آھ مبـــاح محبت جي ميدان ۾.
٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۲]

# مُرسَل مٽيادار

عربي عاشق الله جو پر مالڪَ ڪئو محبوب
احمد کي اظهر ڪري خالقَ ڪيو خوب
طالب مولا جو ٻه سو محب تيو مطلوب
راغب ۽ مرغوب ڪنهنکي چئي ڪنهنکي چوان

۱۸-۹-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

ڪائنات جو ڪريم ڪئو محمّد کي مختار
رهبر ڪيائين راه جو مرسل مٽيادار
عاشق مٿس الله تيو جلّ جلاله' جبّار
عربي احمد چام ۾ نور ڪيئين نروار
صلواتونِ سيّد تي بيحد، بيشمار
آهي اُن عجيب جو طالبُ طلبگار
اڙين جو آذار عشق عربي چام جو

۲۰-۹-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

صانعَ پنهنجي صنعت ۾ ڪيو قدرت ساڻ ڪمال
احمد کي عطا ڪيو واحد پاڻَ وصال
معراج ڪرائينس محبت سان رکي خاص خيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جبّار ڏنس جوڙ ۾ سان جلوو ء جمال
انهي جو احوال قلم لکندو ڪيترو
٢٠-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

”لا اِلٰه اِلّاالله“ محمّد الرّسول
جهانن ۾ جميل کي مولا ڪيو مقبول
پيغمبر پڌرو ڪيو الله جو اصول
طالب مولا مرد تي فڪر ڇڏ فضول
جنهن قريشي جي قرب کي قلبئون ڪيو قبول
سو محبتي ملول ڪڏهن ٿيندو ڪو نه ڪو
٢٠-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

الله ڪرايو عربيءَ کي محبتي معراج
طالبَ! رکيائين تاج رسالت جو رسول تي
٢٠-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

پيغام پرور موڪليو هٿان پنهنجي حبيبَ
امانت سان الله جو نياپو ڏنو نجيبَ
آخر ان عجيبَ ڪفر ڪعبي مان ڪڍيو
٢٠-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاشميءَ جي حب ۾ جو عاشق ٿئي عليلُ
عربي ٿيندو ان جو واحد وٽ وڪيلُ
طالب مولا مرد کي ذرو ٿئي نه ذليل
قادر پڻ ڪفيلُ اول آخر انجو
٢٠-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

پرين پچاڙيءَ آئيو ٿي اڳين جو اڳواڻ
صورت ۾ پڻ سهڻو ۽ سيرت جو سرواڻ
هئين پيرين حبيب ٿيو پنهنجو مٽ ئي پاڻ
ڏنار پنهنجي ڏڻ جو سدائين سجاڻ
پياري پياسن کي محبت پريو ماڻ
طالب مولا، نور جو نرمل آهه نياڻ
پاڳئي سندو پاڻ پريو ئي پرپور آهه
٢٩-٩-١٩٥٦ع
هالا

●

سرسو آهي سونهن ۾ مديني جو مير
شمس اڳيائنس شرمندو توڙي ماه منير
فقيرن جو فقير سو پيرن سندو پير
خادم خاصو خلق جو ۽ امت جو امير
طالب مولا عشق ۾ انجي آهه اسير
الله کيو اڪسير عشق عربي چام جو
٢٢-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صورت سيرت سهڻو محبوب سو مليح
لطيفن کان لطيف سو صبيحن کان صبيح
مِثل دل جي لاءِ تي محبت سندس مسيح
اُمي عربي ڄام کي فائق ڪئو فصيح
سرور سو صحيح طالب مولا ملڪ ۾

٢٢-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

ڪريم پنهنجي قرب سان خلقيو محمّد مير
سَرَ ۾ سڀجهي ڪونه ڪو نرمل جو نظير
بشير آهي بشر لاءِ عربي ڄام امير
ساڻس رکيو سِير تڏهن مَهَندِ مرڪبو

٣-١٠-١٩٥٦ع
راڻوبگهيو

●

عرب، عجم ۾ اهڙو نہ پيدا ڪئو پرور
آندي "اِلّاالله" جي خاصي خاص خبر
وڏا اچي وڙ ڪيا پرينءَ پيغمبر
طالب مولا مرد تي رک نرمل ڏي نظر
ساري ئي منجهہ سَر سڄهي ڪونہ سيّد ري

٣-١٠-١٩٥٦ع
راڻوبگهيو

●

مورهئون ڪونهن ملڪ ۾ محمّد سندا مٽَ
پيا سڀ سهڻا سُٽ جان هو تاجي پيتي پٽَ
لائق لاهي لطف سان قلبن مٿان ڪٽَ

محبت جي متيءَ مان پُر پيـاري پٽَ
طالب مولا جنهن وڏي سـچائيءَ جي سٽَ
ان تان پرينءَ لاٿي پٽ ڏئي وٽ وصال جي

٤-١٠-١٩٥٦ع
راٽو بگھيو

●

خالق خلقي خوب آهِ جـانب سنـدي جوڙ
محمّد جهڙو نہ ملڪ ۾ ٻي خلق آهي ڪوڙ
سهڻا سهانگا سَرَ ۾ ڪـروڙين ڪـروڙ
جنهن کي هوندي جيءَ ۾ لالڻ سنـدي لـوڙ
ڪانہ پـسندو سوڙ سو محبتي مورهئون

٤-١٠-١٩٥٦ع
راٽو بگھيو

●

محب مولا موڪليو عـالم جو امـين
درود ان دلبر تي جو هَتين پَيرَين حسين
قائم آهي ڪلّ تي دائـم سنـدس ديـن
رَبّ الـعـالـمـين عاشق تيو ان تي

٢٠-١٠-١٩٥٦ع
هالا

●

دمدم آهہ درود متي مرسل مير تي
مڙني موچارن ڪان مالڪ ڪيس مسعود
طالب مولا ملڪ ۾ محمّد تيو محمود
شاهد ۽ مشهود مولا ڪري موڪليو

٢٠-١٠-١٩٥٦ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه شفيع المذنبين مرسل موچارو
ڪفر ڪٽي ڪلمي سان تيو سيّد سوپارو
مڪي ۾ محبّت جو نيڪ هنيو نعرو
وڄايو وحدت جو نرمل نقارو
طالب مولا مرد سو ناطق نامارو
ڪامل قرارو قادر ڪيو ڪل تي
٢٠-١٠-١٩٥٦ع
هالا

•

مالڪ پنهنجو محب ڪئو ملڪن جو محبوب
طالب امت انجي هو مڙني تيو مطلوب
محمّد سان منسوب طالب، مولا آهه ڪئو
١-١-١٩٥٧ع
حيدرآباد

•

آهي حضرت هاشمي حبيبن حبيب
پرين پراهون نه تيو قربائتو قريب
اميرن جو امير سو غريبن ۾ غريب
صاحب شفاعت جو موچارو مجيب
طبيبن طبيب طالب مولا سو تيو
٣-١-١٩٥٧ع
حيدرآباد

•

مولا متاهون ڪيو مصطفيٰ جو مان
شاهن سندو شاهه سو خانن جو پڻ خان
ڪامل پهچايو ڪُل کي قادر جو قرآن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا مست ٿيو جانب لاءِ جهان
جنهن جو ثناخوان سبحان تنهن جو مٽ ئي ناهه ملڪ ۾
٢٣-١-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

هيرا جواهر ڪيئن ڪريان محبوبن سان مٽ
هو وِڙجن وِڪجن وينجهار وٽ هي چپر، ڇانو ۽ ڇٽ
طالب مولا مرد سو جُدا جياري جهٽ
هي قلبون لاهي ڪٽ هو چاڙهن ڪٽ قلب تي
١٥-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

صبح هڪ سانجهي پيو سج، چنڊ جي چالِ
ڪنهن پهتا ڪين ڪي پنهنجي ڪنهن نه ڪمالِ
طالب مولا سان طلبِ سيد ڪي سنڀالِ
جو هميشه هِڪ حالِ جانب پنهنجي جاءِ تي
١٧-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

سج نه تيسين آهه جيسين آهي اُپ ۾
مغرب ۾ محفوظ ٿيو ته آئي ڪِي اونداهه
طالب مولا محب جو ڪو مٽ موراهين ناهه
لوڪ انهي جي لاهِ مون سهائو سُپرين
١٥-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چنڊَ سندي چانڊاڻ آهي پٽي راتڙيون
طالب مولا تنهن تي اعتبار نه آڻ
ڪانهي انجي ڪاڻ مون سهائو سپرين
١٥-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

ڪوڙين پرن قنديل ته به وڃن وساميو ڏينهن جو
لاٿم دل دليل مون سهائو سپرين
١٥-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

ڪيئي چڏ قلب مان پيائي وارو پچ
طالب مولا محب جي نينهن ۾ تيجئين نچ
عالم وٺي سچ مون سهائو سپرين
١٦-٣-١٩٥٥ع
ڪراچي

●

سج، چنڊ ڪان سهڻو جانب جو جمال
قادر قدرت سان ڪئو قائم هيءُ ڪمال
طالب مولا، مرد سو لالِن جو ئي لال
ماڻهو گهرن مالِ مون سيباڻو سپرين
١٦-٣-١٩٥٥ع
ڪراچي

●

چنڊ چوڏهينءَ رات جو ڪري تو ڪمال
هميشه هڪ جهيڙو جانب جو جمال
هي رهي فقط رات جو هو ڏينهن جو به ڏيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا هُن جو هردم هڪڙو حال
هن ۾ آهه زوال سچڻ سدائين سوجهرو

١٦-٥-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

سچ ۾ آهه شعاع طالب مولا ڏينهن جو
هو ڪري نيٺ وداع سچڻ سدائين سوجهرو

١٦-٣-١٩٥٥ع
ڪراچي

●

ڪٿي منهن محمّد جو ڪٿي ماهتاب
ڪٿي جلوو جانبن ڪٿي آفتاب
هڪڙو چمڪي رات جو ٻي ۾ ڏينهن جو تابش، تاب
هُنِ هي حساب سچڻ سدائين سوجهرو

٢٣-١٢-١٩٦٣ع
ڊاڪا

●

ڪٿي سنبل سهٽا ڪٿي مبارڪ مُو
ڪٿي چهرو چنڊ جو ڪٿي جبين جادو
ڪٿي شعاع شمس جو ڪٿي رهبرَ رو
ڪٿي تلوارون تير ٽيا ڪٿي احمد جا ابرو
ڪٿي اکيون عجيب جون ڪٿي ساغر ۽ سَبُو
ڪٿي گل گلاب ۽ ڪٿي بدَن جي ٻُو
لبن لعل لڄائيا ڏندن لڪ لُو لو
هلڻ تان حبيب جي عجب ۾ آهو
ڪٿي فضيلت فردوس جي ڪٿي ڪامل سندي ڪو
حبيب آهي هو طالب مولا تنهنجو

٢٣-١٢-١٩٦٣ع
ڊاڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٣]

# تقويٰ ريَ طاعت

ڪجھ بہ آهي ڪين ڪي — تــقـــويٰ ريٖ طاعـت
روزا، نمازون، بندگيون — نہ تہ آهن سڀ عادت
ٽينديون ڳٽ ڳچيءَ جو — نـــ سبـــب شـفـاعـــت
اصـــلـــي عـــبـــادت — ڪو طالبُ مولا جو ڪندو

٣١ـ٧ـ١٩٥٧ع
ڪراچي

●

طاعت، تقويٰ ڪانہ ٿئي — تقويٰ ئـــي طــاعت
عـــيـــن عـــبـــادت — تي تقويٰ طالبن جي

٣١ـ٧ـ١٩٥٧ع
ڪراچي

●

تقويٰ، توبہ ٻئي ٽيون — عـــبـــادت اوجـــــر
جئن پاٽي نہ ملي پوک کي — تہ آٽي نہ اوپر
تئن تقويٰ ريءَ طاعتون — ٿــلـــهو اهن ٿـــڪر
جن ورتو اهو وکر — سي طالب مولا مرد ٿيا

١٢ـ٨ـ١٩٥٧ع
هالا

●

تقويٰ، طاعت کي سدا — ٿـــي آخــر اُجـــاري
نفس نـافـــرمـــان کي — مـــورهئون ٿـــي ماري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عيبدار اڳي ڪري ۽ وچ ۾ وهاري
"صِراطُ الْمُسْتَقِيمَ" ذي واريو تي واري
پرءُ ان جي پناري **طالب مولا** مرد تي

٢٧-٨-١٩٥٧ع
هالا

●

عبادت الله جي تئي تقويٰ ساڻ تمام
الفت رک عظيم سان آهي قرب ۾ ڪمام
"قالُوا بَلىٰ" قول جو عاشق! پار انجام
ته "اَظْهَرمِنَ الشّمس" تيئي ناسوت اندر نام
**طالب مولا** طعام ڪا تقويٰ جو طلب ۾

٥-٩-١٩٥٧ع
ڏگا

●

**طالب!** تقويٰ ڪانسوا طاعت ڪجهه ئي ناهه
پاڪائي، پرهيز ذي ڪاهيو ڪاهيو ڪاهه
لاڳاپا سب لاهه بي اجائي عبادت جا

٢٨-٩-١٩٥٧ع
هالا

●

تقويٰ ساڻ طاعتون ڪي عاشق اجارين
"خيار کُم اَحسن کُم اَخلاقاً" پر اِها پارين
"موتوا" واري ملڪ ۾ جي ڪي جيارين
**طالب مولا** مرد سي مرڻ ڪي مارين
گهڙيون تا گهارين عاشق رهڻ الله سان

٢٨-٩-١٩٥٧ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالبن تقويٰ کي چِت ۾ چتايو
ان کان پو عبادت جو وقت نہ وڃايو
پنھنجي نفس نادان کي ماري مڃايو
طالب مولا مرد تيا جن قرب کمايو
تن ڳايو وڃايو واحد جي واکاڻ کي
١٦-١٠-١٩٥٧ع
هالا

●

عبادت ۾ اختيار ڪئي تقويٰ طالبن
غير ڪدي غازي ٿيڻ رستو راغبن
قريب کي قريب ٿين هي قرب ڪاملن
اطاعت ۾ اَجهو ڪيو عجز عاشقن
طالب مولا مرد سي جن محبت رکي من
ملين ڪان محبن وحدت واري واٽڙي
١٨-١٠-١٩٥٧ع
هالا

●

تقويٰ ري- نہ طالبَ! ٿئي حاصل هدايت
اول اچبو عمل تي پو ٿيندي شفاعت
جي چاهين منزل ماڻيان تہ رک سالم سعادت
ڪنڌ نہ ڦيرج ڪيڏهين وڃي سهڙج سلامت
اصل عبادت تقويٰ ساڻ تمام ٿئي
١٨-١٠-١٩٥٧ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۴]

# جي پائين جاني لهان

پرهيزگاري پار تہ وجي پهچين پار
هتي جون حقيقتون رسنديون پريين پار
طالب مولا مرد تي پُر پرينءَ جي پار
پاريو پاريو پار جَي ڪيئي قول قريب سان

١٦_١٠_١٩٥٧ع
هالا

●

جي پائين محب ماڻيان ڪر پرهيزگاري پر
هٽ صيقل سيني کي تہ نور اچئي نظر
طالب مولا مرد تي قربئون قدم پر
دل ۾ ڪنو ڪر محبت جي متاع کي

١٦_١٠_١٩٥٧ع
هالا

●

رڳي زهد، عبادتون ظاهر جا ضررَ
ريءَ پرهيز ڪين ملن وحدت جا وکرَ
دلبر آهي دل ۾ پچين چو تو پرَ
طالب مولا مرد تي ڪر پلائيءَ ڏي پرَ
آديسين اکرَ اهي ڏسيا ڏيهہ کي

١٦_١٠_١٩٥٧ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرهيزگاري پار ته هادي حاصل تون ڪرين
نظر سيڪا نيڪ ڪڻ نحيف تي نهار
هٿ پلي رک هاج ۾ دل ڏٺي سان ڏار
طالب مولا مرد تي دنيا کي ڌڪار
وک نه پوئتي وار قدم ڪُٽج قرب جا
٢٥-١٢-١٩٥٧ع
هالا

●

جي پائنين جاني لهان رک پاڪائي، پرهيز
طالب مولا مرد تي من کي ڏي مهميز
ته لالڻ ڏي لبريز پري قَدَح قرب جا
٢٦-١٢-١٩٥٧ع
هالا

●

پِيَندين قَدَح قرب جا جي تيندين پرهيزگار
نَشا ڪري نينهن جا تي سُڪر ۾ سرشار
پي تون سرڪ سڪ جي تي مرد مٽيادار
طالب مولا مرد تي ته قرب ڪري ڪلتار
وحدت جو واپار ويهي ڪر وجود ۾
٢٦-١٢-١٩٥٧ع
هالا

●

پاري پَرَ پرهيز جي عبادت اجار
محبت رکج من ۾ وهمن کي نه وهار
"قَدْ أفْلَحْ مَنْ تَزَكّىٰ" ڏي نورٽ ساڻ نهار


Scanned with CamScanner

طالب مولا مرد تي پرهيزگاري پار
ڪر ڪا اهڙي ڪار جنهن کان راضي ربّ ٿئي
۲٦-۱۲-۱۹۵۷ع
هالا

●

عبادتون آهين پرهيزگار ڪرڻ لاءِ
طالب مولا مرد سي جي سينو نہ ساهين
اوڙون ڏيئي عشق سان قلب ڪي ڪاهين
اندر واريءَ آگ ۾ پاڻ ڪي پاهين
رمز سان راهين قريب پنهنجو قلب ۾
۲۷-۱۰-۱۹۵۷ع
هالا

●

عبادت جو الله سان نہ ويهي ڪر واپار
ڏي وٺ واري ڏيهہ ۾ تيج نہ گنهگار
اصلي عبد آهين ڪر عبديت اظهار
نہ ٿيندو هر هڪ ڳالهہ ۾ مولا مددگار
”طالب الدنيا مخنثّ“ بلڪل آهہ بيڪار
”طالب العقبيٰ مونث“ عورتن آچار
”طالب المولٰي مذڪرّ“ تي مرد مٿيادار
جيتر ٿيبو ڪين ڪي پڪو پرهيزگار
نہ قلب جو قرار حاصل ٿيندو ڪونہ ڪو
۲۷-۱۰-۱۹۵۷ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [۵]

## عشق ۽ بيت المال

عشق عشق سيکو ڪري پر عشق ڪري تو ڪو
جو ڪِجي پڇي ڪين ڪي سر ٻه ڏئي تو سو
سو طالب مولا مرد ٿئي جو عاشق عشق سندو
جو محبت اندر مو سو جِيَرو آهي جڳ ۾

٦-٣-١٩٥٧ع
هالا

●

عشق عشق سيکو ڪري پر عشق ٻه ڪن تا ڪي
هٿ اڌيءَ ۽ ڪات جي بـــــازي تي بـــــنـــــجـــــي
"العشق نارالله" مان ڪو سڙي سالم ٿئي
سڌڙيو سيکو سيراف ڪان پَچيو پيو پَچي
طالب مولا ســـــي جي ڪٽهن ڪچن ڪين تا

٦-٣-١٩٥٧ع
هالا

●

عشق عشق سيکو ڪري پر عشق ڏکيو ڏاڍو
جنهن جو ڪريم ٿي ڪاڙو اهو طالب مولا مرد ٿيو

١٩-٥-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

عشق ۽ چرچو پانءِ هو شاهن سندو شاه
حجت هلندي ڪانه ڪا ڪِئس ٻاريءَ بي پرواه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوديءَ وارن کي خوب تو ــ پــجــي کــري پــاه
طالب مولا ان کان ــ کو کو آهه آگاه
جو صدقي ڪري ساه ــ اُهو ماڻي ان کي

١٩-٥-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

عشق نہ پاڻِ آسانُ ــ تو هرهر سوريءَ تي سڏي
سودو ڪبو سر جو ــ اِتــي ڪپي ايــمـــان
جنهن هنيو دم دعوا جو ــ سو نابود ٿيو نادان
طالب مولا مرد ٿئي ــ کــو عاشق عالــيشان
سو مرد ڪٽي ميدان ــ جو عاشق هجي عشق جو

١٩-٥-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

عــشــق نہ بــيــت الــمــال ــ جو ملي محتاجن کي
عشق آهي اُنَ سندو ــ جنهن ڪيو قرب ڪمال
طالب مولا طلب ۾ ــ جو رکي خاص خيال
جانــب جــو جــمــالُ ــ اهو ماڻيندو عشق سان

١٩-٥-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

آهي عشق الله جو ــ پيو سيکي سمجھ سور
محبّت مولا پاڪ جي ــ "نورُ عَليٰ نور"
سو طالب مولا مرد ٿيو ــ جنهن تي راضي ربّ غفور
جنهن کي پرور سندو پور ــ عشق بہ عاشق ان جو

١٩-٥-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عشق اڙانگو آهه تو لاهي وَرَ وڏن جا
**طالب مولا** مرد تي سينو هڏ نہ ساهه
سانگا سيئي لاهه پو عاشق سڏائج عشق جو
٢٧-٥-١٩٥٧ع
هالا

●

عشق نہ اٽڪل سان ٿئي هٿ سر جي بازي لاءِ
توري تڪي پڙ ۾ پير پختا پاءِ
دنيا، عقبيٰ کي ڇڏي نرمل وٽ ڪنڌ ناءِ
هڻ نہ دم دعويٰ جو لوڪئون پاڻ لڪاءِ
**طالب مولا** مرد تي قرب کي ڪماءِ
پنهنجو پاڻ پڇاءِ ويهي پنهنجي پاڻ ۾
٢٧-٥-١٩٥٧ع
هالا

●

عشق نہ اٽڪل سان ٿئي عشق الاهي راز
حجّت نہ هن سان تي هلي جو مالڪ ڪئو ممتاز
پاڻ وڃائي پانهجو ڪر نوڙت ۾ نياز
**طالب مولا** مرد سو جو حقيقت سان همراز
ڇيڙ سريلو ساز محبت جي مضراب سان
٣١-٥-١٩٥٧ع
هالا

●

عقل جي اثبات ۾ رڳي رَدَ ۾ قَدَ
اتي آسڻ عشق جو جتي شَدَ نہ مَدَ
جو لنگهيو ڪان لاحد سو **طالب!** عاشق عشق جو
٢٨-١-١٩٦٠ع

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجھ جيسين ساڻ تيسين ڪجھ ئي ڪِين ٿئي
عقل کي اوري ڇڏي وٺ عشق جو اهڃاڻ
متان ڪريل ڪير تيين سالم تيج سنباڻ
طالب مولا طلب ۾ ٿي جت وڃاءِ نہ چاڻ
جنهن کي سمجهيئي پاڻ اهو ناهين پاڻ تون
۲۹-۱-۱۹۵۷ع

●

عاشق جي آهين تہ هڪدم هڻڻ ڇڏ
ترڪ دنيا کي ڪري لالڻ پاسي لڏ
هستي، هوڏ حرام ٿِئي ڪوءِ وجهينس، ڪڏ
اهڙي اندر اڏ طالب مولا مرد ٿي
۷-۳-۱۹۵۷ع
هالا

●

عاشق جي آهين تہ هڪدم ڇڏ هڻڻ
ويساهہ سان وحدت جو پوک وجود ۾ وڻ
ڪروڙن ڪان ڪٺر ٿِئي قرب سندو ئي ڪڻ
طالب مولا پَٽ سان هستيءَ کي تون هڻ
توري تکي ڪڻ قدم پنهنجو قرب ۾
۷-۳-۱۹۵۷ع
هالا

●

عاشق جي آهين تہ ووڙي ڏس وجود
حرص، هڻڻ ڇڏ ڪٽي نينهن ۾ ٿي نابود

"العشق نارالله" کي کر محبتي! مقصود
تہ خالق ٿئي خوشنود **طالب مولا** مرد ٿي
۷-۳-۱۹۵۷ع
هالا

●

عاشق جي آهين تہ وٽ رسولِي وات
محبت واري مِي، سندا ماڳ انهي تي مات
اتان اڄ، اُسات **طالب مولا** دور ٿئي
۱۰-۳-۱۹۵۷ع
هالا

●

عاشق جي آهين تہ پر رسولي پار
نفس نامراد کي ماري مار
"مَن عَرَفَ نَفسَهٗ" جي عمل کي اجار
شارع شريعت جِي تي وجي پرئين پار
**طالب مولا** مرد ٿي کيڏهن کيم نهار
کر اها ئي ڪار تہ اگهين آگي جي اڳيان
۱۱-۳-۱۹۵۷ع
هالا

●

عاشق جي آهين تہ پاره رسولي پر
مار موذي من جو ڇڏ نہ پلي جِي پر
**طالب مولا** مرد ٿي ڪار قرب جي ڪر
وِلهن متي ور ڳري عشق عجيب جو
۱۳-۳-۱۹۵۷ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عـاشق جـــي آهين ته تقويٰ ڪر تمام
پاڪائيءَ سان پرت جو ڪنبي ڪج سلام
مـتــاهون محبوب جو مـرتي ڪـان مقام
طالب مولا مرد تي نرمل جو وٺ نام
ڪنهن کي ڪر نه سلام سڄڻ ڏاران سڪ جو
١٣-٣-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

عـاشق جي آهـين ته نـاتو نيائيج
عمر ساري عجز سان پـاند ڳچيءَ پائيج
طلب واري تند کي ويـتـو وجـائـيـج
طالب مولا درد کي لـوڪـان لڪائيـج
پرينءَ لئي پـائيج لڪي لياڪا لوڪ کان
١٣-٣-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

عاشق جـــي آهين هڻ نه دعويٰ جو دم
عـبـديـت اثـبـات ڪر قـــربـئـون پـر قدم
تي همدم سان همدم طالب مولا مرد تي
١٣-٣-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

عـاشق جي آهـين ته سوچي ڪر سجود
شرڪ جو نه شڪار ٿين هڪ مالڪ ٿَئي معبود
تي بود ۾ نابود طالب مولا مرد تي
١٣-٣-١٩٥٧ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٦]

# جي ڪُسين پاڻ قريب ڪان

محب جي منهن سامُهون    تو رکين جاه، جلال
پو چو تو وريو ووڙئين    ويتر تون وصال!
ڪهڙي طرح قرب ۾    ڪندين ڪو ڪمال!
ماڻي سگهندين ڪين ڪي    جانب جو جمال
هوند تيين حلال    جي ڪسين پاڻ قريب ڪان

٣-٩-١٩٥٧ع
راڻو ٻگهيو

●

اجا تائين آهه    تو ۾ خيال خوديءَ جو
دل تان ٻڪ ٻيائيءَ جو    لحظي اندر لاهه
محبت اٿئي محبوب سان    تہ سينو هڏ مَ ساهه
قدمن ڏي قريب جي    ڪاهيو ڪاهيو ڪاهه
طالب مولا مرد تي    رمز انهي سان راهه
واهيو واهيو واهه    آب اکين مان عجز جو

٣-٩-١٩٥٧ع
راڻو ٻگهيو

●

متان تون هٽين    ڪڍهن دم دوستيءَ جو
ٽيج دلبر يار جي    پيزارن پٽي
هو مالڪ جاه جلال جو    ۽ دل جو آهه ڏٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا مرد تي رک ان جي گهرج گهٽي
قرب جي ڪٽي ڪروڙئان ڪٿر ٿئي
٣٠-٥-١٩٥٨ع
هالا

●

سو ڪڏهن ڪنندو ڪونہ ڪو جنهن حجّت هلائي
سهٽي ڪي سيين پرين ڏني واحد وڏائي
جن "آئون" ۽ "اسان" ڪيو سي ترٽيا توائي
طالب مولا مرد تي رک صبر سچائي
جن هلائي هيٺائي تن ڪي محب متي ڪيو
٣٠-٥-١٩٥٨ع
هالا

●

محب رڳو مناڻ سيڪنهن منهن متو ڪري
هر هر پيارينڊو پرين محبت پريو ماڻ
طالب مولا طلب ۾ جاڻو تي رک جاڻ
جو اتي ڪندو پاڻ سو ڪڏهن ڪنندو ڪونہ ڪو
٢٢-٦-١٩٥٨ع
هالا

●

هنيو جنهن حبيب سان دعويٰ وارو دم
سو ڪٽي سگهندو ڪين ڪي قرب جو قدم
ڪائي ڇڏيندو ان ڪي غصو ۽ پيو غم
طالب مولا تنهن ڪان ٿئي ڪارائتو نہ ڪم
اهو بلڪل ٻم ٻڏي تو پيائيءَ جو
٣٠-٨-١٩٥٨ع
راڻو ٻگهيو

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ڪري حجت حبيب سان | سو هـــردم هارائـــي
سڏي ڳاٽ اچن جي | سي محبت مـــارائـــي
جي نمي اچن نجيب وٽ | پـــاند ڳچي پـــائـــي
طالب مولا مرد | سي ويـــا وارو وڃـــائـــي
جو سر کي سهسائي | اهو اچي عجيب ڏي

۳۰-۵-۱۹۵۷ع
هالا

•

حـــبيـــبي حضور ۾ | جي اوچي ڳاٽ اچن
جن هنيا دم دوست سان | سي موٽايا محبن
اهي خان ڪٽي ويا | جـــي پـــٽـــي پيزارن
طـــالـــب مـــولا | تن مـــاٽـــيـــو مـــحـــبـــوبن کي

۲۲-٦-۱۹۵۸ع
هالا

•

هڪجهڙائي حبيب سان | جڏهن ڪئي جـــن
طـــالـــب مـــولا | تـــن پيئي جڳ وڃـــائـــيـــا

۲۲-٦-۱۹۵۸ع
هالا

•

ڪنهن کي ناهه مجالَ | جو ڪلهو هٽي قريب سان
تر تفاوت نه ٿئي | ڪو ڪري ڪٽي ڪمالَ
هٽي سڀ حيران ڪيا | جـــانـــي، جي جمالَ
طالب مولا مرد ٿي | وٽ حقيقت جا حالَ
خودي، وارا خيالَ | ڪم نه ايندا ڪڏهين

۳۰-۵-۱۹۵۸ع
هالا

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متان کو پانئي ته راڻل آهي راند
محبوبن جي منهن تي مِهُر به ٿئي ماند
حجت نه رک هيڪاند طالب مولا مرد تي
٣٠-٥-١٩٥٨ع
هالا

●

متان دم هٽئي دوستيءَ جو دلبر سان
جو هيٺو رهي حبيب سان اهو اُتءَ وڃي
هتي گوءِ کٽي کو طالب مولا مرد تي
٣٠-٥-١٩٥٨ع
هالا

●

تن کي محب مٿي کيو جن پاند ڳچيءَ پايو
کنبدي کنبدي قريب جو تن قرب کمايو
انهن تي عجيب کان عتاب نه آيو
طالب مولا مرد تي جن وجود وڃايو
سدائين سايو تن تي تهدل يار جو
٢٢-٦-١٩٥٨ع
هالا

●

کين کٽي تي کين ته کين منجهان تون کين تيين
هستي، هوڏ، هٺ ۾ آهي ئي کي کين
جو کين ۾ ٿئي کين سو طالب مولا مرد تيو
٢٥-٨-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿ ٻڌي حبيب ڏي همـيشه هـليج
ڪنبي ڪنبي قرب ۾ وڃَس تـون وهيج
طالب مولا محب سان حُجّ نہ هـلائـيج
اکيون، پيـر ڪـريج پُرِج پوءِ پرينءَ ڏي

٢-١١-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

حجت هلائڻ حبيب سان ڏاڍو آهـــي ڏوهہ
طالب مولا اهـــڙي عـادت ڪبي ڪوهہ
سـدائــيـن سَتوهہ اڳيان ڪبو ان جي

٢-١١-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

پـانـد ڳـچـي پائـي هـلـبو حبيبن ڏي
وڙ ڪندا واهہ جا عاجز جي، آئي
دلبر پنهنجي در تان نہ ويـتـر ورائـي
طالب مولا طلب ۾ نہ سهٽو سڪائـي
سڄڻ جي سائـي هردم رهبو حفظ ۾

٢-١١-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

جن لائي پيار پرينءَ سان ءُ وري ڪيو پاڻُ
عقل منجهائي اَنڀ لءِ ڏاتـــر ڪيو ڏاڻُ
پي نہ ڄاتئون پرت مانُ محبت سندو ماڻُ
طالب مولا تـــڪڙِ ڄاتو نہ ڪڏهن ڄاڻُ
هُئن گوڏو گوڏي ساڻُ تہ بہ پري رهيا پرينءَ کان

٦-٩-١٩٦١ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکي هوڏ حبيب سان جن دليئون ڏريائون
تن سجاتو نہ سِرَ کي جو لئون نہ لاتائون
عشق پنهنجي عجيب سان ڪري نہ ڄاتائون
ٻڳچيءَ ۾ ڳهہ ڪري پــانــد نہ پــاتــائون
طالب مولا تن رڳو وڃــايو واتــائون
جن ۾ "اسين" ۽ "آئون" تن لائون ئي نہ لڌيون
٦ـ٩ـ١٩٦١ع
هالا

●

پائي پاند ڳچيءَ ۾ جي پيش پرينءَ وٽ پُونِ
سي سدائين سرهيون ۽ هنجن ۾ ئي هُونِ
اُهي رويو رويو رُونِ جن سينو ساهيو سڄڻ سان
٢٢ـ٩ـ١٩٦١ع
ڪوئٽا

●

سـدائين سـڄـڻ سـانِ سـيـنو جـي سـاهينِ
ڇئبو، ڪچيون قرب ۾ سي اجا ئي آهينِ
لوئيون اهي لوڪ جا نہ لاڳاپــا لاهينِ
تيون ناهہ وڏا ناهين تہ بہ طالب پارين پڌريون
١٠ـ٨ـ١٩٦١ع
راولپنڊي

●

جن ڪن ڪيو پاڻ سي پرينءَ ڪان پري رهيون
تن عقل کي اَجهو ڪيو تہ ڏاهپ تين ڏاڻ
پــورنِ لڌو پــاڻ طالب مولا طلب ۾
١١ـ٨ـ١٩٦١ع
راولپنڊي

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

هنيو جن حبيب سان دعويٰ وارڻ دم
تن محبت جي ميدان ۾ ڪنبي نه رکيو قدم
جن ويڙهي ويو وهم سي طالب رسيون نه توڙ ڪي
١١-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

هڻ نه دم دعويٰ جو پو متان پڇتائين
ان ڪان اڳ چڱو اٿئي ته پاند ڳچي پائين
متان وقت خوديءَ ۾ ويـهـي وڃـائـيـن
ٻيڙي ٽيندي ڪانه ڪا جي چڱي چتائين
هٿ ٻڌي حبيب ڏي تون هلڄ هتائين
ڪاوڙيون قريب جون پاندن ۾ پائين
طالب مولا طلب ۾ چئو سڄڻ ڪي سائين
جي ناتو نيائين ته ڪچ پچ ڪنهن پر ڪين ڪي
٣-٩-١٩٥٧ع
راتو ٻگهيو

●

تو ۾ تنهنجي يار ۾ وڏا فـرق فـيـر
ڪلهو نه هڻ قريب سان پلا آهين ڪيرا!
ٿي آڏو هلين حبيب سان جو من ۾ اٿئي مير
پاءُ به آهين ڪين ڪي ۽ سڏائين ٿي سير
ڪڏهن ٽيندينءَ ڪين ڪي شينهڻ منجهان شير
ڏاڻ ڪيندا ڪانه ڪا دلـبـر اٿـئـي دلير
طالب آهين تن جي ته نينهن ۾ ڪر نه نبير
پرجهي نه ڪٽندينءَ پير ته متو ڪپندئي متيءَ ۾
٣-٩-١٩٥٧ع
راتو ٻگهيو


Scanned with CamScanner

[٧]

# ڏولڻ آهي ڏيک

ڏولڻ ڏيکڻ تيو تو ڏيکي عيب اپار
ڪري تو ڪرم جي نافع پاڻ نهار
ڏهاڙي ڏئي تو پياسن کي پيار
غافـــل گـنـهگار تو بخشي پنهنجي پال سان

٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ڏولڻ آهي ڏيک ڪيدي عيب نه ڪنهن جا
محب جو مرڪ اهو آهي اصل ڪان

٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

محب آهي منهنجو ماڪي، ڪان به منو
اينهين ڪنهن نه ڏنو جئن مون ڏنو محبوب کي

٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ڪنهن ڪرڪيو ڪين ڏوراپو ڏيـــئـي
هتان مون پيئي ته به ڪوسو ڪونه قريب تيو

٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

حبيب سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پسيو عيب پانهنجا پيا ڏوھ ڏکن
اسان پارا عجيب جي نتا منهن چڙهن
ھو ڏھ ڏھ ڀيرا ڏينهن ۾ تو معافيون ڏي مُنن
طالب مولا تڏهين تا لڙيو لڙڪ پون
ڏسيو قرب قريب جا تيون اُڃنگارون اڇن
تہ ھھڙا حبيبن پنهنجا پال پلائيا!
٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ڪڏهن ڪونہ ڏنوم منهن مٺيل محبوب جو
جي منهن، ميرائي، پانهنجي ڏولڻ اکيان ڏيکيوم
۽ پري وينس پرينء کان جو ڏاڍو شرم ٿيوم
طالب حال حبيب وٽ نـهوڙيـل نيوم
تہ بہ سڄڻ سڏ ڪيوم پيري پيري پال سان
٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

منهن مٺيو ڪين ڪي ڪڏهـن قريبن
پاڻان جاڻي پاڻ تيا اوت سندي عيبن
لوڪ لوڏي ڪڍيو ڏنو اَجهو عجيبن
عاجز جو علاج تيا جو تڙيو طبيبن
طالب مولا مليو نرمل نصيبن
هميشه هن ڳالھ جو آهي مُجرو مجيبن
تہ هيڏو حبيبن پلائي، سان پال ڪيو!
٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيڪنهن پيري سڪ مان تو سهٽو روز سڏي
پلوءُ ڏيو پرت جو اَگليون يار اڏي
منهن ميرن ڪي مورهئون چنيو ڪين، چڏي
وهاري تو ويجهڙو گوڏي ساڻ گڏي
طالب مولا تِنهنجي جو ترت اچي تڏي
جي هجي جي، جڏي ته ٻه وهاري تو ويجهڙو

١٤-١١-١٩٥٧ع
ڪراچي

●

محبّت جو متاع آهه محب وٽ مَٽي
ٻئي ٻاجهاريون ٻاجهه مان ڪٽيو روز ڪَٽي
طالبُ مولا ڪيترا ڳڻ سندس ڳَٽي
هن ئي هڪ ڇَٽي ڪروڙن ڪي قيد ڪيو

١٦-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ڪامل ڏسي ڪين ڪي ڪنهن جون ڪچايون
ڳُجي ڪنهن جون ڪونه ڪو عجيب اگلايون
دلبر پنهنجي ديد سان ميٽي ٻڌايون
طالب مولا تنهن جا ڳڻ وڏا ڳايون
تو ڏئي واڌايون وريو وريو وصال جون

١٦-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

متان ڪو لاهي اميدون عجيب مَبان
اَجهو آسروند جو اُهو ئي آهي
ڪِر ان جي قدم تي لاڳاپا لاهي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رَسي روز رَندن ۾ قربائتو ڪاهي
طالبَ مولا تنهن جو ڪو مورهون مَٽ ناهي
سينو چا ساهي ڪو منهنجي هن محبوب سان!
۱۹-۱۱-۱۹۵۷ع
هالا

●

جي ميري مُنهن اچن حضورِ حبيبن جي
سي نرمل سندي نگاه سان ڌوپيو ٿا ڌوپن
هِت ﺑہ سندن هاڪ ٿئي ۽ مَهَندِ ﺑہ سي مرڪن
چڱو چڱايون ڪري بيحد سان بچڙن
عادتون عجيب جون اهي ئي آهن
طالب مولا تهدليئون جي وجهيو وڪ وجن
ﺗہ خالي ڪونہ ورن حبيباڻي حضور مان
۱۹-۱۱-۱۹۵۷ع
هالا

●

ڪري ڪوجهن ساڻ هو قرب مان ڪلامَ
معذورن ذي موڪلي سوين روز سلامَ
نَذر روز نوازيا جانب وڻان جامَ
پچي پختا سي ٿيا جي خالص هئا خامَ
طالب مولا توڙ ويا جي سندس پيا سامَ
جي سُئا نرمل نامَ سي پري ﻧہ ڪيائين پاڻ کان
۲۰-۱۱-۱۹۵۷ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڌم ڪونہ ڪڏهن ڪو ڏکوئائين ڏيهہ ۾
جو ويو وڃڻ جڏهن سو نوازيئين نگاهہ سان
٢٠-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

جو هڪ پيرو حبيب وٽ هليو تو اچي
سو وريو ڪين وچي ڏسيو مِهرون محب جون
٢٠-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ڪڏهن رنجايو ڪونہ ڪو منهنجي محب وٽان
مجرم کي معافي ملي حبيبن هٿان
جو ڪري اچان اچان تہ سڏيو وهاري سٿ ۾
٢٠-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ڪونهي هٿ ڪو ڪالُ محبت جي متاع جو
انئي پهر عجيب وٽ پلايون ۽ پالُ
سواليءَ سوالُ هرهر ٻڌي ٻاجهہ سان
٢٠-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ڪارون ٻڌي ڪڏهين ڪامل ڪڪ نہ ٿيو
قرب مليو قريب ڪان اصلي اڻ ميو
طالب مولا طلب ۾ جيڪو وڃي ويو
تنهن سان پرين پيو نيائي نينهن ۾
٢٠-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

عيب ڏٺا ڪين ڪي — سڄڻ يار سچي
طالب مولا طلب ۾ — تو رکيو رمز رچي
عجب تو اچي — ڏسيو وڙ عجيب جا

٢١-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

کھڙي منھنجي ڪل — طالب طبيبن ڪي!
هَئي هَئي منجھ هڪل — نٿا پهچن پل ۾

٢١-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

طبيبن تاڻي — وڏو وجي تار ۾
نه دارو منھنجي درد جو — ڏنو عجيبن آڻي
طالب مولا مست تي — سڄڻ ساماڻي
حبيبن هاڻي — وڏا پيال پلائيا

[٨]

# جيَ جو جياپو

آءُ وري عجيب تون تہ لايون نوان نينھنِ
پي کي سرڪيون سڪ جونِ راتيون ڪريون ڏينھن
محبّت وارا مينھنَ بس نہ ڪن برھہ ۾
۲۴-۲-۱۹٦۳ع
ڍاڪا

●

آءُ وري عجيب تون تہ نئون نينھن لايون
وصل جون وايون واري اچ وطن تي
۳-۸-۱۹۵۵ع
حيدرآباد

●

عجيب اوري آءُ تہ ساري سُورَ سٺائيان
زمانو ضعيف ٿيو ڇڏئين لاءِ ۾ ساءُ
محبت مان محبوب تون وار وصل جو واءُ
ڦرڻي ڦرڻي تلاءُ ڪنو ٿيندو قرب سان
۱۴-۱۲-۱۹۵۵ع
حيدرآباد

●

مٺا موٽــــي آ. سڄڻ ساريان ٿو گھڻو
توري طالب يار جي آهي واھہ نہ ڪا
پارج اچي پرت سان ٻولي ٻوليئي جا
سھڻا سائين سا پوري ڪج پيار مان
۱۳-۹-۱۹۵۸ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٺا اچ موٽي سجڻ ساريان تو گهڻو
طالب جي طلب ۾ چوٽِ آهي چوٽي
دل کي ڏي دل سان اُميَري اوٽـــي
متان ڪرين ڪوٽي اچڻ ۾ عجيب ڪا
۱۳ـ۹ـ۱۹۵۸ع
حيدرآباد

●

موٽي آءُ مٺا سجڻ ساريان تو گهـڻو
آئين ڪونہ عجيب تون ڏاڍا ڏينهن ڏٺا
طالب تنهنجي طلب ۾ سوين سُورَ سٺا
قرب ۾ ڪِٺا تي رهون راتيون ڏينهڙا
۱۳ـ۹ـ۱۹۵۸ع
حيدرآباد

●

مٺـــا موٽـــي آءُ سجڻ ساريان تو گهـڻو
وئين جيئن وري پرين تہ لڏئي ڪونہ سماءُ
پَساءِ اچي اگڻ تي لالڻ کو لقاءُ
وار وصال جو واءُ طالب مولا ڏي مٺا
۱۳ـ۹ـ۱۹۵۸ع
حيدرآباد

●

مٺـــا موٽـــي اچ سجڻ ساريان تو گهـڻو
محبت سندو من ۾ مچائي وئين مچ
سجڻ بِڏاءِ سچ ايندين ڪڏهين اگڻ تي
۱۳ـ۹ـ۱۹۵۸ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٺا وري موٽ — سڄڻ ساريان ٿو گهڻو
تنهنجي عشق عجيب اڄ — چڙهي ورتو چوٽ
طالبُ مولا تنهنجو — اٿيئي اڻ موٽ
قرب سندو ڪوٽ — جانب ڏي جُودَ مان

٢٧-٣-١٩٥٩ع
هالا

●

محبت واري مَئي مان — جام پياريئي جالَ
ويهي نہ پڇيئي ڪنهن ويل ۾ — هيٺا منهنجا حالِ
مٺيو منهن محبوب تو — ڪالهوٽي ڪالَ
ڪيئي ڪانہ سنڀالَ — طالب مولا جي مٺا

٢٠-٩-١٩٥٨ع
هالا

●

هئن نہ مناسب هوءِ — پرين پيارا
پير ڪڏي وئين پوءِ — لائي عشق عجيب تون

٢٠-٩-١٩٥٨ع
هالا

●

ڪينءَ مُڪو محبوب تو — نينهن جو نياپو
تون پلارا پلا پرين — جيءَ جو جياپو
طالب مولا جو پيو — سَگ نہ سياپو
ڏينئي ڏوراپو — پڇان تو پيار مان

٢٠-٩-١٩٥٨ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀلارا ڀلا پرين
واعدو وصال جو
هاڻي ڳالهہ هتي
آئين چو نہ اتي
جانب هو جتي
صفا ڪر صلح جي
٢٠-٩-١٩٥٨ع
هالا

●

ڀلارا ڀلا پرين
وعدو ڏئي وصال جو
ڏاڍو ڏک ڏنوءِ
هئن نہ مناسب هوءِ
پڇيئي وري نہ پوءِ
دلبر منهنجي دل کي
٢٠-٩-١٩٥٨ع
هالا

●

راتيون ڪري ڏينهن
هيڪاندا هجر ۾
ناتو نڀائج نينهن
سڄڻ ويٺو سارئين
محبت وسايا مينهن
طالب مولا سان پرين
١٧-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

انئي پهر اونَ
پيو ڪندي ڪير ڪونہ
عجيب آهي اَهنجي
توري سهڻا سپرين
٢-٩-١٩٥٩ع

●

جاني! جڻ جو تئن تو
هنجهون پيو هاريان
سڪان ۽ ساريان
هئي هئي تهنجي هجر ۾
٦-٨-١٩٦٠ع

●

سپرين! تنهنجي سڪ ۾
محبت وارو مينهن
سڪان سارو ڏينهن
ويٺو روز وسائيان
٦-٨-١٩٦٠ع

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سپرين! توکي سک مان ساريان ساري رات
وائي اها وات تہ ملان پنهنجي محب سان
٦-٨-١٩٦٠ع

●

سپرين! توکي سک مان سڏيان ۽ ساريان
ويٺو تنهنجون واٽڙيون نرمل نهاريان
پرين تنهنجي پرت کي پلپل پڪاريان
هاريو تو هاريان هنجهون تو لءِ هجر ۾
٦-٨-١٩٦٠ع

●

سڄڻ، پيارا، سپرين تو ۾ سندم ساهہ
مون ۾ وري مُحب تون ناهي وينئين تاهہ
هردم منهنجي حال کان آهين تون آگاهہ
طالبُ مولا تو سندو چٽَ ۾ رکي چاهہ
ڄاڻي تو الله حقيقت هن حال جي
٣-١١-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

پرين هت پرديس ۾ اڪيلو آهيان
هردم توکي هيج مان دلبر تو ڏاهيان
ڪرم ڪر قريب تون بي ڪنهين جو ناهيان
تو لالڻ ليلائيان حبيب ٻڌي هٿڙا
٢٨-٧-١٩٥٩ع
لنڊن

●

حبيب ٻڌي هٿڙا تو ڪريان عرض اپارَ
مهر ڪر محبوب تون جاني جِي جيارَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيارا پرديسيءَ کي ڏي پل پل منجھ پيارَ
سيئي بخشج بديون سھڻن جا سردارَ
سھڻا سپ چمارَ تنھنجو ئي تان آھيان
١٥-٨-١٩٥٩ع
لنڊن

●

پرين! تنھنجي پرت جون جِيءَ ۾ آھن جايون
هجر مون سان هر گھڙي هئي هئي ڪري هايون
آءُ وري عجيب تون تہ نئون نينهن لايون
وصل جون وايون وزاءِ جلد وري پرين
٣-٨-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

جيڏهن ڪريان نهار تہ آهين سڄڻ سامهون
اينهين هوندس عشق ۾ جانب جِيءَ جيار
حاصل ڪندس حُبّ مان پلپل تنھنجا پيار
لهي ويندا لطف سان سيئي غمءَ غبار
سهڻا سپ چمار تنھنجو هوندس طلب ۾
١١-٨-١٩٥٩ع
لنڊن

●

وينو آهين وجود ۾ پـــريـــن پـــيـــارا
جِيَ جا جيارا تون ئي تون اندر ۾
٢٨-٧-١٩٥٩ع
لنڊن

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُهو دم حرام جنهن ۾ ياد نہ تون هجين
نرمل تنهنجو نام انئي پهر اندر ۾
۲۸-۷-۱۹۵۹ع
لنڊن

●

جڏي هن جسم جو سپرين آهين ساه
جاڻي هڪ الله حقيقت هن حال جي
۷-٦-۱۹٦۱ع
زيارت

●

آئون تہ اڇان اکيون، پيرَ ڪري
پنهنجو پيارل تون ڪجان دل تي هٿ ڌري
توريَ سڄڻ سهڻا ساعت ڪين سري
طالب تنهنجي طلب ۾ نہ تہ تہ مفت مري
حاضر ٿيان تو حضور ۾ لائين من ڳري
پوءِ پرين پير پري من پائين ڳل ڳرهائين
۱۵-۸-۱۹۵۹ع
لنڊن

●

متان ڪرين منا پرين پري ڪان پاٽا
آئون پنهنجي پاڙ ڪي تو جاڻان سياٽا
انهن وانگر آهيان جي آهن اياٽا
ساجن سهمان تو سندا ساهڻون سيباٽا
سهڻا سياٽا پري نہ ڪجئين پاڙ ڪان
۱۱-۸-۱۹۵۹ع
لنڊن

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺ گهٽا ڏنام
رڳو تن رمزن سان
پرين تو پاتام
سهٽا سوين سَرَ ۾
ڏاڍا ڏک ڏنام
پيچ پنهنجي پيار جا

٢٠-٩-١٩٥٨ع
هالا

●

ماکي خوب مٺي
مون ڪڏهن ڪانه ڏٺي
تون منو ماکيَ کان
ڪا منائي مَٺُ تنهنجو

٢٠-٩-١٩٥٨ع
هالا

●

پيهر به هٿ کو پاڻ
هلڪو هٿ حبيب ڪر
طالب مولا تنهنجو
پري نه ڪندس پاڻ
جنن پهريون هيئي پيار سان
ساڳي صورت ساڻ
سورهه آهه سڄاڻ
هر هر حاضر آهيان

٣-٨-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

هٿ حبيب اکيون ڪٺي
پلي ته گهائن گهور سان
طالبُ مولا تنهنجو
پاسي نه ڪندس پاڻ
پيهر پري پاڻ
سهٽيون سرمي ساڻ
سڄڻ ڏاڍو سڄاڻ
سِڏيُون هٿ سيني ۾

١٤-١٢-١٩٥٥ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [۹]

# جڙيو جانب جيَ ۾

رئان ۽ رڙبون ڪريان سڪان ۽ ساريان
پل پل ۾ پاريان جي ڪيم قول قريب سان

●

ويڙي وهامي ويئيون راتِن جون راتيون
کهندي کهندي قرب برهه جون باتيون
لاتيون عشق اندر ۾ طلب جون تاتيون
جهاتِن تي جهاتيون پاتم پنهنجي پاڻ ۾
٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪا ش ف

●

سهڻن جي صفت ۾ ظاهر آهي ذات
اُنس آهي اُنِ سان بي ڪانهي بلڪل بات
طالب مولا تن جي وائي هرد وات
رهاڻن ۾ رات ويڙي وڃي وهاميو
٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪا شريف

●

متان ڪو پانئي تہ ڇازيَ ئي ماريو
مگر سڪ سڄڻ جي سمهڻ نہ سيڪاريو
طالب مولا طلب ۾ جيَ ڪي جياريو
هنجهن ڪي هاريو تو ڏوئي داغ دلن جا
٢٣-٧-١٩٥٩ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راتيون کيم ڏينهن ساريندي سڄڻ کي
طالب مولا طلب جا محبت وسايا مينهن
نسنگ کيو نينهن جڙيو جانب جيَ ۾
٢٠-١-١٩٥٦ع
ايري

●

ويهي پڌي شال سڄڻ سور منهنجا
محبّت سندي مئي مان جام پياري جال
سڪندي کي سورن ۾ تيا سالن متي سال
ميڙيا محبّت مال طالب مولا طلب ۾
٢٥-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

مٺن محبوبن دل ۾ ديرا لائيا
باروتڙ کان باجهه پئي سنياليو سڄڻن
پرين پراهان کين تيا پيا هنئڙي منجهه هُرن
طالب مولا تن جا تا پلپل پور پون
سي ڪئن ياد اچن جي کهين ويل نه وسريا
١٥-٨-١٩٥٩ع
لنڊن

# ڪاند ڪميٽي ناهيان

ويراڳڻ ورونهن ۾ آهيان ويچاري
سڄڻ سهٽا سپرين تنهنجي ماٽن جي ماري
وساري نه ويھ تون ٿَئي نرمل نيزاري
ملڻ ۾ مون ساڻ ڪا گهوٽ نه وجھ گهاري
**طالب** چوي طلب ۾ تنهنجي ئي تاري
ڪوجهي جي ڪاري ته به ڪاند ڪميٽي ناهيان

●

اَگلي، سَگلي، اَيري ته به تنهنجي آهيان يار!
ڪني، ڪوجهي، ڪارڙي گولي گنهگار
هتائج نه حبيب تون قدم قربدار
پاندُ تنهنجي پاند سان سلهاڙيم سردار
**طالب** چوي طلب جي تن ۾ آهي تار
پيڙو رهج پتار ڪاند ڪميٽي ناهيان

●

ڪاند ڪميٽي ناهيان توڙي ڪوجهي آهيان ڪني
سڄڻ سِيلُ رکيو اٿم جڏين متان چني
تنهنجي محبت من ۾ ڏاتر آهه ڏني
پيرن ڪان پني تون وَرُ ورتم هڪڙو

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کاند کميٽي ناهيان سِيلُ رکيو تہ سَتُ
مونکي ڏج محبوبَ تون مـحـبّـت جـو مُهتُ
ڏينديس زت ۽ ست پرين تنهنجي پرت ۾

●

جي وَرُ نہ کن هکڙو سي کميٽيون سڏجن
در در لائي د کي وَرَ وَرَ ڏيو وجن
حبيب جي حضور مان تورڙئون تيون ترڙجن
طالب تن جون کهڙيون ڳـــالهيون ڳٽي ڳٽجن
سي سنياليون سچٽن جي کيڏهن وڻون کين کي

[١١]

# تون تنين سان تي

رڙهه تنين سان رڙهه رڙهي جي جاڻن
متان ساڻ پين رڙهي ريجهه ڦائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

گهم تنين سان گهم گهمي جي جاڻن
متان ساڻ پين گهمي گهور پرائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

رهه تنين سان رهه رهي جي جاڻن
متان ساڻ پين رهي روح رنجائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

اڇ تنين وٽ اڇ اڇي جي جاڻن
متان ساڻ پين اڇي اهنجَ پرائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

وڃ تنين وٽ وڃ وڃي جي جاڻن
متان وٽ پين وڃي واٽ وڃائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏوڙ تنين سان ڏوڙ ڏوڙي جي جاڻن
متان ساڻ پين ڏوڙي ڏوهه پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

مِل تنين سان مل ملي جي جاڻن
متان ساڻ پين ملي مونجهه پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

سمه تنين سان سمه سمهي جي جاڻن
متان ساڻ پين سمهي سور پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

ٽِل تنين سان ٽل ٽلي جي جاڻن
متان ساڻ پين ٽلي ٽور ڦٽائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

نچ تنين سان نچ نچي جي جاڻن
متان ساڻ پين نچي نينهن وڃائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

ڪاءُ تنين سان ڪاءُ ڪائي جي جاڻن
متان ساڻ پين ڪائي ڪوٽ پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پي تنين سان پي جيڪي پي ڄاڻن
متان ساڻ پين پي ۽ پرت وڃائين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

•

گهر تنين ڪان گهر گهري جي ڄاڻن
متان ڪان پين گهري گهِل پرائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

•

ويهه تنين وٽ ويهه ويهي جي ڄاڻن
متان ساڻ پين ويهي وِهه پرائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

•

سَلِ تنين سان سلِ سلي جي ڄاڻن
متان ساڻ پين سلي سڪ ڦنائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

•

تر تنين سان تر تري جي ڄاڻن
متان ساڻ پين تري تُرَهو وڃائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

•

ٻُڏ تنين سان ٻڏ ٻڏي جي ڄاڻن
متان ساڻ پين ٻڏي ٻوڏ پرائيين

٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مر تنين سان مر مري جي چاڙن
متان ساڻ ٻين مري مَنجو وڃائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

جِيُ تنين سان جِيُ جيڪي جي چاڙن
متان ساڻ ٻين جي جنجل پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

کِلُ تنين سان کِلُ کلي جِي چاڙن
متان ساڻ ٻين کلي کِل پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

ڏِڄ تنين کان ڏِڄ ڏڄي جي چاڙن
متان کان ٻين ڏڄي ڏِيک پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

وڙھ تنين سان وڙھ وڙھي جي چاڙن
متان ساڻ ٻين وڙھي وات وڃائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

چڙ تنين سان چڙ چڙي جي چاڙن
متان ساڻ ٻين چڙي چَھَڙ پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهِ تنين کي چاهِ  چاهي جي چاڻن
متان کي پين  چاهي چاهه ڦٽائيين
۵-۵-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

ڏِسُ تنين کي ڏس  ڏسي جي چاڻن
متان کي پين  ڏسي ڏوهه پرائيين
۵-۵-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

ڳاءِ تنين کي ڳاءِ  ڳائي جي چاڻن
متان کي پين  ڳائي ڳالهه وڃائيين
۵-۵-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

لاءِ تنين سان لاءِ  لائي جي چاڻن
متان ساڻ پين  لائي لاڳِ وڃائيين
۵-۵-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

ڳول تنين کي ڳول  ڳولي جي چاڻن
متان کي پين  ڳولي ڳجهه ڦِٽائيين
۵-۵-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

ٻولِ تنيين سان ٻولِ  ٻولي جي چاڻن
متان ساڻ پين  ٻولي ٻول ڦٽائيين
۵-۵-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لئون تنيين سان لاءِ لائي جي چاٽن
متان ساڻ پين لائي لئون ڦنائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

بيھ تنين سان بيھ بيھي جي چاٽن
متان ساڻ پين بيھي باھ پرائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

روءُ تنين سان روءُ روئي جي چاٽن
متان ساڻ پين روئي راز وڃائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

نَمر تنين کي نمر نمي جي چاٽن
متان کي پين نمي نازُ وڃائيين
٥-٥-١٩٥٦ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١٢]

## رهاڻيون راهوند ۾

رات رهي راهوند ۾ ڪئيسون روح رهاڻ
ويراڳي ورونهن لئي پِرِي آيا پاڻ
سوا سوز فراق جي ڪِيئون نہ ڪنهنجي ڪاڻ
طالب مولا طلب ۾ ڪيئون وٿ وراڻ
الله اهي آڻ وري منهنجي وطن تي

٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف - هالا

•

وري شال وطن ۾ سي آديسي اچن
رنگ لڳي راهوند ۾ محبّت مچ مچن
طالب مولا مرد سي ڏسي اڪيون ٺرن
واحد! مانَ ورن رمي اهي راهوند ڏي

٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف - هالا

•

محبّت جا ميلا رات هئا راهوند ۾
پسي رمز رندن جي روح ڏنا ريلا
وِهائيون وِره ۾ وهواه سبّ ويلا
اچن البيلا رمي اهي راهوند ڏي

٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف - هالا

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويراڳڻ جي ورونهه کي ساهه سندمر ساري
واحد! وٺمر شل اچن واڳڙيون واري
ويا گوندرِ گذاري رات رهي راهوند ۾
٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف - هالا

●

"رمي هل راهوند ڏي" جت وحدت جي واڪاڻ
پياسي ات پين ٿا محبّت پريا ماڻ
وحد جي ويساهه سان تو ملي پيارو پاڻ
طالب مولا طلب جا اهي اُٿئي اهڃاڻ
نينهن سندا نِيَاڻ ٿا وَهن واري- وچ ۾
٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف - هالا

●

"رمي هل راهوند ڏي" جت جوڳن ڪيو جوڳ
ويهي وڃائيون واري- ۾ رڳن سندو روڳ
يوڳِن ڪارڻ يوڳُ هو طالب مولا مرد ٿيا
٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف - هالا

●

رند رهن راهوند ۾ جوڳي تيو جُنگ
لڪيو ٻڌن لوڪ کان لالائيَ جا لُنگ
ڏُنگن مٿي ڏُنگ پين شوق شراب جا
٢٧-١١-١٩٥٥ع
پڪاشريف - هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رضا واري رمز ۾ رند رهن راضي
محبّت واري، مامر سان قلب ڪيئون قاضي
قبل نه ماضي هردم آهن حال ۾
١٦-٩-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

رندن پنهنجي رمز ۾ حاصل ڪيو حال
ميڙيائون محبوب لاءِ محبّت سندو مال
”لباس الڪافرين قلوب المومنين“ اهو اٿن احوال
طالب مولا مرد ٿي ڪن قرب منجهه ڪمال
جلال ۽ جمال اوري چڏي اڳي ويا
١٦-٩-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

رند ڪن ٿا رمز ۾ گوندر منجهان گذر
دم جو ڪڻن درُ طالب مولا مرد ٿيا
١٦-٩-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

رندن جي رمز جو رندن ڪي ئي راز
ويٺي پنهنجي وجود ۾ پري ڪن پرواز
”لباس الڪافرين قلوبُ المومنين“ غازي رکن غماز
طالب مولا مرد سي نرمل منجهه نياز
سي وڃائي ساز رهن ٿا راهوند ۾
١٦-٩-١٩٥٥ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [١٣]
# گونگيون گوءِ ڪٽي ويون

اَکِن ڪي آئون روڪيان جيئن رئڻ کان
تيئن تيئن تَنهنجي تات ۾ رهي رنائون
مُٺن ماٺ نہ اچٽي جو پرين پڇيائون
طَالب مولا طلب ۾ سهٽو سوجهيائون
هَنجون هاريائون سڄڻ سارڻندي گهٽو
٢٣-٩-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

اَکِن جي اداس جو ڏاڍو ڏک ٿيوم
آين آب عجيب لءِ تڏهن پتو پيوم
ريٽِن ڪي روڪڻ جو وڏو وس ڪيوم
طالب مولا تن ڪي پلوءُ پاند وڌوم
چرين ڪي چيوم تہ بہ رهيون ڪين رئڻ کان
٢٣-٩-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

تِتي چيم تن ڪي تہ مُنيون ماٺ ڪريو
طالب چوي طلب ۾ چوندوَ سڀ چريو
هدايت حبيب جي ڪي ڪجھ ڪن ڪريو
وريو ڪي وريو اجهو واءُ وصال جو
٢٣-٩-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيائون تہ چريو نہ تي    هي هنجهون مَر هُونِ
ڳوڙها ڳڙيو ڳلن تان    پرينءَ جي لِءِ پون
دردن واري داغِ کي    ڏويو پيا ڏون
محبوب ڀلي محبّت مان    چَوَن جيڪي چون
رويو پيا رون    طالب آزار اندر جا
٢٣-٩-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

وري وراڻيو واهہ جو    عجب اکڙين
روئي چيائون رمز سان    تہ مِٺن محبوبن
اکيون آليون چو ڪيون    ڪالھ قريبن؟
طالب مولا تڏهين    ٿا وهيو لڙڪ وڃن
جي ٿا محب ملن    تہ رئڻ ويندو روڪجي
٢٣-٩-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

وري ويهي تن سان    حيلا ڪيم هزار
آهن منهنجي ﺑﮧ اندر ۾    عشق جا آزار
ڪِيان تو تہ قريب جي    مون تي ٿيندي ميار
ڪُجو پُڇو ڪين ڪي    تہ پوي ڪنهن نہ پچار
طالب مولا ساڻ ئي    ويهي ڪريو وهنوار
دلبر نيٺ ديدار    ڪرائيندو قرب سان
٢٣-٩-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُن دم ھي اندر مان نُڪتو تيو نروار
تہ طالب مولا تن کي آھي پرينءَ ساڻ پيار
اکيون ڪنديون اِڪن سان عشق سندو آچار
ايندن ڪونہ عجيب ري ڪنھن ڪوبہ قرار
ڇڏِين تہ ڇيھ ڪن اتن اندر ۾ آزار
روئي پلي تہ رڄ ڪن سو سندن ئي سينگار
دلبر دل جو يار ملندن تہ ماٺ ڪنديون
٢٣-٩-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

اکيون ايئن چون تہ پسون روز پرينءَ کي
ويچاريون وس پانھنجي اصلئون نہ آھن
طالب مولا طلب ۾ رويو روز رئن
سائين سبب ڪندن تہ روئڻ ويندن روڪجي
١١-٨-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

سڄڻ! سارو ڏينھن رئندي رئندي گذريو
اکن منجھان مينھن وسندي وسندي رات تي
١١-٨-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

سڄڻ! ساري رات رئندي رئندي گذري
پرھ ڦٽي پرڀات تہ بہ اکيون آليون ئي رھيون
١١-٨-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

روئي روئي رات وھائي ڪيم ڏينھڙو
سھڻن سپرين جي وائي ھيم وات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهين ويل نه وسري — لالڻ سندي لات
طالب مولا ڪي هئي — طلب تَنهين جي تات
اڄي ٿي پرڀات — ته به اکيون آليون ٿي رهيون

٢٩-١٠-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

وسيو ٿيون وسن — اکيون اوهيرا ڪريو
ڪهڙي مجال مينهن کي — جو اينهين ٿي اچن
طالب مولا طلب ۾ — ٿميو روز ٿمن
جيڪر محب ملين — ته به رهنديون ڪين رئڻ کان

٥-٨-١٩٦١ع
حيدرآباد

●

وسي وسي مينهن — سيئي پٽ پسائيا
سُڪا سب ساوا ڪيئين — رهي راتو ڏينهن
اينهين منهنجي نينهن — اندر کي آباد ڪيو

٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

چو تو ڪرين مينهن — مون سان رِيس رئڻ جي!
طالب مولا سان ته ڪيا — ناحق وڏا نينهن
تنهنجا ٻني ڏينهن — منهنجي موسم سيڪا

٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

چو تو ڪرين رِيس — مون سان مينهن رئڻ جي!
طالب مولا سان ڪيا — قربانئي ڪِيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجا ٻه آهن ڪي ٻلا — جاني جوڙ ۽ جيس؟
جنين جي ٻاٻيس — جهوريو تنهنجي جان کي
٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

اکيون ۽ مينهن — ٻئي نه اکر هڪڙي
هو موسم جو محتاج ٿيو — هي وس راتو ڏينهن
هِنِ ۾ نِرجا نينهن — هو طالب! وسن وقت تي
٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

مينهن نه طالب وس ۾ — اکيون نه پنهنجي وس
هي ٻنهِين نه ڪن بس — هو وسي ٿو وقت تي
٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

مينهن نه رڳوئي مينهن — پر نينهن نه آهي اُنِ ۾
هو وسن فقط وقت تي — هي رئن راتو ڏينهن
هي شوق ۾ ٻيئي شينهن — هو هَوا تي هليا وڃن
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

مينهن وسن ٿا مند تي — اکيون روز وسن
هو پَرَوَس ويچارا ٿيا — هي وس ۾ ڪين رهن
هُن جي موسم هڪڙي — هي ٽميو ٽميو ٽمن
هو رڳو ٻارهين ماه ٿا — سڪا ساوا ڪن


Scanned with CamScanner

هي دمدم تيون دِلن کي — اچــــو آب ڏين
هو وسيو نيٺ وڃن — هي **طالب**! وڃن ڪين ڪي
٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

متان مينهن ڪرين — تون ڪا ريس اِڪِن سان
هي وسن تيون هر ويل ۾ — تون هڪڙي رات وسين
هي سڪا ساوا روز ڪن — تون بارهين ماه مچين
مورهئون جي نہ مچين — تہ بيهي ڏس پنن سان
٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

مينهنُ وسي چا ڪندو — وسن پل تہ اکيون
جن دلبر جي ديدار جون — چاتــيون روز چڪيــون
پري هوندي بہ پرينءَ سان — بيــئـي پـي پکيون
جيــڪي ربّ رکيــون — سي **طالب** پلي توڙ ڪن
٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

جنَن تي مينهن وسيو — تنَن پي اکيون اُمنديون
اوهيرا تي اُن ڪيا — تہ هِن پڻ قهر ڪيو
هي زوراور زور ۾ — هو وسي نيٺ ويو
هو ويو، ڪونہ وريو — هي **طالب** ساڳي تات ۾
٩-٨-١٩٦١ع
ڪوه مري

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿي مُند مينهن جي ڪٿي اڪن آرا!
هو ورن تا وقتِ تي هي طالب مولا تاَر
هي سدا ساوڻ پارِ هو محتاج موسمن جا
٩ـ٨ـ١٩٦١ع
ڪوه مري

●

پَچن پَڄرن پاڻ ۾ ويچاريـــــون وســـن
ڪڇن پڇن ڪين ڪي نہ ڪي ڪجھ ٻڌن
سدائين صبر جي عادت آھ اڪـــن
طالب مولا طلب ۾ گوءِ ڪٿي گونگن
تنهين لڙڪ اگھين حبيبن هٿن سان
٨ـ٨ـ١٩٦١ع
راولپنڊي

پچن پچرن پاڻ ۾ ڪڇن ۽ نہ پڇن
تمن ٿهڪن ورھ ۾ ڪِي اندر منجھ اٿن
اڪيليون عجيب لءِ ڪريو مانداٽا مچن
سدا رهن صبر سان جو عشق لڳو اڪن
پيغمبراڻي پَرِ ڪي پاريو تيون پارن
تنهن محب تن جي وَنن منجھ وسن
طالب مولا طلب جا ڪِيا حج هِنن
سڪ ۾ ڪان سين گونگيون گوءِ ڪٿي ويون
١٠ـ٨ـ١٩٦١ع
راولپنڊي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڇن پڇرن پاڻ ۾ ويـــنـيون ويچاريون
رُئن رڙن ڪين ڪي بِرهيـــل بيمـــاريون
ايُوب جئن اندر ۾ عـــشـــق آزاريـــون
طالب مولا تنهين تيون پرَ ڪي پياريون
محبّت جون ماريون گونگيون گوءِ ڪٽي ويون

١٠-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

پڇن پڇرن پاڻ ۾ صبر جنين جو سير
مُنيون محڪم ماٺ سان نوڙيو وسائن نير
طالب مولا طلب ۾ پت رکندن پير
طلبئون ڪائـــي تير گونگيون گوءِ ڪٽي ويون

١٠-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

پڇن پڇرن پاڻ ۾ ڪن محڪم ماٺ مدام
بي زبانيون برهه ۾ ڪڍهن ڪن نه ڪلام
اٽِن آب اندر مان صـــبح تـــوڙي شام
حبيب نيٺ هٿن سان ڏنن اگهڻ جو انعام
طالب مولا طلب ۾ سجڻ ڪين ســـلام
گوليون هيون گگدام گونگيون گوءِ ڪٽي ويون

١٠-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پچن پچرن پاڙ ۾ اتن گجها گاروڙا
جانيَ لاءِ جڏن ڪي جيَ ۾ جاڪوڙا
پنهنجي اتن پاڙ ۾ تمڻ، تاڪوڙا
گونگن مينهن وانگيان ڪن ايريو آروڙا
مُنن مائيٽن جا سُچن نہ ساڪوڙا
طالب مولا طلب ۾ پنن پانيوڙا
گهوڙا ڙي گهوڙا گونگيون گوءِ ڪتي ويون
١٠-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

پچن پچرن پاڙ ۾ لڙڪ سوين لاڙي
سدا رهيون صبر سان پچار نہ پئي پاڙي
حبيب هلي آئيو گوڙها ڪئين گاڙي
طالب مولا طلب ۾ سڪ چڏين ساڙي
گهوڙا گهوڙا ڙي گونگيون گوءِ ڪتي ويون
١٠-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

پچن پچرن پاڙ ۾ نہ ڪنهن سان سور سَلن
سوين سوز اندر ۾ رکيو روز وهن
دانهون درد فراق جون ڪنهن کي ڪين ڏين
"اَلفِرَاقُ اَشَدُّ مِنَ المَوتِ" جي سختي خوب سهن
"اَلهِجرُ قِطعَةٌ مِنَ النَّارِ" جي رمزن منجھ رهن
عشق واري آگ ۾ پچيو تيون پچن
سچڻ انهن جي سامهون جُهڪيو تا جُهڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا طلب مان  حبيب هليو اچن
ڳالهيون تن جي ڳڻن جون  محبيون محبوبن
شابس تن سڄڻن  گونگيون گوءِ ڪٿي ويون
١٠-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

پڇن پڇرن پاڻ ۾  نه ڪي ڪنهن کي ڇُونِ
ڦٽيون، ڦٽ فراق جا  دمدم اندر ڏون
بي وصاليون برهه ۾  هُونهنئين هئن ٿيون هون
اڇي بولي اُنِ جي  نه سور ويهي سمجهون
طالب طلبن واريون  پيرين اچيو پون
رويو رويو رون  گونگيون گوءِ ڪٿي ويون
١٦-٨-١٩٦١ع
هالا

●

پڇن پڇرن پاڻ ۾  لڙڪ سوين لاڙين
ويٺيون پنهنجي پَر ۾  پرت کي پاڙين
سڪا ساڙي سيڪو  هي ساوا ٿيون ساڙين
قدم پياري پرينءَ جا  عاجزيون آڙين
طالب مولا طلب ۾  وَرُ وَرُ وِلاڙين
نينهن اندر نارين  گونگيون گوءِ ڪٿي ويون
١٦-٨-١٩٦١ع
هالا

●

پڇن پڇرن پاڻ ۾  نه سوريتيون سمجهن
چوانِ روز چريون نه ٿيو  پر مُنيون نٿيون مڃن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستيون سمجهن ڪين ڪي ڏارا اشارن
خبر ناهه اندر ۾ چا ارادا اٿن
ڪهي وجهن نہ ڪنهن ڪي جو صبر ڪيو سَتن
مظلومِن ڪان مورهئون تا منهنجا ڏوهہ ڏکن
طالب طلبن واريون شل راضي روز رهن
مولا مدد تين گونگيون گوءِ ڪٽي ويون
١٦-٨-١٩٦١ع
هالا

●

پچن پچرن پاڻ ۾ هي صابرين سڙيون
اچي ڪٽي اوچتو عاشق تي اڙيون
پنهنجي اٿن پاڻ ۾ دردن جون ڏڙيون
رويو رويو رمز سان گذارينِ گهڙيون
متان مورهئون مون مٿي ڪن نہ ڪاوڙيون
تو طالب ڏجان تن ڪان جو لالڻ ساڻ لڙيون
ريهون ڪن نہ رڙيون گونگيون گوءِ ڪٽي ويون
١٦-٨-١٩٦١ع
هالا

●

پچن پچرن پاڻ ۾ تيون سجڻ سنيارين
مُڙِن نتيون منت تي هنجهون تيون هارين
ڪرڙيون نهاري قهر مان ڏيل تيون ڏارين
الله بہ ڀڏي ان جي جي گوندرِ گذارين
طالب ڏِجان تو تن ڪان تہ مونکي نہ مارين!
پاڻ، ڳڙيو ڳارين گونگيون گوءِ ڪٽي ويون
١٦-٨-١٩٦١ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پچن پچرن پاڻ ۾ هجن سلامت
مستانِن سان مورڳو نه هلائبي حجّت
ويچارن کي ورهه ۾ درد جي دقّت
چَرِن کي نه چوربو هي البيليون البت
هردم ڏبن حاضري ماريون هي محبّت
سک جي صديقي چوي سَرِيَن سعادت
همدردي ڪبي هنن سان خاصي بي خدمت
هيڏي جن سان حبيب ڪئي تن سان مور ڪبي مروت
طالب چوي طلب ۾ اتن محڪم محويت
نرمل جَي نسبت گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

١٦-٨-١٩٦١ع
هالا

•

پچن پچرن پاڻ ۾ نه ڪنهن سان سور سَلِين
سختيون سورن جون سدا جانيَ ڪاڻ جَهلِين
ڪنهن کي قلق قلب جو ڏاهيون ڪين ڏَسِين
ڪامليون، قريشي چوي سُهما ڪنهن نه سَجِين
طالب، فقط طلب ۾ محبن کي مَجِين
ڏورايا نه ڏيِن گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

٢٤-٨-١٩٦١ع
هالا

•

پڇي پڇري پاڻ ۾ ڪيئون ماندا ٽا مڇي
انيون اوهيرا ڪري عاشق تي اڇي
ڪيئون ڪاڻ قريب سان ڪڏهن ڪابہ ڪڇي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا طلب ۾ — تيون ريتيون ٿئي رچي
سچي ڙي سچي — گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

٢٨-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

پڇي پڇري پاڻ ۾ — تيون خوديءَ ۾ خاموش
آخر آيو انهن ۾ — جذبو ۽ پيو جوش
مست محبّت ۾ تيون — پيئي جڻ مي نوش
طالب مولا طلب ۾ — هڪبئي سان همدوش
تي پنهنجو پردو پوش — گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

٢٨-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

پڇي پڇري پاڻ ۾ — پختيون تي پيون
وهن تيون ورهه ۾ — تي نِياڻ ۽ نيون
ڪالهه ڪان بہ ڪرڙيون — مست آهن ميون
طالب مولا طلب جي — تَئونس آهن تيون
تي صبر منجهه سيون — گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

٢٨-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

پڇي پڇري پاڻ ۾ — ڪن ريجهي رهاٽيون
اتِن اندر عجيب جون — عجيبُ آڪاٽيون
سَتِن ستر جهليو — اتن گهورن ۾ گهاٽيون
منجهن ئي موجود تيا — گز ۽ ڪماٽيون
پر ڪيون آهن قريب جي — ورهه ويڳاٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن رهن ٿيون طلب ۾
رئندي رئندي تن کي
هاٽي سانت صبر سان
پرين پنهنجون نه ڪيون
**طالبِ مولا** تن جون
ادب ڪريو انهن جو
جي ستيون ساماٽيون

هي نرمل نماٽيون
ڪئين راتيون وهاٽيون
ٿيون رهن ريڪاٽيون
ته به حبيبن هاٽيون
کهڙيون ڪهاٽيون!
هي نينهن جون نياٽيون
سي گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

٢٨-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١٤]

## قدمن تان قربان ٿيان

تو چمان پنهنجا پير    جي وني تو وٽ آئيا
طالب مولا تي ڪيئون    پلائي جا پير
اوير ۾ سوير    قدمن تان قربان ٿيان
٢٦-٣-١٩٦٤ع
جام صاحب

●

تو پنهنجا پير چمان    جي وني تو وٽ آئيا
طالب مولا طلب ۾    تن تان گھورَ ٿيان
مران جي جيان    ته به قدمن تان قربان ٿيان
٢٦-٣-١٩٦٤ع
جام صاحب

●

قدمن تان قربان ٿيان    جو هليا وٽ حبيب
هيرايا هٿن سان    قربائتي قريب
نه ته ڪٿهن ڏسان ها ڪين ڪي    لالڻَ يارَ لبيب
طالب، ٿيا طبيب    جو پرينءَ وٽ پڄائيئون
٢٦-٣-١٩٦٤ع
جام صاحب

●

پير گھٽئي پٽون ٿيا    ته به رسيا محبَ مَڪانَ
طالب مولا طلب ۾    ڪٽي سورن جا سامان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هلي پهتا حبيب وٽ — ڪمي ڪيائون ڪان
اڪن تي احسان — قدمن ڪيا ڪيترا

٢-٣-١٩٦٤ع
شاه پور چاڪر

•

هلي حبيبن وٽ — پيرن پهچايو
تڪليفن تن کي — نه هرگز هٽايو
پهتا در دوست جي — تيو سانگ سڄايو
طالب مولا طلب جو — تن ناتو نڀايو
اُت پيرن پڄايو — جت پڇڻ پيٽي ڪانه هئي

٣-٣-١٩٦٤ع
ڳوٺ مٺو پڻي

•

دلبر گهٽو دور هو — اُت پڄايو پيَرن
جن رَند سيئي رت ڪيا — تن شابسون هجن
ويچارن وڙ ڪيا — مون متي ميَرن
مڃيا احسان اُنِ جا — چاهه منجهان چشمن
سي چميو ۽ چمجن — طالب مولا طلب ۾

٤-٣-١٩٦٤ع
ڳوٺ يارو ماڇي

•

اڪيون به آهن اڪيون — پر پيرن سان نه پڄن
هو رڻن تيون رت ڦڙا — هي ڦٽجو تا ڦٽجن
هو بيوس آهن برهه ۾ — هي هيڄئون اٿيو هلن
هو نهارين نجيب کي — هي تِر نتا ترسن
هو اباڻڪيون عجيب لءِ — هي رندن منجهه رلن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

احسان ڪيا اکين تي
طالب مولا طلب ۾
جهلئي نتا جهلجن
پرت منجهان پيرن
چميو وريو چمجن
هلندي پنهنجي حبيب ڏي

۴-٣-١٩٦۴ع
ڳوٺ ساجن ڳاهو

●

هلندي حبيبن ڏي
هلن سدا هيج مان
اکن جي به انهن ۾
پير جيڪي پٺون ٿيا
طالب مولا تن جي
سِيا راتو واه
رند نه ڏسن راه
قربئون تا ڪن ڪاه
اميد اها آه
چمجن منجهان چاه
سڪ جي چيا ساراه!
هلي در دوست جي

۴-٣-١٩٦۴ع
ڳوٺ ساجن ڳاهو

●

بلڪل اتان نه پليا
پهتا در دوست جي
طالب مولا طلب ۾
پٺون پير ٿيا
جيڏهن نينهن نيا
چوهئون ڪٽي چِيا
سڏيَ وات وِيا
ته به قتيل قريا ڪين ڪي

٥-٣-١٩٦۴ع
ڳوٺ ساجن ڳاهو

●

رويو رويو اکيون
چميو تن کي چاه مان
اينهين اشارن ۾
ته هي سلامت هُونِ
اچو پيرن متي پُونِ
ڏوڙ سندن ٿيون ڏُونِ
چريون گونگيون چُونِ
اسان سندا آسرا

٢٠-٣-١٩٦۴ع
راولپنڊي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چو نہ چمان پانھنجا هي پير پيارا
رت وھائن راھ ۾ ويتر ويچارا
احسان ڪن اکن تي سوين سچارا
طالب مولا طلب ۾ سُونهَنِ سڪ وارا
هلن در دوست جي بيحد پلارا
سدا سوپارا تر ترسن ڪين ڪي
٢٠-٣-١٩٦٤ع
راولپنڊي

●

اکيون تہ اکن سان مليو وڃو وصال بہ ڪن
رئن تہ عجيب اُگهن تا هر هر ساڻ هٿن
لاڙيو لڙڪ لھوءَ جا پرينِ سان پرچن
پير ويندي پرَ ڏي جُتي بہ ڪانہ وجهن
قتيل ويچارا فراق جا صحت بہ نہ سنيرن
مجروح تين محب لءِ تہ بہ حڪيمن وٽ نہ وڃن
رحم نہ آندو روح ۾ مٿن محبوبن
طالب مولا تن ڪي ڪيو ننگو نصيبن
سي چميو چو نہ چمجن جي ڪچن پچن ڪين ڪي
٢١-٣-١٩٦٤ع
لاهور

●

گونگيون اکيون آگميو تيون پچن ۽ پچرن
لڪيو لڪيو لوڪ کان راتو ڏينهن رئن
آخر اچو انهن کي عجيب تا اُگهن
پير سدائين پرت ۾ وڻيو رَند رڱن
راهون مڙئي رت سان ڳوليو ڳاڙهيون ڪن

ڪن احسان اکن تي
طالب! لاتو تن ڪي
پيارن پرين
جو نرمل وٽ نِينَ
هٽ نه حبيبن
ڪڏهن پير نه پڇيا
٢٢-٣-١٩٦٤ع
راولپنڊي

●

پيرن ڪڏهن پرينِ جي
هلندي حبيبن ڏي
راه مڙئي رت سان
ته به طالب پرت پَٽي
منزل ڪين مَٽي
نه همّت سندن هَٽي
تن قرب مان ڪٽي
ڀهڳڙ ٻڌين ڪانه ڪا
٢٢-٣-١٩٦٤ع
راولپنڊي

●

جي اکيون پير هجن
ته اُگهاڙا عشق ۾
ڪٿن تا ڦٽ فراق جا
رتِ ٽِينِ جي راه ۾
ڪنجهن ڪرڪن ڪين ڪي
پهچن جڏهن پرين وٽ
طالب مولا طلب ۾
ڪڏهن ڏنو ڪين ڪي
سنيرن ڪڏهن ڪونه ڪو
ته به رڙهيو رڙهيو رڙهن
ته پتو پَوينِ پنڌ جو
ڪٿن تا سور سهن
چڪيو ۽ چِڪن
ته به هيجئون اٿيو هلن
توڙي پٿون ٿيو پون
ته به ڏوراپا نه ڏين
پڻ اها صحت سندن
هُن ڏي حبيبن
ڪا پٽي ٻڌين پرين
حبيب جي حضور ڏي
٢٢-٣-١٩٦٤ع
راولپنڊي

●

جي اکيون هجن پَير
جن ڪي اچي ڪانه ڪا
ته پتو پوين پنڌ جو
جُنبندي ڪڏهن جُهير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪجهڙي هنن لاءِ تي اوير ۽ سَوير
ڪٿهن ڪن نه قريب سان نينهن سندي نَبير
هلندي در دوست جي شوق ۾ آهن شَير
طالب مولا تن جي مثان نه لتي مَير
هردم اتن هَير هلڻ جي حبيب ڏي
۲۲-۳-۱۹٦۴ع
راولپنڊي

●

اکيون ته اونداهيءَ ۾ وات وڃائيو وهن
حڪم هلين ڪونه ڪو ۽ وسان تيون وڃن
گونگيون ڪن گهسان ڪئين پر ڪجهه ئي ڪين ڏسن
لڙڪ گهٽئي لاڙين تيون ڪارڻ قريبن
پر پير ويندي پرين ڏي بلڪل بس نه ڪن
اوجهڙ ۾ عجيب لءِ تا لاڪيٽا لوچَن
پهچن وجو پر وٽ مورهئون ڪين مڙن
طالب مولا طلَب ۾ ڪمال ڪيو قدمن
انهن اڻ موٽن اکن تي احسان ڪيا
۲۲-۳-۱۹٦۴ع
راولپنڊي

●

تا پير پچائينِ هلي در دوست جي
طالب مولا طلب ۾ تا قريب ڏي ڪاهين
گونگيون اکيون انهن جا تورا ڪئن لاهين
انهن تي آهين رحمتون رحمان جون
۲۲-۳-۱۹٦۴ع
راولپنڊي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکيون تہ برابر گونگيون
پير ويچارا پٽون تيل
اکيون تہ هنجهون هاريو
پير پنهنجي درد جي
اکيون تہ آخر محب جي
پير سدائين صبر ۾
طالب مولا ٿن

پر ڏسيو تيون سگهن
ڏسن ۽ نہ ٻڌن
ڪي ٻڌايو بہ ڏين
ڳالھ ڪٿي بہ نہ ڪن
اڃڻ سان اُگهجن
سوين سور سهن
وڏا قرب ڪمائيا

٢٢-٣-١٩٦٤ع
راولپنڊي

●

اکيون تہ برابر گونگيون
هي بي زبانا بره ۾
هو اشارن سان عجيب وٽ
هي سدا صبر شڪر ۾
هو پرچو نيٺ پَرِين سان
هي هردم پنهنجي پِر ڪان
هو پين مي محبت جي
هي هميشه هڪجهڙا
هو هرهر حبيبن سان
هي طالب مولا ڪڏهين
تہ بہ ڪرم ٿئي ڪونہ ڪو
پرت وڏي پيرن

پر زبانون تہ اٿن
سختيون سڀ سهن
ڪجھ تہ چيو ڏين
ڦَٽجو تا ڦَٽجن
وڃو چار ٿين
پري ئي رهن
۽ ٿيو مست وٽن
هجر منجھ هلن
وڙهيو وريو پرچن
راڙل سان نہ رسن
مٿي مظلومن
ڦٽجن، ڦِرَن ڪين ڪي

٢٢-٣-١٩٦٤ع
راولپنڊي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکن تي احسان ڪيئون — جو سهڙيا ساجن سِينءَ
رهبر ٿي رسيا — پنڌ ڪٽي هو ڪينءَ
طالب مولا تينءَ ٿيو — جِيَ ٿي جيو جينءَ
پهتا وٽ پرينءَ — پيرن پڇاڙيون ڪيون

٢٥-٣-١٩٦٣ع
لاهور

●

پيرن پڇاڙيون ڪيون — جئن عاشق مست الليلِ
پرينَ پيارن ڏي — ويا عشق منجهان اصيلِ
رليا ڪين راهه ۾ — جئن رلن ٿا رذيل
قرب جا قتيلُ — پهتا در دوست جي

٢٨-٣-١٩٦٣ع
خانپور ريلوي اسٽيشن

●

پيرن پڇاڙيون ڪيون — ڦٽجي خوب ڦٽيا
پرينَ پيارن ڏي — هلندي ڪونه هٽيا
ويچارن ورهه ۾ — سانگا سڀ سٽيا
اکن روئي اگهيا — لٽ ۾ جئن لٽيا
گس ۾ ڪين گهٽيا — طالب مولا طلب ۾

٢٨-٣-١٩٦٣ع
صادق آباد ريلوي اسٽيشن

●

پيرن پڇاڙيون ڪيون — پاڙون پنڌ پٽيئون
هلندي حبيبن ڏي — سيني سک سٽيئون
ٿي زخمي پنهنجي پاڻ کي — لٽ ۾ خوب لٽيئون
وڏا ور واڻن جا — ڪري ڪاهه ڪٽيئون

ڪڏهن جاني يار ڪان جدا ڪونہ جنئيون
وري در دوست جو مورهئون ڪين منئيون
عجيب لاءِ اکن سان رهي راند ڪتيئون
ڦٽي روز ڦٽيئون ترِيون طالب پانهنجون

٢٨-٣-١٩٦٣ع
صادق آباد
ريلوي اسٽيشن

•

پيرن پڄاڻيون ڪيون جهلئي ڪين جهليا
پنڌ ۾ جئن پيا تہ ڪنهين ڪونہ پليا
اتي ويا هليا جت طالب منزل محب جي

٣-٨-١٩٦٣ع
اسلام آباد

•

پيرنِ پڄاڻيون ڪيون اتيو پنڌ پَوَن
اڻ ترڻ پنهنجي عجيب جي انئي پهر اٽن
طالب مولا طلب ري سڌ نہ پي سمجهن
جهل نہ ڏني جڏن وينا ڪڏهن نہ واٽ تي

٢٠-٨-١٩٦٣ع
اسلام آباد

•

اکيون سڪنديون ني رهيون سڪ ۾ روز سدا
طالب مولا طلب ۾ ڪٿا سبب خود خدا
ڪٿا قدمن حق ادا هلڻ جا حبيب ڏي

٨-٩-١٩٦٣ع
مڪہ معظمہ

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکن ڪري عاجزيون
ڪيئون التجا انهن کي
تہ بچايو پريت مان
سدا سڪون جن لاءِ
**طالب مولا** تن کي
قربائتن ڪيئي

پيرن تي پيئي
ڏهہ ڏهہ چميون ڏيئي
نرمل وٽ نيئي
سجڻ ڏسون سيئي
جانب مليا جيئي
اکن تي احسان ڪيا

١٣-٩-١٩٦٤ع
مدينہ منوره

●

ڊوڙي ڊوڙي پهتا
پسايئون پرينءَ جا
ڏسي نور نرمل جو
**طالب** قدمن کي ڏنا
اهي سڀ احسان

عجيب جي آستانَ
مڙئي ماڳ مڪان
ڪيئون اطمينان
الله وڏا ايمان
اکن مجيا اُن جا

١٤-٩-١٩٦٤ع
مدينہ منوره

●

راهان ڪڏهن نہ رهيا
ڪٽي ڪيئون ٿين کي
لاٿئون سڀ اکن جا
**طالب مولا** تن کي
تہ بہ ڪيئون اهڙا ڪمَ

هي قربائتا قدمَ
دلبر ڌاران دمَ
جيڪي گوندر غمَ
هٿا اندر منجهہ المَ
جو ڪنهن ڪان ٿيا ڪين کي

١٥-٩-١٩٦٤ع

●

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ڪيا ڪرم ڪريم پر پير ڪٽي پرِيامِ
پڇي در پرينءَ جي چاهه منجهان چميامِ
دَرَ تنين جي ٺهدليئون لڳن سان لاتيامِ
ميرا ٻئي محبتي چشمن تي چايامِ
آئي جهير اڪن ڪي تہ پرين خود پسيامِ
تيس سرخرو سڄڻ وٽ جو منهن سان ٻئي مَلِيامِ
لڙڪن سان لعلن جي ڏوڙ سيئي ڏوتيامِ
اڪن سندي آب سان ڇهڪ سندن ڇيٽيامِ
مڙيئي مجيامِ طالب احسان انهن جا

١٦-٩-١٩٦٤ع
اربع
١٠ جمادي الاول ١٣٨٤هه
فجر نماز بعد
حرم شريف - مدينه منوره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١٥]

## سِرُ سدائين سَتَ ۾

پير بہ آهن پير پر سِرُ انهن کان سرسو
قدم قدم تي جهڪڻو ڏي سجدا ڍيران ڍير
ان جي پيشانيَ ۾ رڳي پلائيَ جا پير
طالب مولا سڏجن تا هردم مرد متير
صبح ساڻ سوير ڏي سجدا سائينءَ اڳيان

•

پيرُ فقط پرينءَ وٽ پُري پهچائي
سر سوين ڏِئي سجدا محبّت مچائي
ڪفر ۽ اسلام ۾ فرق فرمائي
محبّت جي مقتل جو ميدان ملهائي
پاڻ کي پرينءَ لاءِ ڪُڏيو کُهائي
ڳڻ سدا ڳائي طالبُ مولا تنهن جا

•

پير بہ آهن پير پر سر نہ رکي سانگو
ڳلا غيبت جو ڪٽي ڳُهوڙَ ڏئي گهانگو
نڪري نرمل ڪاڻ تو نينهن ۾ تي نانگو
پِي مرڻئي ملڪ ۾ ٿئي متو مهانگو
سر ٿئي سهانگو سچڻ وٽ صديقي چئي

•

سر سدائين سَنرو اوچي ڳاٽ اچي،
وعدي تي وصال جي هو محبتي مچي
رضا واري رمز ۾ پلڪل ڪين بچي
نيزي واري نوڪ تي نينهن ۾ خوب نچي
سانگو ڪيو نہ سچي ڪپجڻ ڪان قريشي چوي

●

پير نہ ڪڍهن ٿين سدا برابر سرن جو
هي مارڳ ۾ محبوب جي هليو پيا هلن
سر وڃن سوريَ ڏي تہ وري ڪين ورن
پير رڳو ئي پرينءَ لِءِ زخمي ٿيو پون
طالب مولا تن ڪي شابسون بہ هجن
پر قربانيون ڏين سر سوين ئي سڄڻ تان

●

پير ويچارا پرت مان گهٽوئي ٿا ڪن
سر ٿين جت صدقي ات ڪٽي پير پڇن!
پيرَ وڍيا تہ متيَ ۾ ڌہجو ٿين دفن
سر شهادت بعد پڻ نيزن تي چڙهن
پير بہ طالب طلب ۾ مورهئون ڪونہ مڙن
پر سرويچ ئي صديقي چوي صدّيق ٿا سڏجن
پير قريو قتجن ۽ سر سدائين سٽ ۾

●

پير بہ اهڙي ذات جو سر متن ڏي سجدا
پير نہ وڃن پرينءَ وٽ پر سر ٿئي گهاتو گهات
سر جي صديقي چوي مقتل ۾ بي بات
جت اڏي ۽ ڪات ات پيرن پيٺي ناهہ ڪا


Scanned with CamScanner

پير ٻه پير اَهِن — پر سر وانگر نه ست ۾
جت سر جي بازي ٿي لڳي — ات پير ٿتا پڇجن
سر ٻڌن ٿا سهرا — پيرن مينديون لڳن
**طالب مولا** سر ئي — ڪجهو قبول پون
ڪونڌر سي ڪونجن — سر ڪيا جن صدقو

●

پير پري ئي ٿا رهن — سر سُونهن لالڻَ لڳ
پيرن ڏني مَنڊ ملي — سرن ڏني ٻئي جڳ
پير سدائين پنڌ ۾ — سر ڏين ٿا سڳ
جنهن کي الله اوراهون — سر ۾ سا ئي رڳ
**طالب مولا** طلب ۾ — سر ڏين چاهئون ڇڳ
سر ته اُگهاڙا ٻه نهن — پر پير نه ٻڌن پڳ
سر سوريَ جي سامهون — هو دم دم گولِن دڳ
هو مارڳ ۾ ئي مڳ — هي ڪجهو قربانيون ڏين

●

پير ٻه پوريون ڪن ٿا — پر سر چڙهن ٿي چوٽَ
جت پير پڇن ئي ڪين ڪي — ات سر وڃن ٿا ووٽ
پير ٽپن ٿا ڪوٽ — سر پڇن ٿا ڪوٽ
پير ته موٽي ٻه سگهندا — پر سر آهن اَڻ موٽ
سرويچ ئي سدائين — جت ٻه ٿين چاموٽ
هي **طالب مولا** طلب مان — ڪئي پرت اندر پالوٽ
ته پير نه ٿين گهوٽ — سهرا ٻڌجن سرن تي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صدقي سر تان سونَ ٿين
سرويچن لئي سورميون
جن جن ڪيون سرن سان
انهي وَرَ جي ورونهن ڪان
سر جنين جا صدقي
سر ڏئي سهاڳڻيون
سر ڏيئي سوڪڙيون
محبّت پلي مٽين هجي
سرن، سيرانديون
۽ چاهه منجهان چانديون
محبّت ۾ مانديون
رڻ ۾ رانديون
وَهون نه ڪي وانديون
تن لئي هلن هيڪانديون
پلڪل ٿيون بانديون
انهن ئي آنديون
ته به پيرن پيرانديون
سدائين صديقي چوي

●

ڪٿي پير پڇن
پيرن ۽ پيزار تان
پيرَن پون پيڙيون
پير ته ڪانيءَ جا به ٿا
پر ڪٿان ملن ڪونه ڪو
پير فقط چمجن ٿا
سچڻ سدائين سرن کي
پير پيرانديءَ ئي رهن
سرن هيٺ اچن
سرن سان صديقي چوي
ٿا صدقي سر ٿين
سِر سُرها گل چڙهن
ٽنگن منجهه وجهجن
جي ٿا سر وڃن
۽ سِرين پڪ پون
ٿا سيني رکيو سمهن
ڪٽي هنڌ پلنگ هجن
ٻانهون ٻانهيارن جون

●

ٻانهون ٻانهيارن جون
سر لايو سر سان
سر لهءِ ڪن سهاڳڻيون
سرن وهاٽا
ڪن محبّتي ماٽا
وار به وڃاٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيءُ سياري جو لڳي تہ پري نہ ڪن پاٽا
سر ئي سيباٽا سورمن کي صديقي چوي

●

پيرِ ويچارا پنڌ ۾ شوقئون هلن شتاب
ڪِڙيل ڪن ئي ڪونڌ کو هلڻ منجھ حجاب
سچ تہ صديقي چوي ڪيچو تين ڪباب
مارڳ ۾ محبوب جي تِين خُونَ خراب
ويھو رهن واٽ تي بلڪل تيو بيتاب
چرڻ ڪان چور تي هارائين حساب
ڏين جنبڻ ڪان جواب تہ بہ سر سِريو پڇي سڄڻين

●

ڪڏهن ڪنهن نہ پڌو تہ پيرن سوريون ماٽيون
سر فدا تي سڄڻ کي گِڏڻ ساڻ گڏو
بيٺو ٿئي پين سان پر سڄڻ وٽ سڏو
"الانسان سري و انا سره" مورهئون ڪين مُندو
سر وِڃي سوري تي پنهنجي لالڻ کي لڏو
سر، تہ صديقي چوي ڪري نہ ڪمر ڪُڏو
سرَ سوري پاڻ وڌو پير اُهي ئي پٽ تي

●

پير بہ پنهنجي جاءِ تي وڏا وڙائتا تِين
محبوبن جي ماڳ ڏي پُريو پهچائين
حبيب جي حضور جي واٽ نہ وڃائين
اهي ٿورا انهن جا اصل ڪان آهين
پر سر انهن ڪان سرسا جو ڪنڌ بہ ڪپائين

سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيرن وانگر ڪين ڪي راز نه پڌائين
پير حقيقت پانهنجي لوڪان نه لڪائين
سرَ سچڻ جي سر ڪي پاڻ ۾ پائين
سچ پچ صديقي چوي ات پير ئي پچائين
پر سر تا سرچائين سجدا ڏيئي سچڻ ڪي

●

سر ڪي جهلي سهٽا تا پلپل پيار نه ڪن
سو سو پيرا سڪ مان چاهئون چميون ڏين
سر ڪي سيني تي رکيو محبّت مان ملن
پانهون هار ڪري ڪٽيو گڇيَ منجهه وجهن
پري ٿيو پرينءَ کان نه سر لئي خوب سکن
ويهو رهن وِرهه ۾ نه اگڻ عجيب اچن
سر سلامت تنهنجو اها دعا نه چون
**طالب مولا** طلب مان سر ڪي سلام نه ڪن
پرين پير چمن اينهين ٿئي نه ڪڍهين

●

پير نه رڳي پير ٿيا پر سَرسا سِرَ سو وار
ڪارا وار ڪلهن تي رڳي رعبدار
وڏا جاه جلال جا پيشانيَ ۾ پار
بيحد پِرن جا ٿين ڏاڍا ڪي ڏهڪار
اَڙينگَ آهن اکيون جنگي ٻئي جهونجهار
پنبڻيون پيڪانن جان ڦهري منجهه قطار
نظرون نهارِن جي ڪٽيو نه شير نه ٿين شڪار
سُونهن سونهاريءِ سان شهپر ٻئي شهڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتي گل گلاب جا — ڪٽ رنگينا رخسار
ڪنڊا نڪ ڪونڊن جا — جڙيل جلويدار
ڏند چپ سوڏا سهڻا — گجگوڙيون گفتار
اوچا ڪنڌ انهن جا — جن جا متا مٽيادار
صفون پجن تا سو دفعا — سهڻا سي سردار
ڪسن ته به قبول پون — قربئون وٽ ڪلتار
سچ پچ صديقي چوي — ڪي ويهي ڪن ويچار
ته تسليم ڪن تن کي — وهوا سڀ وينجهار
تن کي پير پڇن ڪيئن — جن جا حوصلا هشيار
پير ويچارا پٽ تي — سر سدائين سوار
**طالب مولا** تن جي — وڃي پري پئي پچار
هو سوريَ جا سينگارَ — سوري نه سينگار تن جو

•

پيرن برابر پرينءَ ڏي — نانگو تي نيو
پر سر سچڻ کي پانهنجو — قربئون جهڪي ڪيو
ات پير نه پهچي سگهيا — جت سر وڏي ويو
پير رهيا ئي پٽ تي — ءِ گِچي پاند پيو
پي پيالو عشق جو — سر ڪِلي ٽيو ڪِيو
سر ئي ويو سچڻ وٽ — ات پيو نه ڪو ٽيو
سِرَ پاتو صديقي چوي — لالڻ وٽ ليو
اينهين ڪنڌن ٽيو — جو پيرن هڏو پڪو!

•

سچ پچ صديقي چوي — چڱا هئن تا چُون
ته پيرن جايون پنهنجون — جن ۾ جتيون پون

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرين وهاري پاڻ سان ته به پير پري ئي هون ِ
ڪوڙ نه ڪبو ڪڏهين جو صحيح سمجهيوسون ِ
سر سچڻ جي سر سان سدا، ڏنوسون ِ
چڳون تن جون چاهه مان وٺيو دلبر ڏون ِ
سدائين سنيرون ِ ته هنجهون حاصل سرن کي

●

سدائين سرن جون جوٽون وهاڻا
سچڻ جي سينن کي سر ئي سيباڻا
چمن پيشاني پيار مان پرين تا پاڻا
سچ پچ صديقي چوي تِين حبيبن هاڻا
ماڻا ۽ ٽاڻا انهن سان عجيب جا

●

جِتي سر ڪپت ات قلم ڪيجي چا ڪندا!
سر جي اتي سوپ ٿئي جت پيرن جي نه پڇت
سر، اتي صديقي چوي جتي گهورون گهت
پرين پچن نه پيرن کي سر جي وٽن وُٽت
پير نه ڪن پُرڻ ۾ ڪڏهن ڪابه ڪُپت
پر پيرن سندي پت سر ئي سدائين تو رکي

●

سِسن جي سدا ٿئي رڻ ۾ ئي راند
پير وڃن ته پري پون سسي پوي پلاند
سچ پچ صديقي چوي وقت نه ڏي ويساند
هٿيو ٿي هنڌ ڪري سسي نه وڃي وڙواند
اها اصلئون آهِ ڪا خاوند سندي خاند
ته سسيون نيزي پاند ڏڙ ويچارا ڏوڙ ۾

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاهپ سان ڏولي — جاني جوڙن ڪري ڏنيون
ويهي ڪيئين وروڻهن سان — ٻاجهاري ٻولي
اسان اڳ ۾ ئي تہ پَي — ڳالھ اها ڳولي
سدا ملي سر ڪي — جانب جي جهولي
طالبؔ مولا کو پيچي — هي پُرجهي پرولي
توڙي هئا منجھ هولي — تہ بہ قتيل پير پري رهيا

●

پيرن نچيھ چنا — تہ بہ پهچن در دوست جي
سرن اچي آستان تي — سجدا سو ڏنا
سوره سوري، ڪان وري — ڪڏهن ڪونہ ڊنا
موٽن مورهئون ڪين ڪي — سينگارين سِنا
ڪوجها جي ڪنا — تہ بہ سجڻ جا صديقي چوي

●

جڏهن پير پُرڻ ڪان — مورهئون ٿيا مجبور
پهچايئون نہ پنهنجي — منزل تي مهجور
ڏنئون جواب جنبڻ ڪان — سانجهي ۽ سحور
منٿون مڃيئون ڪين ڪي — ۽ مڙيا نہ هو مور
تہ سر سِرَڻ ئي لڳو — پهتو پهريين پور
اُگهيئين هلي آستان سان — نراز وارو نور
هو ويچارو وهڻ ڪان — ويو تي وهلور
قرب مان قريشي چوي — ڪيائين ڪلور
حاصل ٿيو حضور — طالب مولا تڏهين

●

عاشق هلن اُبتا — مورهئون مٿي پر
سر پر سڏا تا وڃن — دلبر واري در

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيرين پنڌ وساريئون مرگو جڏي مگر
قرب مان قريشي چوي وچڻ جي ڪن ور
پارينِ تا پرت جي پيغمبراڻي پر
سِريو ڪن هو سَر منزلون محبوب جون

●

سُپر سيڪوئي ڪري ڪُپر ڪري تو ڪو
پيرن ساڻ ته پنڌ ۾ هرڪو هلي تو
جنهن پيرين پنڌ وساريو سو صادق ۽ سچو
طالب مولا توڙ ڪري جيڪو جاڻيَ جو
سر جنهين جو سَٽ ۾ سِرَ پر سِري سو
مـــجائـــي مـــتــو محبّت محبوبن کي

●

ڪٿي سير سرن جو ڪٿي پيرن پنڌ
هُنِ جو سير سماء تي هِنن هي ئي هنڌ
قريشي چئي ڪنڌ قرب سان تو ڪيچي

●

سر کي چميون چاهه مان ڏِيَن وَهون ويچاريون
راتيون وهائن رمز ۾ سر سان سچاريون
سِيءُ نه سِريتن کي لڳي جن لئي سر تيا ستاريون
سر کي سينن تي رکي پکجن پانهياريون
وٽن ساءُ سرير جو سر ڏئي سوياريون
منهن تي رکي منهن کي ڏين مِنيون موچاريون
طالب مولا جن ۾ طلب جون تاريون
سي ري سر سرچن ڪين کي سدا سـوگـاريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سر ڏنا جن سر کي  ڳُلَ تنين ڳاريون
اهي سيني سمهاريون  سِريتَن صديقي چوي

●

سِريتيون سُمُن تي  سدائين سهڙن
سِريتن جي سڪ ۾  رکي سر نہ سمهن
سِريتا سِريتن تان  صدقو سر ڏين
سِريتا صديقي چوي  سر ڏئي سرچن
جي سر پر سِري اچن  تن پيرن پنڌ وساريو

●

سِريتِن ۽ سُريتِن ۾  وڏا فرق قير
سُريت سِريتي ڪانہ ٿئي  اها آهي ڪير؟
سِريتيون لين لکن مان  سُريتيون ڏيران ڏير
سُريتن رڳي سونهن تي  سِريتن پلا پير
سِريتن جي صاف دل  سُريتن من ۾ مير
سِريتيون سر ڏين ٿيون  سُريتون مڙئي خير!
سُريتون هلن حساب تي  نينهن جي ڪن نبير
سِريتِن کي صديقي چوي  حبيبن جي هير
سِريتن سر پير  سُريتون ٿين سڪٽيون

●

سُريتون سو هزارَ  سِريتي ڪاڪا تي ٿئي
سُريت هرهر ڏي هُڏي  سِريت پلپل پيارَ
سُريت محڪم مال تي  سِريت وفادارَ
سُريت طالب طمع جي  سِريت قرب قرارَ
سُريت رڳو سمهڻ لءِ  سِريت سار سنڀارَ
سُريت پي جو سر گهري  سِريت سر ڏي يارَ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُريت پُري پيرن سان
سِريت پر ڪاپارَ
سُريت فقط سامهون
سِريت پرپٽ پارَ
سُريت پلي سهڻي
پر سيرت جا نہ سينگارَ
سُريت آخر تي تئي
ڏڪا ڏيو ڏارَ
ڄمي ڏي چمارَ
سِريت صديقي چوي

●

پير ڳولين پنڌ ۾
وريو وريو واٽَ
ڦتجو ڦاڪون جي ٿين
تہ اٽڙ ڪان ڏين آٽَ
سر ڪڏهين نہ سِرڪيا
جي قرب مان ٿيئن ڪٽَ
چڙهن نيزي نوڪ تي
تہ بہ اوچا انهن ڳاٽَ
سِچ پچ صديقي چوي
ڪُڏن جئن ڪنواٽَ
لُڏن نہ اڳيان لاٽ
متا مٿيرن جا

●

مدامي منصور جان
سرويچ ئي سڄڻ
سر هميشه حق تي
ڪڏيو ٿا ڪپجن
سر جِتي ڏين سجدا
پير اتي نہ پڇن
پيرن پڇا ناهہ ڪا
سر اطاعت ڪن
سردارن جي سٽ ۾
پير نہ پڳ ٻڌن
وڻ ڪنهن ڪي ڪين ڪي
جي اگهاڙا ٿين
سر اگهاڙا سيين پَرين
ٿهيو ٿا ٿهن
ڪلنگيون ڪلاهون ڪڏهين
پيرن ۾ نہ پون
قرب سان قريشي چوي
سيڪي سر هَڻن
جهڪن جانب اڳتان
تہ بہ هنجن منجهہ هڄن
پيرن پنڌ وساريو
ڏسي سِرڻ سِرن
تن لئي طالب تڏهين
سڄڻ روز سڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهي پانهن وچ ۾ — سهڻن وٽ سونهن
تا گفتا گوءِ ڪٽن — سچ پچ صديقيءَ جا

●

پيرن ڪي پريت جا — اصلئون آهن اندَ
هلن ات هو هيج مان — جت حبيباٽا هندَ
نماڻن نصيب تيا — رڳي پراٽا پندَ
پر قبول پون ڪندَ — سچڻ وٽ صديقي چوي

●

پيرن پند گهٽا ڪيا — حبيب وٽ هلي
پرين جي پيزار جي — سرن مٿي ملي
سورن جي صديقي چوي — سرن ڳالهه سلي
هٽي انهن هند ڪيو — رمزن منجهه رلي
سر تيا جي صدقي — تہ جانيءَ جهولَ جهلي
هي هلي ڪا چلي — تين پير پرينءَ تان صدقي!

١ ۽ ٢ مارچ ١٩٦٧ع
اسلام آباد
راولپنڊي

جبي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١٦]

# درجا آهن دِلن تي

سِر تہ برابر سر ٿيا پر مَنَ جا ناهن مَٽَ
دل تان لهن ڪين ڪي ڪڍهن جيڪر ڪَٽَ
تہ رڳي هوند هار ٿئي يا ڪِلندي ٿئي نہ ڪَٽَ
جي دل تي چڙهن ڪين ڪي عشق جا اَلهٽَ
دل تي نہ هجن درد ۽ ٻيا ڦوڙائي جا ڦٽَ
تہ سر نہ هجن منجھ سَٽَ سچ تو صديقي چوي

٣-٣-١٩٦٧ع
اسلام آباد

●

سر ٻلي ڏِيَن سجدا سَو سَو ۽ سئو وارَ
چانئٺ چمن چاھ مان ۽ پرين جا پيزارَ
جي دل نہ محبّت ڪي مجي تہ سِرَ ڪلهن تي بارَ
طالب مولا طلب جي جي دل کي لڳي لغارَ
تہ سرَ بہ تڏهن سرَ ٿين نہ تہ بلڪل سي بيڪارَ
سر بہ تڏهن تا قبول پون جو دل پَرِکن دلدارَ
سر جهڪن صد بارَ تہ بہ درجا آهن دِلن تي

١٧ رجب ١٣٨٧ھ
٢٢-١٠-١٩٦٧ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سر پيشانيون پنھنجيون جودئون جُھڪائينِ
چميو چانئٺ چاھ مان ٿا پرين پرچائينِ
پاٺھي وڃيو پاڻ کي ھو ڪُلھان ڪپائينِ
طالب مولا تن جا گِڻ گھٽا ڳائينِ
دل نہ مڃي جيڪڏھن تہ ھليو ھارائينِ
پل سِھرا سر پائينِ تہ بہ درجا آھن دلن تي

۱۷- رجب - ۱۳۸۷ھ
۲۲-۱۰-۱۹٦۷ع
حيدرآباد

●

سر برابر ڪيترا بيحد بارَ ڪٽن
مھل اچي جي موڙھئون تہ مڇيو مٿا ڏين
سورھ سامھون جي ٿيا تہ ڏرَ ڪان ڏار ٿين
دل گُھرجي درياءِ جئن نہ تہ سر ٿيو بار پون
تلھا پٽڪا تہ بُنڌن تي بہ پڌيو ٿا سگھجن
طالب مولا طلب ۾ دلبر دل ڏسن
تِھان پوءِ عاشق کي ٿا بيٺا ٻِڪ وجھن
سر سوين ھجن تہ بہ درجا آھن دلن تي

٦ رمضان شريف ۱۳۸۷ھ
۹-۱۲-۱۹٦۷ع
ڍاڪا

●

جت لڳن سِرَ جون بازيون اُتِ ارادا گھرجن
دل نہ ھوندي شير جئن تہ سر سيڙاپو ٿين
مقتل جي ميدان ۾ بيھي ڪين سگھن
ڪٽيو پٽڪا پوئتي بلڪل سي پڇن

طالب مولا طلب ۾    داور پسي دِلن
جن ۾ نيّت نيڪ ٿئي    ۽ پختايون پلجن
هي ئي حجَّ به ڪن    درجا آهن دلن تي

٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

جيڪو داور در تي    دل سان ڪري دانهن
ته پيهر به وٺي پانهن    طالبَ، مولا تنهن جي

٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

رڳو ڪعبي اڳيان    جي سڪتا سِرَ جُهڪن
۽ هلي احرامَ اُجرا    بيٺا ڪٽي ٻڌجن
نيّت نيڪ نه آهه جي    ۽ نمازون پڙهجن
چمجي چائنٺ رسول جي    روزا پڻ رکجن
ته به مولا ۽ محبوب ٻئي    دائم دليون ڏسن
قلب جڏهن تو قلب ٿئي    ته ڌهرا دانَ ملن
طالب مولا طلب سان    محبّت رکبي مَن
حجّ هزار ڪجن    ته به درجا آهن دُلن تي

٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

دل ٿئي فدا دوست تان    مٿو نه ٿئي منصورُ
سِرَ ڪي سودا، وسوسا    مورهئون ڪن مجبور
سِرُ سدائين سُتِن ۾    جهجي ٿئي جُهور
دل اچي جي عشق تي    ته ڪري ٿي ڪلور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا دل سان — دلبر جو دستور
دل ئي دردن ساڻ تي — پرجي ٿئي پرپور
سر ۾ ٿلهو سور — درجا آهن دلن تي
٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

سرَ ۾ رکيو عشق ٿيو — ته گدو بندر ۾ گوڙ
هوندو هردم ٽنگ ۾ — نيرُ ۽ ٻيو نوڙ
سر ڦريو ته سدائين — رکو روئيَ ٽوڙ
طالب مولا دل ئي — تي ڪري طلب ۾ توڙ
پلي سرَ پڌجي موڙ — ته به درجا آهن دلن تي
٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

دائم دل جي زور تي — سر فدا تا تِين
بلڪل باطل ڳالھ کي — مرڳو ڪين مڃين
ڪاهيو پون ڪنڪ ۾ — ته ڪلهان ڪنڌ ڪپين
طالب مولا مرد تا — مُهمُن متا ڏين
ستون سر جهلين — ته به درجا آهن دلن تي
٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

آهي برابر سر ۾ — رمزن واري رڱ
دل نه ڏني جنهن داور کي — تنهن وڃايا ٻئي جڳ
نيت ڪپي نيڪ تي — جنهن جا دل ۾ دڳ
ان مان وري ڪين ڪي — جي سڪٽي ٻڌبي ٻڳ

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا دل ڏئي  ونبا سيئي سڳَ
چاهئون ڏبي چيگ  تہ بہ درجا آهن دلن تي
٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

سر جهڪيو تہ چا ٿيو  جُهڪِي نہ جيڪر دل
تہ اها اڪثر ٿي ٿئي  منافقي منزل
سر ڏني نہ حل ٿئي  مورهئون ڪو مشڪل
طالب مولا دل سان  هڙ ئي ٿئي حاصل
سر ويجي اوّل  تہ بہ درجا آهن دلن تي
٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

سر سدائين سٿن ۾  رکي دل تي بيحد پَرُ
جيڏهن لاڙو دل جو  تيڏهن ڪري ڪَرُ
ڪڏهن ڏسي ڪين تو  واڻن جو ڪو ور
دل واريءَ دنيا ۾  ڪونهي خوف خطر
طالب مولا تو ملي  دل سان ئي دلبر
سر نہ ٿئي تو گهر  ”دل ئي ديرو دوست جو“
٩-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

سر ۾ سودا ٿي پوي  تہ بہ ماٺو جال جيَن
جنونُ جيڪر تو ٿئي  تہ بہ هڙئي پيا هلن
جي هُجِين ماليخوليا  تہ بہ گهمن ۽ ڦرن
وسواس ئي وڏي وجي  تہ بہ ڪائن ۽ پين
منبڙا، تندڙا، لولڙا  تہ بہ رستن تي رڙهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل بيٺي ته دنگ ٿيو
هڪدم مريو پون
حڪيم هيڪاندا اچن
ته به ڪري ڪجھ نه سگھن
ڪرن ۽ ڪوٺن جي
دليون خبر ڏين
طالب مولا سر ڪي
پرين پوءِ پچن
دلبر دل گھرن
ٻي ٻولي ناھ ڪا
۹-۱۲-۱۹٦۷ع
ڍاڪا

●

سر ويچارو سدائين
آھي دل جي وس
دل چويس ته وڃجي
نه ته بلڪل ڪري بس
اونھين ٿئي اوس
جئن طالبَ مولا دل چوي
۹-۱۲-۱۹٦۷ع
ڍاڪا

●

اکيون ٽين جي انڌيون
ڏسڻ ڪان به ٻوڇن
ڪَنَ به جيڪر ڪنڌين
ٻڌڻ ڇڏي ڏين
سرن ۾ سودا ٿئي
ته چرنيا ٿي پون
پير به پُرڻ ڇڏين جي
هلي ڪين سگھن
۽ مڙئي عضوا ضعف ڪان
جواب ڏئي وڃن
ته به دليون دوست پسن
طالب مولا طلب ۾
۹-۱۲-۱۹٦۷ع
ڍاڪا

●

سرَ ته ريائي رمز ۾ به
سجدا خوب ڏين
پيشانيءِ جي داغ ڪي
ڏاھا ڪونه ڏسن
نظر انهن تي الله جي
جني دل ڪي پاڪ رکن


Scanned with CamScanner

جنهن ۾ نَجُ نيڪيءَ جون نيتون ٽيون نپجن
طالب مولا طلبون پختيون ٽيو پون
ڪَمَ ارادا ڪن سر تہ هلن تا حڪم تي
٧ رمضان شريف ١٣٨٧ھ
١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

هيڏائيءَ ۾ حبيب وٽ دل تي ڪري ڏنگُ
وجهي تي واحد سان وحدت وارو ونگُ
نرمل ڪاڻ نروار تي نيائي سا ننگُ
عشق واريَ آگ تي پاري پَر پتنگُ
طالب مولا طلب جي رمزن جو تس رنگ
آهي دل اڙٻنگ پر ظاهر سر ٽيو سَٽ ۾
١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

سر ڪپجي تہ بہ ڪا گهڙي دل تي هجي حياتُ
طالب مولا ماٺ ۾ ڪري نہ هوءِ هيهات
مورهئون ٿئي نہ مَمات رکِي عشق عجيب سان
١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

ماڻهو مَري تہ مريو وڃي پر دل پئي پوءِ بہ جئي
ڪڏيو وڃن ڪنهن ٻئي ۾ تہ هو جيئرو تو ٿِئي
جهجهو هلي جهان ۾ پيو ڪائي ۽ پِئي
طالب مولا تنهن ڪي ڏاتر بہ ڏان ڏِئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرُ ويڙيل ڪنهنِ ٻي تي — جي لڳي ته نهڙ نِئي
ڪو اهڙو عمل ڪِئي — اڃان ته ڪامل ڪونه ٿيو!

١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

همدم جڏهن حبيب ٿئي — ته ڏي دل کي دلداري
دل وٺڻ لئي دل تي — رکي هٿڙو هيڪاري
سوزَ گدازَ ٻه دل جي — سَئنا سينگاري
سر ۾ ٿئي ڪين ڪي — ڪا برهه بيماري
**طالب مولا** سر جي — نه ٿئي غمخواري
سدائين ساري — دل جي سر ڪان سرسي

١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

دلبر درد فراق ۾ — دل ئي ڏتاري
سر ۾ سودا ٿي پوي — ته مٿو پيو ماري
**طالب مولا** نيٺ سو — گِدوءِ ۾ گهاري
ڪو ويهي ويچاري — ته دلبر ٻه آهي دل جو

١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

نينهن نهوڙي سر کي — هي ڪڏهن ڪونه ٿيو
حيلن سان هليو ويو — جي سر ۾ سور پيو
**طالب مولا** طلب جو — دل کي درد مليو
اينهين ڪنهن نه چيو — ته سوز الم ٿئي سر ۾

١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل وارا ئي دنيا ۾ سورهِ ۽ سرويچ
دل نہ هجي ها ڏوہڻ جي تہ ڪهي نہ وجي ها ڪيچ
جن ٿلها سر سنباهيا سي ڏاها بہ ٿيا ڏاميچ
"انهن سان ئي عجيب جا بلڪل آهن پيچ
جن دل سان ناتا پيچ طالب مولا طلب ۾"

١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

سبر تہ جزبر تا ڪهي وجو وسائن سچ
سدا ات سهن تا ڏاڪڙا ۽ ڏچ
هلن اوڏاهين هيچ مان جتہ رڳي رچ
پر جڏهن لڳي ٿي دل کي ڪا برهہ واري پُچ
سڀ بہ تڏهن ٿو سر ٿئي جڏهن من ٿئي ٿو مچ
طالب مولا دل سندا اهي آهن اُهج
انئي پهر اُج ويچاريَ وصال جي

١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

هر تہ وجو تا سچڻ جي سينن تي بہ سمهن
اکيون پڻ عجيب کي ڏسيو نيٺ وڃن
پير بہ پنهنجي پَرِ ۾ هليو ات پچن
جسمَ بہ آخر تا وجو لالن ساڻ لڳن
طالب مولا طلب ۾ دلڙيون درد سهن
انئي پهر عشق ڪان ڏڙڪيو ٿيون ڏڙڪن
سک ڪري نہ سمهن هو سدائين سڪڻ ۾

١٠-١٢-١٩٦٧ع
ڍاڪا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

من جي مخالف کو ٿئي — هَڏهنُ نہ ٿيو هيئن
دل ئي پچائي سر کي — سدا سچڻ سيئن
جيڪي جڏهن جِيَ جيو — ٿيو **طالب مولا** تيئن
دل نہ اچي جنهن کم تي — سو کري سگهيو ڪيئن!
سر بہ اونهين ئي پيو کري — جِيءُ تہ چوي جيئن
الله بہ کري ايئن — جيڪا دل مان دانهن ٿئي

٨ رمضان شريف ١٣٨٧هہ
١١-١٢-١٩٦٧ع
ڊاڪا

●

”القَلب مرأة الموءمنين“ — اتان رباني راه
جنهن مان الاهي عشق جا — اجهامن نہ آڙاه
ان تي کرم کريم جو — ءُ نوراني نگاه
**طالبُ مولا** جا کري — سگهندو سندس ساراه
دل ئي سا درگاه — جت الله آهي اوڏڙو

١١-١٢-١٩٦٧ع
ڊاڪا

●

آهي هن جهان کان — دل جو وڏو جهانُ
لاشڪ لا مَکان جو — هي ئي ماڳ مکان
حاصل هتان ئي ٿئي — سدائين سبحان
دل ڏي رک ڌيان — **طالب مولا** مرد ٿي

١١-١٢-١٩٦٧ع
ڊاڪا

●

دل کي مجن کين کي — اجوڪا انسانَ
هو مائل رڳو مغز ڏي — جت عقل جا امڪانَ


Scanned with CamScanner

پر آهي هينئن فرمائيو ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ كريم منجھ قرآنَ

اِنَّ اللہ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ قَلْبِہٖ

چيو مالڪ مهربان

تنهن جي نبي تائيد ۾ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ڏنا بلڪل هي بيانَ

"اِنَّ فِيْ الجَسدَ مُضْغَةٌ" اذا صَلحَت" جا

آهن صورت اندر سامانَ

"اِن الله لا يَنظُرُ اِليٰ صورتِكمُ ولٰكن ينظر اِليٰ قُلُوبِكُم"

هي فائق جا فرمانَ

ركن ايمان انَ تي ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ محڪم مسلمانَ
جي مورهئون نہ مجن دل کي ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ سي نسورا نادانَ
طالب مولا تون بہ اِت ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ آڻج کي ايمانَ
جو رسول ۽ رحمانَ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ بہ درجا ڏنا دلن کي

٢٠-١٢-١٩٦٧ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [۱۷]

# رمزون آھن روح جون

دل تہ برابر آھ دل — جو قادر منجھ قرآنَ
ڪئي تعريف تنھن جي — سڳوري سبحانَ
آئي حديث ان جي — منجھ شوڪت ۽ شانَ
اسان جا پڻ ان تي — اتبارَ ۽ ايمانَ
پر معنيٰ آھي مامر ۾ — رکي جا رحمانَ
سا ڪو سمجھُو سمجھندو — ٻي ڪنھنجي تڪڙ ڪانَ
ان ۾ امر الله جو — وھمَ نہ ڪي گمانَ
طالب مولا تڏھين — ڏرج اوڏھين ڏيانَ
آھن اطمينانَ — تہ رمزون آھن روح جون

●

دل تہ برابر آھ دل — پر رڳو آھي ماسُ
اڇي پيو ان ۾ — ويتر جي وسواس
تہ ھوئي ھڪ گھڙيَ ۾ — نگرو ڪندس ناس
طالب مولا طلب سان — رک اصلئون ھي احساس
ڪبو جي قياس — تہ رمزون آھن روح جون

●

دل تہ برابر آھ دل — ناليرو ھڪ نانءُ
درد نہ اڇي ان ۾ — تہ ٿلھو آھي ٿانءُ
امر ڪري ان ڪي — جي ڏاتر ڏئي ڏانءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته ٿئي روحاني راز جي — وايرليس وٺاڻ
پو **طالب مولا** تو ملي — الله پڙ اتاڻ
سمجهو ڪي سمجهاڻ — ته رمزون آهن روح جون!

●

دل ته برابر آهه دل — پر محبّت ري محتاج
امر اچي ان ۾ — ٿو ڏاتر ڏئيس ڏاج
تنهن ملندو طلب جو — **طالب مولا** تاج
حاصل ٿيندو تنهين — خالق وٽان خراج
آهه روحاني راز جو — اصلي هيُ علاج
رازق جو به رواج — ته رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل — پر نيّت اصلي چيز
سهاڳو جئن سون تي — تئن آهي پَرِ پرهيز
هجي هر ڪنهن ويلِ ۾ — ٿو دمدم درد آميز
پو محب جي محلّ جي — ٿيندي دل دَهليز
هتي هرڪو ڏينهن آهه — روز رُستاخيز
مليل مالڪ کان اتم — محڪم هيَ مهميز
طالب رک تميز — ته رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل — پر نيت گهرجي نيڪ
ڪيئون ڪوري قلب مان — اگلايون انيڪ
ڏِبس هردم هيج سان — سک، صبر جا سيڪ
**طالب مولا** تنهن کي — چڏي نه ڏبو ڇيڪ
هيَ حقيقت هيڪ — ته رمزون آهن روح جون

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل ته برابر آهه دل — در پرده رهي روح
سو ئي طالب مولا — آ سالم سنجهه صبوح
فائق ڏنس فتوح — رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل — پر ٿئي دل آويز
نه ته ان مان ٿيندو ڪين ڪي — ٿي جي شور انگيز
ان مان اچڻ بُو ڪپي — اڪثر عنبر بيز
شال نه ٿئي شر ۾ — طالب مولا تيز
بلڪل چوءِ، برخيز! — ته رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل — پر ٿلهو ان جو نام
صفا ڪجي نه صبر سان — ته اچيس نه الهام
پچي نه جيتر پرت ۾ — تيتر خالي، خام
پاڪ جڏهن ٿئي پيار سان — ۽ دَردَ به وجهنس دام
طالب مولا طلبون — تڏهين ٿين تمام
وَرَي وحدت وات ڏي — ۽ عشق ٿئيس امام
آهي انهي ڳالهه جو — مٿائون مقام
ته به تنهن ۾ صبح شام — رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل — پر اجا اگهي راز
قاسائيس قيرَ ۾ — مرگهو ڪٽي مجاز
ته وحدت وجيس وسري — وڃيس حرص ۽ آز
منجي، مولا جو مرڻي — سٽي سوز گداز
طالب مولا تنهن جو — عجيب اٿئي انداز
ظاهر دل دمساز — پر رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل پر طالب ٿَني تمثيل
هي خزانو خون جو امر سواءِ عليل
رمز آهي راز جي جاٽي ربّ جليل
ڪو صوفي صفا سمجهندو واحد جو وڪيل
طالب مولا تَن سان ڪجئين دُور دليل
پيو رڳو قال ۽ قيل رمزون آهن روح جون

۱۹-۹-۱۹۶۸ع
۲۵ جمادي الثاني ۱۳۸۸هه
اسلام آباد

●

دل ته برابر آهه دل پر نيڪ هجي نيّت
عليل هجي عشق کان رهي منجهه رقّت
پڳل رهي برهه ۾ منجهه دردن جي دقّت
خاص مليس خلوص سان روحاني رغبت
تقوا ڪپيس تمام تي ۽ سهٽي صداقت
رهي منجهس نه موريو تڪبّر جي طاقت
طالب مولا آهه هي هردم حقيقت
حقيقي حدّت رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل پر جڏهن ٿئي صاف
وجي ان کان وسري صفا لاف گزاف
چڙهي متس موريو غيرت سندو غلاف
نه ته ڪندي خطائون خيال جون جي مور نه ٿين معاف
ات طالبُ طالب مولا اڪثر ٿيندو آف
هوءَ توڙي ڪري طواف ته به رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل — پر روح نه ڪري رحلت
نِوڙيل هجي نياز سان — ۽ پريل سان برڪت
هجي هر ڪنهن ويل ۾ — شامل شريعت
قبولي هوءِ قرب ڪان — طريقو طريقت
رهي هميشه حقّ سان — رکي هردم حقيقت
**طالب مولا** تي وجي — سا ماهر معرفت
اهڙا عمل پيا مڙيئي — ڪريس واحد وَديعت
نالو ان مجموع ڪي — "قلبُ" ڏنو قدرت
ان ۾ امر الله جو — وينو سان وحدت
جتهن ۾ سڀ جرأت — سي رمزون آهن رُوح جون

٢٠-٩-١٩٦٨ع
٢٥ جمادي الثاني ١٣٨٨ھ
لاهور

●

دل ته برابر آهه دل — پر روح بنا بيڪارَ
روح ته امر الله جو — پي ڪائي خبر نه چارَ
ان ڪان سوا اصلي — سونهن نه منجهه سنسارَ
روح نه آهي دل ۾ — ته سدا سيه ڪارَ
پاڻان وجهي فتور جا — چارن متي چارَ
**طالب مولا** تا ڪنبن — سچـــا سـمـجهدارَ
جي ڏسن اصلي ڳالهه کي — سي اڪيون آهن دارَ
يقين ڪر هي يارا — ته رمزون آهن روح جون

●

دل ته برابر آهه دل — پر ان جي هڪڙي حد
ان ۾ رکيو روح کي — وحـدت سـان واحـد

طالب مولا راز ھي آندو ات احد
هِجي ويھي چا ڪبو ھتي شدّ نہ مد!
ڏسبا ھرگز ڪين ڪي فقط خال ۽ خد
ڳالھ ڪبي انصاف جي ڪڌھن نہ ٻڌبا قد
رڳي نہ ڏبا رد رمزون آھن روح جون

●

دل تہ برابر آھي دل پر روح بنا بي رنگ
ڌڙڪي برابر پاڻ تي پر چُري منجھس پيو چنگ
معنيٰ واري ملڪ ۾ فرحي نہ ڪو فرَھنگ
ڪم اچي ان جاءِ تي عشق وارو انگ
طالب مولا ان ۾ دولت رکيو ڍنگ
سمجھي انھي راز کي ڪو مولائي ملنگ
دَوڙ ڪيو ھي دنگ تہ رمزون آھن روح جون

●

دل تہ برابر آھي دل پر ڪجھ نہ "اِلّا ھُو"
نہ تہ ھوندي ھردم ھن ۾ خوديَ واري خو
طالب مولا طلب جي شل ھجيس جستجو
ھيَ رڳِي رَتُ ۽ پُو رمزون آھن روح جون

●

دل تہ برابر آھي دل جي رمز ڏئيس نہ ربّ
تہ پويس ھوند پلاند ۾ رڳو ڪوڙ ڪسب
ڻانس وجي نڪري الاھي ادب
طالب مولا مورڳو ڪو لڳيس پيو لقب
ڪم اچي ڪين ڪي ھتي حسب نسب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قلب ٻه ڪعبو تڏهين
جي واحد ڪري وَهب
نه ته سڏجي اهو شخص تو
لاشڪ ابولَهب
پيو سيوئي سبب
رمزون آهن روح جون

●

دل ٻه تڏهن ٿي دل ٿئي
جي تقويٰ ڪري تمام
تقوا تڏهن تمام ٿئي
جي عشق ٿئيس امام
عشق ٻه تڏهين امام ٿئي
جي روح بنائيس رام
روح ته امر الله جو
اتس متاهون مقام
طالب مولا طلب جو
جوڙي پيبو جام
پو هر هنڌ، هر مقام
رمزون ڏسبيون روح جون

●

رمزون ڏسبيون روح جون
پر روح ٻه امر الله
پنهنجي حقيقت پاڻ ٿيو
منجهه وحدانيت واهه
انهي بحر عميق کي
ووڙيندا ڇا واهه!
لاحد واري لڪ ڏي
رڙهي ٿي هيَ راهه
ٽڙيو پير ته سر ويو
پرور ڏي پناهه
پتو پيو ته ٻه تِر جو
پر ساهه کي ڏبي ساهه
ان ڪان جي آگاهه
سي طالب مولا ماٿ ۾

●

آهي هرڪنهن علم جي
هڪڙي حد، نشانُ
عقل، فهم ۽ فڪر سڀ
منجهه پَهڻَ پريشان
هتي منزل هِن ۾
حيرت خود حيران
ته سڀ ڪجهه آهي هُن ۾
هو سڀ ۾ ئي سبحان
خبر جي نه خبر ڪا
نه بي خبريَ بيان


Scanned with CamScanner

طالب مولا تون بہ رک ڏريئون اهو ڏيان
آهي ماٺ مڪان چئي چئبو ڪيترو!

●

چئي چئبو هيترو تا جنهن کي سمجهن جَو نہ
اهو آهي اصل ڪان ڪنهن کي پيو پَرو نہ
ڪجھ بہ جنهن هو ڪونہ ڪو تڏهن بہ هُو هو چونہ!
اڪيلائيَ ان ۾ هُئي نسبت ۽ نالو نہ
"تيُ" چيئين تہ ٿي پيو جو حقيقت ۾ هو نہ
پتو لڳو نہ مورڳو پرور ڪنهن پرکيو نہ
جيڪي سمجهن تا سيئي صاحب آهي سو نہ
رمزون انهي راز جون ڪوئي سمجهي ڪونہ
طالب مولا تو نہ کڙي ڳجهڙي ڳالھ ڪئي!

●

"وَنَحْنُ" وارو ويجهڙو ڏاڍو ڏنئين ڏس
تہ پاڻ سوا پيو پيچرو ۽ گهوريو مون هر گس
ويتر وڃائي ڇڏيم ووڙڻ وارو وس
طالب مولا طلب کي جوڙي چيم جس
موٽايم مَهوسَ ڳولڻ واري ڳالھ جو

●

"وَنَحْنُ" وارو ويجهڙو ڏنائين ڏس جو
تہ لڌم وَرَ وجود ۾ سـڌو سـائين سـو
طالب مولا اندر ۾ اُهـــوئـــي اُهو
پڇي پيو پولو ڳولڻ واري ڳالھ جو

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ونحن" وارو ويجهڙو ڏس جو ڏنائين
تہ ووڙڻ ويو وسري هُو هوئي هِتائين
طالب مولا پاڻ ئي سپ چٽو چيائين
مون ئي مَنجهائين پاڻ ڪيائين پڌرو

●

"ونحن" وارو ويجهڙو پتو جو پيوم
تہ سموري سنسار مان نينهن ڪدي نيوم
طالب مولا تڏهين ووڙڻ سپ ويوم
قلب انهي قرار ۾ ٽڪو ٿانءِ ٿيوم
حيرت لڳي هن ڳالهہ جي تہ ڪيئن پي پند ڪيوم
ڪک، پنُ، گلُ، ڦلُ، گلهُ ءِ پي وڻُ ٽڻ واجهايوم
اَلا! هُو تہ هيوم وَرِيڏُنْ ڪان ويجهڙو!

●

ويهي ڪيم وجود ۾ جـــــوڙي جستجُو
تہ آهي بقا ان ڪي بي خالي فقط خو
گل گهٽا گلزار جا پر بلڪل هڪڙي بو
پيو هرڪو بحر عميق ۾ حـبـابُ هــوبــهــو
ماڻهن ڪي منجهائيو مورهئون "ما ءِ تو"
طالب مولا ذات سا ســـــدا سُوبسوُ
هڙئي آهي هُو پيو ڪجهہ آهي ڪين ڪي

۲۲-۹-۱۹٦۸ع
۲۸ جمادي الثاني ۱۳۸۸هہ
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [١٨]

## اَڪِن مينهن وسايو

اَڪِن مينهن! وسائيو — اجا ويھ عجيبَ
طالب مولا طلب ۾ — نوان ڪري ؏يبَ
پُسي متان پرين پوين — لالڻ يار لبيبَ
هو ماٺ ڪن مجيبَ — پو ڀڳڻ ٻاهر نڪرجانَ

٢٧-٩-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

اڪن مينهن وسائيو — ڪري ڪارونيارَ
اجا وچ نہ عجيب تون — محب، مٺا، منٺارَ
طالب چوي تن ۾ — اجا وسڻ جا وهنوارَ
جڏهن ڏين وارَ — پو ڀڳڻ ٻاهر نڪرجان

٢٧-٩-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

اڪن مينهن وسائيو — وسنديون سڄي رات
منجهن ڪانهي مورهئون — بس ڪرڻ جي بات
طالب چوي تن ڪي — تُنهنجي آهي تات
پرھ ڦُٽيَ پرڀات — پو ڀڳڻ ٻاهر نڪرجان

٢٧-٩-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکن مينهن وسائيو — وسنديون رات سڄي
ويندين جي وسڪار ۾ — ته بيحد پونديون پڇي
وڃ نه، مِٺا ويهه تون — لالڻ ڪر نه لڄي
ترس پرين تڪڙا — ته وڃن هي نه هڇي
بادل ڪٿن ڪڇي — پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان

٢٧-٩-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

اکن مينهن وسائيو — چوڦير آهي چڪ
طالب چوي طلب جَي — ترڙ مان پيون تڪ
سڄڻ لاهيون سڪ — پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان

٢٧-٩-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

اکن مينهن وسائيو — وڃڻ نه جنهن جي وس
اڄا ويتر وسڻ جا — ارادا(١) اٿس
بيهُ ته ڪري بس — پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان

٢٧-٩-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

اکن مينهن وسائيو — گوڙ نڪو گهمسان
اهڙي گونگي مينهن ڪان — الله ڏي امان
سڄڻ رهه تون راتڙي — اهو ڪر احسان
نه ته ترسي پوءِ طالب چوي — مٺا ٿي مهمان
اڇو ٿئي آسمان — پو ڀهڳڻ ٻاهر نڪرجان

٢٧-٩-١٩٦١ع
راولپنڊي

---

(١) اِرادا هئڻ کپي پر مٿي وزن ۽ عام استعمال جو خيال رکيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ اکِن مينهن وسائيو — پي اوندهہ انڌوڪار
ٽيو ماري منهنجي من کي — تنهنجي وڇڙ جو ويچار
چوٽون اويل آهہ عجيبَ تي — پنجون پليو نہ ٿئي پيار
ڇهون بي مُدو نہ بس ڪندو — وسڻ جو وهنوار
جڏهن وڇڙ جو ڏي وار — پو ڀڄڻ ڀاهر نڪرجان
۲۷-۹-۱۹۶۱ع
راولپنڊي

●

بلڪل ڪندو نہ بس ڪا — اهو مِنا مينهن
رهي پوءِ هي راتڙي — تہ نيايون ڪو نينهن
طالب مولا طلب ۾ — شوق جو پاليو شينهن
جڏهن ٿئي ڏينهن — پو ڀڄڻ ڀاهر نڪرجان
۲۷-۹-۱۹۶۱ع
راولپنڊي

●

ڳوڙها ڳڙيو ڳلن تان — تا منتون مِنا ڪن
ڪري قرب پانهنجا — عجيب مَن اُڳهن
منهنجي پاران منٿا — تا توکي هيئن چون
ترسي پوءِ طالب وٽ — تہ سڪون سپ لهن
حبيب ساڻ هتن — اگهڻ جو انعام ڏيو
۱۱-۵-۱۹۵۹ع

●

هي لڙڪ منجهہ اکن — چڻ سچا موتي سِپَ ۾
تن جا سوداگر سپرين — تا وڏا قدر ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي بلڪل بازارن مان — ڪنهن ڪي ڪين ملن
نہ وڪجن وينجهار وٽ — نہ هَٽن تي هجن
طالب مولا طلب ۾ — جي ڪِريو لڙڪ پون
تن سهڻن ۽ سچن — ملھ مورهئون ناھ ڪو

٥-١٠-١٩٥٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [١٩]

## سار سنيار

ڪري اٿيا اتر ڪان ڪڪر ڪارونيارَ
وسڻ سندا ويس ها پيا منجهن سَوَ سينگارَ
مٿان "ڪوه مري" جي ڪيئون وارو وارَ
ڪٿي ڇَوها ڇوٽ مان ڪٿي بوند بهارَ
پهاڙن تي پرت مان ڪيئون وسڻ جا وهنوارَ
پُساياڻون پيار مان ڪنوارِن ڪاپارَ
هو ڊوڙي ڊڪي ڊيل جان هليون هوٽل ۾ هڪوارَ
جهڙيون هرڻيون هيج مان ڪن رمز پري رفتارَ
ڪلها هٽي قرب مان شائقَ ڪيئون شڪارَ
پاتل ڪجل ڪانيون نرمل ڪيئون نهارَ
واتهڙن تي ورهِ جا بيحد وڌئون بارَ
ڪي وڻن هيٺ ويٺيون ڪي دڪانن تي ڏارَ
ڪئي نہ بس بيهڻ جي مٿائُن ملهارَ
پُسي پاڻيَ ۾ پيَن ڪپڙا قربدارَ
بدن بَکيو تن مان چيله ڪيا چمڪارَ
هو سمٽيو سوڙهيون ٿيو ويون جي گوڙ ڪيا گجگارَ
نہ چاڙي چاڙيَ سان ملي جو سيَ ڪيا سنڪارَ
هوڏنهن گل گلاب جا هيڏهن هي دلدارَ
ڏاڍا ڏوَ ڪرائيا ڏسڻ مان ڏاتارَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن بس برسات ڪئي    تہ هلڻ لڳيون هيڪارَ
نوري نظارن جا    چا شاعر ڪري شمارَ
سمجهڻ وارا سمجهندا    پيارن سندا پارَ
ڪارا ڪارا ڪنڍڙا    ونگڙا ونگڙا وارَ
سهڻا سهڻا سنهڙا    چِلڙا ڇُڳيدارَ
ڇهٽيل چڻ چندن تي    ماريندڙ سي مارَ
پرون پيشانيَ پر ۾    جئن ڍال اڳيان تلوارَ
اکيون عجيبن سنديون    خاصيون ٻئي خوددارَ
سنهڙي سنهڙي نڪ سان    ڳڻ گلابي رخسارَ
ڏند چپ محبوبن جا    جوهر جلويدارَ
قربائتن ڪلهن تي    ڪونج ڳچيَ ۾ هارَ
جوانيَ جي جوش ڪان    ايريل سيب انارَ
ٻانهون ڀڳڻ جون    واهہ جا مٿن وارَ
ڪراين ۾ ڪنگڻيون    ۽ چوڙا چوڙيدارَ
نازڪ هٿ حسين ٻئي    حسن جا هٿيارَ
چيلهہ چيتن ڪان چوڪي    لڏي لچڪيدارَ
هٿين پيرين هڪڙا    نہ ثاني سندن سردارَ
اهي اسان ڪان ئي پڇو    دم دم جا ديدارَ
ڪهڙا "ڪوهہ مري" ۾    ها جهلڪا ۽ جنسارَ
جبل پنهنجي جاءِ تي    سيئي سبزه زارَ
مٿي نہ ڏسجي مورهئون    رڳي ساوڪ جا سينگارَ
گل ڦل تن جي گود ۾    وڏا قدرت سان ڪلتارَ
وَڻ تن جي وجود مان    چشما ڪئين چوڏارَ
درخت تن ۾ دل گهريا    سدا سايي دارَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب ڏسيو تن کي　　　برھ سندا بيمارَ
رويو وھن رمز ۾　　　ھو نيڻين واھيو نارَ
جو جدا آھن جن کان　　　جاني جِيَ جيارَ
تن کي آھي طلب جِي　　　تَن ۾ لڱل تارَ
سي سک ھوندا ڪين کي　　　جن کان جدا يارَ
تن کي "ڪوه مري" جا　　　جارُ لڱن جنسارَ
وسن ھُنِ جي وَنِن ۾　　　جانبَ جلويدارَ
جن لڏي وري ڪانہ ڪا　　　سندن سار سنيارَ
وَيــچارن وِيــچارَ　　　آھن پنھنجي پرينءَ جا

٩-٨-١٩٦١ع

سيسل ھوٽل، ڪمرو نمبر ٣١

ڪوه مري

[٢٠]

# وٹان جيئن ويام

وٹان جيئن ويامِ
سهڻن سپرين کي
ڪئين پيغام پرت جا
جيڪي ڏوهه نہ منهنجا
طالب مولا طلب جا
تہ بہ آيا ڪين اڱڻ تي
الا! ڪيئن هيام

وري نظر نہ آئيا
ڏني ڏينهن تيام
مڙن ڏانهن مڪام
سي مڙيئي مجيام
پَلو پاند ڏنام
وهلور تي ويام
ويا ڪيئن تي سپرين

١-١-١٩٦٢ع
ڪهور

●

ڪالھ هئا هو جيئن
جيڪي اتم جيَ ۾
پرور پهچائينم شل
چوانِ تہ ڪيانوَ ڪيئن

اڄ نہ ساگيا سپرين
ملن تہ چوانِ تيئن
سڄڻ سهڻن سيئن
طالب سان طلب ۾

٢-١-١٩٦٢ع
ڪهور

●

هو جيئن ڪالھ هئا
ڪهڙو پَهه پين جو
دور ڪيائون دل ڪان
وَرھ ويهي تن سان

اڄ نہ ساگيا سپرين
وريا ڪين، وئا
نڪتڻ ڪنهن نئا
مون وڏا قرب ڪِئا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ ها حبيب هڪڙا هاڻ ڀهڳڻ ٿيا ٻئا
وجي ٿاڪِ ٿئا طالبُ ڇڏي طلب ۾

٣-١-١٩٦٢ع
ٽنڊو مِٺا خان

●

حبيبن ئي هيئن ڪيو ته ڪنهن کي ڏوهه ڏِجي
فيصلو فراق جو نازڪ ڪٿ نِجي
پنهنجي ويهي پاڻ سان قائم قرب ڪِجي
طالب پنهنجي طلب ۾ حبيب ڪر هِجي
پنهنجي توپ تِجي سدا پنهنجي پاڻ لاءِ

٩-١-١٩٦٢ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [۲۱]

# ڪُونجِن ڪَرِڪِي ڪالهہ

ڪونجن ڪرڪي ڪالهہ مونکي رت رئاڙيو
رئندي رئندي رئندي هيٺا تيم حال
هو پيهر وجي پچن سان ڪنديون واهہ وصال
آئون پاڙي رهان پرينءَ جي تہ بہ جر وهايان جال
طالب مولا طلب ۾ سڪندي وريا سال
ڪَيَم گڏ فراق جا ميڙي چونڊي مال
عجائب احوال آهن منهنجي عشق جا

۱۲-۱-۱۹۶۲ع
بودليجا

ڪَرڪي ڪونجڙين مونکي رت رئاڙيو
مون سِڪ ۾ اينهين سمجهيو تہ پيون پار ڪڍن
پر هُن ڪي پاجهہ پچن جي رڙڪيو تيون رڙڪن
آئون سَڪا سهٽي لئي پريان تا اُدما روز اچن
جي پاڙي رهي پرينءَ جي هجر منجهہ هلن
طالب مولا تن ڪي پلپل پيار ڏجن
جي محبت منجهہ مرن سي جيئرا آهن جڳ ۾

۱۳-۱-۱۹۶۲ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڪڻ جي ڪونجڙيون اَٿَوَ ٻچن لئي ٻاڪار
وڃي پنهنجي وطن ۾ ٿيون ڪريو خوب قرار
آئون پاڙي رهان پرينءَ جي تہ بہ عشق سندا آزار
اَهنجي وروهن ولر سان آئون دلبر ڪان ئي ڌار
**طالب** هاريان طلب ۾، لڙڪن لک هزار
مونکي پرينءَ پچار اَهنکي وَرِ وطن جي

١٤-١-١٩٦٢ع
هالا

●

ڪَرڪي ڪاله، اوهان جذبا، جوش جاڳائيا
اوهان ٻوليو ٻاجھ مان آئون پيو رت رئان
اَهنجي وروهن ولر ۾ آئون جهوريَ منجھ جهجهان
اَهين موٽي پچو ملڪ ۾ ڪٿان جو ڪٿان
آئون پاڙي رهي پرينءَ جي سڪ ۾ روز سڪان
رئان ۽ رڙان **طالب مولا** طلب ۾

١٥-١-١٩٦٢ع
هالا

●

ڪونجون مونجهون نہ ٿيو ويندئون وري وطن
ملنديون اتي محبّت مان پيهر ساڻ ٻچن
آئون پاڙي رهان پرينءَ جي تہ بہ هنجهون هارجن
جو مونکي ڌار ڏکي ڪيو پاڙيچن پرين
جنِ **طالب مولا** ساڻ ڪيو مِٺن محبوبن
هئي هئي حبيبن هنِ ڪلهن ڪيو ڪوند ڪو

١٦-١-١٩٦٢ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونجون مونجهون نہ ٿيو وينديون وطن وري
پيهر ملنديون پچن سان اينديوَ پت پري
آئون پاڙي رهان پِرَ جي تہ بہ مون لئي ڳالهہ ڳري
ويجهي هوندي ورهہ ٿيا پرين نہ آيو پُري
طالب مولا دل ڪئي هُنَ جي چاهہ چري
جنهن جانيَ جي جدائيَ ڪان ساعت ڪين سري
سو وري ويو وري موٽي موٽيو ڪين ڪي
١٧-١-١٩٦٢ع
هالا

●

ڪونجن کهڙا حال اسان جي عشق جا
هو پرديسان آئيون ڪالهوڻي ڪال
سگهندي مونکي سڄڻ لا ٿيا سالن مٿي سال
هو پڙهڪن رڳو پچن لا آئون رئان جانيَ لئي جال
پکيڙا پڻ پيار ۾ ڪن ٿا قرب ڪمال
پر اسان وانگر انهن کي مورهئون ناهہ مجال
طالب مولا طلب ۾ هِت جهوري ۽ جنجال
هُت وڃڻ ساڻ وصال هِت هنجهون هاريون هجر ۾
١٨-١-١٩٦٢ع
هالا

●

ڪٿي ڪَرڪڻ ڪونج جو ڪٿ عاشق جون آهون
هو ڀڪيو ٻولين ڪن ٿيون هت ڳجهہ اندر ڳاهون
هي بي وطن ۾ هو پُرن ٿيون پاهون
هو پيهر پچن سان ملن اشيو اتاهون
هِن کي عشق عجيب جو ڏي سَٿون ۽ ساهون


Scanned with CamScanner

طالبَ، طالبن جون قريب ڏي ڪاهون
ويـــچـــارنَ واهـــون پيون ويون وسري

١٩٠١ـ١ـ١٩٦٢ع
هالا

●

ڪَرڪي اڄ ڪونجن رڻاڙيو سڄو ڏينهن
هُنِ کي ٻاجهه ٻچن جي مونکي نِرجو نينهن
هُن جو چاهه چُڻڻ سان شوق سندم چڻ شينهن
محبت وارو مينهن طالب وسايم ورهه ۾

٢٠ـ١ـ١٩٦٢ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۲۲]

# ٻُڌان تو ٻين کان

ٻڌان تو ٻين کان تا رئن راتو ڏينهنُ
وسائن پيا وِرهه ۾ منجهان اکن مينهنُ
ننڊ ننڊ ڪرڻ ڏين نانگو، نپٽو نينهنُ
شوق منهنجي جو شينهنُ طالب هيرايئون هٿن سان
۵-۱-۱۹۶۲ع
ڪراچي

●

ٻڌان تو ٻين کان تا راتو ڏينهن رئن
واتون منهنجون وَرَ ڏيو پڇيو تا پڇن
شوق منهنجي جي شينهن کي پيا ٻنهنجو ماس ڏين
ٻنهنجي ڪيي تي پاڻ ئي رويو تا رئن
صلاح آهي سولي ته پاڙهي ئي پرچن
صحبتون صديقيَ جون نٿيون تن وسرن
هليا اگڻ اچن ته ڪلي ڪيڪاريون تن کي
۶-۱-۱۹۶۲ع
ڪرچي

●

ٻڌان تو ٻين کان تا رئن ڏينهان رات
انڌي پهر اندر ۾ اٿن طالب جي ئي تات
منهنجي ئي مقال جي وائي اٿن وات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پو اچن نتا عجيب چو چا ويا آهن وِلات؟
ممڪن ڪونهي، منهنجو نينهن ڏيندن نجاتِ
بخشان هوند براتِ جي هلي اچن هنج ۾
٧-١-١٩٦٢ع
هالار

●

توکي هئن حبيبَ ڪئن وڇوڙو وڌيو!
محبّت هيئي نہ من ۾ لالڻ يار لبيبَ
جو مورهئون منهن متي وئين عاشق ڪان عجيبَ
طالب مولا ڪان پري ناحق ٿئين نجيبَ
نرمل ڪنهن نصيبَ پري ڪيئي پيار ڪان
٨-٧-١٩٦٢ع
راولپنڊي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٢٣]

# لِکي لِيا مَ پاءِ

لکي لِيا مَ پاءِ تون سامهون اچ سجڻَ!
تہ پرين ڏيانءِ پرت مان محبّت سندا مڻَ
مون وٽ ولر ورهہ جا ۽ دردن سندا ڏڻَ
طالب وٽ آهي تنهنجي گهِٽن سندي گهِڻَ
وِرهہ وارا وڻ ڪڌهن ڏس قريب ٿي

●

لکي لِيا مَ پاءِ تون سامهون سجڻ اچُ
ڀهڳڻ اجا پري پيو محبّت وارو مچُ
طالبُ مولا تو چوئي سهڻا سائين سچُ
پرين تون پڻ پچُ جئن آئون پچان تو پرت ۾

●

لکي لِيا مَ پاءِ سجڻ اچ تون سامهون
جي درد اٿيئي دل ۾ تہ پيهر لَنئُون لڳاءِ
قدم پنهنجا قرب ۾ ويتر تون وڌاءِ
طالب مولا ساڻ ٿي نيهي، نينهن نباءِ
نہ تہ چريو ڪين چواءِ محبت واري ملڪ جو

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڪي پاءِ مَ ليا سڄڻ اڄ تون سامهون
جي ويهي وعدا تو ڪيا سي پورا ڪين ٿيا
تہ بہ طالب مولا جا سڄڻ تو سان پيچ پيا
محبّت واري ملڪ ۾ جي مئا سي جيا
ورهہ ٿي ويا ملئي، ماڻهو منڙا!

●

ليا پاءِ مَ لِڪي سڄڻ اڄ تون سامهون
پرين تنهنجي پيار جا پيا ڇَهڪ ڇڪي
طالب مولا مست ٿيو سڪ ۾ روز سِڪي
تہ بہ دلبر تو ڏِڪي دلڙي پنهنجي در تان
٢٩-٨-١٩٦٤ع
تيزگام

[۲۴]

# جيڪر آئون هجان!

هجنم وَرَ ورن تي ڏنگايون ڍوارَ
پيون ڪارايون ڦهر جون ٽيا جلوا جوهردارَ
ڪَرَ ڪاريھر جان ڪٽي ڏادي ڏيان ڏيڪارَ
وجهي ڪمند قرب جا ڪريان شوق شڪارَ
ساري عمر عجيب وٽ رڪان غازي گرفتارَ
**طالب مولا** طالبن کي ڀَڏي وٺان پيھارَ
صبا لڳي تہ سر ۾ هوند ٽِيَنِ هيڪارَ
جيڪر هجان وارَ متي تي محبوب جي

●

ڪٽيو هميشه پيو هلان ڪاريھر جان ڪَرَ
ڪيڏي چڏيان نہ ڪند مان ويتر وجهان ورَ
نانگ بلائون چا ڪندا پيا ڪَپايانِ ڪپرَ
سامهون اچن سورما تہ ڏنگي ڪيدانِ ڏرَ
**طالب مولا** تن کي هوند پوي پوءِ خبرَ
هجان ها جيڪرَ ڪارا ڪيس قريب جا

●

مون ۾ هردم ئي هجن ڪي وڏا جاهَ جلالَ
رڪان نوري نسبتون ۽ ڪمال تي ڪمالَ
سِجَ چَنڊَ منهنجي سامهون ظاهر منجھ زوالَ


Scanned with CamScanner

همسر هجي ڪونه ڪو ۽ جوڙ نه ڪي ٻه جمالَ
جهڪن اچي جود مان لاڪيٽا ڪئين لالَ
طالب مولا، مون جيان ڪنهن کي ڪانه مجال
ميٺي ڇڏيان ملالَ جي پرينءَ پيشاني هجان

●

جيڪي مُنهنجي صبح سان اچي زيارت ڪن
ته سيني جا سيئين پرئين هوند ڀلا بخت ٿِين
سچو ڏينهن سُڪن ۾ پيا ڪلن ۽ ڪڏن
جتي وڃن جڏهين ته مڙني ۾ مَرڪن
ڪانئر تين ڪين ڪي پر فاتح ئي رهن
گُهنڊ وجهي جي گهور ڏيان ته مُنا جِيَ جين
طالب مولا تن ڪي نه ڪوسا واءَ لڳن
مون کي مُڙيو ڏسن جي جَبِينَ جانيَ جي هجان

●

عاشقن کي اشارن جا جامر ڪرايان جُڄَ
لاهيان هوند ذري ذري سندن اندر جي اُڄَ
ڪرايانِ قرب جا پلپل پلپل پُڄَ
لاهي ڇڏيان لحظي ۾ ڏاڪڙا ۽ ڏُڄَ
طالب مولا محبّت جي سيباياانِ سُڄَ
پو صفن جون صفون پيچي بلڪل وجهانِ ڀُڄَ
ماري ڪريانِ مُڄَ جي ابرو هجان عجيب جا

●


Scanned with CamScanner

تلوارن کي اهڙو ڪٿي هوندو آبُ؟
خنجرَ خود جهڪي پون تبرون پڻ بيتاب
سينگُون سوين هجن ته به منهنجو ڪونه جواب
پهرين ماهه شوال جي اڳتان مون بي آب
هو ابرو اُبتو آسمان جو آئون سڄڻ وٽ صواب
**طالب مولا** تعريف ۾ منهنجي حد نه حساب
مون وٽ جهڪي محراب جي ابرو هجان عجيب جا

•

اک چنبڻ ۾ آڻيان عجيبُ انقلابَ
دِلن کي ڏڙڪائيان شوقئون منجهان شتاب
ڦريو ڦريو ڦٽڪائيان شوقينن شباب
لحظي اندر لاهيان هيڪاري حجاب
**طالب مولا** تن ڪان وٺان هزارين حساب
نه منهنجا هجن جواب جي هجان چهر حبيب جا

•

هوندس حاضر هر گهڙي مٿي ميدانن
چيف ڪمانڊر تي ڪري سان سوين سپاهن
هڪدم منهنجي حڪم تي هردم جي هلڻ
بلڪل بيباڪيءَ سان ور ور ڏيو وڙهن
هردم رکن هٿ ۾ محڪم مَشين گَن
بَچان ڪٿي ته بي ڊپا ڪنهن مان ڪين گسن
جيڪو اچين اڳيان تنهن کي قتل ڪن
سُستيءِ هجي ڪانه ڪا **طالب مولا** تن
اهي سپيئي ئي صفتون پوريون منجهه پنهنجن
لاهيان ور وڏن جي هجان چهر حبيب جا

•

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نھاريان نہ نھوڙيان کيئي جُنگ جوانَ
گھور ڏيانِ تہ گھائيان ساري جڳ جھان
نظر اينھين نکري جئن گز منجھان کمان
اک نہ کٽن اڳيان سورھ ۽ سلطان
کنڌ نمائن کوڙيون پيا خانن سنڌا خان
دوناليون ڏيجي وڃن مورھئون منجھ ميدانِ
”تِري ناٽ تِري“ ۾ کٽي اھڙا کانِ
ائتم اينھين کيئن کندو جئن آئون کندس احسان
ڪِران تہ بجلي تي کران پر دھرا ڏيان دان
سُکا پڻ ساوا کريان اندر جا ارمان
طالب مولا پريان دردن سان دامان
دانا کريان نادان جي اکيون ھجان عجيب جون

●

نظر کُپائي نھاريان کري جذبا جانانا
تہ واعظ، شيخ ۽ محتسب کريان مڙئي مستانا
زاھدن وڃن وسري فرض دوگانا
شاھي شاہ ڇڏي تين بلکل بيگانا
وڃن قلندر وس کان کن رقص رندانا
ساقِن وڃن وسري پيارڻ پيمانا
طالب مولا کئين کريان آئون دانا ديوانا
جُنگَ پرِن جانا جي اکيون ھجان عجيب جونَ

۲۷ شوال ۱۳۸۷ھ
۲۸-۱-۱۹۶۸ع
کراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏسي ملاحت منهنجي گل قل شرمائينِ
موسم جا محتاج هو هي اينهين ئي آهينِ
خزان اچي ته خوف ڪان ڪٽيو پلؤ پائينِ
پنهنجن پراون ۾ ڪو فرق نه فرمائينِ
سونگهڻ ڏين سين ڪي ۽ عبرت نه ڪائينِ
هَٿَ لڳي نه حجاب ڪن ڪٽيو ڏنڌَ نائينِ
ڪچن پچن ڪين ڪي جي ڪچي ڪي پائينِ
طالب مولا پاڻ ڪي وڃو وڪڻائينِ
مَٺُ سَٺُ منهنجو مورهئون هو ڪڏهين ئي ناهينِ
اَئون حجت نه رکان هڪ سان ڪٽي چاهئون ڪئين چاهينِ
ڳڻ سوين ڳائينِ جي هجان ڳل عجيب جا

•

ٻلبل پلجي هوند پئي اهڙا هجنم انگَ
پنهنجي لالائيَ لال ٿيان ڪريان دلبريءَ ۾ دنگَ
وجهان پري ڪان پيار جا ڀڳڻ ٿي ڪي ٻنگَ
اچي جهڪن اڳيان عاشق ڪئين اڙٻنگَ
مون ۾ بوءِ بهار جي واسيان پيو جهر جهنگَ
طالب مولا مون مٿي پلپل اچن پتنگَ
هزارين حيران ٿين ڏولڻ ڏسي ڏنگَ
توري چڏيانِ تنگَ جي هجان ڳل عجيب جا

•

شوقئون شاعرن ڪان ڳڻ پيو ڳارايان
ڪوڙين ڪافر پيا چون ته به مَنيان نه پانيان
ويهي ڪعبي وچ ۾ مسلمان بنايان
آنءِ ڪارو ڪارو ئي رهان پر سوين سڪايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظر لڳڻ ئي ڪانہ ڏيان حفاظت هلايان
دشمن سندو داغ تيان سجڻ سيبايان
بخت ڀلا ڀايان جي طالب مولا تِرُ هُجان

●

مونکي ملاحت تي ڏي فائق فضيلت
ڪوليان آئون عجيب جي ڪارو تي قسمت
وڏي حسن حبيب جو منهنجي معرفت
نهوڙيان سب ناظرو منجھ هجان حفاظت
لڪين لڪندا ئي رهن منهنجي صاف صفت
جت ذڪر منهنجو نہ اچي تئي اوڻائي البت
مٺين مون لئي ئي هجي محبن وٽ محبّت
اعلىٰ مِلِيَم عزّت جي طالب مولا تر هجان
٢٨ شوال ١٣٨٧هہ
٢٩-١-١٩٦٨ع
ڪراچي

●

ڏَريان اوڏاهين ڏيان ڪي جيڏهن طلب تَنَ
اتبار نہ ڪريان ڪنهن ڳالھ تي جيتر ڏٺيان نہ ڳَڻَ
ٻُڌان تہ ٻولي سان ٻڌان جنهن ۾ محبّت مَڻَ
اهو سمجهان ۽ سٽان جنهن ۾ وِرھ واري وِٽَ
طالب مولا پيو ڪريان رڳي چند ۽ چڻَ
سٽان نہ ٻي ڪا سُڻَ جي هجان ڪن قريب جا
١٣ شوال ١٣٨٧هہ
١٣-١-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيون پوليون وجهان پَن | جن ۾ رڳي جارَ
مٺا پول رڳو پڌان | پيا هڙئي چڏيان هزارَ
گلا غيبت جي هجي | نه پوڙو ٿيان پيهارَ
سٽان سمجهان ڳالهه سا | جنهن ۾ پختا پيارَ
سَڏ جن ۾ سک جا | تن آوازن سان آرَ
طالب مولا تن ڏي | ڏيان ڏيان ڏهوارَ
هي ڪرم ڪري ڪلتار | جي ڪن هجان قريب جا

٢٧ شوال ١٣٨٧ھ
٢٨-١-١٩٦٨ع
ڪراچي

●

ڪٿي منهنجو ڍنگ ٿئي | ڪٿي انبَ جي ڦارَ
پلا قوس قزح ڪٿي | ڪٿي منهنجا پارَ
ڪٿي تشبيه تبر جي | ڪٿي منهنجي ڌارَ
طالب مولا جڳ ڪندو | پلپل منهنجي پچارَ
سيڪاٽيان سردارَ | جي هجان نڪ نجيب جو

٢٧ شوال ١٣٨٧ھ
٢٨-١-١٩٦٨ع
ڪراچي

●

ڪٿي چڏيان ڪيترا | خنجر سپ خمدارَ
ڏڙپاٽيان دوناليون | محڪم ڪري مارَ
برهه منجهه بنائيان | بيحد بيقرارَ
طالب مولا تڪڙ مان | سامهون اچن سردارَ
نه ويتر ڪريان وارَ | جي هجان نڪ نجيب جو

٢٧ شوال ١٣٨٧ھ
٢٨-١-١٩٦٨ع
ڪراچي

●

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

مُرڪي محبوبن جو شـــان وڏايـــان
سڏون ڪـــري سيڪو تہ چميو آئون چمانِ
پر اچڻ نہ ڏيان اوڏڙو ويجهو ڪينَ وجانِ
لڪين نہ پچن لعل کي جنهن ۾ ڪانهي جانِ
ياقوت ياد ئي نہ پوي مورهئون بي مرجانِ
عزّت نہ تئي عقيق جي جو شايان نہ منهنجي شانِ
طالب مولا جي کِلان تہ موتي کِڏي ڏيانِ
لعاب ساڻ لڳانِ لالڻ جا جي لب هجان

۱۲ شوال ۱۳۸۷ھ
۱۳-۱-۱۹٦۸ع
هالا

●

بندِ هجان تہ بلڪل ئي رعـب جمايـــان
چران تہ چرپر چوطرف بيتابيون پايان
مُرڪان کٽي تہ مورڳو بيخـود بنايان
کلان تہ ساري لوڪ ۾ لُـو لُـو لتايان
کُلان تہ سَرُ سُرهو تئي هبڪار هلايان
ڳالهايان تہ ڳٽن جا گـل قـل ورهايان
ڪئين راتا رلايان لالڻ جا جي لب هجان

۱۲ شوال ۱۳۸۷ھ
۱۳-۱-۱۹٦۸ع
هالا

●

دليون نہ ڏکايان مورهون نہ واتان وڃايان
پراون کي پيار سان پنهنجو بنايان
هرڪو حيرت ۾ پوي سي پـول پڌايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/۱۴۷

طالب مولا هر گھڙي گڻ ئي ڳالهايان
سيني سيبايان جي هجان ڏهن حبيب جو

۱۶ صفر ۱۳۸۸ھ
۱۵-۵-۱۹۶۸ع
اسلام آباد

●

وعدا سڀ وفا تين ۽ پورا ڪريان پيمانَ
سچ سدائين سليان ڪوڙ ڳالهايان ڪان
لڏان لچڪان ڪين ڪي سيف تيان سبحان
دشمن ســـــپ دٻائيان دُرس ڪري ڏهمان
ٻڻ پريون ڳالهيون ڪريان هجان نہ جيئن حيوان
مٺين مٺايون ڏيان جوڙي جڳ جهان
طالب مولا طلب جا بيحد ڪريان بيان
ڌُهرا رکان ڏيان جي لالڻ جي لِسان تيان

۲۸ شوال ۱۳۸۷ھ
۲۹-۱-۱۹۶۸ع
ڪراچي

●

اڃو مِليم آب پيو جهڙو عرق گلاب
لاهيان اڄ ذري ذري شوقئون پيان شراب
پڙهان روز پرينءَ وٽ بيخودي جا باب
ملنم آب حيات مان نشا ڪئين ناياب
طالب مولا محب سان هجنم ڪين حجاب
لڳان ساڻ لعاب جي لالڻ جي لِسان تيان

۲۸ شوال ۱۳۸۷ھ
۲۹-۱-۱۹۶۸ع
ڪراچي

●

سنڌي ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي ڏسي ته ڦٽو ڪري    ساقي صراحن
هٿ لائڻ ته پري ٿيو    هُو ڳـڏي گِلاسن
بلڪل ئي پيچي ڪري    پرزا پيمانن
وساري ويهي رهي.    موڪِـي ڪي متن
حيرت ۾ حيران ٿي    چَپي هوند چپن
طالب مولا جي ,, اينهين    تاهيس ڏريئون ڏٽن
ته ڪونجون ڪر نه ڪٽن    جي ٻُٽن پري ڳچي هجان

٢٩ شوال ١٣٨٧هه
٣٠-١-١٩٦٨ع
ڪراچي

●

تڪبّر تباه ڪري    منجهه متي ملايان
سِٽي سرفرازيَ کي    گردن جهڪايان
اوچا ٿي اچن جي    سي ڪند نمايان
تڪڙن جي ٻه تڪڙ کي    هيٺو هلايان
متي ڦريل جي مورکو    آڪڙ اُڏايان
پنهنجي اڳيان پيرن جون    ٻانهون ٻڌايان
زيردستيون زور سان    مخدومن مچايان
محتسبن کي مورهئون    ڳٽ ڳچي پايان
واعظن جا ور ڪيدي    تن کي نمايان
لاهي شيخي شيخ جي    سدو سمجهايان
پاڻ نمي پاڻ کي    ليکو نه لايان
پر طالب مولا اندر ۾    نورتون نپايان
ڪند نه ڪٽي نايان    جي ٻُٽن پري ڳچي هجان

٢٩ شوال ١٣٨٧هه
٣٠-١-١٩٦٨ع
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عجب وني عام کي | پي هڪدم حيراني
تعريفون ڪن ٽڪڙيون | ڏسي نفاست نشاني
پاٽي پيان ته ڏسجي | ٿيان نهر نوراني
طالب مولا آئون هجان | لوڪئون لاثاني
نڪري هر زبان مان | جاني ڙي جاني!
ڪن سارهه سبحاني | جي هجان حلق حبيب جي

۱۳ صفر ۱۳۸۸هه
۱۲-۵-۱۹۶۸ع
ڪوئٽا

●

ڳايان ڪٽي ته ڳٽن جا | ڪٿڙهار ڪرڻ
ٽين رس رهاٽيون | ۽ نغما نوازجن
ققنس ڪٽي نه ڪنڌ کي | نه ڪونجون ئي ڪرڪن
سُر لڳن جي سُرن تي | ته مُيون دليون جين
اڪيون بيماريل برهه جون | غسل صحت جو ڪن
طالب مولا طلب جون | باهيون ڪئين پڙڪن
وار به ايا ٽين | جي آواز هجان عجيب جو

۱۳ صفر ۱۳۸۸هه
۱۲-۵-۱۹۶۸ع
ڪوئٽا

●

بلڪل بس ڪري وڃي | طوطو نه ڪري تنوار
قمري ڪُو ڪُو کي ڇڏي | ته چيهو ڪري چونگار
ڪوئل ڪوڪون وسرن | نه مور کولي منقار
ققنس خود ڪنبي وڃي | پئي حيرت ۾ هيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ريبيان ربابن کي · گس نہ وتن گيتار
جلترنگ جڏو ٿئي · نڙ نہ وڄي نروار
وسري وڃن مورڳو · وايولِن وهنوار
الغوزا عجب ۾ · نہ سُرمنڊل سُر تار
سارنگي سڪتي ۾ · مرلي تہ اڳ مردار
ڪرشن هجي تہ هٿ ۾ · ٿئيس بنسري بيڪار
زرياب ڪري زاريون · هڪدم مڃي هار
خُسَرو اچي تہ خبر پئي · سڌائي نہ ستار
اِبن سينا عجب ۾ · پيا مڙئي موسيقار
طالب مولا جي ڪٿي · آلاپيان آزار
جيڪر ربّ غفّار · آواز ڪِيُس عجيب جو

١٤ صفر ١٣٨٨ھ
١٣-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

جوڙ نہ ڪوئي جڳ ۾ · نہ منهنجو پيو نظير
مُصحف تشبيہ منهنجي · آئون ان جو پڻ تفسير
آئون چِهرو چَهرو چند ڪان · اصل ۾ اڪسير
هجي مهندان منهنجي · مَنو ماه منير
طالب مولا آئون هجان · اصلئون عالمگير
قادر ربّ قدير · جي مُنهن ڪري محبوب جو

١٤ صفر ١٣٨٨ھ
١٣-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪران جذهن نقاب مان ته طلبون تين تمام
نور هجيم نراڙ ۾ ۽ جلوا هجن جام
تجليَ سندي تاب ڪان اکيون جهڪائي عام
نهاريان ته نمي پون غازي تين غلام
قربئون ڪيئي ڪن اچي سدائين سلام
طالب مولا چا چوان ۽ کهڙا ڪريان ڪلام
حاصل مطلب هي تيو ته حَسينَ نه هٽن هام
منهنجا سي مقام جو چوڏهين مٽ نه منهنجو

١٤ صفر ١٣٨٨ھ
١٣-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

هتڙا لائن هيج مان جودئون ڪيئي جُهڪن
ڏين سوين ئي سجدا نيتئون اچو نمن
دل وارا ڪئين دن سان ڏوئي پاڻ پين
ڪي چنبڙي چنبڙي چنبڙي مورهئون منتون ڪن
عاشق سر کي جيئن رکن ته مورهئون متي نه ڪٽن
طالب مولا تهدليئون پڻ نذر سِرَ ڏين
چاهئون لکين چمن پير پرينءَ جا جي هجان

١٥ صفر ١٣٨٨ھ
١٤-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

جتان وات وني وجان ۽ قدم گهمايان
ته سُڪل سَرَ ساوا ڪريان پڻ قِتا وَسايان
بخت يلارا تن سندا جن پاڻ چمايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي پيرانديءَ وهن سي شاه بنايان
پاڻ ڏکارين جن ڏي ته فيض فرمايان
طالب مولا محبّت جا مينهن وسايان
تن جا شان وڏايان پير پرينءَ جا جي هجان

۱۵ صفر ۱۳۸۸ھ
۱۴-۵-۱۹۶۸ع
ڪوئٽا

●

مينديءَ رتا ته ملڪ ۾ ڪٺي ڏسبا ته ڪوڙ
پر اصلي جيڪي ڳاڙهڙا سي ڪٿي آهن ڪروڙ
جانيءَ جهڙا نه لين پل ڏجي وچي ڪا ووڙ
سوچيل سمجهيل ڳاله جي ڪئي طالب مولا توڙ
ته ڪٿي پير پرينءَ جا ڪٿي ڳاڙها موڙ
ڪٿي جباري جوڙ ڪٿي هاج هٿن جي!

۱۵ صفر ۱۳۸۸ھ
۱۴-۵-۱۹۶۸ع
ڪوئٽا

●

جيڪر هجان وارَ مٿي جا محبوب جي
ڏوپي واسي نڪري قٽيون ڪري قوڪار
مَلي مکي مشڪ سان ڪري خوشبودار
هر هر لائي هٽڙا مٿا ۾ من ٺار
وجهي گل گلاب جا بيهي منجهه بهار
پائي ڏاڻ ڏهه دفعا سرسا ڪري سينگار
پلپل ڏيم پيار طالب مولا مست ٿي

۲۸ شوال ۱۳۸۷ھ
۹-۱-۱۹۶۸ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڳيون سهٽي يار جون  ٿي پٽن تي پوانس
بلڪل بي حجاب ٿي  چاھ منجھان چنبڙانس
ڪِس ڪريانس ڪِس تي  پر ماڳھين مِس ٿيانس
ڏُءُ ٿئي ئي ڪونہ ڪو  پيو ڏينھاڙي ڏسانس
طالب مولا تهدليئون  وريو وريو وٺانس
ڏاڍو هوند ٿهانس  سَرتِن سندي ست ۾

٢١ شوال ١٣٨٧ھ
٢٢-١-١٩٦٨ع
لاڙڪاڻو

●

چمان پيشاني پيار مان  هوءَ نرمل، نوراني
تہ بہ حيا ڪري ڪين ڪي  دلبر، دل جاني
طالب مولا تنهن جي  ڪريان سر تي سلطاني
پوچيان پيشاني  جي الي هجان عجيب جي

٩ شوال ١٣٨٧ھ
١٠-١-١٩٦٨ع
هالا

●

پائي پاٿي پاڻ مان  دوست دل جاني
سينگاريانس سيئين پرئين  نظرون نوراني
لڳي هوند هرڻ کي  هڪدم حيراني
طالبؔ مولا جي ڪري  اها آساني
تہ ڪجل تي ڪاني  ڪارِن کي ڪڪوريان

١٠ شوال ١٣٨٧ھ
١١-١-١٩٦٨ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سِڪايا سَوَنِ ڪي ۽ ڇرڪ ٻه ڇڏايان
سهڻن ڪي سَوين پَتئين ڇوڏس ڇمڪايان
بي پرواهن جا پِرَ ڏي ڪئين ڏيان ڇڪايان
طالب مولا تن ڪي ڪٽي طلبن ۾ تايان
هر هر هرڪايان جي هيرو هجان حبيب جو
١٣ صفر ١٣٨٨هه
١٣-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

•

ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلن تي لڳيو روز لڳان
هو پڻ چمن چاهه مان آئون پڻ چميون ڏيان
طالب مولا ترَ ڪي ماڳهن ڪِس ڪيان
رمز پرئي رخسار سان مورهئون مِس تيان
سدائين سهاڳ تي سچڻن ڪي سونهان
تين بخت سنوان نرمل جِي جَي نت هجان
١٣ شوال ١٣٨٧هه
١٣-١-١٩٦٨ع
هالا

•

ڳُٽن پريَ ڳچيَ ڪي پلپل ڪريان پيار
محبّت مان مِٺيون ڏيان هر هر ۽ هزار
طالب مولا طلب مان ٿيان جانيَ جا جنسار
بختِ ٿين بيدار ته جهومڪ جانيءَ جا ٿيان
١١ شوال ١٣٨٧هه
١٣-١-١٩٦٨ع
هالا

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لٽڪي لٽڪي لٽڪي حسن وڏايان
چمڪي چمڪي چمڪي ڪئين مست بنايان
لڏندي لڏندي لڏندي دليون ڏڙڪايان
پاپڙن ڪي پيار سان لڏيو لڏايان
طالب مولا پاڻ ڪي لالڻ سان لايان
لعلون لڇايان جي ايرينگ هجان عجيب جا

١٦ صفر ١٣٨٨ھ
١٥-٥-١٩٦٨ع
اسلام آباد

●

پرين جيئن پائين تہ ڇُمان روز ڇپن کي
طالب مولا هوند هُو لبن سان لائين
آءُ مِٺن ڏيڻ ڪان نہ مُڙان هو هر هر هٿائين
حبيبَ هنڌائين بولو بنجي جي پوان

١٣ شوال ١٣٨٧ھ
١٤-١-١٩٦٨ع
هالا

●

لبن ساڻ لڳي لڳي ڪريان لعل نشانُ
چپاڙي چَس وٺي عجيب ڪري احسان
طالب مولا هِن ڏي دم دم آهي ڏيان
جيڪر ٿيان پانُ تہ لڳان هوند لِسان سان

١٣ شوال ١٣٨٧ھ
١٤-١-١٩٦٨ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجان جي حبيب جو چوکو چندن هار
ڳهڻو ٿيانس ڳچيَ ۾ پلپل وٺانس پيار
پيو لڳان پرينءَ جي سيني تي صد بار
مِنيون ڏيانس مِنِ تي ۽ چمانس وار وار
طالب مولا تي پوان دلبر جو دلدار
ٿيان سچڻ جو سينگار سچڻ نہ سينگار منهنجو
٢٢ شوال ١٣٨٧هه
٢٣-١-١٩٦٨ع
هالا

●

جيڪر جانيءِ جو ٿيان بلڪل بازوبند
تہ وجهانس قرب ڪمند طالب مولا تهدليئون
١٥ شوال ١٣٨٧هه
١٦-١-١٩٦٨ع
هالا

●

جيڪر جانيَ جي هجان پانهين ڪنجاري
ڪنڌ هيٺ رکيم قرب مان ٿيان پلهار پيهاري
طالب مولا آئون ٿيان هوند پرَ ڪي پياري
وٺان سينگاري پهڳڻ سنديَ پانهن ۾
٢٥ شوال ١٣٨٧هه
١٦-١-١٩٦٨ع
هالا

●

جيڪر هجان ڳهڙي تہ پِڪ وجهانس پانهن ۾
نرمل نگاهون ڪٽي لالڻ مون ڏي لڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا تنهن سان اچيم پرت پڙي
پايانس ڪا ڪڙي ڪرائيءَ ۾ قرب جي
۱۸ شوال ۱۳۸۷هه
۱۹-۱-۱۹۶۸ع
هالا

●

مُندي ٽيان محبوب جي ته هٿ ۾ پئي هجانس
سنهڙيون سهڻيون آڱريون چميو چميو چمانس
هردم پيئي هٿ ۾ سدائين سونهانس
ويجهي هجانس وجود کي لُونءِ لُونءِ ساڻ لڳانس
ويتر آئون وڻانس طالب مولا تهدليئون
۱۹ شوال ۱۳۸۷هه
۲۰-۱-۱۹۶۸ع
هالا

●

جيڪر هجان چيلهڪي ته چيله چمان چوڏار
چنبڙان ۽ چهٽانس پئي پڪ وجهي پيهار
پري نه ڪري پاڻ کان ٽيان سندس ٿي سينگار
واهه جا چمانس وار طالب مولا طلب مان
۲۱ شوال ۱۳۸۷هه
۲۲-۱-۱۹۶۸ع
لاڙڪاڻو

●

پازيب ٿي پرينءَ جا پلپل پير چمان
پانچو پري جي ٿئي ته جلوا جام ڏيان
رمز پريءَ رفتار تي ٿي چيريون ٿي چمڪان

قدمر قدمر تي واھ جو ناچو تي نچان
ميندي، رتڙن جي متان ڪري ناھ نھان
سھاڳ تي سونھان **طالب مولا** تن ڪي
٢٣ شوال ١٣٨٧ھ
٢٤-١-١٩٦٨ع
ھالا

●

ميندي ٿيان محب جي تہ پيرن تي ھٽن
مونکي ڏسي محبوب تي سوين پيا سڪن
سرتيون، ساھيڙيون مڙئي چاھ منجھان چنبڙن
**طالب مولا** طلبون چريون ھيئن چون
پرين پيرن لائي تہ بخت پلارا پائيان
٢٠ شوال ١٣٨٧ھ
٢١-١-١٩٦٨ع
دادو

●

جيڪر ٿيان پٽ حويليَ حبيب جي
پسان روز پرينءَ کي نھاريان مان نرت
پاريان پيو پرت **طالب مولا** تنھن سان
٢٦-٦-١٩٥٤
ھالا

●

جيڪر ٿيان زمين حويليَ حبيب جي
متان پير پرينءَ جا جُتيَ ھيٺ جَبين
ھو ھلي سدا ھيج مان متي مون مسڪين
تہ ڪريان آئون آمين جي **طالب مولا** ايئن ٿئي
١ شوال ١٣٨٧ھ
٢-١-١٩٦٨ع
ھالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪر تيان آستانِ دوست سندي در جي
تہ اورانگهڙ جا انيڪ هو عجيبُ ڪري احسان
طالب مولا جنهن جا درشن ئي درمان
هجن هرگز ڪين ڪي سورن جا سامان
اندر جا ارمان پورا پلپل ۾ ڪريان

٧ شوال ١٣٨٧هه
٨-١-١٩٦٨ع
هالا

●

جيڪر تيان ثانءُ پرينءَ لاِءِ پيڙ جو
رکان ڇَپَ چپن تي عجيب جي آنءُ
طالب مولا شل ڏئي ڏاتر اهڙو ڏانءُ
وٺي نرمل نانءُ لڱان روز لبن سان

٥ شوال ١٣٨٧هه
٦-١-١٩٦٨ع
هالا

●

درسني تيان دوست جي تہ اڳيان هجيم عجيب
سهڻل يار صفا ڪري هٿن ساڻ حبيب
ڏسي مون ڏي ڏهہ دفعا مُرڪي محب، مجيب
وڃان جي وڃائجي تہ نهاريم نجيب
طالب مولا هيئن ٿئي تہ قربئون وٺي قريب
اهڙو ٿئي نصيب جو هردم هجانس هٿ ۾

٧ شوال ١٣٨٧هه
٨-١-١٩٦٨ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪر ٿيان هنڌُ پنهنجي جانيَ يارِ جو
تہ ملائي مون سان سمهي سِينو ۽ سَنڌُ سَنڌُ
مونتي رکي محب سو هر هر قربئون ڪنڌُ
طالب مولا تنهن لاءِ پري ڪريان نہ پنڌُ
محبّت وارو منڌُ پئي پياريندو رهي

٢ شوال ١٣٨٧هہ
٢-١-١٩٦٨ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۲۵]

# جُتيَ جوڙ بہ جي ٽيان

جيڪر جُتي هجان پنهنجي محب مجيب جي
تہ پيرن ۾ پرينءَ جي پيئي روز پوان
وک وک تي واهہ جا چميو قدم چمان
ٽانيڪي ٽيان طالب مولا تنهن سان

۱ شوال ۱۳۸۷ھ
۲-۱-۱۹۶۸ع
هالا

●

هئي هئي منهنجون قسمتون جيڪر جتي ٿيان
پلپل پائن پير ۾ تہ ياڪر وجهي بيهان
چوڙن سدا چاهہ مان بيحد بار ڪٽان
پيارا پير تہ پري ٿيا پر مٿي مُرُ چمان
پيئي پيراندي هجان تہ بہ سدائين سونهان
طالب مولا تهدليئون ڏينهاڙي ڏسان
پگهر پئي پيانِ عمر ڏيان عجيب سان

۲ شوال ۱۳۸۷ھ
۳-۱-۱۹۶۸ع
هالا

●

جتي ٿيان جيڪر پنهنجي محب مجيب جي
تہ ڪري پيار پيرن سان پريو وجهان ياڪر
پيئي هجانس پير ۾ سدا منجهہ سفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا طلب جي هيَ خاصي آهه خبر
تہ نڌر بہ ٿيان سڌر جي لالڻ وٽ لتاڙجان
٣ شوال ١٣٨٧ھ
٣-١-١٩٦٨ع
هالا

●

پنهنجي محب مجيبڙا جيڪر جتني ڪن
تہ پيرن ڪي نہ پچڻ ڏيان خَـــراشـــون خـــارن
قدمن ڪي قرب مان ڏيان پَريون پاڪر
مِنٿيَ هاٿا پير پئي مون ۾ محب وجهن
تہ بہ منهنجو منهن متي ٿئي اَچــو الاهــي اُگهــن
مُمڪِن آهي مورڳو مون ڪي چميون ڏين
طالب مولا ايئن ٿئي تہ قسمتون کُلن
پلي ڏيهہ ڏسنِ پئي لالڻ وٽ لتاڙجان
٣ شوال ١٣٨٧ھ
٣-١-١٩٦٨ع
هالا

●

جيڪر آئون ٿي پوان جُـتـي جــانـيَ يــارَ
پير نہ ڏيکاريان پرينءَ جا ڪوڙين ڏيان قرارَ
مِنٿ ٿي مِنٿ جي ڪــريــان وارو وارَ
سيباياڻِ سيئين پرئين وٽان هر ڪنهن وارَ
چنبڙان اهڙي چاهہ مان جو ڪري نہ پاٽان ڌار
ماٺي مون ڪي ئي فقط نہ ہي ڏي ڪري نهار
لاهي ڪٽي ڦتو ڪري تہ بہ سڏو ڪن سردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا ايئن ٿئي ته ڪرم وڏا ڪلتار
سَهان پيو صد بار لٽون لالڻ يار جون
١٥ صفر ١٣٨٨ھ
١٤-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

جتي جانيَ جي ٿيان هيَ لاڪيٽي ٽم لوڙ
طالب مولا طلب ۾ تهدل ڪئي توڙ
وٽي ٿي وجود کي پيارل جي پتوڙ
ڪِٿ چلولن چوڙ ڪٿي پائڻ پرينءَ جو!
١٥ صفر ١٣٨٨ھ
١٤-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

وکجي ته قيمت ڪانه ڪا ۽ هلڪي مٽي هَٽَ
پوي پرينءَ جي پيرَ ۾ ته جُهڪن تاج منگهٽَ
جتي جانيءَ جي ٿيان ته ڪي به نه منهنجا مَٽَ
مون تي مدامي هجي سِرَن سندي سٽَ
سوين صدقي ٿي وڃن چام وڏا ۽ چٽَ
طالب مولا وانگيان ڪيئي يان ۽ پٽَ
هوءَ تخت لتاڙي تاب مان چاهي چپر ڪٽ!
ڪٿي ڪلنگيون چٽَ ڪٿي پيزار پرينءَ جا!
١٥ صفر ١٣٨٨ھ
١٤-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلڪل بازارن ۾ جتيون ڍيران ڍير
پئسن ساڻ پيون ملن ٿئي ۽ ڪانهِ نبير
موچن وٽ نه مهانگيون پڻ سستيون جڙن سوير
طالب مولا طلبون هئن ٿيون چونِ هير
ته جنهن ۾ جانيءَ پير آئون به جتي اُها ٿيان
١٦ صفر ١٣٨٨هه
١٥-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

سوني جتي به پير ۾ آٽيو وجهن امير
لچ، لانبڙ، لوئيا ۽ پائن پير، فقير
اهي جتيون اصل ڪان حيثيت ۾ حقير
پائي پرين جا پير ۾ ته سا ئي بي نظير
طالب مولا هن لاءِ ٿا نڪرن اکيان نير
ڪجي ڪا تدبير ته جتي جانيَ جي ٿيان
١٦ صفر ١٣٨٨هه
١٥-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

جتيون ته شاهن جون به ٿيون موتِن ۾ مڙهجن
ڪانهي ڳالهه سون جي پر هو ٿيون لک لهن
البت ٿيندو ايئن آهه ته تخت تي به چڙهن
ته به پون اهي ئي پير ۾ نه متي تي رکجن
سي به ته ڪنهن ڪنهن جهِ تي ٿيون لاهٽيون پون
جي سر جهڪن ٿا تن کي ته به دليون ڪين جهڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا طلب مان هي نُڪتا نهارجن
ته تن کي مُهَتَ ملن جي پون پرينءَ جي پير ۾
١٨ صفر ١٣٨٨هه
١٧-٥-١٩٦٨ع
ڪوئٽا

●

جتيءَ سندي جوڙ کي ڪلنگيون ڪين پڇن
ات ڪئين ڪلاهون اچيو تيون جذباتئونِ جهڪن
جن کي اتان عار ٿئي سي سِرَ ئي ڪسيو وڃن
جيڪي اتي جهڪيا ته تاجَ به ماٿيا تن
محبوب جڏهن وجي پُڳا متـائيـن مـقـامـن
پانيئون ته جتي لاهيون اهو اجا خيال هُئَن
ته پين پڙلاءُ ڪن تي ۽ حڪم هي ملين
جانب جتي نه لاهجو متان پير اگهاڙا ٿين!

وجي پهتا توڙ تي سان . پيارن پيزارن
طالب مولا ڪئن چوان تيان جتي نه جانبن!
جتي تيان ته پيو چا ڪبي ڪتان بنهي جهانن
جو پهتي ساڻ پرين جتي عرش عظيم تي
١٨ صفر ١٣٨٨هه
١٧-٥-١٩٦٨ع
اسلام آباد

●

ڪٿي جانب جي جتي ڪـٿـي آئـون غريب!
مون ۾ ته آهن مورڳو وڏا عـيـب عـجـيـب
آئون گدلو، ڪنڙو ڪوجهڙو هو نرمل پاڪ نجيب
ونس ڪهڙي منهن وڃان جو ٿيندس ڪيئن قريب!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر اتم اهو ئي آسر ته لالڻ آهه لبيب
چڱو چڱايون ئي ڪندو حاڪم سائين حبيب
طالب مولا آئون ڪٿي ڪٿي محب مجيب!
هو هميشه حَسيبِ آئون جتي جوڙ به جي ٿيان
١٩ صفر ١٣٨٨هه
١٨-٥-١٩٦٨ع
اسلام آباد

●

ڪيم انصاف امين تي ڳڻ ئي پي ڳوليام
ويهي پنهنجي پاڻ جا قولا جو قوليام
ته سچ پچ صديقي چوي رڳي عيب پسيام
پنهنجي اوڻاين جا جڏهين پتا پيام
ته پنهنجي مرم مُسي ويس سچڻ جو سوچيام
طالب مولا پاڻ ڪان پو سوين سوال پڇيام
جواب هي جڙيام ته جُتيءَ جوڙ به جي ٿيان!
١٩ صفر ١٣٨٨هه
١٨-٥-١٩٦٨ع
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ليلائي ليلاءِ

هيرو آيئي هٿ ۾ — قدر ڪونہ ڪيئي
لا قيمت جي لاڏلي — قيمت ڪِٿي وڏيئي
مغروريءَ ڪان محب جو — پتو ڪينَ پيئي
پنهنجو اچلي پاٽيءَ ۾ — پرايو پچيئي
معصوم محبّت کي — رڳو ڏوھ ڏنئي
دعويٰ ڪيئي نہ دل سان — چپن ساڻ چيئي
طالب چوي طمع ۾ — مَنُ مٽيي تي مٽيئي
اهو ڪونہ ڀڏئي — تہ ڪاند ڪميڻِن مٽيو

●

هيرو آيئي هٿ ۾ — تو وِلهي وڃايو
هٿيلي تو هٿ ڪان — نہ پاند ڳچيَ پايو
قرب ڪري ڪاند سان — تو لايو نہ نڀايو
ور پنهنجو ويسلي — تو مٽيي تي مٽايو
پنهنجي پاڙهي پير تي — تو هٿيار هلايو
هو غازي غيرت مند هو — وئو پٽ ورايو.
سچ تو صديقي چوي — تو هڪدم هارايو
وقت ويو نہ آيو — توڙي ڪجن ڪوششون

●

هيڪر مليئي هٿ ۾ — گهر ويئي گوهر
ڪهڙو آيئي اوچتو — اندر مان اوپرا!
پنهنجو ڇڏي پَٽَ ۾ — پسند ڪيو تو پَرُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کيڏهن ملھ مٽي جو کيڏهن پنهنجو ور
هي پيٽي هُيئي پر هُن وڃائي وڙ ڪان

●

مٽيو مهانگو ڄاتئي ايڏي طمع تات!
مٽيا تہ موڙي هٿ جي وَرَ ذاتر جي ذات
هُنن جا مَٽَ ملڪ ۾ هي پنهنجو ذات ئي ذات
ڪمائي سڀ ڪُٽُ ڪيئي موڙهي منجھ هڪ رات
قرب جي قريشي چوي بلڪل نہ سمجھيئي بات
هو بخشئي ها برات هي ٽيئي ڳٽ ڳچي جو

●

پورهيت ٽين ها پرينءِ جي ڪري ڪنئوروءَ وارو ڪم
ور وٽ تون اي ويسلي ڄَٽي ڏين ها ڄم
بَدن بخشڻ ڪاڻ هُو دلبر جو هڪ دم
طالب چوئي طمع ۾ پلجي ويئي پرم
قرب جو قدم ڪٽي ڄاتئي ڪونہ ڪو

●

ڪامڻ پنهنجي ڪُرَ ڪي ٽي لوئي لڄايوءِ
طمع آڏو تڪڙي عقل نہ آيوءِ
ويهي ويهي ويسَلي وقت وڃايوءِ
وڃي نہ پنهنجي وَرَ ڪي روئي ريجھايوءِ
وري وَرُ پوي ها جي پيھر پاڙايوءِ
سڪ مان صديقي چوي نينهن نہ نڀايوءِ
سَرَتِنِ سمجھايوءِ تہ بہ سمجھي سگھئين ڪين ڪي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو جا تو هي ڪامڻ پنهنجي ڪاند سان!
منهن انهي ڪان مٿيئي جنهن تي چيئي جيُ
پُڳئي ڪئن هڪ رات لاءِ چئيس ”پرايو ٿِيُ!“
هو تہ فقط هو تنهنجو وارث، وير، وَليُ
ڇڏي ويئي چوھ مان ڪاوڙ اٿس قوّيُ
وئي يلي تہ وري وري سوڙن منجهانءِ سِيُ
ويتر هاڻ وِره جا پُر پيالا پِيُ
عجب آهي اِيُ اجا آهين ويسلي!

●

مَنجي وئينءَ ماڪ تي جاڻ نہ جاتوئي
نينهان چڱو چاڳلي نينهن جو ناتوئي
شايد پيچ پرينءَ سان ڪو نہ پاتوئي
اڳلو ڇڏيئي آتڻ ۾ ڪچو ڪاتوئي
روئي ريجهاءِ راءَ کي ڏينهان راتوئي
جو لکي لاتوئي سو پاڳل! پڌرو ٿي پيو

●

قلم تنهنجي هٿ لڳ سڄڻ جا لوح ٿيا
لِک تہ وري لاٽون لهين ڳالھ چڱي ڪا ڪٿ
وهاريندئي وَلهو سڌي پنهنجي ست
لڇي ٿي لٽ پٽ نوڙي نيزاريون ڪري

●

ڇمي پيزار پرينءَ جا ڪٽي متي مُنهن لاءِ
اِڪن جي زبان سان گُڙَڻ اٿي ڳالهاءِ

ڪري ڳهَ ڳچيءَ جو — پاند پرت مان پاءِ
ڪنڌ پنهنجو ڪاند جي — قدمن تي ڪيراءِ
ورچي ويَل ور ڪي — منٿن سان موٽاءِ
حجتون ڪيم هلاءِ — هٿ ٻڌي ڏي حاضري

●

نورَت ۽ نياز ۾ — هِنيَين ڪي هيراءِ
ڪامڻ پنهنجي ڪُرَ ڪي — لڄي تي نه لڄاءِ
طالب تي طلب ۾ — روئي هو ريجهاءِ
ليلائي ليلائي — ليلائي ليلاءِ
ڪچي چو ڪياءِ — هٿان نه پئي هُنَ جي!

●

هٿان پيئي تنهنجي — ڏين تي هُن ميارا!
مجين نٿي موربُو — اهي نه پرت پار
ياد ڪري ڏس يار سان — ڪيل قول، قرار
ناتن نيائڻ جا — توتي مُنڊَ مدار
واتين وِره وارين — وڃائي ڇڏ وار
اڇي آخر انهن تي — پرين ڏي پيزار
تنهنجي بخشي ڏوهه ڪي — ڪن درگذر دلدار
هو اٿئي وڏا وڙائتا — بديون بخشڻهار
مٺي ڪٿي مٺيءَ مان — ڪندئي ڳچيَ جا هار
سجڻ اٿئي ستّار — اميد نه لاهه انهن مان

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي امیدون لاهين سي ئي سڄڻ ڏڪاريون
انهن هنجون ماٽيون جي ڪاند ڏي ڪاهين
جوٽون وهاٽا وَرَ جون انهن لئي آهين
سينو جي ساهين اهي وَران وچڙيون
۳۰-۸-۱۹۶۱ع
ڪراچي

●

ڪامڻ ڪري نه چاتئي قرب پنهنجي ڪاند سان
ڪري ڳُم ڳچيَ ۾ پاند نه پاتئي
لالچ لاتئي ليڪو لڱاين جو
۳۱-۸-۱۹۶۱ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قرب ڪِني سانَ ڪَئن ڪيئَي!

حيرت ٿمِ هن ڳالهه جي　حاڪم سائين حبيب!
عجب آهم هن جو　تہ ڪُليم ڪئن نصيب
سچ ٻڌائج سهڻا　ماڻهو مٺا مجيب
**طالب مولا** ساڻ ڪئن　لائقَ ڪيئي لبيب
اڻ ڏٺي عجيب　قرب ڪني سان ڪئن ڪيئي

●

اڻ ڏٺي عجيب تو　قرب ڪني سان ڪئن ڪيو!
پانڌي تنهنجي پيار جو　نرمل اچي نيو
ڏيئي نياپو نينهن جو　ڪٺي لالڻ تنهن لِيو
گهران گهرائي ورتئي　جو طلبن هُيئي تيو
**طالبُ مولا** پيار سان　تو دولڻ آهه ڏيو
عجيب! اڻ ميو　مد پياريئي پيار جو

●

اڻ ڏٺي عجيب چو　اچي پور پيئي!
محب مون مسڪين جو　ڪئن نرمل ناڻ ٻڌئي
حيران هردم آهيان　جو منهنجي نينهن نيئي
آئون ڪنو ڪوجهو ئي هيس　چو حبيب هي نہ سُيئي
**طالب مولا** ڪي مٺا　چاهه منجهان چاهيئي
مون گمنام گدلي سان　هيڏو پيار ڪيئي!
سڄڻ ڪئن سمجهيئي　تہ آئون اهڙو آهيان!

●

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com　Scanned with CamScanner

عجيب! اگلو آهيان
نہ صورت ۾ سينگار
ادلو، گدلو، ايرو
نہ منهن ۾ مٽيادار
تون سرتاپا سهڻو
سهڻن جو سردار
تو وٽ طالب مولا
اڄ آهي عرض گذار
سچڻ سچ پڌاءِ تون
تہ سچ پچ اٿئي پيار
متان مونکي وهم ئي
آهہ کيو گرفتار!
اچي ئي نٿو اتبار تہ قرب کني سان ڪئن ڪيئي

•

توکي ڏسيو ۽ وريو
تو پسان پنهنجو پاڻ
تہ مٽ نٿو تين منڙا
مورهئون ئي مون ساڻ
طالب مولا ڪٿ تيو
ڪٿ پرين تون پناڻ!
ڪٿي منهنجو ماڻ
ڪٿي تنهنجي تور تي!

•

سڪ جي ڪنيم ساهمي
هٿ ۾ اڄ حبيب!
هڪ پاسي تون هُئين
ٻي پاسي آئون عجيب!
ڪيم انصاف امين تي
نرمل، يار، نجيب
تور ڪئي مون طلب مان
لائق، لَکِي، لبيب
اعتبار ڪن ان تي
منڙا، محب، مجيب
سوگند آهي تنهنجو
قلب کان بہ قريب
طالب جا طبيب
تنهنجو وزن وڌي ويو

۱۵ ذيقده ۱۳۸۷هہ
۱۵-۲-۱۹٦۸
سرورآباد

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو لڳيم عجب تو مون سان ڪئن ڪيا تو پيار
مون ۾ ته آهن مورڳو عيبن جا انبار
ڏسيو پنهنجي پاڻ کي تو مرم ونئي منٺار
جوڙ به تنهنجو ناهيان ڪامل، قربدار
طالب مولا سان ته ڪئا ڪرم هي ڪلتار
تنهنجو قسم دلدار ته ڪِهَ به ڪُڙيَ جِي جَي تيان

●

اچي عشقُ عجيبَ مون ڪني سان ڪئن ڪيئي
مون ۾ ڏنئي محب چا منڙا ماڻهو مجيب!
ڪٿي منهنجو منهن منا ڪٿ تنهنجو حسن حبيب!
تنهنجو قسم ته تنهنجَي لائق ناهيان لبيب
حيران هن ڪان آهيان عاشقَ مون اديب
طالب مولا ساڻ ڪئن ڪيئيِ قربَ قريب
منهنجا هي به نصيب جي ڪِهَ ڪڙيَ جي تي پوان

●

ڪٿي تنهنجو شانُ ڪٿي آئون اگلو!
هڪجهڙو ناهيان تنهنجو متي مون ڪان ماڻُ
گهرائي وهندين گڏجي هي اصلي نه هو امڪانُ
طالب مولا کي نه هو اهڙو وهم، گمان
ته ايڏو ڪندين احسانُ ڪُوڙَي تي قرب جو

●

هوئي ڪونه حبيب هي مونکي خواب خيال
پيدا تيو ئي ڪونه تي سهٽا هي سوال
ته ڪنڙي کي قرب جو ڏيندين محبّت مال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو تہ گهرائي بخشيو جانب پاڻ جمال
طالب مولا ۾ تہ ڪئو آھ ڪِناين ڪمال
آهين ڪو لڄ پال پيو آئون تہ اهوئي آهيان!

●

تو تہ وڏا ئي وڙ ڪيا اڳلي مٿي عيان
تنهنجو منهنجو مقابلو جي قلبئون ٿو ڪيان
تہ ڦڪو پيو لڳان تنهنجو قسم طالب چوي

●

تنهنجو نقش قدم منهنجي سَو سجدئان سرسو
عيب پسي پانهنجا ٿو اچيم شاہ شرم!
تون تہ ڪرين ٿو طلب مان پنهنجو قرب ڪرم
مونکي تہ منهنجي حال جو ماري ٿئو مرم
طالب مولا ٿئو ڪٿي ۽ ڪٿي تون صنم!
تنهنجي سر جو قسم ڪِهڙ بہ ڪُڙيَ جي جِي تيان

●

عيبن وارو آهيان لوڪان يار لڪاءِ!
گوڏو گوڏي سان گَڏي لالڻ ڪين لڄاءِ
طالب مولا کي مٺا پل سڪ ۾ خوب ستاءِ
پر قسم اٿئي قادر جو سڄڻ سچ سڻاءِ
ڀڳڻ هي تہ ٻڏاءِ قرب ڪني سان ڪئن ڪيئي!

●

جڏهن گهَران گهرائيي نياپو ڪري نينهنَ
تہ مون ڏي محب موڪليئي شوق بنائي شينهنَ


Scanned with CamScanner

طالب مولا کي ڏني دردن پـريـن پينهنَ
اکن تڏهن مينهنَ وڏڦـــڙا وسـائـيـا

٢١ ذيقعده ١٣٨٧ھ
٢١-٢-١٩٦٨ع
چام صاحب

●

پهريون ئي پيغام محب جڏهن تو موڪليو
ڏنم ته مون کان ئي وڏو نرمل تنهنجو نام
تون خاصن ۾ خاص تئين آئون عامن ۾ پڻ عام
ويهي سوچيم سهڻا پنهنجو محب مقام
هلندو ڪئن حضور ۾ نڪمو هي ناڪام!
دل ۾ چيم ته ڪئن ڪندس قـريبُ تـي ڪـلام!
جي سڄڻ ڪيو سلام ته طالب مولا ڪئن ڪبو!

٢٢ ذيقعده ١٣٨٧ھ
٢٢-٢-١٩٦٨ع
سرورآباد

●

هردم هراسيل آهيان ڏسـي پنهنجي حـيـثـيـت
قربائتا ڪري وڏيئي مون ادنيٰ سان الفت
سيئين پرئين تون سرسو مـنـجهه فـائـق فضيلت
مون ۾ ته ڪا ئي ڪانه آهه خـاصـي ڪـا خصلت
مون ۾ او منهنجا مٺا! عـيـب اتـئـي الـبـت
اجا ته آهي تو سندي مــون ســان مروّت
پر منهنجي مداين کي ڏسي جي نرمل تيئي نفرت
۾ طالب مولا کان پرين جي مٺي وئين محبّت

ته ان لئي ٿي ويندي تڏهن قائم قيامت
پو ڪيڏهن ويندس ڪٿن ڪندس جو فنا ڪندي فرقت
شل چڱي هجي قسمت نه ته ڪنهنجو ٿيندس ڪين ڪي

٢٧ ذيقعده ١٣٨٧ھ
٢٧-٢-١٩٦٨ع
ڪراچي

●

چڙ نه ڪرين ته چئي ڏيان معاف به ڪج منٺار!
دلبر ۽ درياء جا عجيب آهن آر
پور پيِن ته رات ۾ هو وڃو وسائن پار
پٺ ورائي جي ويا ته وري ڪن نه نهار
ترس نه پوين تر جو نه وٺن خبر چار
سال لڳيو ئي ٿا وڃن جي موٽن ڪٿي پيهار
ڪهڙا آهن دلربا عُمرن ٿي اتبار!
تيتر قيامت ڪان وڏا آهن انتظار
ماريو ڇڏينِ ٿا من کي وڏا هي ويچار
جي ڏکي ڪيئي ڏار ته طالب مولا ڪٿن ڪندو!

٢٠ صفر ١٣٨٨ھ
١٩-٥-١٩٦٨ع
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٢٨]

## جنهن کي چئجي ڪاند

جنهن کي چئجي ڪاند سو ڪميڻو ڪئن ٿئي!
هُو هميشه هڪڙيَ جو وجي نہ ڪي ورڙواند
طالب چوي، چِڪ مِ پوي نہ ان جو پاند
هو ڏنڏين آهي ڏاند محتاج نہ ڪنهن مِهريَ جو
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

جنهن کي چئجي ڪاند تہ ان جو اعليٰ شانُ
هو جنهن جو تيو جڏهين تہ ٿئي نہ بِيَ مهمانُ
هو ڏئيس طعنو تڪ مان چڙ لڳس ڪُڪِ جو ڪانُ
قربانئي جي قهر ڪان شل الله ڏي امانُ!
سچ تہ صديقي چوي جوڏو هُو جوانُ
جئن سوگ رکي تہ سانُ تئن وري ويجهو نہ اچي
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

جنهن کي سڏبو ڀڪاند تنهن سان ليڪا ڪهڙا!
طالب چوي تنهن ڪان وڃــو مــتــان ورڙواند
جنهن سان پختو پاند عــمــر تــائــيــن اٽڪيو
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن ڪن پانيو ڪاند کي رڳو ڪري راند
تن منهن ڪنيو نہ معرڪين وييون تي وڙواند
هو اڇو اجرو ئي رهيو هِن پيئي ڇڪ پلاند
غفلت ۾ نہ غرق ٿيو وقت نہ ڏي ويساند
طالب ڇوي طلب ۾ هُنَ سان ٿيو هيڪاند
خاوند سندي خاند وِلهيون تي نہ وڃائيو
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

جن ڪن پانيو ڪاند کي رڳي راند ڪري
ڪاند انهن جو ڪين ٿيو ڪا جيئي يا مري
ڪلفت ساڻ ڪڍهين وَلَهو ڪونہ وري
جا هَلي سندس حضور ۾ اکيين وکون پري
سا ڪامڻ ڪاند گهري جا ڪيڏهن نهاري ڪين کي
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

ڪاندن گهٽو ڪم ڪامڻ ڪم ئي هڪڙو
هو پلپل گهرن پيار ٿا جو وڃائين وهم
هي هردم پري حاضري ڏيئي هڏ ۽ چم
پر هٽي نہ هرگز هوءِ ڪڏهن دعوا وارو دم
پو بلڪل تي باهم مُنڌ، مٽيندو ڪين کي
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاند تہ ڪَرَڙا تا تين ڪاند نہ پانيو راند
جنين جي پلاند اوهين اچي پيئيون
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

ڪٿهين ڪميٽي ڪاند نہ ڪئي پانهنجي
هزار پيرا هوءَ ٿئي ٻيٺي جي ٽيٺي
ڪاند انهي جي پاند سان هلي جا هيٺي
سا ئي سگيٺي ڪاند ڪندو قرب سان
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

ڪٿهين ڪميٽيون ڪاند نہ ڪيون پانهنجون
حاصل حق انهن کي جي هلن ٿي هيٺيون
سرت رکي جن سِڪ جي ٿيون سيئي سگيٺيون
ٻيون ٻيٺيون ۽ ٽيٺيون ٿيون، تہ ٻہ ٽيندن ڪين کي
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

سي ڪاند نہ ڪري پانهنجون جي ٿيون حَقَ پڄن
تن جايون ورتيون جيَ ۾ جي رکيو سيل رهن
سي ئي جيَريون جڳ ۾ جي محبّت منجھ مرن
جي ٻين جي ٻُڌن سي پنهنجن پرايونَ ڪيون
٢٩-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻسي وَرُ وٺي ياڪرَين  جي ڳاتَ ڏين ڳارا
هنج حاصل تن کي ۾ وَرُ ڏئينِ وارا
ڪاند ڏسي تو قرب کي نہ اچا نہ ڪارا
سدا رکينِ سيني سان پـون جـي پـارا
سِيُ لڳي نہ سهاڳڻين توڙي سخت سيارا
قرب سان قريشي چوي ڪـن ٻَلي پـلارا
سڄڻ سُوگارا تين قربائتن ڪِنِ جا
٣١-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

ڪاند نہ ڏسي زال ماڪي نہ ڏسي وڻ
هُوءَ بہ ڪري آرُ ٿي ۾ ڪاند بہ ڳڻي ڳُڻ
پلو برابر ٻڻُ پر سلڇڻيون ئي سهاڳڻيون
٣١-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

اُهي قبول ڪاند وٽ جي قربائتيون ڪِنيون
هو مِهرَ گهري مِهرَ جي نہ تہ ڪري چوريون چنيون
اهي وٺي آغوش ۾ جيڪي پيچ پنيون
مِنيون ڏين منن تي جي داءِ سندس ڊنيون
هُنَ ڏهہ ڏهہ پيرا ڏنيون وٺيون تن وصال جون
٣١-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وَنيون سي وصال جون ونن تيو وَنيون
جي ور ور ڏيو ور سان بيٺيون آهن پِنيون
ونيون ۽ پنيون ڪاند وسارن ڪين کي
۳۱-۸-۱۹۶۱ع
ڪراچي

●

ڪيئي پائن پاڻ کي چوڙيون ۽ چُنيون
وَرُ انهن کي ويجهڙو جي لاڪس روز رُئيون
بي وَرِن جو ور نه ٿئي هو ڪوڙين ڪن ڪُنيون
طالب مولا ۾ طلب تيون گُسن بي گُنيون
جن جون پيرن ڪا نه پُنيون تن جون پرينءَ سڀ پڄائيون
۳۱-۸-۱۹۶۱ع
ڪراچي

●

سُهاڳ جي سيج تي سا سورمي سمهي
جا قرب منجهان ڪاند کي پئي پڪ وجهي
هو ڏي مِني هڪڙي ته هيَ ڏهه ڏهه پريو ڏئي
انئي پهر انهيَ وٽ تي هيناهين هلي
هي ٽڙيو پئي ٽڙي هو جي پائي پير اگڻ تي
۱-۹-۱۹۶۱ع
ڪراچي

●

ڪاندُ هڪڙي ڪامڻي ڏٺِ منجهان ڏٺي
اها وٺي ور کي جيڪا گُري گُٺي
هو ڏسي مهر مهريَ جي ۽ ڪٺي ڪونه ڪٺي
چنل تارون طلب جون ڏيو اميريون اٺي
سائي سَرهي سرتئين ڪڏيو ڪند ڪٺي

سا سورمي صديقي چوي        چـــامَ تـــي جـــٽي
محبّت ڏي مٽي        طالب مولا تنهن کي

۱-۹-۱۹۶۱ع
ڪراچي

●

اَڳلي سَڳَلي تي ٿئي        جنهن ۾ ڳرا ڳُڻَ
هو مَنگي تو مهر کي        ڪاند نہ وجهي ڪڻ
چڱو چڱايون ئي ڏسي        يلي يلا هجن بڻ
صفتن جي صديقي چوي        چوند ڪري ۽ چڻ
داناء سندي ڏڻ        ڪڍهن ڳُسي ڪين کي

۱-۹-۱۹۶۱ع
ڪراچي

●

ڪچي ڪري ڪامٽي        تہ دولڻ تو ڍَڪي
ڀڳڻ ان کي يي دفعي        ڏَڪيو تو ڏَڪي
داناء پنهنجي دل ۾        طلبون ئي تَڪي
اها وَنهون وڏيڪ ٿئي        جنهن جو ڏوهہ ڏڪي
جا ڪريو بڪ بڇي        سا ڪڍيو جڏي قريشي چوي

۱-۹-۱۹۶۱ع
ڪراچي

●

جيڪا ڪامڻ ڪاند کي        هر هر ڏي هُڏي
سوين ڪري سينگار سا        ڳُل تي اچي ڳُڏي
طالب مولا تنهن جي        پيـڙي ئـي ٻُـڏي
تڏي ڪاند ٽُڏي        سا سدا صديقي چوي

۱-۹-۱۹۶۱ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۲۹]

# سو نہ چئبو ڪاند

جيڪو ڪميٽو ٿئي سو نہ چئبو ڪاند
اهو وَرُ واهيات ٿيو پاڪ نہ جنهن جو پاند
سو ڍُهٽو آهي ڏاند سچ ٿو صديقي چوي

•

جيڪو ڪميٽو ٿئي سو وَلَهو نڪي وَرُ
جنهن جو منهن مَدئَ ڏي ۽ بيحد آهي پر
سو مٽي نہ ڪندو مورهئون ڪڏهين پنهنجو ڪر
هنڌ هنڌ جنهن جو گهر سو ڪاند نہ قريشي چوي

•

ڪاندن وڏا پاند جن وٽ سُکيون سورميون
جن جا چارئي پَلوَ چڪ ۾ سي نہ چئبا ڪاند
وجن جي وڙواند اهي ڪميٽا قريشي چوي

•

ور انهي کي سڏبو جو وَرَ ڏيو ڪري وَرَ
جو ور ور چوي ونهونءَ کي ۽ وريو ڏئي ور
جنهن ڪنيا وچڻ لئي ور سو ڪاند نہ قريشي چوي!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ور سڏائڻ سولو پر ڏکيو ڏيڻ ور
ڪوڙو چئبو ڪاند سو جو وجهي وڏو ور
سو ئي سڏبو ولهو جو وجي ڪري ور ور
جنهن جو ونگو ناهي ور سو سچو صديقي چوي

●

ورَ اُهي ئي ور ٿيا جنڪي حق رڪن
ڪري ور وَنُهن ِ تي بلبل پيار ڏين
وٺيو وريو وٺن ونهون هر هر پاڪرين

●

جي وَرَ ڪٺيو وجن اهي نہ چئبا ور
جن ۾ وڏا ور سي ڪوڙا قريشي چوي
١-٩-١٩٦١ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۳۰]

## سانَ سدائين سهڻا

چريا هيئن چون ته سانَ نه سوگون ڪن
جي سانن سوگون ڇڏيون ته سانَ ڪيئن سڏجن!
اچو هر ڪنهن ويل ۾ ولر منجھ وهن
هرهر هرڪنهن ئي منجھان پنهنجو سڳند سُنگهن
هو ويهي وٿاڻن ۾ سيڪي ٿا سمجهن
طالب مولا مستيَ جي مَڻ متي ۾ اٿن
پيو سانُ اچي ڪو پاهران ته صفا ڪين سهن
مٿو ڏيو مرن يا ڄهريو ڪيڏنس جُوءِ مان

●

سانن ڪي ساجاه جا متي ۾ ڪئين مَڻَ
هردم هنن اڳيان ڏَڏَن سندا ڏَڻَ
هڪ هڪ توڏيءَ، جي اٿن تانگھ، طلب ۾ تَڻَ
طالب مولا تن ڪيِ گجھي اندر ۾ گِهڻَ
وٿاڻن جا وَڻ ڪنهن وسارِن ڪين ڪي

●

سانَ سڃاڻن پنهنجون پري نه ڪي پھرن
وڃي ٻي وٿاڻ تي ڪنهن ڪين وهن
جهاڳي پنهنجي جوءِ کي سَمُنَ تي سهڙن
اڳيان ڪري انهن کي پٽ ۾ سندن پُرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجي مهاڙ مڙن ۾ ته به پنهنجن کين پچن
سائو سائو ڪن تا سدائين سين
ڏاران ڏرارن طالب ڪنهن جا کين ٿيا

●

سوگ نه ڪن پيا ساه پريا سان ئي سوگارا
جي وجي ڪا وڙواند تي هٽن قِريو قونگهارا
واريو آٽين ولر ۾ پِريو پتارا
باس نه وٽين بدِ جي پِچن تاڙهيون ڏيو تارا
گهِڙيو پون گهور ڏيو سائُوء سوپارا
جهڙا لهوارا تهڙا اوپارا
طالب چوي تن جا متا موچارا
ميا متارا جالين پنهنجي جُوء ۾

●

سانَن سائي آه جا ڪنهن نه پاري پَر
بلڪل پتارن جي ڪڏهن نه چڏين پر
جتي ڪُٽڪا ڪُنڍن جا اتي وريو ڪن وَر
وهن کين ڪپِر جهاڳيو اچن اجهاڳ کي

●

سانَ سدائين سهٽا چگا چوڪا، چالَ
وجن ته بي ڪنهن جُوء تي سالن سندا سالَ
رکن سدائين روح ۾ محبّت پنهنجيَ مالَ
جهنگ چرن تا جال پر وجن بي نه وٿاڻ تي

●

جيڏي ساجاه سانن کي تيڏي جي ماٺهن
ته جنگ جهيڙو نه ٿئي واڻان کين وجن
ويهي پنهنجي وڳر ۾ سدا سک سمهن
ولر واريو پانهنجا سدا ساوڻ کن
سدائين صديقي چوي موجن منجھ مچن
هميشه هجن سيئين پرئين سنرا

•

سانُ نه سهي ويڻ ڪاڻ نه ڪيڏي ڪنهن جي
سختي سهي ڪانه ڪا محبّت سان ٿئي ميڻ
ته به سچاٽي ماءُ ۽ پيڻ مچِي جڏهن مست ٿئي

•

سانن جهل نه پَل چرن پلي چاه مانِ
ڪن تا اهي قرب ۾ سُڪي، سائِي ڪَلِ
وهن جنهن وٿاڻ تي ته پِريو ڪن سي پَل
جن ۾ هوندي اَل سي ورائيندو واٿ تان

•

سوگون سانَ نه ڪن ته وڙَ ئي وجنِ وجائجي
حضورن ۾ هزارين هوند اچي اَلون پون
وڙن وَجَهَنِ واريون مه رڳو کين ملن
قَنديون قِرن قَرن تي ڏُڪيون ڪونه ڏِڪن
ڪِڙي وجن ڪُڙڪ تي پِلون کين پِچن
ڏڌ، مکڻ ۽ کير مان بِرڪتون پَچِن
پينگ ٿئي پاڻن تي ڪُنڊيون نه ڪُٽِڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ياڳيا ٿلهيون ياڻ تي ويٺا وايون ڪن
جي ڪن ٿا مست مهيَ سان تن ڪي ٻڪون پَچن
سچ تو صديقي چوي ٻِلاريون نہ ٻُرن
طالب مولا تڏهين ڪِرڪيون نہ ڪُڙڪن
سانير ڪين سڄن بنيَاد ئي وڃن بدلجي
٢٩ـ٨ـ١٩٦١ع
ڪراچي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عورت ڏِنگي پاسري

عورت ڏنگيِ پاسري سِڌِي ڪين ٿئي
زور ڏِجيس ذرڙو نہ پَچي نيٺ پئي
مرد بہ آهي تيغ جيئن جيڪو زور ڏئي
تہ پچي نِهَڙ نئي طالب مولا تنهن جو

●

عورت ڏنگي پاسري سيئي ايئن چون
پر مرد بہ آهن تيغ جئن جي سدا ڪين ٿين
هو پچن تہ ٿلهيون ٿي پچن هي پچن تہ بيا بہ ڦِٽن
هو ڳنڍجن تہ ڳنڍ ٿئي هي ٽهن تہ خوب ٽهن
هُنِ کي فقط هٿَ سان پنيون پٽيون پڌجن
هِنِ کي ڏين آتشون تڏهين ٿا مڙن
هو سچيون تيڻ کان پوءِ پڻ ڪمزور ٿي رهن
هي نهي وجن تہ ٺاٺ سان صدا صفون پچن
سچ تو صديقي چوي مَٽ نہ ڪو مردن
چڱيون سي چئجن جي هٿ نہ ڪن هنن سان

●

وڏي وَٽ وڳر ۾ عـــورتـــون آهـينِ
ويچاريون هر ويل ۾ ٽيون ننڊڙا نپائينِ
لوليون ڏيئي لاڏ سان راتـيــون وِهـائـينِ
تڪليفون سڀ تن لءِ چـشـمـن تـي چـائـينِ


Scanned with CamScanner

نندڙا وڏا ڪرڻ ۾ وَرهه وِجائين
بديون بخشائين مائون پنهنجي مهر سان

●

ڪن جي محبّت مرد سان ته روئي ريجهائين
سچيون تين صحبت ۾ ته ناتا نڀائين
ڪن جي وفا وَرَ سان ته پاند ڳچيءَ پائين
پنهنجو ڪن پرين کي ته وري نه وڃائين
قرب واري جو قلبَ سان چاڪر چوائين
جي خوديَ کي ڪائين ته مَٽ نه سندن ڪو ٿيو

●

اعتراف آهي انهن جو ٿيون محبّت ملهائين
ڪاهي پون ڪلفت ۾ ته ٻيڙيون ٻُڏائين
ڪاوڙجن ڪنهن مهل جي ته سڀ سُر سٽائين
اچن پنهنجي پَرِ تي ته ناٿَ ٻه نچائين
سچيون تين سڪ ۾ ته ڪنڌ ٻه ڪپائين
مرد سندن محتاج تين جي ٻيهر ٻاڏائين
افسوس تيندو جيڪڏهن رڳو حجتون هلائين
ڳرهاٽيون ڳنڍڻ لاءِ جي پيار منجهان پائين
۽ پلپل گهٽا پيار ڏئي ٿي محڪم مڃائين
ته مست گهٽي ٿي مرد تي ڳڻ سندن ڳائين
طالب مولا طلب ۾ شل قرب ڪمائين
لئون سچي لائين سدا هجن سهاڳڻيون

٣٠-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۳۲]

# ڪُتو ڪُتو نہ چئو

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي وڏو ڪارُ
ڏٺيَ داران ڪڏهين ڪري ڪونہ قرارُ
بک ڏک ڏسي ڪين ڪي سدائين سچارُ
**طالب مولا** تهدليئون هميشه هشيارُ
پهرو ڏي پرت مان جاڳڻ سان تَس جارُ
پنهنجن ساڻ پيارُ پونڪي بيگانن تي
۴-۶-۱۹۶۴ع
راولپنڊي

●

ڪتو ڪتو نہ چئو تو چاڻَ وڏي چاٽي
سدا حاضر حڪم تي ڏي متو مانڌاٽي
پادر پنهنجن جا جهلي پاڙُ نہ اُت آٽي
ماٺهن وانگر مورهئون وري نہ وراٽي
جي چتو ئي پوي تہ بہ ڏٺي سچاٽي
**طالب مولا** تنهن کي وينو واڪاٽي
هو تيڏاهن ئي تاٽي جيڏهن مالڪ موڪلي
۴-۶-۱۹۶۴ع
راولپنڊي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتو ڪتو نہ چئو تو جاٽي وڏي جاڻ
بلڪل وڙهي بَڄ تي مٿو ڏي مانداڻ
پَونڪيو بيگانن سان ڪري ڇِنڊَ ۽ ڇاڻ
مري مالڪ اڳيان پٽ نہ ڏي هو پاڻ
آدمن اُهڃاڻ طالب مولا تنهن ۾

۳-٦-۱۹٦۴ع
راولپنڊي

●

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي وڏو ڪم
نمڪ ملهائي نياز سان ڏئي هڏ ۽ چم
هٽي ڪونہ ڏٽيَ وٽ دعوا وارو دم
طالب مولا تنهن تي ڪو ڪري ڪونہ ڪرم
تہ بہ هڪل سان هڪدم هليو اچي هيج مان

۳-٦-۱۹٦۴ع
راولپنڊي

●

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي وِڏي ڪار
عادتون انهي جون آدمن آچار
ويتر وفادار سان دلبري ئي ڏار
طالب مولا تنهن کي پيار ڏئي تون پار
مري مالڪ اڳيان پٽ نہ ڏي پيڪار
گندو نہ ڏئي گار جي مالڪ هٽيس موچڙا

۳-٦-۱۹٦۴ع
ڪوه مري

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتو ڪتو نہ چئو ڪتي ڪم وڏا
ماڻي مليس ڪين ڪي تہ بہ هيجئون ڪائي هڏا
پاليل، پرايا ڪنهين تڪي ڪين تڏا
محبّت مالڪ سان رکي لوچي ڪونہ لڏا
ڦريو ڪري ڦڏا بلڪل بيگانن سان

۴-۶-۱۹۶۴ع
ڪوه مري

●

ڪتو وڃي ڪين ڪي پري پلڪ پهر
ماڻهن وانگر مورڳو مَتي نہ ڏٺيَ در
ماڻي مليس ڪانہ ڪا تہ پَٽي اچي پَرُ
محڪم مالڪن جو سهي ڏوٽ ڏمر
محبّت جو محتاج سو گهري ڪونہ گهر
حڪم تي حاضر طالب چوي تهدليئون

۴-۶-۱۹۶۴ع
ڪوه مري

●

ڪتو وڃي ڪين ڪي پري پهر پلڪ
ڪچي پچي نہ ڪنهين جي ڏٺي هٽيس ڏڪ
بلڪل بيگانن ڪي چنبڙيو هٽي چڪ
محبّت ئي مرڪ طالب مولا تنهن جو

۴-۶-۱۹۶۴ع
ڪوه مري

●

سالڪ هيئن چون "تہ ڪتو ويري ڪرم جو"
جي نهارين نِرتِ مان تہ عجب رنگ ڏسن
تہ ماڻهو ماڻهن سان وڙهيو تا وڏا چڪ وجهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتا ٻه وڙهن ڪين ڪي    جيئن تا هو وڙهن
پنيو ماس پاڻ ۾    ننگئون تا نڪرن
"اَلدُّنيا جِيْفَةٌ" تي    عمل خوب اتن
سِلّه رُحمِيَ ڪي سدا    وساريو وهن
ڪتا وڙهيو ۽ وريو    پيا گڏ هلن
هي رَسيو متئين مقام تي    تڪبّر ۾ ترڪِن
ظالم زبردستيون    ڪن متي مسڪينن
حاڪم هيڪاري تين    تہ سچ نہ ڪڍّهن سنيرن
طالب مولا تن ڪي    جي چڱايون چئجن
تہ پوڙا تيو پڌن    هيڪاري هدايتون

٥-٦-١٩٦٣ع
ڪوه مري

●

ڪتو ماڻهو نہ ٿئي    پر ماڻهو ٿئي ڪتو
اُتي هرگز ڪين ڪي    تي غافل سنجهي ستو
طالب چوي طلب ۾    تي محبّتي مَتو
تہ مَٽ ماڻهوءَ جو نہ ٿئي    جي رنگ ۾ خوب رتو
رڪي ڪوٽ اندر ۾    تہ پوي ڪونہ پتو
ڪائي ڏِر ڏٺيَ ڪي    جي پوي تي چِتو
گوئِي ڪري گتو    تہ گپ مان نڪري ڪين ڪي

٢-٨-١٩٦٣ع
اسلام آباد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٣٣]

## مَتو کُپَندئي مِتيَ ۾

مهمايل! مِجاز جي لڳيئي ڪانه لغارَ
نرمل وجهئي ها نڪ ۾ محبّت جي مهارَ
تہ هوند نہ رڪين ها هيتري محبتن ميارَ
پڙهي پروڙيئي ڪين ڪي وِيئي عمر اپارَ
دک پهچايئي دلين کي بحث ڪري بيڪارَ
"لباس المومنين قُلوب الکافرين" پڌرا سندءِ پارَ
رُلين شال رندن ۾ بڇڙو تُنين بدڪارَ
تو پلائين خلق خدا جي نالائق نيڪارَ
طالب چوي تڪرارَ تو ڪرين سڀ طمع تي
٢٧-٣-١٩٦١ع
هالا

●

تنهنجي سڀ طمع تي نيت آهي نادانَ
ڪرين رڳو ڪوڙ تون هلڪو ٿي حيوانَ
مومن جهڙو منهن ۾ بلڪل بي ايمانَ
اندر اونداهو اٿئي مُنجهايئي مسلمانَ
ظالم ذريَ زر تي مُڙيو اچين مروانَ
لافون هڻين لوڪ ۾ ظاهر ساڻ زبانَ
متو ڪپندئي متيَ ۾ شر پسند شيطانَ
مولا نہ ڏيندئي مانَ ڪنڌ نہ ڪٽندين ڪڏهين
٢٨-٣-١٩٦١ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهمايل! مُنجهين پوين | مَنجهه من جي مونجهاري
ڪنڌ ڪٽين ڪين ڪي | مَنهين موچاري
پوَئي گِٽ گِچيَ ۾ | وجهئي مجازي ماري
پرائيَ پچار ڪي | شل وِيهين وساري!
وري اچين وات تي | پر چائي پهاري
ساري سنياري | ڪو بدلو وٺئي برهه جو
۲۸-۳-۱۹۶۱ع
هالا

●

مَتو آهين مَچ جان | مهمايل! متير
پيو هٽ هلائيين | پختا نه اٿئي پير
رنگ ڪريو رات جو | سِجدا ڪرين سوير
تو ۾ ڏِهاڙي ڏينهن جو | ڏسجن تا ڏهه ڦير
محبّت رکين مال جي | مولا ڪان مُنهن ڦير
اهڙا ڪئين انڌير | ڪرين تو ڪلتار سان
۲۸-۳-۱۹۶۱ع
هالا

●

ڪرين تو ڪلتار سان | تگين وارا ناهَ
آذر سنڌء امام تيو | ويئي رسولي راهَ
پاڻُ نه ڏنئي پانهنجو | پر بينو ڪرين باهه
پڇتائين هوند پاڻ لاءِ | اٿئي بين جي لاءِ باهه
سُٺي اچئي ساهه | جي موچڙو لڳئي منهن ۾
۲۸-۳-۱۹۶۱ع
هالا

●


Scanned with CamScanner

چهر ۾ چڙيون/۱۹۸

کيو خدا خراب مهمايل مَڃ کي
واري وتندس وير ۾ الله سائين آب
ڏنو تيندو ڏيهه ۾ ڪچندس نيٺ نقاب
طالب سندو تاب سهي سگهندو ڪين ڪي

۳-۵-۱۹۶۱ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# طالب تنوارون ڪري

آگا! ڪريان عرض تو    پيئي هٿ ٻَڌي
وڪ وڪ تي وڏي    طالب تنوارون ڪري

•

طالب تنوارون ڪري    رَتَ ڦُڙا روئي
دشمن دفع تون ڪجان    چيو "تَقْنَطُوا" توئي
راتو ڏينهان روح ڪي    آسر اهوئي
ڪونهي ڪو ڪوئي    تو ري مدد منهنجي

•

مولا! مددون منهنجيون    هِنَ دم ڪر هزار
سر کي سِجدي ۾ رکي    پلپل ڪيم پڪار
مهابي محمّد جي    ڪا چڱي ڪر چوڏار
منهنجو مٿو مٿي ٿئي    هزارن ۾ هروار
منهنجي مداين جو    ستر تيج ستّار
طالب مولا تو اڳيان    تو عرض ڪري اظهار
غافر ربّ غفّارا!    ڪر تون سهنج سٺايون

•

سيئي سهنج سٺائيون    تون آگا ڪر عطا!
پلا پيو ڪو ٻُڌندو    سائين سندم صدا!
پناه ڏي تون پنهنجي    عالم جا اجها

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

جيڏو آهين پاڻ تون ‏ ‏ ‏ ‏ ڪر ايڏا وڙ وڏا
پيو ڪير ڪريم آهه ‏ ‏ ‏ ‏ سائين تو سوا!
طالب مولا جا ‏ ‏ ‏ ‏ مشڪل سڀ معاف ڪر

●

مشڪل سڀ معاف ڪر ‏ ‏ ‏ ‏ تون هادي حڪمتدار!
نِڪمايون نڪرِي وڃن ‏ ‏ ‏ ‏ جئن مڪڻ منجهان وار
قادر آهين ڪُلّ تي ‏ ‏ ‏ ‏ غالبُ ربّ غفّار!
جيڪي دوھ فريب ڪن ‏ ‏ ‏ ‏ سي گَدودي ڪر غار
پردو تي پينار جو ‏ ‏ ‏ ‏ تون سدائين ستّار
هلاءِ سڀ هدايت سان ‏ ‏ ‏ ‏ پڪو، پوڙهو، پار
ربّ! تنهنجي رحم جو ‏ ‏ ‏ ‏ طالب طلبگار
ان ڪي ڏئي آڌار ‏ ‏ ‏ ‏ مخالف مات ڪرين

●

مخالف مات ڪري ‏ ‏ ‏ ‏ مونکي ڪر مِٺي
توکي عرض الله! ڪيم ‏ ‏ ‏ ‏ اها ڪَٿ ڪَٿي
لٺي ۽ پٺي ‏ ‏ ‏ ‏ ٺئي طالب فاتح فضل سان

●

ڪري عرضَ اپار هي ‏ ‏ ‏ ‏ ڪريان تو آمين
رهبرُ رهج راهه ۾ ‏ ‏ ‏ ‏ ربّ العالمين
سازشن تي سيئين پرئين ‏ ‏ ‏ ‏ يا ربّ پڙهه يسٰين!
مُهُتُ ڏيج مهابي ‏ ‏ ‏ ‏ ختم المرسلين
الاهي آمين! ‏ ‏ ‏ ‏ طالب ڪئي طلب ۾

●

طالب ڪري طلب ۾ ‏ ‏ ‏ ‏ رويو صدا ربّ!
مخالفن ڪي منهنجي ‏ ‏ ‏ ‏ آٽين منجھ ادب
ختم ڪر خالق تون ‏ ‏ ‏ ‏ چرين سندي چب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏي هڙني کي هدايت جي | طالب چوي طلب
سهڻا ڪري سبب | ڇگي وجهين ڇِتَ ۾

•

ڇگي وجهين ڇِت ۾ | هادي ڏين حيا
ڪجي سگهن ڪين ڪي | مونکي ڏيَج ڏيا
پنهنجا هجن پاڻ ۾ | اڪثر سڀ اڙيا
موني لڳنِ منهن ۾ | سندن سڀ گهڙيا
طالب چوي تڙيا | وري اچن وات تي

•

وري اچن وات تي | هادي سڀ هڪدم!
ڪچو ڪٿن نه ڪڏهين | پنهنجو ڪو به قدم
مدايون ڪدين من مان | مولا تون محڪم!
پڇتائين سيئين پرئين | ڏِين فيض ساڻ فهم
طالب چوي طلب ۾ | دائم نه هٽن دم
خرابيون ختم | اچ ئي ڪر الله تون!

•

اچ ئي ياالله تون | آزيون سڀ اگهاءِ
مهابي مرسل جي | عرض هي اوناءِ
طالب سندا تاءِ | دشمن پنهنجا پاڻ ۾

١٠-٥-١٩٦١ع
امين منزل
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٣٥]

# پاڻ مرادو اچ

پاڻ مرادو سڏ ته اوريان حال اندر جا
سهڻا، سجڻ، سپرين! چرڪ سيئي چڏ
طالب مولا تنهنجو عجيب! ان کي اڏ
گوڏي ساڻ تون گڏ ته پرت وراهيون پاڻ ۾

٢٧-٢-١٩٦٦ع
ڪراچي

•

پاڻ مرادو تيُ ته هڙئي حال ٻڌائيان
منهنجي ٻه پرين پيار جا ٻَتَ پيارا پيُ!
طالب جو تو ساڻ ئي قرب آهي قوّيُ
جاني! گڏجي جيُ عجيب! اداسي آهيان

٢٧-٢-١٩٦٦ع
ڪراچي

•

پاڻ مرادو اچ ته ڪريان تو سان ڳالهڙيون
طالب مولا طلب جون ڳالهيون ڪري ڳچ
هڪدم ههڙي حال ۾ پرين اچي پهچ!
منهنجا سهڻا! سچ تون ئي واهَ ولهي جي

•

پاڻ مراديون ڪر ويهي مون سان ڳالهڙيون
قربائتا! قرب جي ڪر ولهي تي ور

يا سڌ مون کي سپرين     دلبر پنهنجي در!
نہ تہ هلي آءُ حبيب! تون     هن گوندرئي جي گهر
تہ پاري پوري پر     طالب مولا طلب جي

●

پڌ هنيڙي جون هزار     پاڻ مراديون ڳالهڙيون
اڄ تہ سهي اڳڻ تي     حبيب تون هيڪار!
ڏيندس وٺندس ورهہ جا     وهوا سڀ وهنوار
جي سچي هوندي سهڻا!     تہ مڃيندس ميار
اعتراف ڪندس ان جو     ڀهڳڻ آئون ٻيهار!
جي حرفي ٿئين حبيب تون     تہ بہ معاف ڪندس منٺار!
ڏيندئي رڳي پيار     طالب مولا طلب ۾

●

ڪريون اڄ عجيب!     ڪي پاڻ مراديون ڳالهڙيون
ڪن ڏئي پڌجان قرب جون     ڪرم ساڻ قريب!
درد اڇي دور ڪر     طالب جا طبيب!
نرمل مون نصيب     جي اچين منهنجي اڳڻ تي!

●

پرين اچي تون پچ     پاڻ مراديون ڳالهڙيون!
ماٺ نہ ڪر محبوب تون     ڪجھ تہ پيارل ڪڇ!
لڪي لوڪان لڇ     طالب ساڻ طلب ۾

●

پانهون ڪري هار     ڪريون پاڻ مراديون ڳالهڙيون
پلا چاهي ان ۾     جي پيارا ڪجن پيار!
سڏي وٺ سجڻ تون     يا هلي آ هڪوار
محب، مٺا، منٺار!     طالب مولا تنهنجو

۲۸-۲-۱۹۶۶ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٣٦]

# مٺايان مٺو گهٽو

کنڊون، ماکيون، مصريون، جي ڪٽي اڇجن ڪوڙَ
مٺايون سڀ ملڪ جون پل ڪٺيون ڪجن ڪروڙَ
تہ بہ مٺ مِٺيَ جو نہ ٿِين ڪٺ وڃي ڏجي ووڙَ
هو مٺو مڙني کان گهٽو هيَ جانيَ سندي جوڙَ
ڪئي **طالب مولا** توڙَ ڳولي انهي ڳالهہ جي

٢-٣-١٩٦٦ع
تاراھ

●

مدام آهن مٺاڻَ اڻ ميا عجيب ۾
پڪون پياريئين پرت جون پاٽان جاٽي پاڻ
مَنهنجو منهن مٺو ڪيئين ڏئي مِٺن جا ماڻَ
ٺاهي وينو وجود ۾ وهڻ جا وٺاڻَ
**طالب مولا** تنهنجي چا ويهي ڪري واڪاڻ!
مونکي پرينءَ پٺاڻ پيندا پاتا پرت جا

٢-٣-١٩٦٦ع
تاراھ

●

گهٽئي ماٺهو مٺا پر مڙنيان محب مٺو
اينهين مون نہ ڏٺو ڪو **طالب مولا** ملڪ ۾

٢-٣-١٩٦٦ع
تاراھ

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کنڊان، ماکيان، مصريان منھنجو مٺو محبوب
مناٺن ڪان مٺو گھٽو طالب جو مطلوب
مون سان ٿيو منسوب طالب مولا ٿھڏليئون
٣-٣-١٩٦٦ع
هالا

●

مـٺـايـان مـٺـو گھـٽـو منھنجو محب مٺو
ڏاڍو اٿـــم ڏنــو ته ٻه نئين سچ نئون تو ڏسان
٣-٤-١٩٦٦ع
نواب شاه، تيزگام

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۳۷]

# آهي آب حيات

ڪٿي ماکيون، مصريون ڪٿي پِرين پِڪَ!
چکئي چريائي نہ ٿئي پڙ سِڪن مٺي نہ ڪ
دارو آهي درد جو هردم سا هڪ ٽڪ
طالب مولا جي رهي جو نہ انهي ڏي ڇِڪ!
چوان چڙهي چوٽِ تو ناهي لوڪان لڪ
ڳالهہ اها ئي لک جِي حقيقت ۾ هڪ
نہ هُن جي تکي تِڪ مِڙني مشروبات ڪان

ڪٿي ماکيون، مصريون ڪٿي شهد شڪر!
مَڌَ ڪي ناهہ مجال ڪا جو ڪلهو هٽي ڪنهن پر
مٺ مورهئون نہ ٿين مـشـروبـات مـگـر
ڏني لِبَ لبن جي عـجـيـبـن اگـر
طالب مولا تر هرهر ڪبو حلق ڪي

طالب مولا هن ۾ نہ شڪَ، گمانَ، دليلَ
هوءَ جڙي هُن جهان ۾ هِن جي هِت سبيلِ
هوءَ هُتي ملي تہ بہ ڪٿهين ڪنهن ڪي ڪا قليل
ڪـٿـي سـلـسـبـيـل ڪٿي پڪ پرينِ جي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لائق لِبَ لبن جي نِسُ پِسُ نجابت
طالب مولا تنهن ۾ نــاهــي نــجــاســت
سراسر سعادت آهي پڪ پرينِ جي
●

ڪٿي اچن اٺ ميون چاشنيون مان چينَ
مورهئون ماڪيون، مصريون ۽ اچي انگبين
پي مڙيئي ملڪ جون شيون سڀ شيرين
ٿاهي يلي ٿاهه سان مــشــروبــات مــشــيــن
هيَ طالب مولا پي ڏسن جي ميخانن مڪين
ته وسري وڃي واهه جا مورهئون مئي مشڪين
بيشڪ بي قرين آهي لِبَ لبن جي
●

ڪٿي لِب لبن جي ڪٿي شاخ نبات!
شرم شوڏارا ڪري ۽ مڙئي مشروبات
طالب مولا ٿيا اچي جت معالج سڀ مات
اتي پڪ پرينِ جي ڪري ڏاتر ڏني ڏات
اصلي آب حيات آهي لِبَ لبن جي
●

ڪٿي لِبَ لبن جي ڪٿي عرق گلاب!
جٺن جٺن پيچي پيار مان تٺن نشا ڪري ناياب
طالب مولا تنهن جو آهي حد نه حساب
ڪٿي لَبن لُعاب ڪٿي شيشا شراب جا!
●


Scanned with CamScanner

جڏهن ياقوتن ڪجھ ٻه ڪيو ڪينڪي
طالب مولا تڏهين تي ماريو مايوسِن
پر اتي لِب لبن اچي پيڙا پار ڪئا

●

هليو نه زور ذَهبُ جو محل نه ڪئي موتن
اوج نه ڏني جڏهين جواهرات جڏن
ڪجھ ٻه ڪيو ڪينڪي خالص خميرن
جتي بلڪل بس ڪئي دائم دوائن
طالب مولا جو اچي پهتي پِڪ پرين
نه هٽي وجي هند ڪيو سوهارن سُرڪِن
ڪٿي لِبَ لبن ڪٿي جواهر مُهرا!

۲۴-۸-۱۹۶۸ع
۲۴ جمادي الثاني ۱۳۸۸ه
هالا

●

هڙان وڙان اچي ڪيا وس وڏا ويچن
سُتِن سور وڏائيا فرق نه ڪيا قَڪِن
پُڙن نيو پوئتي هيٺو ڪيو حَبن
آئَي ڏاهن ڪئين ڏنا شيشا شربتن
تڪليفون طلب جون پيٽيون ڪيون پُڪِن
لاٿا درد نه دل جا حاذق حڪيمن
معجونن مان ڪين ٿيو اثر نه ڪئو عرقن
جَوارش جڏو ڪيو ڪم نه ڏنو ڪشتن
ڪجھ نه ماءُاللحم ڪئو لوڏيو لَعُوقن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويتر سوز نوان تيا دور نه ڪئا دارن
هئي بيماري برهه جي سا سنوان چا سمجهن!
اتي تڏهين ڪجهه نه ڪئو تڪڙن تشخيص
وينا هارائي وير ۾ ته به ترس نه طبيبن
اتي انهي حال ۾ سنياليو سڄڻن
ڪو جو پور اچي پيو هڪدم حبيبن
پهتا پُري پلڪ ۾ ڪئا قرب قريبن
اچي پاَڻ پريم مان پياري پِڪ پرين
طالب مولا تي شفا انهي ئي پيرن
ڪئي لعاب لَبن ڪئي حيلا حڪيم جا!

●

مَد مرگو وڪجي هر دم متي هَٽَ
پيالو اچا پري هجي ته چوهئون اچي جَٽَ
اُن جي پيتي پاڻ تئي ڏادي ڏاڙهيَ پَٽَ
طالب مولا تي وجهي وِسڪي وڏا وَٽَ
اچو چڙهن اکن تِي ته لهن ڪين لَٽَ
ڪئي مي جا مَٽَ ڪئي پِڪ پرين جي!

●

ڪئي پِڪ پرين جي ڪئي مئي جا ماتَ!
انهي سرڪي واسطِي ليلائن تا لاتَ
چڪي جن هيَ چاٽ سي طالب راحت رسيا
۲۵-۸-۱۹٦۸ع
۳۰ جمادي الثاني ۱۳۸۸ھ
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا ڪتي نہ ملي ڪڏهين . سا ڏني نيت نجيب
آخر اچي عجيب ٿئا طالب مولا طبيب
ڪتي لِب لبيب ڪتي مُفرحون ملڪ جون!

٣٠-٨-١٩٦٨ع
٥ جمادي الثاني ١٣٨٨ھ
هالا

ڪٿ طبيبن تدبير ڪتي عطا عجيب جي!
ڪتي لِب لبن جي ڪتي لُبوب ڪبير!
طالب مولا محبُ جَي ڪري قربَ ڪثير
تہ ڪتي ٿئا اڪسير ڪتي پڪ پرين جي!

٢-٩-١٩٦٨ع
٨ جمادي الثاني ١٣٨٨ھ
حيدرآباد

چندا ڦيٿا ڪئين ڪيا پيرن، فقيرن
ڏاڳن ڌونداڙي چڏيو تايو تعويذن
ڏاڍو ڏينهاڙي ڏنو پيٺو پَرُ پُڪِن
سڀ سَحِيقن مان نہ ٿي لوڙهيو لبوبن
طالب مولا توهه ڪئي تر نہ تِرياقن
بيٺا چاڪ چڪائيا مرگيو مَرهمن
وِڏيِ لِب لبيب جو منجھ مڙني مُرڪبن
مورهئون ڪان مرضن شافع شفا پو ڏني

٩-٩-١٩٦٨ع
١٥ جمادي الثاني ١٣٨٨ھ
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرين تو قرب ۾ لالڻ چا ڪان لِڪ!
پنهنجو بنائي پيار مان چو تو پرين چرڪ!
شايد تو وٽ ناهه سا چاتيَ واري چڪ
طالب مولا سان نه ڪر دم دم دلبر ڏِڪ
لائي لِب لبن سان سرڪي پياري سڪ
جانب يارا! جيار تون حقيقت ٿئي هڪ
علاج اٿيئي منهنجو حبيب! هي هڪ ٽڪ
جاني! جياري ڇڏيين جي طلبئون ڏيين ٽڪ
پرين پيارين پڪ ته وري جاني جي پوان!

١٠-٩-١٩٦٨ع
١٦ جمادي الثاني ١٣٨٨ھ
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [۳۸]

# ويل وقت نہ آهيان

جي پائين جيئرو هجان تہ پِڪ پريمي پيار
انهي آب حيات مان ڏاتار! ڪي ڏيار
طالب مولا کي مٺا ماري، ماري نہ مار!
ڪٽي نظرون ناز سان جاني! پاڻ جيار
پهريان وعدا پار ويل وقت نہ آهيان

١٥-٩-١٩٦٨ع
٢١ جمادي الثاني ١٣٨٨هہ
هالا

•

جي پائين جيئرو هجان تہ اچي پاڪرَ پاءِ
جڏي منهنجي جسم کي پنهنجي لِڳين لاءِ
سالن کانپوءِ سپرين پنهنجا پير چماءِ!
سهڻا صديقي کي بيخود اُچي بناءِ!
پنهنجو سڳنڌ سنگهاءِ ويل وقت نہ آهيان

•

جي پائين جيئرو هجان تہ مون لئي تيج مجدَ
تون قوّي آهين قرب ۾ منهنجو هيٺو تُئي هڏ هڏ
سهڻا! صديقيَ کي گهرائي وهارج گڏ.
سڏ ۾ ڏيندس سڏ ويل وقت نہ آهيان

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پائين جيئرو هجان ته هڪل ۾ رس هاڻ
طالبِ مولا جي پرين ڪر ڪا وٽِ وراڻ!
منڙا! مون ڪي ماڻ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ته ساٽي تي سان سڏ
پرتي اٿئي پيار جي لالڻ سائين لڏ!
اکيون پوريو اچ تون اڳيان ڪوهه نه ڪڏ
شل آڏيَ اچئي نه اڏ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ته محبّت ۾ تي مڳُ
اونهين پيار وري به ڪر جڻن عجيب! ڪيئي اڳُ
طالب مولا وٽ پرين! پرچي ڏي ڪو پڳُ
ورچون ڏي وصال جون ته درد به وڻن دڳ
اَچي لڳين لڳ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ته هلي آءُ حبيب!
لائي لڳ لڳن سان منيون ڏينمر مجيب!
سهٽا صديقيَ جا لائق يَار لبيب!
منهنجا تِيءُ نصيب ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ته گڏجي پيالا پيُ
مون کي به جوڙي جيارجان ۽ تون پڻ جانب جيُ!
سينو سيني تي رکي سچڻ لاهه ڪو سيُ
سچ تو صديقي چوي توپ تڪي جو ٿيُ
ڪر ڪو قرب قوّيُ ويل وقت نه آهيان

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پائين جيئرو هجان ته قربَ اچي ڪي ڪر
نوازڻ جا نجيب تون پير پيارا پرا!
محبّت واريون منزلون سپيئي ڪر سرا!
راتِن جي رهاڻ جي ويتر ڪجئين ور
آهن تو لِءِ اکيون طالب سنديون تر
سهٽا! صديقيَ ڪي نوري تون نظرا!
گهرائي ٻوٽ گهر ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ته ٻري لاءِ ڳلِ
ويهي وري وصال جون رمزون سپئي رل
ڪٽي چاڙهج چاهه مان وري گهورن گِهل
سينو سيني تي رکي جذباتن ڪَي جهل
جن وِهڻ وهُ ڪري ڏنو تن پورن ڪي پڻ پل
سچي ڳالهه تون سل ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ته دل جا ڏوئج داغَ
اچي پيارج عشق مان اڻ ميا اَياغَ
ٻيئا ڪري بهار اچ برهه وارا باغ
تو زوريَ مُنجان زاغ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان تي حامي منجهه هڪل
نه ته مون کي گهرڻ محب تون جي هجيئي جانب جهل!
مون کان ته نه تي ٿئي پرين! پُورن سندي پِل
تو ۾ منڙا محب! ڪا اصلي ڪانهي اَل

تہ منھنجا بہ ناھن ملڪ ۾ بلڪل ڪي بدل
اڇي اوڳاڙ عشق جي ڍولڻ! مون ڪان ڍل
سھڻا صديقي چوي عاجز لاءِ امل!
منھن جا محب منل ويل وقت نہ آھيان

●

جي پائين جيئرو ھجان تہ تار مڙيئي ٽَپ
طالب مولا ڪان ڪبا کھڙا داءَ ۾ ڊپ!
برجِ ڪيڏون برھ جي لائو! ڪر لُھپ
ڀِھگڻ! پاونگير ڄَي ھُجنِي ڪٽڻ جا ڪَپ
ڏي ڪا شوق شراب مان لالڻ ساقي لَپ!
ڄَتا آھن ڄَپ ويل وقت نہ آھيان

●

جي پائين جيئرو ھجان اڇي اولا لاھ
ليڪا سپ لڪڻ جا ڊج نہ، ڍولڻ ڍاھ!
قرب مان قريشيَ ڏي قربدار تون ڪاھ
اچ تہ سھي عجيب تون پو سينو پيلي ساھ
وِسائين نتو وجود مان برھ واري باھ
سوين ھجنئي شابسون اِينھين ڪبو آھ!
چاھئون وري چاھ ويل وقت نہ آھيان

●

جي پائين جيئرو ھجان تہ محب اچ مون وٽ!
عجيب! عزّت تنھنجي نہ گوھر ٽيندي گھٽ!
ڪٽي سيني لاءِ تون جي پيل آھيان پٽ
تارون طلبن واريون قربدار نہ ڪٽ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نرمل! نوحاڻيءَ لاءِ سانگا ڪٿي ست
منهن نه مٺا! مٽ ويل وقت نه آهيان

•

جي پائين جيئرو هجان ته وائي ڪر وصال
پهريين ڏينهن پرين مٺا! جا ڏٺم جوت جمال
ته ڪڏهن ڇڏيو ڪونه ڪو تنهنجي خاص خيال
سچ پچ صديقي چوي ماريو هن ملال
جو پڇي پرين پري تيين قربدار ڪُلال!
هاڻي ته پچ حال ويل وقت نه آهيان

•

جي پائين جيئرو هجان ته پيارا! لهه پرگهور
حبيب! اچي هتاءِ ڪا قلب واري ڪور
ڏي ڪا وٽ وصال جي ته جَهڪِي ٿئي جهور
نرمل! نوحاڻيَ جَي لهن هنيين جا هور
موٽي اچ تون مورا! ويل وقت نه آهيان

•

جي پائين جيئرو هجان ته عجيب هلي اچ!
محبّت ڏنَي ڏينهڙا گڻ ته تيا گچ
مري نه وڃان محب مان پلڪن منجهه پهچ!
نرمل نوحاڻيَ سان محبّت اندر مچ
سڄڻ سائين سچ! ويل وقت نه آهيان

•

جي پائين جيئرو هجان ته مُهر خموشي هڻ
ته پاهر پاڦ ٿي نه ڪدان جَيرين پوان نه ڇڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏکي دلبر! دور ڪر دردن وارو ڏڻ
اجا سلو سِڪ جو سائو آهي سڻ
ڏينس پاٽي پيار جو ته وڌي ٿئي وڻ
ميوا جهلي محبّت جا سي ڪاڻ اچي، پيا ڪڻ
عجيب! ڪپئي اچڻ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان هلي اچ هاڻي
زوراور! زبان ڪي پرين ڏي پاٽي!
توکي معلوم منهنجي عجيب! آڪاڻي
پري نه ڪر پاڻ کان جاڻي سڃاڻي
طالب مولا جا مٺا! تو جاڻ سيئي جاڻي
اهو آهي ڇا ڀلا اڄ ۾ صبحاڻي!
ويـــل نه وهـــاڻي ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ته هاڻي ڏيج نه ڏُڄ
پياري پڪ پيار جي پرين! ڪرائج پڄ
حبيب! هاڻي هجر ۾ ماري ڪجئين نه مڄ
توري مٺا! من سان بلڪل آهي ٻُڄ
سڄڻ! صديقي تو سوا رڳي پانيئي رڄ
اچي اجهائج اُڄ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان بلڪل ڪينڪي ٻُڄ
حبيب! اچي هڪ ٿي منهنجي حال ۾ هُڄ
ته ولوڙي ڪيئن ورهه تو احوال جرٿئي اُڄ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالبُ مولا، تون ٿئي ڏيون ڪڙاين ڪَچُ
رلِجي ڪر ڪو رَجُ ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان تہ رڙهي اچي رس
حقيقت هن حال جي پرين پيارا پس!
ڪندين اڄ احسان هي تہ جڳ بہ چوندئي جس
قريشيَ سان قرب ۾ ڪر رهاڻ ۽ رس
سڪ ۾ صديقيَ سان صحبت ڪج سرس
ڪٽي ڪانئج ڪس ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان تہ رُسَنا لاءِ ڪو رنگُ
وري اچي وجود ڪي ٻيٺو پاءِ تون ٻنگُ
تہ چڏي شهرت شهر جي جهونجهي لهون جهنگُ
طالب مولائي ۽ تون وري وجهون ونگُ
تار اچي انگ انگ ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان تہ هاٽي ڪيد نہ ڪندُ
پرين! اچي پيار تون وري محبّت منڊُ
نہ تہ مونکي گهر گهراءِ تون جي پڇئي نتو پنڊُ
مون وٽ تہ آهي مورڳو عشق وارو انڊُ
سڪ ۾ صديقيَ جو سِڪي تو سنڌ سنڌُ
هي ئي اٿئي هنڌُ ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان تہ لاهہ برهہ جا بندَ
نوري اچي نواز تون عـجـيـب آســرونڊَ!


Scanned with CamScanner

پيارج لِب لبن جي
اچِي قوّت قلب کي
نٿو اچين نجيب تون
حيرت کان هن ڳالھ جي
صديقي تنهنجي سک ۾
رس رڙهي سب رندَ

کيڏهن کبا قندَ!
سنگهاءِ اچي بسگِندَ
چو قير کيئي ۽ قندَ!
ٿم ڏندن متي ڏندَ
تو سڙي جئن سپندَ
ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان
جڏ هي رُسڻَ روز جا
طالب مولا سان وري
قسم قادر جو اٿئي
سهڻا! کٽي سڏ

تہ اچي اگِڻِ اڏ
کٽي وجهين کڏ
گوڏو پنهنجو اَگڏ
چِرک سيئي جڏ
ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان
هلي اچ تون هيج مان
طالبُ مولا آهيان
هجئي منهنجو کَپُ

تہ جڏ تون ڏاءُ ۽ ڏِپ
ٽپ تي ڏيئي ٽَپُ
سڄڻ! ناهيان سَپُ
تہ ويل وقت نہ آهيان

١٦-٩-١٩٦٨ع
٢٢جمادي الثاني ١٣٨٨ھ
هالا

●

جي پائين جيئرو هجان
هليو اچ حبيب! تون
وري کي وصال جا
کهڙا کبا قرب ۾

تہ صحبتِ مان ڏي ساءَ
کبا نہ کي ڏَپ ڏاءَ
وار ورهِ ۾ واءَ
پِلا رک رکاءَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب مولا مان ﺑﮧ وٽ ڪَي ﺗﮧ سڄڻ تون ساءَ!
هلي آءُ ”هُماءَ!“ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ﺗﮧ سڄڻ! تي نه سخت
نوري! نوحاڻيَ ڪي ڏي طلبن وارو تخت
تي هاڻ ﺑﮧ منهنجو بخت ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان تي نماڻيَ نصيبُ
اڳ ۾ ئي تون آهين لائق ۾ لبيبُ
طالب مولا لاءِ تي طلبن منجهه طبيبُ
جيڪر تيين قريبُ ﺗﮧ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ﺗﮧ قلب مان ڪيد ڪچ
هيٺي وٽ حبيب تون پاڻهي پُري اچ
ويهي ڪريون قرب جون دلبر ڳالهيون ڳچ!
صديقي چوي سچ ﺗﮧ ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ﺗﮧ اکيون اچي ڪر چار
هجر ۾ نه حبيب! تون پل محبت ۾ پيو مار
اها سرت صديقي چوي دلبر سائين ڏار!
ڪر قربائتي ڪار ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان ﺗﮧ هاڻ نه وڃاءِ ويل
پرين! ڪر ڪا پيار جي ريجهي ريل ۾ ڇيل
ﺗﮧ ڪريون ڪي قريب تي محبّت سندا ميل
سورن جي صديقي چوي بيهي ڪريون ٻيل
سڄڻ! اچ سويل ويل وقت نه آهيان

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پائين جيئرو هجان
ته نرمل ڪر نه نراس!
تنهنجا سور صديقي چوي
تا مورهئون ڪائن ماس
ڳڻجي گوندر ڪي
نهوڙي ڪريون ناس
عجيب! هجئي احساس
ته ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان
ته ڪڻ قرب جا قدم
عجيب! اجايا تا وڃن
دوريَ وارا دم
ڳڻج ته گوندر لاهيون
غلط ڪريون سڀ غم
رکون ٿڌ فراق تي
محبّت جا مرهم
اٿئي منهنجي سر جا
ڪيئي سَوَ قسم
لاهي ڇڏ وهم
ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان
ته رس تون ڪارڻ ربَّ
ٿيا ڪر فقير سان
سيئي سبب
سچ ٿو صديقي چوي
چڙون ڇڏ ۽ چپ
عجيب! نه ڪاءُ عجب
ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان
ته لالڻ ڇڏ لڪون!
ٿڪن ٿيون فراق ۾
تو لئي سڄڻ سڪون!
اِڪن اوهيرا ڪري
چوطرف ڪيون چڪون
عادت هيَ نه اسان جي
ته ڏورن جيئڻ ڏڪون
طالب مولا ڪي تڏهين
ڏي طلب مان تڪون
پيارج پاڪ پڪون
ويل وقت نه آهيان

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پائين جيئرو هجان     ته پرين رهه نه پري!
دردن سوڏي دلڙي     پئي ڳڙتن منجهه ڳري
فرق فقط هي تورڙو     پئي ٻڏي ۽ تري
تنهنجي به سريو تي وڃي     منهنجي به پئي سري
سچ تو صديقي چوي     هيئن وري نه ڪي سري
مالڪ مرضيَ جو تيين     ڏس دل تي هٿ ڌري
اڄ تون ٻر پري     ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان     ڍولڻ منهنجا ڍولَ!
نوري! ڪر نوازشون     ته جهلي ٻيهان جهولَ
قلب مان قريشيَ جي     هڪدم لهن هولَ
پورا ڪر تون پيار مان     جي ٻيهر ٻڌئي ٻولَ
ويتر ڪين وسارجان     قربن وارا قولَ
سهڻا! صديقيَ جي     ڪر ڳجهارت جي ڳولَ
ته روح رچنديون ڪي ڪريون     ريجهي منجهه رتولَ
ٻلائي چڏ ٻيا ٻولِ     ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان     محب متي جا موڙَ
منهنجي ڏئين ڪا ڪنهن کي     وڃي جيڪر ووڙَ
تو سان به ڪيا ڪڏهن     ڪي گوندرن ڳوڙَ!
يا اسان سان اصل ڪان     پئي ڪري پرت پتوڙَ
تنهنجي ڪئي طلب ۾     طالب مولا توڙَ
جوڙِ اچي ڪا جوڙَ     ويل وقت نه آهيان

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پائين جيئرو هجان — ڏي طالب کي نه تڏ
هن وٽ آهي ڪانه ڪا — پرين پيارا پڌ!
پرتي اٿئي پيار جي — لاڙ سائين لڏ!
ڏکي ڪيڊ دوريَ کي — ڪر گدلي سان ڪا گڏ
قريشيَ سان قرب جي — اچي ڪر ڪا اڏ
جڏي اڄ هوءِ جڏ — ويل وقت نه آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان — ۽ مران ڪين مان
ته هليو اچ حبيب تون — حالي هڪ لڳان
ته وٺين ڏاڍو وجود کي — ۽ ريجهين پئين روحان
طالب مولا کي مٺا! — هوند چمين چاهه منجهان
سڌ پرين! تون پاڻ ڏي — ته پلڪ اندر پڇان
وري هوند اچان — ويل وقت نه آهيان!

●

جي پائين جيئرو هجان — ته پُري اچي ڪر پيارُ
هاٽي جڏ حجاب کي — عجيب جڏي آرُ!
ڏسندين ته چاهئون چنبڙندين — بلڪل بي اختيارُ
نوري! نوحاڻيَ جو — تي غمن ۾ غمخوارُ
سچ تو صديقي چوي — ته ڀڳڻ ٿي نه بارُ!
قريشي قربائتو — پيهر به ٿئي بلهارُ
طالب مولا تو چوي — هي عشق منجهان اظهارُ
اهو ڪر اتبارُ — ته ويل وقت نه آهيان

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پائين جيئرو هجان
رمزون روز رسڻ جون
اصلي تنهنجو آهيان
نہ تہ عاشق چواءِ نہ اصلي
ڪوڙو سمجهيئي قرب مِ
طالب مولا ڏي پرين!
اڪيون اچي ڪر چار

تہ پت پرت جي پار
تيه ئي ڏينهن تون ٿار
هنيون نہ هرگز هار
ءُ وعدا سڀ وسار
محبوب سائين مارا!
ڪٽي ڪند نهار
ويل وقت نہ آهيان

•

جي پائين جيئرو هجان
سوگند تنهنجي سر جو
اصلئون تنهنجي عشق مِ
اچ تہ جهوليَ مِ جهلي
سيوڪارن مِ سهٽا!
طالب مولا ساڻ ڇڏ
بنهي پانهن جو ڪٽي
اهو ڪر اتبارُ

تہ ڪٽ برهہ جو بارُ
اٿم نينهن نبارُ
ڀڳڻ! ناهيان يارُ
اهڙو ڏِيئين پيارُ
ونجئي هڪ هڪ وارُ
گوهر تون گينوارُ!
پاءِ حقيقي هارُ
تہ ويل وقت نہ آهيان

•

جي پائين جيئرو هجان
سڏڪا هر هر تو پري
تون بہ انسان آهيين
مشڪل مڙئي پانهنجا
يا فطرت مِ ڪو فرق پيو
آرزو مان عشق ويو
يا ختم ٿي ويون خواهشون
متان تاب تمّنائن ڇڏيو

تہ اچي ڪر احسانُ
اندر جو ارمانُ
آنءُ بہ آهيان انسان
اچ تہ ڪريون آسان
ڇڏيو جذباتن جهان!
ٿي تقاضا تالان!
ءُ سک جو ويو سامان!
ءُ مُطالبن ميدان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوري! نوحاٽيَ جو اجا نينهن اٿئي نالان
حبيب هميشه نہ اچين تہ بہ محب تي مهمان!
نرمل! تيس نادان تہ بہ ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان اچ عجيب الاڙي!
اکيون عاجز تي پيون ڳوڙها سوَ ڳاڙي
حبيب سائين! هجر تو لُونءَ لُونءَ لتاڙي
ڪٽيءَ واري ڪُنب جانْ پئي محبّت مناڙي
آويءَ وانگر عجيب! تي سڪ سدا ساڙي
ڪيل قول قرار تون اچ پرين سڀ پاڙي!
تہ بہ سمجهين تو صديقي چوي گهوڙا گهوڙا ڙي!
من پچين اچين پاڙي ويل وقت نہ آهيان

●

جي پائين جيئرو هجان تہ ڏک نہ ڏي ڏوڙا
عشق هٽي تو اٽ ڳٽيا هر هر هتوڙا
پيارا يارا! پچي تہ ڏس سڀ اوڙا ۽ پاڙا
هلن ڪئن حبيب تا جهان ۾ جوڙا!
پنهنجا بہ پرين شل هجن جوڙا سجوڙا!
تہ بہ سمجهين تو صديقي چوي گهوڙا ڙي گهوڙا!
پڏين نتو پوڙا تہ ويل وقت نہ آهيان

١٧-٩-١٩٦٨ع

٢٣ جمادي الثاني ١٣٨٨هہ

حيدرآباد ۾ ملتان جي وچ ۾

فوڪر فرينڊشپ پي ڪي ٦٠٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۳۹]

## ڪنهن کي خبر نہ ڪنهن جي!

چرين کي چريو چوڻ آهـــي چـريـــائـــي
ڪڏهن ڪبي ڪانہ ڪا حـقـيـقـت هـوائـي
مورهئون متان تون هجين صـفـا سـودائـي!
سچ تو صديقي چوي طـالـب مـولائـي
ناهي ڪڏهن ڪائي ڪنهن کي خبر ڪنهن جي

●

چرين کي چريو چوڻ چـريـائـي آهـي
کهڙو پتو ڪنهن کي اُن سان ٿيو ڇاهي!
متان اهي عشق ۾ ويـا لاڳـاپـا لاهـي!
طالب مولا هـو مـتـان پـيـو نـيـنـهـن نباهي!
ڇـئـي نـوحـاڻـي نـاهـي ڪنهن کي خبر ڪنهن جي

●

چرين کي چريو چوڻ آهي وڏي چُڪَ
متان هَڏُ هنن جا رُلندي ٿيا رُڪَ!
طالب مولا ڪا هَنيُن متان محبّت مُڪَ!
هي ٿڙي ڇڏج ٺڪ تہ ڪنهن کي خبر نہ ڪنهن جي

●

چرين کي چريو چوڻ هيءَ ڳالھ ئي اجائي
متان پيتئون پريم جي ڪـا سـرڪـي سوائي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حقيقت هن حال جي ڪنهن کي نا ڪائي
شايد محبوبن ڪاڻ ٿيا آهن توائي
اهڙي منزل محبتي هئي اسان تي به آئي
متان دردن هُنءَ کي چڏيو ڪپائي ڪائي!
طالب مولائي ڪنهن کي خبر نه ڪنهن جي

●

چرين کي چريو چوڻ ڏاڍو آهـــي ڏوهه
سرديَ گرميَ هڪڙا لـگ اتـن جـڻ لـوهه
وڏي وين وجود ۾ مـحـبـوبـن جـو سـوهه
طالب مولا هُنءَ کي آهي طلبن سندو توهه
اهــو آهه انـــدوهه ته ڪنهن کي خبر نه ڪنهن جي

●

چرين کي چريو چوڻ ڏوهه آهي ڏاڍو
متان هُجَينءَ کو ڪاڍو ڪنهن کي خبر نه ڪنهنجي

●

چرين کي چريو چوڻ هي ڪم نه ڪاملن
متان سودا سڪ جي ۽ محبت اتن من!
تڏهن پيا طلب ۾ رجون سڀ رلن
متان تن جي موڙگو پيا ڪيئي ڪليو ڪلن
هو مرڻي محبوبن لاءِ سر تي ٿا سهن
طالب مولا تن سان همدرديون هجن
اندر ڇا اتن ڪنهن کي خبر نه ڪنهن جي!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چرين کي چريو چوڻ خـــوف نـه خـدائـي
پهرين ڏس تون پاڻ کي متان تون ئي توائي!
سوچڻ سمجهڻ کان سوا دوڙ تـهـڙي چائي
متان نـه چريو تون هجين رک سـمـجـهـ سـجائي!
طالب مولائي ڪنهن کي خبر نـه ڪنهن جي

●

چرين کي چريو چئي خـلـق نـه ڪـلائـيـن
متان حقيقت پانهنجي تـو بـيـن پـڌائـيـن!
سمجهه وارن جي سامهون مـتـان سـنـئـون سڌائين
طالب مولا ڏيان سان ســوچــج ســدائـيـن
ڪنهن پنهنجي پاڻ کي مــتــان پــڌائــيــن
سمجهه رکج سائين! ڪنهن کي خبر نـه ڪنهن جي

●

چرين کي چريو چئي پاڻ نـه چريو ٿئُي
سور پنهنجا پاڻ ئي پاڻهي وينو پئُي
هميشه هلڻ جو اٿئي رستو اِئُي
ڪنهن تان ڪين ڪلون ڪبيون قـــادر آهـ قـــوّئُي
نظر ڪندئي نبّئُي طالب مولا تڏهين

●

چرين کي چريو نـه چئو سامـــهـــون آهـ سـمـيـع
ڪنهن جو ناهي ڪنهن سان خـــريــف ۽ ربـيـــع
طالب! مولا جي اڳيان مدام رهـــج مطيع
واحد اٿئي وسيع گهرج چڱايون چاهـ مان
١٨-٩-١٩٦٨ع

●

٢٤ جمادي الثاني ١٣٨٨هـ
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چرين کھڙيون چت سي تنين کي خبرون
جي هُتِ هوندي هِتِ سي ڪامل قريشي چوي

●

کھڙيون چت چرين سي تنين کي خبرون
سرکي سک سرين پر مِ پنھنجي پيار جي

●

چرين هڪڙيون چت مِ پين اهن پيون
پرينءَ کان تن پاڪريون نيّت ساڻ نيون
وجي ٿانيڪيون ٿيون طالب طلبون تن سان

١٦-٩-١٩٦١ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۴٠]

# ڇپر ۾ ڇڙيون

وچ تون سِنَ لَهي ته پير وڃائيان پرينءَ جو
ويھي رهان واٽ تي متان پھچان ڪيچ ڪهي!
جهوتون ڏيندي جبل ۾ وڃيم پَل ته وَهِي
جو پاري سگهيس نه پنهل سان جا مون پر ۾ ڳالھ پَهِي
ڪھڙي منهن محبوب جا سُهِما سگهنديس سَهِي!
طالب مولا محب جي روح ۾ ڳالھ رَهي
پل صدما سورَ سهِي پھچان پوءِ پنھونءَ ڪي
٧-٨-١٩٥٥ع
پينٹھڙو

●

سسئيَ سان سورن جا عشق ڪيا آزارَ
جانبُ جَتَ وٺي ويس ٿيا ڪيچي سپ قهار
وٺي واٽ وَهِي ويا ڪرها ڪري قطار
اوٺن ڪيا ڪينڪي اوڳي لئي آچار
طالب مولا تن لاءِ پلپل ڪيڍيائين پار
تن ڪي ڪھڙي خبر چار جن عمر اُٺ تي چاريا!
١٣-١٢-١٩٥٤ع
پينگهارو

●

اُٺن ڪين اُٺاريس موڳن ماٹ ڪئي
پنهل سندي پُرڻ جي پروڙ ڪانه پئي

اُتي تہ اُن کي اندر ۾ — لاتي طلب تئي
جهلئي جَهل نہ ڏنئين — هئي محبّت منجھ مَئي
وَئي زَڙي وَئي — واڪا ڪندي وَرَ ڏي

٣-١-١٩٥٥ع
ٽاٽو بولا خان

●

حجت پائي هوت ڏي — جي هلڪيون ٿيون هلن
سي رسن ڪين راز کي — پيون رندن تي رلن
طالب مولا محب سان — مــحبّـتـيـون مِــلــن
سي ڪليو ۾ ڪلن — جن عاجزي اجهو ڪيو

١٧-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

ڏونگر ڏکويينم — جو سکن ۾ سمهي رهيس
سکن سانڍي ڇڏيس — تہ ڏک وڏا ڏيينم
پنهل ري پرديس ۾ — متان ٿُوبَ ٿيينم
رندن ۾ رڙن ڪندي — رلايــو رُلايـيـنـم
پُٺون پير ڪريينم — جو سجڻ سنڀاليم ڪينڪي

٥-٧-١٩٥٥ع
عبدالحڪيم ٻرڙي جو ڳوٺ

●

پلي ڏک ڏنام — سجڻ ريَ سنسار ۾
پنهل پاهون ويو هليو — تہ گوندرَ اچي گڏيام
جبل پلي جاڙ ڪئي — جو نينهن ۾ ننڊ ڪيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنجهي سنياريم ڪينڪي ته هِتان هوتَ ويام
تڏهن سور ستام جو سمهي رهيس سيج تي
٧-١١-١٩٥٥ع
هالا

●

پلي وَرُ ويو ڌَئي ڌهاڳُ ڏکن جو
سُک وَندِيَ سان سيگهه ۾ پل کيچن قهر کيو
نِيو ڙي نيو! عشق آريَ ڇام جي
٢٧-١١-١٩٥٥ع
٢٥ صفر ١٣٧٧هه
پکا شريف

●

ديسي ته سيڪنهن سيڻ ڪجن پرديسي پرين
روئڻ روز انهن لاءِ نهاري نهاري نيڻ
وِرَهه وارا ويڻ پيا سيبائن ساه کي
١٠-٣-١٩٥٦ع
گوٺ صوفي
صبح ١٠ بجه

●

پنهنجو ڪن نه ڪن پرين پنهنجا مون ڪيا
ڪڏهين من هو قرب مان ڏکيَ ڏي ڏِسن!
محبّت ساڻ محبوب سي واري واڳ وَرَن
طالب مولا طلب جا تا دل ۾ دود دکن
هن کي جَنِ نه ڪن مون کي عشق الیل کيو
٢٠-٩-١٩٥٢ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجا تين نه تين پرين پنهنجا مون ڪيا
ڪنديس وَرهاڙو وَرَ تي ميڙيون ماڻَ مَڃين!
ويهي شل ڪنهن وَرَ ۾ ساٿم سورَ سلين!
ڏيئي پاند پريت جو ڏڪڻ تي ڍڪين
طالب مولا تهدليئون جانب سامَ جهلين
ڏکي ڪي ڏسين من پرين وجهه پرچائڻ جا!
٢٠-٩-١٩٥٧ع
هالا

●

منهنجا تيا ڪينڪي پنهنجا پرين ڪيامِ
رلندي رلندي رندن تي گذري ڏينهن ويام
سکن سنگت ڇڏيو ساٿي ۽ سور تيام
گوندرَ اچي گڏيامِ طالب مولا طلب ۾
٢٠-٩-١٩٥٧ع
هالا

●

ڪنبدي ڪنبدي هل تون اڳيان اٿئي ڪيچ
مٿو متان مٿي ڪٽين هيٺي تيجئين هيچ
جنهن سان پاتئي پيچ سو ڏادو اٿئي ڏيهه ۾
٦-٧-١٩٥٥ع
ڳوٺ جمان، تعلق شهدادپور

●

سورن مون کي سرتيون پينر ڪدي پَڄ!
مورهئون ناهه مُين لاءِ مُئن وٽ ڪا مڃ
هتان حبيبن موڪلي جيرن سندي ڄڃ
هلي آيا ڪين ڪي جو ڳالهين ڪريان ڳڃ
تڏهن سخنِ جي ڪيئون سچ جڏهن طالب هيس تن جي

●

طالب هيس تن جي تڏهن هيڏيون ڪيون هُن!
پراين کي پرت مان ڪِي ئي ڪين پچن
پنهنجن مٿي پيار جا ايڏا بار اچن!
ڪوڙيون ڪڍهن ڪينڪي سَهندا بار سهن
جي مُئيون محبوبن سي پاڙهي ڪيئون پانهنجون

●

آهون ۽ دانهون نِدا ناهه نجيب جي
مطلب آهه مُئيَ جو نه اچن اوراهون
طالب طلبن واريون روز ڏسن راهون
ڀِئِي ڪٽي پاهون تي سڏيان هوت حبيب کي

●

متان ڏِئِي ڪي مهٽا مُئيَ کي ماريو
اَتو همدردي هِنَ سان نه ور وجي واريو
مُيون! نه نه ماٺ ڪري گهر هلي گهاريو
اوهين سکن واريون نه لايو، نه پاريو
طالب چوي طلب ۾ منهنجي سک سجڻُ ساريو
اوهين ويتر وهاريو آئون هرگز وهان ڪينڪي

●

اوهين وِهڻَ واريون هلڻ واري ڪامَ
سنيالي سرتِن کي سوين ڏجو سلامَ
آنءُ تي وجان ور ڏي هٽي وڏي هامَ


Scanned with CamScanner

مون لئي شام صبوح ٿيو ۽ صبوح آهي شامَ
اِهي اوهين ۽ عامَ آئون طالب آهيان تن جي
۱۲-۸-۱۹۶۱ع
لاهور

●

پـنـڌ مـڙوئـي پـنـڌ پر پرينءَ وارو پنڌ ٻيو
سِي ڪين پهچنديون ڪيچ ڪي جـي هـتـان پـڇـن هـنڌُ
ڪِهنديون اهي قرب سان سَگهو نہ جنين سنڌُ
تينديون واصل ور سان جن ڪي عشق وارو انڌُ
ڪيڙو جنين ڪنڌُ سي نہ وڃائن واٽ ڪي
۱۳-۳-۱۹۵۸ع
ڪيرو

●

هلو، تہ ڏيکاريانوَ هوت پاروچل پنهنجو
جيڪو آهي جُوءِ ۾ چپر سِچي جي چانوَ
مُيون اوهين بہ مست ٿيو اهڙو هو اتانو
پر پلي اوهين ٻيهي رهو نـتـي آنءُ نـيـانو
ٿيو نہ عاشق ان ٿي آنءُ رقيب ٿي رهانو
طالب چوي طلب ۾ جي ڪا چاٽ چڪيانو
جي هڪڙي ڏينهن ڏنانو تہ هليون سيئي هوت ڏي

●

پِيوَ ڪانہ ڪڙي ڪڏهين ڪا قرب جي
نہ تہ هلو ها هوت ڏي عـاشـق تـي اڙي!
گهر ۾ گهاريو ڪيم ها گـونـدرَ جـي گـهـڙي
آنءُ ويندس پنهنجي ورَ ڏي لـڪـن سـاڻ لـڙي
جو جانب پنهنجي جِيُ جي جِيَ ۾ ميخ جڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طالب آهيان تنهنجي سورن منجھ سڙي
پڙي جي نه پڙي ته به رڙهندس انهي راھ ۾
١٣-٨-١٩٦١ع
لاهور

جهليو کيم جيڏيون پيھرَ مون کي پِڙيون!
کوهياري قلب ۾ پاتيون قرب ڪڙيون
ڪم نه پايان قيام ڪان گوندر جون گهَڙيون
هو پُنيَ باهر نڪتا چانگن جـون چَڙيون
آنءُ گهاريان ڪئن گهنگهر ۾ سوريتي، سَڙيون!
چو تيون ڏيو چوھَ مان طالب کي تَڙيون!
ڏونگر ڏورڻ آئيو کندس رجن ۾ رڙيون
کندو کهل کنيَ تي آري جـام اَڙيون!
نه ته به چپر منجھ چڙيون هٽندس هوت پنهونءَ لاءِ
١٣-٨-١٩٦١ع

[۴۱]

# متفرقات

اج عجيب ڇو نہ هُئين سڄڻ ساڳي جاءِ!
پـو نياپا نينهن جا چو تي محب مڪاءِ!
گهرائيي بہ گهر ڪري چا ڪان ۽ چا لاءِ!
هيرائيي بہ هٿن سان سهڻا سڪ جي ساءِ!
متان عيب انيڪ ڪي مون ۾ محب ڏناءِ!
حڪم ڪر تہ هٿي وڃان وري نہ اچان واءِ
طالب مولا ڪي ڪٿي سچي ڳالهہ سڻاءِ
ميار نہ رکبي مورهئون سوڳند آهن سنداءِ
نيائي سگهين تہ نياءِ نہ تہ بہ دلبر دعاگو آهيان!

۱۹ـ۲ـ۱۹٦۸ع
۱۹ ذوالقعد ۱۳۸۷هہ
هالا

●

محب! منهنجي دل ڪي تو ماري تنهنجو موهہ
حبيب! هِن جهان ۾ تنهنجو اٿم تودہ
عجيب! اڄڻ ڇڏي ڏنئي ڪنهن ڏٺل ڪيئي ڊروهہ
ڀڳڻ هي بہ ڀڏاءِ تون تہ ڏنئي کهڙو ڏوهہ
ڪمند پائي قرب جو چو لالڻ ڪيئي لوڏ
طالب مولا تو ڪري توکي سڄڻ ستوهہ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

هيڏيون وري وٿيون وڏئي قرب وارا ڪوهہ!
چنديندين جي چوهہ تہ بہ دلبرا! دعاگو آهيان

٥-٩-١٩٦٨ع
١١ جمادي الثاني ١٣٨٨هہ
هالا

●

ڪارا ڪيس قريب جا واسينگ چڻ وار
پيشاني پرينءَ جي چند جئن ڪري چمڪار
اکيون هن عجيب جون نرگس جئن نروار
جهڙا گل گلاب جا تن ڪان وڌ رخسار
لعل لب لبيب جا منڙا بئي من ٺار
وجهي ڪونج ڳچيءَ ۾ ڇهرا چندن هار
کهڙا چئي کهڙا چوان سڄڻ جا سينگارا!
جان ۽ جند نثار طالب مولا تن تان

٢٥-١-١٩٥٥ع
هالا

●

ڪَلُوئڙو قرب جو هِنيَين منجهہ هَنُيئي
لِڳِيَ ڪُنڊَ، ڪنيئي طالبُ مولا طلب مان

٩-٩-١٩٦٨ع
١٥ جمادي الثاني ١٣٨٨هہ
ڪراچي

●

محڪم تو مڃيءَ ڪي ڪَلو جيئن لڳي
تيئن پيو تڳي طالبُ مولا طلب ۾

٩-٩-١٩٦٨ع
١٥ جمادي الثاني ١٣٨٨هہ
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سورن کي سَو وار هر هر هجن شابسون
هردم همدردي ڪيئون وٺي نه وڏائون وار
رُنا رڙيا گڏجي پلپل ڪديئون پار
اُٿي، ويٺي، هلندي سمهندي لڌئون سار
آڌيءَ مانجهيءَ، اسر جو ويتر وفادار
حقيقت ۾ ها منهنجا پر ڪنيئون پرينءَ جا پار
**طالب مولا** طلب ۾ اچي ٿيا آڌار
پر عجيب اچڻ ساڻ ٿي ٿي ڏکي ڪيا ڏار
خوشين مليا خرار ته به ويچارا ڪين ويا

٨-٥-١٩٦٨ع
٩ صفر ١٣٨٨ھ
پاڪ سنگهار

●

پيارو پڇي جيئن ڪيترا پيرا ڪپاهه کي
طلبن مون کي تُنبيو **طالب مولا** تيئن
آهي ڪيو ايئن مون کي عشق عجيب جي

٢٨-٢-١٩٦٨ع
٢٧ ذوالقعد ١٣٨٧ھ
ڪراچي

●

تون مٺو برابر مٺاڻ ڪان ۾ سيني ڪان به سٺو
پر **طالب مولا** کي پرين! تو ڏسڻ جيئن نه ڏٺو
پاٺان به لڳئين مٺو جي مون کي ماٺي تون ڏسين

٢٨-٢-١٩٦٨ع
٢٧ ذوالقعد ١٣٨٧ھ
ڪراچي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مَنيان متان پائيين تو سڄڻ سچ چوئين!
ناهي ڳالهہ چپن جي پڪ ڪٽي ڪجئين
تہ پنهنجو طالب مولا ڏسڻ جيئن ڏسجئين
۽ جيڪي اچئي جيءَ ۾ سو چئي سڀ ڇڏجئين
پو بہ جيڪر نہ وٽان تہ ڏوراپا بہ ڏجئين
پاٽان بہ متو لڱئين جي مونکي ماٺي تون ڏسين

١٩ـ٥ـ١٩٦٨ع
٢٠ صفر ١٣٨٨هہ
اسلام آباد

●

تي قيامت تڏهين جو ڏني پٽ پرينِ
هُج هلي نہ هٿن جي پڄڻ ڇڏيو پيرن
زور هليو نہ زبان جو چڪو چوڻ چپن
طالب مولا تڏهين ميڙ ڪئي منتنِ
وائي بلڪل بند تي تہ سَڏ ڪيا سُڏڪنِ
هِڏڪنِ هِيرائي ڏنو ۽ لوڏ نہ ڪئي لڙڪنِ
آخر اڇنگارنِ وري ورايس وات تان

١٩ـ٥ـ١٩٦٨ع
٢٠ صفر ١٣٨٨هہ
اسلام آباد

●

اُپٽيان تہ اکيان پوريان تہ محب منجهہ
پري نہ ڪيو پاڻ کان ويڳاڻنِ وِنِ
وِهاريو وجود ۾ سڄڻ ڪي سَتِنِ
پل پل اندر پرين سان محبّتي ملن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڪ نه لهي تن جي توڙي ڏسيو روز ڏسن
سهڻو وهاري سرير ۾ ٿيون سدوريون سمهن
نئين سج نئين عشق مان ٻئي البيليون اٿن
ڏينهان ڏينهن ڏسون ڪٽيو ته نئون نينهن اٿن
عجيب رمز رڪن **طالب مولا** طلب جي

٢-٢-١٩٦٦ع
گوٺ بخش خان ڪلوئي

●

هردم پڏي هٿ هلبو حبيبن سان
**طالب مولا!** نه ٿبو لالڻ سان لٽ پٽ
ڪبي ڪهڙي ڪٿ ناهي جاء جواب جي!

٦-٢-١٩٦٦ع
هالا

●

ڏاتار ٿي ۽ ڏي گهڻو ڪيئن جا ٿم ڪَپ
ٻُڪين پيارين تان ڇڱو نه ته ٻه لالڻ! ڏي ڪا لَپ
چِتا آهن چَپ پِڪون پيار ڪي پيار جون!

٣-٣-١٩٦٦ع
لاهور

حبيبي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چپر ۾ چڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [١]

# مالڪ جي مختاري

ٿل: مالڪ جي مختاري وي ٻيو نہ سُجهي ٿو ساري سر ۾
١. سوئي هادي، سوئي رهبر سنديس ئي سرداري وي
اوّل، آخر، ظاهر، باطن بيشڪ آهي باري وي
ان جي قدرت شَجَر حَجَر ۾
٢. ربّ جليل جي عظمت اعلي جاه، جلال، جبّاري وي
ان جي جمال ڪان ذرّي ذرّي ۾ جِتِ ڪِتِ جلويداري وي
نِرت هڻي رکبي نيڪ نظر ۾
٣. هر شئي تي ئي حڪم هميشه جابر جو اهي جاري وي
"فاذڪروني" فڪر ۾ رهبو گهڙي نہ وڃهبي گهاري وي
عاشق رهجان انهي اثر ۾!
٤. بندا! عجز سان هلبو هردم سائين ڪندو ستّاري وي
طالب مولا ڪين وسارج خالق جي خودداري وي
رهج انهي جي خوف خطر ۾

١٨-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

ٿل: هادي حڪمتدار الاّالله سائين آهي سڀ صورت ۾
١. ڪل شئي کي خود محيط جو آهي وچ ۾ وار وٿي ڪا ناهي
غالب آهه غفار الاالله ذات سمائي وينو صفت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢.عبديّت جي ويڙهي ويهي ڳولج ان کي پاڻ ۾ پيهي
صاحب ربّ ستّار اِلاّالله طالب! ملندئي سو طاعت ۾
٣.لا شريڪ ۽ هو لاثاني ڪيس بقا پيو سڀ ڪجھ فاني
قائم سو ڪلتار اِلاّالله قادر پنهنجي ئي قدرت ۾
٤.ذرتيءَ کان تا عالم بالا سوئي سو اي **طالبَ مولا**
خالق خود مختار اِلاّالله هرڪو آهي هن حيرت ۾

١٧-٩-١٩٦٧ع
حيدرآباد

●

ٽل:هُن جا حمد هزارَ ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايون!
١.ڪک پن ۾ قادر جي قدرت اکِن وارن لئي آهي عبرت
گُل ۽ ڦُل گلزارَ تِن ۾ وحدت جون واڌايون
٢.'ڪُن' چئي ڪُل جنهن آهي جوڙيو نيزو نينهن جو تنهن ئي کوڙيو
عجب ڪري اسرار پاڻ وِنو آهي لوڪان لڪايون
٣.جڳ جنسار سندس ئي آهي ٻي ڪنهن جو هي مَظهر ناهي
پيا سڀ نقش، نگارَ صفتون انهي جون سڀ ۾ سمايون
٤."مَن عَرَفَ" ۾ **طالب مولا** ڄاڻو ٿي ڪج ڳولا ڦولا
پارس جا هي پارَ جيءَ ۾ جنهن جون آهن جايون

●

ٽل:نرمل! رخ تان لاهِ نقاب لڪندي لڪندي عمر گذاريئي
١.روحن جت هو ميڙ مچايو پيچ پرين! تو تڏهين پايو
ورتئي مون کان 'ها' جو جواب ڪيئن ٿي پيارا مونکي پڪاريئي!
٢.سهڻا سائين! ياد اٿئي سا قرب ۾ مون سان ڳالھ ڪيئي جا
تو ئي عجيب! ڏنو هئي آب وقت انهي ۾ ويجهو وهاريئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۳.سمجھي نہ سگھو تنھنجون رمزون آھن عجيب، غريب ھي غمزون
ڪنھن ۾ نہ آھي طاقت، تاب جنھن ڏي نھاريئي تنھن کي ماريئي
۴.سڳنھن جي ڳل طوق غلامي سھڻا تنھنجا سو تہ سلامي!
تون ئي ھڪڙو عالي جناب جن کي ماريئي تن کي جياريئي
۵.توڪان منئي ناھي ماڪي، مصري ويندين پلا ڪئن مون کان وسري!
تنھنجي حسن جي حد نہ حساب صورت وھوا ڏاڍي سينگاريئي
۶.**طالب مولا** مست بنائي پيارا پرين! ھي پاڻُ پَلائي
ھاڻ سڄڻ تون ڪر نہ حجاب سڪ جي سرڪي چو ٿي پياريئي!
۲-۱-۱۹۵۸ع
ھالا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

[۲]

# منهنجو محمّد ﷺ مير

ٿل: محبّت جو مقصود لائق ستائش جو ئي آهي

١. هردم آهن حامد هزارين هڪڙو هُو محمود
٢. خلقڻ بعد حبيب پنهنجي تي خالق ٿيو خوشنود
٣. ڪلفت واريون ڪوڙين واٽون محب ڪيون مَسدود
٤. ڪهڙو تعارف ان جو ڪرايان پاڻ شاهد مَشهود
٥. طالب مولا ان تي سدائين آهه سلام دُرود

١٥-٢-١٩٥٦ع
هٿونگو

●

ٿل: منهنجو محمّد مير- مولا جاڻي - سرسو آهي سڀ صورت سان

١. آهي قسم، ڪائنات ۾ ڪونهي نرمل جو ڪو نظير
٢. شمس اڳيانس ٿو شرمائي توڙي ماه مُنير
٣. عامل، ڪامل عرب، عجم ۾ ڪل ڪان قريشي ڪبير
٤. آهي فقير فقيرن ۾ ئي پيرن جو خود پير
٥. ڪاڻ بشر جي قادر ڪيڙو بيشڪ سو ئي بشير
٦. طالبُ مولا نندڙي ڪان ئي عشق سندس جو اسير

٢٩-٩-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

ٿل: حضرت پاڻ حَسينُ - صَلُّواعَلِيَ - مورهئون انهي جو ڪو مَٽُ ناهي

١. ڪُل ڪان قرارو اُمّي، عربي جوڙ نه جنهن جا شرقي، غربي
عالم جو سو امين

٢.منهنجو محب مليح جو آهي سڀ سهڻن کان صبيح سو آهي
اهي حق اليقين
٣.عالم جو اڳواڻ سو ٿيڙو قادر ان کي آهي ڪيڙو
سڀ جا صدر نشين
٤.طالبَ مولا پنهنجو سوالي ڪين ڇڏيائين هرگز خالي
مون جهڙو مسڪين

٣١-١-١٩٥٧ع
هالا

●

ٿل: مٺا مير مرسل وِلهن جو تون والي!
وريو تو وٽان ڪو سوالي نہ خالي
١. ڪِنَن، ڪوجهڙن جو هلي ڪونہ حيلو
تون ئي عيبدارن جو واهر وسيلو
مڙئي توکي پرتا هي عالي موالي
٢. سدائين سپيئي سنڌ در صدائي
پياڪن کي پيارج ڪا سُرڪي سوائي
اسين آهيون ساقي! سُتيءَ جا سوالي
٣. تون رهبر اڇي رس ۽ هيٺن جا حامي!
اي سردار سرور سنڌ جڳ سلامي!
ڪا لهُه سار منهنجي وجهي وڪ وصالي
٤. تون ئي آهين طالب جو پيو ڪيرآهي
محمّد مٺا! هاڻ پرواهہ ناهي
سندم لڄ ۽ لڏ سڀ سڃڻ تو سنڀالي

١-١-١٩٥٦ع
بوقت سحر
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: سچ چيم توکان سوا، منهنجي تہ ڪا ڪانهي ڳلي
ڪج ڪرم پنهنجو پيارا، اچ اگهڻ حاڪم هلي!

١. تنهنجون ارڏايون عجب، کهڙيون چئي کهڙيون چوان
تو پليو دل ڪي سچڻ، مون ڪان نہ پنهنجي دل پلي

٢. پاڻ ڏي ڏسجئين متان ڪو پيرڙو مون تان پڇين
تون ئي عاجز جو اڇهو، تنهنجي اتم دامن جهلي

٣. مون تہ پانيو تنهنجي ڪَسيم دل، مگر تو ئي ڪَسي
واه ڙي سهٽا سچڻ، هيَ چال وئين ڏادي چلي!

٤. عابدن ۽ زاهدن، پنهنجا عمل توشو ڪيا
عيبدارن سان ڪندين، بيشڪ پلارا تون پلي!

٥. بي تہ سيڪنهن جا وڏا ئي آسرا آهن تيا
مون نماڻي ۽ نڌر جو تون ئي ور، وارث، ولي

٦. اي منا محبوب مرسل، جت نہ پڇندو ڪنهن ڪي ڪو
ات اچي سيّد سنچا، هيٺي نہ ڇڏجان هيڪلي

٧. ڪوبہ دل ڪي خوف ڪونهي، ڪوبہ خطرو ڪونہ آهہ
**طالب المولا** تيو، ناصر نبي، آذر علي

٩-٩-١٩٥٦ع

حيدرآباد

●

ٿل: اونائج هي عاجز جون سيّد صدائون!
سنڌ ۾ در تو عاصي ڪري التجائون

١.او سردار، سرور، شفيع آهين شافع!
سنڌو دردمندن نفع بخش، نافع
سچڻ سيگهہ مان ڪر اگهي تي عطائون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۲.سوا تنهنجي ناهي وسيلو ڪا واهر
مٺا مير مُرسَل اُجهو تون ئي آڌر!
خدا کان گهري ڪر بسم سڀ بلائون
۳.سفارش خدا وٽ سندم ڪر اي سرور!
عرض ڪج ته عاجز تي رحمت عطا ڪر
خطادار جون بخش اڄ سڀ خطائون
۴.خدا کان گهري تندرستي عطا ڪر
طبيب آهين طالب جو ان تي نظر ڌر
سنڌ هٿ ۾ آهن دعائون، شفائون

۸-۱۲-۱۹۵۶ع
وقت فجر
هالا

●

ٿل: عاجز جون التجائون سيّد تون سڻ سوڀارا!
مل مهل ۾ مُحَمَّد مشفق، مٺا، موچارا!

۱. توکي پرين پڪاريان واتون سدا نهاريان
سيّد! سڻي صدائون ڏي سيگهه ۾ سهارا
۲. سڏ ۾ تون سڏ ڏِين ٿو محڪم مدد ٿِين ٿو
عربي! ڪِي ڪر عطائون اومنهنجا جِي جيارا!
۳. سائين! اهيان صدائي دردن کان ٿِئي رهائي
ٿينديون دفع دوائون منهنجا پرين پيارا!
۴. نرمل! نراس ناهيان اُميدوار آهيان
خادم جون سڀ خطائون بخشاءِ اڄ پلارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥. منٺا الله سائين  ڪر سھنج پنھنجي سدائين
ٿينديون بسم بلائون  ويندا ھي سور سارا

٦. اي ھاشمي، قريشي!  ھرڪا ڪمي ۽ بيشي
نرمل سڀ ندائون  خرّم ڪجنئين خدارا!

٧. مولا سنڌ مجيندو  محبوبَ! مُھت ڏيندو
سڀ ڏي وٺي شفائون  ڪل ڪان ڪٿي قرارا!

٨. طالب تي يار ھٿ ڌر  پوريون منا مڙئي ڪرا!
محبوبﷺ! مدّعائون  منھنجون پيار وارا!

٨-١٢-١٩٦٠ع
لاھور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٣]

# تقوا سان ڪر طاعت طلب

ٽل: طاعت ڪي ٿي اُجاري تقوا ئي طالبن جي

١. رک پاڪ تون نظر کي ڪر صاف اچ اندر کي
هن وِرهَہ جي وکر کي سچ سان رکج سنڀاري
پو "ڪين" مانُ تہ "ڪجھ" ٿي

٢. هٿ هاج ۾ هلائج دل يار سان مِلائج
اڳتي ڪا وک وڌائج هنجهڙون هُنئ جون هاري
پيالو پريت جو پي

٣. قربانئا قدم پر نڪي غير ڏي نظر ڪر
سر يار جي اڳيان ڌر نيڪيءَ سان تون نهاري
حاصل تہ يار ڪر کي

٤. مولا جو بنجي **طالب** ۽ ڪُلّ تي ٿي غالب
ڪنهن ڏي نہ ٿيج راغب جيئري ئي پاڻ ماري
تون هن جهان ۾ جي

١٨-١٠-١٩٥٧ع
هالا

●

ٽل: ماڻ گهُرين محبوبُ جي پرهيزگاري ڪر سدا

١. سُرڪي پِلي سڪ جي ڇَڪج دل غير کان غافل رکج
دلدار سان پو پل پکج سڀ خواهشون دل جون پِلي
تون راز جي ٻهرج رِدا

حبيبي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

٢. مَنَ مان ڪِڏي ڇڏ مير تون ۽ رک پَلَن جو پير تون
نہ تہ پوءِ آهين ڪير تون! جو سِر سجڻ توکي بہ ڏي
جانب ڪندئي جلدي جدا
٣. تقوا سان ڪر طاعت طلب سڪٽا نہ ڏج ناهي سبب
هت ڪين پڇجن ٿا نسب هن پڙ ۾ سو مقبول ٿئي
جو فڪر ۾ ٿيندو فدا
٤. ظاهر ۽ باطن صاف رک عربيَ سندا اوصاف رک
اهڙو اندر انصاف رک آهي حياتي روز ڪي
ڪرٽا فَـرَض آهـن ادا
٥. مولا جا **طالب** جي تِيَن پُر عشق جا پيالا پين
جُڳَ جُڳَ اُهي ئي ٿا جين پو ڪِبرِيا تن کي سڏي
سڏندو سندن سارَي صدا
٧-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ٿل: ڇڳو رکج گمانُ مولائي جي مومن آهين
١. تنهنجون نگاهون نيڪ جي رهنديون، پي جي بَدِن کي مور نہ ڏسنديون
آهي اهو اِ مان غير جا لاڳاپا جي لاهين
٢. هيڏنهن هوڏنهن ڪين نهارج پنهنجو پاڻ سنجهي ئي سنڀارج
متان اتئي آسمان متان هتي تون سينو ساهين
٣. جي تو پاڻ سنڀالي ورتو پوءِ پيمبر کي آهين پرتو
سائي ٿيندءِ سبحان قرب ۾ ڪامل ٿي جي ڪاهين
٤. عيب ثواب جو پولو لاهي سندرو پڌجان ساهي ساهي
محبّت وارو مڪان ماڻيندين جي ماڻڻ چاهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چپر م چڙيون/٢٥٥.

٥.طالب مولا ڪاهيو ڪاهج پنهنجي اميد نہ لاهيو لاهج
تيجئين سـرت سُبحان منزل ڏاڍي آهي پراهين
٢٩-١-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

تل:جاڳڻ سان رک جارُ ـ مسافر ـ جانبُ لهندين جاڳي جاڳي

١.سمهڻ منجهان متان سورَ پرائين وحدت جو ويساه وڃائين
منزل اڳتي آهي اجائين متان رُسي منٺار ـ مسافر
سنجهي رکجان يار سجاڳي!

٢.ويل وهڻ جي ڪانہ ڪا آهي سالڪ!ٻڌُ تون سندرو ساهي
لـوڪ سـندا لاڳاپا لاهي ورهَ جو ڪر واپار ـ مسافر
صورت پسندين سهڻي ساڳي

٣.واٽهڙو تون واٽ نہ ڇڏجان گوندر سان دل پنهنجي ڳڏجان
اڃهو وڃي اوڏانهين اِڏجان سهڻو جت سردار ـ مسافر
نيٺي نہ نهوڙي ننڊ نياڳي

٤.مرد ٿي محڪم طالب مولا سر تي سهجان ڏک ۽ ڏولا
ٿيندا ڏور جهڪون ۽ جهولا مـولا مـددگار ـ مسافر
وحدت سان جن دلڙي واڳي

١-١٠-١٩٥٥ع
امين منزل
حيدرآباد

●

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۴]

# هِتِ آهيان انسان

ٿل: ڏي کو هيءُ جوابُ چا هِتِ آهي، چا هُتِ ٿيندو!

١. ڪيئن بي رنگ سمايو رنگ ۾ عاشقَ ڳوليو ڪهڙي انگ ۾
لاهي هر ڪو حجابُ ورهه وارو ات واقف ٿيندو

٢. "وَ في أنفسڪم" راز رندانا "وَنَحْنُ أقرب" شوق شاهانا
همدمَ ڪهڙو حسابُ نرت اتي ڪو نيهي نيندو

٣. "ألانسان سِري" سر سارو "وَهُوَ مَعَڪُم" ناز نيارو
چاهي ڏوهه، ثوابُ سزا جزا جي خبر ڪو ڏيندو!

٤. برزخ واري ملڪ ۾ چاهي عاشقَ خود برزخ چا آهي!
هي ته حياتي حُبابُ ويندڙ ڪونه ڪو موٽي ايندو

٥. ذات، صفت ۾ ڪيئن آهي ظاهر مام ٻڌائي مرد ڪو ماهر
پي محبت جو مني نابُ ڪو منصور هي ملڪ ماڻيندو

٦. طالب مولا شان شريعت حسن حقيقت، طور طريقت
معرفت مآبُ پيد وارو ڪو پيد پُٽيندو

١٧-٨-١٩٥٥ع

ڳوٺ گل محمد شر - ضلعو سکر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل:(۱) هِتِ آهين انسانُ هُت الاهجي ڇا وڃي ٿيندين!
۱.ملڪُ فنا جو آهي مانجهاندو ڪثرت ڪان تون ويهه ٿي واندو
پڪو ڏنئي پيمان تہ واٽ وصالي وٺيو ويندين
۲.سرا جزا جو پولو لاهي ڪامل ٿي رس قرب ۾ ڪاهي
لاهج غير گمان سالڪ! نيٺ هي سانگ سٽيندين
۳.قطرو قلزم جو ٿي آهين اصلي آهين، نقلي ناهين
معنيٰ جو ٿئي مڪان خيال ڪجئين نہ تہ چرڪ ڇڏيندين
۴.هت اٿيئي سانگ صِفاتي ٿيندين آخر ذات ۾ ذاتي
عاشق عاليشان! پيائيٰ جون جڏهن پاڙون پٽيندين
۵.فنا في الله جي منزل ماڻج بقا بالله جو ساز سڃاڻج
تيجئين سر سبحان موڳو نہ ٿي، هي ماڳ مٽيندين
۶.طالب مولا مرد ٿي محڪم هاديءَ سان رَهه حال ۾ همدم
دم جو رکج ڌيانُ ڳالهيون پلا پيون ڪهڙيون ڳڻيندين!
۲۸-۱۱-۱۹۵۵ع
حيدرآباد، امين منزل

●

ٿل:اها الله جي ڄاڻَ جي تون پاڻ سڃاڻي
پاڻ سڃاڻي غير نہ آڻي
۱. "مَن عَرفَ" جي رمزن اندر اهي اٿئي اهڃاڻ

(۱) ڪنهن ٻئي شاعر جي طرح ڏنل هئي تہ:
هِت آهيان انسان هُت الائي ڇا مون آهيان
ٿل ۾ فير گهير ڪئي ويئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢. ”وفي أنفسكم و أينماكُنتُم“ محبّت وارا ماڻ
٣. ”ونحن أقرب“ پاڻ چيائين واهہ جي هيءَ واکاڻ!
٤. طالبَ، مولا تنهنجو تو ۾ پيهي وينو پاڻ
١٥-٧-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

ٿل: جيتر تون موجود تيتر لا موجود هو هوندو
١. ”موتوا قبل“ تي ماٺ مطلب نينهن ۾ تي نابود
٢. دور وڃڻ ئي آهي اجايو ويجهو اٿيئي وجود
٣. ڪک پن ووڙڻ راند باراٽي شاهد تون مَشهود
٤. سر سبحان بہ تون ئي آهين سوچي ڪر سُجود
٥. هڙئي هتان ئي ڪر تون حاصل من مان ئي مقصود
٦. پاڻ ڇڏي ۽ پري تہ نہ وڃ تون منزل بي مسدود
٧. توکان توکي ويجهو آهي مڙني جو معبود
٨. وڃ وڃان تون طالب مولا خوب ٿيندين خوشنود
١٨-٩-١٩٦٨ع
اسلام آباد

●

ٿل: ڏور نہ ٻيا ڪي ڏس ”نحن أقرب“ پاڻ چيائين
١. ڏسُ وجود ڪان ويجهو پيڙو گهوريا ٻيا سڀ گس
٢. دور وڃڻ آهي پولو بلڪل ڪر وجود ۾ وس
٣. هيڏهن هوڏهن جهوت نہ پائج هت اٿئي هتّ ڪس
٤. ويسلو تي تون ڪين ڪي وهجان مولا ملي تو مس
٥. ”طالب دنيا“ تيج نہ هرگز چٽ ڪندي هيءَ چس
٦. ڪنڌ نہ ڦيرج ڪيڏهن طالب مولا منجهہ نس نس
١٨-٩-١٩٦٨ع
اسلام آباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

• ٿل: آهيان پنھنجو پاڻَ جيڪي اڳي هُس ِ سوئي آهيان
١. هِت بہ اهوئي هُت بہ اهوئي صورت واري سڃاڻ
٢. سيرَ ڪرڻ لاءِ هت آئون آيس اِهي اٿئي اُهڃاڻَ
٣. اِسمَ جسمَ جو ناز نيارو ڄاڻو تي رک ڄاڻ
٤. طالب مَولا مرد تي محڪم برهَ وارا ڏس پاڻ

١٣-١٢-١٩٥٤ع
پينگهارو

●

ٿل: مون ۾ آهين تون تون ئي تون
تو ۾ آئون آهيان
١. وارُ بہ ويچو ناهِ ڪو وچ ۾ "تون" ۽ "مون"
تو ۾ آئون اهيان
٢. آهي حقيقت هڪڙي ڏيهُ پلي چئي ڏون
تو ۾ آئون آهيان
٣. هردم هِڪُ ئي آهيون سوجهي سمجهيوسون
تو ۾ آئون آهيان
٤. دوئي آهي ڪانہ ڪا هُونگ رهي هِڪَ هون
تو ۾ آئون اهيان
٥. آئون بہ يڪتا آهيانِ تون بہ آهين بيچون
تو ۾ آئون آهيان
٦. پاڻ ئي پنھنجي راز کي صحيح تا سمجهون
تو ۾ آئون آهيان
٧. شاهد پنھنجي پيار جا اپُ، عرش ۾ پون
تو ۾ آئون آهيان
٨. طالب مولا جا ٿيا گفتا گونا گون
تو ۾ آئون آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۵]

# لالڻ لئي لوڙين

تل:آپت ۾ اورين آديسي تا اَلَکَ کي
١. بابُو ويھي بَرن ۾ ڏاتر کي ڏورين
٢. عاشقَ اسم الله جو چِتَ ۾ ئي چورين
٣. مالھا محبّت مام جي سامِيڙا سورين
٤. عدل ۽ انصاف سان ترَ تِرَ کي تورين
٥. ناتو نينھن فراق جو ٽوريو پيا ٽورين
٦. جوڳي ڪاٽ جبّار جي جان، جُسو جھورين
٧. طالب مولا سِرَ کي گھورَ ڪريو گھورين

٧-١٠-١٩٥٧ع
انڙپور

●

تل:ويراڳي ووڙين هرهنڌ حسن حبيب جو
١. صدما سوز فراق جا لالڻ لئي لوڙين
٢. ڪثرت وارِي قربِ کان مُنھڙو تا موڙين
٣. ھِڪ ۾ وِيڙا ھِڪ تي ٻيائيءَ کي ٻوڙين
٤. ويھي پنھنجي وجود کي آڌوتي اوڙين
٥. ھنڌ ھنڌ خيما خيال جا ڪاھوڙي ڪوڙين
٦. جايون جانيءَ يار جون جيڙي ۾ جوڙين
٧. سامي سوز گداز کي چاھ منجھان چوڙين
٨. طالب مولا محب ري ٽڳڙا سڀ ٽوڙين

١٠-١٠-١٩٥٧ع
اَچ شريف

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تل: ڪُوڙي چڏي ڪثرت بيراڳي برن ۾ دونهڙا دُکائن

١. در دُوئيءَ جا پوري پلپل وائي ڪن وحدت
هوڏ، هٺ ۽ هستي وڃائن

٢. ”لا“ کان لنگهي ”اِلاالله“ سان اورن فنا ڪري فرحت
خيال خوديءَ جا خوب ٽا ڪائن

٣. بقا بالله جو قرب ڪمائي ماڻن ٿا محبّت
ويهي ورهه جو وکَر وهائن

٤. طلب منجهان ٿي طالب مولا سڪ سان ڪن صحبت
رِندي رمزون روز رَچائن

٢٦-١١-١٩٥٥ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[٦]

# سوا عشق جي پيو کو مذهب نہ ملت

ٽل:اچي عشق اندر ۾ سمايو جنهن وَهم وجودي وڃايو

١. ذات صفت جي سُڌ سمجهائِي برهَہ بهادُرَ بات بڌائِي
اتي رمزن رنگ رچايو

٢. ”وَ فِي اَنْفُسُکُم“ وارو اشارو ”وَنحن اُقرب“ ناز نيارو
مچي محبّت مچ مچايو

٣. کک پن ۾ کيو ذات ظُهورو پُرجهي اهو جو پرت ۾ پورو
هي ساقيءِ سُرُ سمجهايو

٤. عبد، احد ۾ پردا حجابي نــازک آهن نـاز نقــابي
آهي فائق فَن فرمايو

٥. طالب مولا حسن حقيقت مــرد تي ماڻج ماڳ معرفت
هي هاديَ حڪم هلايو

١٥-٣-١٩٥٧ع
هالا

●

ٽل:عــشــق ڏنــا آزارَ سورن آهي سمهڻ وڃايو

١. عشق جڏهن اچي پارڻ پاريا عشق وارن ات سرڙا واريا
ورهَہ ڪــري واپار پرت وارن اتان سيڪي پرايو

٢. اَکيون عجيب جون اصلئون عالي پيئي آهن مست موالي
چاڙهنِ خاص خمار گهور انهن جي گهٽن کي گهايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣.هر جا آهي حسن حقّاني لاشڪ ۽ لاريب لاثاني
دل جو دلبر يار سڀ صورت ۾ آهي سمايو
٤.طعنا، تِنڪا، مهڻا، ملامت شهرت شامل ساڻ شڪايت
محبّت جا معيار سالڪ هي آهي سُرُ سمجهايو
٥.بره اچي يَرَا! باهيون باريون گوندر ۾ تا روز گذاريون
نينهن ڪري نرواڙ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ آهي گهمايو
٦.عشق الاهي آهي اعلي محو انهي ۾ طالب مولا
قائم قرب قرار پيچ انهي سان مون آهي پايو

١١-١-١٩٥٥ع

هالا

●

ٿل:جي عشق اُمالڪ اچي ته عقل وجي تو راند هارائي
١.عقل ويچارو عاجز آهي عشق سان ڪهڙو سينو ساهي!
ڪير بره جي باهيئون بچي سبحاني تو سِر سمجهائي
٢.عقل جي هڪ حد آهي مقرّر عشق جو يارو! هرجا مظهر
ڪو رنگ انهي ۾ رچي وهم وجودي سارا وڃائي
٣.عشق بهادر جت هٽي نعرو عقل ٿئي تو ات ويچلو
نينهن اڳيان پيو نچي طوقُ غلامي پائي پائي
٤.عشق الاهي وات ڏيکاري آب حياتي پل ۾ پياري
جو پرت انهي ۾ پچي طالبُ مولا تنهن کي بنائي

٢٦-٢-١٩٥٥ع

هالا

●

ٿل:عشق ڪرڻ آسانُ ناتو نباهڻ ڏاڍو مشڪل
١.حرص، هوس جي حاجت ناهي ايندو اِتي ڪو ڪُوڙو ڪاهي
اُتي ڪپي ايمان قرب ڪمائڻ ڏاڍو مشڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢.سڏڙيو هرڪو هرهر سنيري نيهي اچي تو ڪو ڪو نِسري
محبّت جو ميدان مَرڪي ملهائڻ ڏاڍو مشڪل
٣.دم دعوا جو مارڻ سؤڪو پر اِثبات ڪرڻ آهي اؤکو
ثابت ڪري سبحان وارو وڃائڻ ڏاڍو مشڪل
٤.ڇڏبو لاهي سر جو سانگو تہ بہ هي آهي سودو سهانگو
تيڻ ڪڏي قربان ڪنڌ ڪپائڻ ڏاڍو مشڪل
٥.عشق حَلاج سان ڇا ڇا ڪيڙو شمس ڪي نيٺ نهوڙي نيڙو
لاهي غير گمان "أنا" اَلائڻ ڏاڍو مشڪل
٦.عبديّت جو چڱو آهي چولو پَـچ پائڻ جو بلڪل پولو
دمدم رکـج ڌيان وِرهہ وسائڻ ڏاڍو مشڪل
٧.طالب ٿي مطلوب کي ماڻج پاڻُ اتي هرگز نہ آڻج
تيجئين سُرت سجان خود کي ڪاڻڻ ڏاڍومشڪل

٩-١٠-١٩٥٦ع
ميرانپور, هالا

●

ٿل:برهُ نہ آهي بيت المال هِتِ محتاج جو چاهي چاهي!
١.مٿو مَنيءَ وٽ جيڪو رکندو سڪ جي سرڪي سوئي چکندو
پاڻهي ڏيندو ڪيف ڪلال ڏَس هي ڏنو ڪنهن ڏاهي ڏاهي
٢.ڪيڏي اهوئي برهہ جي بازي غير ڇڏي جو ٿيندو غازي
پي کي ملندو محب محال عشق اڙانگو آهي آهي
٣.دعوا ڪرڻ ڏادي سَوَلي سؤکي پر قرباني آ اَهنجي اؤکي
اڳيان جابُر جوش جلال حقّ حجت جو ناهي ناهي
٤.هِتِ هزارين هِرڪِي آيا پير وري تن پٺتي پايا
سڏڙين جو آهي خام خيال ڪو ڪو رسندو ڪاهي ڪاهي

٥.جت گھمسانَ گھورن جا ٿيندا اُت اُبِري ڪي عاشق ايندا
فِڪر ۾ فاني ٿي في الحال لڳ لاڳاپا لاھي لاھي
٦.ڪنٺا، ڪولاپا، مٽيا، مُصَلا ورھَه بنا ويران سي وَسلا
ٿيندو ڪين ڪي حاصل حال تاَھ نڳيءِ جا ٿاھي ٿاھي
٧.**طالب مولا** مرد ٿي مانجھي سڪ ۾ رھجان صبح ۽ سانجھي
قرب ۾ ڪرٽو آھي ڪمال سندرو ٻَڌبو ساھي ساھي
١٦-١٠-١٩٥٦ع
ھالا

●

ٽل: عشق ٿيو استادُ سيکنھن کي تو سبق پڙھائي
١.حضرت عشق جي اعليٰ عظمت سڀ کان سَرسِي شان ۽ شوڪت
عِلم ڪري امداد خيال خوديءَ جا خوب وڃائي
٢.بس جڳ عشق جا آھن سلامي ھرڪو مجي تو ان جي غلامي
الٽو ڪري ارشاد مھمين کي نيٺ مڃائي
٣.عشق اڳيان جو لاف ھٽي تو سوريءَ تي سو نيٺ چڙھي تو
سورھ ٿيو صيّاد ڦيرا ڏئي تو ڪيئي ڦاسائي
٤.عشق جي بازي آھي اوکي سمجھي متان ڪو سَولي سؤکي
اتي ڪري اتحاد ڪيئي وڏا تو ناٿ نچائي
٥.**طالبُ مولا** مرد ٿئي جو ھن ميدان ۾ سنيري اچي سو
اھو ٿيندو آزاد "ھُوھُو" وارو ھل مچائي
٢٨-٣-١٩٥٧ع
ھالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: "عـــشـــق ڏنـــا آزار رئندي گذاريم راتيون راتيون"

١.سر تي کنيون مون خلق جون خواريون ڳانا ڪري، ڳِل هارَ
تن جون ڪيان ڪهڙيون باتيون باتيون

٢.مون کان ڦُري ويو دلڙي دلبر پل پل ۾ ڏئي پيار
منـــڙيون پـــڏائـــي لاتـــيون لاتـــيون

٣.وِرهَ ويراڳ ۽ درد جا دفتر بـاري برھ جـا بار
ڏاتـــر ڏنـــيون اهي ڏاتيون ڏاتيون

٤.**طالبُ مولا** تو لئي دائم دل جـــا دلبر يـــار!
جـــام پائـــي تـــو جهـــاتيون جهـــاتيون

٢٧-٣-١٩٥٧ع
ڪراچي

●

ٿل:آهي ڪنهن کي خبر ڪا چار ڏاڍو عشق اٽانگو يار!

١.عشق تو جنهن سِر پارڻ پاري دنيا عقبيٰ اهو وساري
پرت پيارل سان سو پاري توڙي لکين آزار

٢.ڪاتَ اڏيءَ جي آهي بازي گوءِ کني کو ٿيندو غازي
عشق اڳيان ڪِن آڙي نيازي ڪيـئـي ڪـلا دار

٣.ذڪريا سِر ڪرتُ وهايئين ڪاڻ خليل آڙاھ مچايئين
ڪربل وارو ڪوسُ ڪرايئين عجب ڪري اسرار

٤.سوليءَ تي منصور چڙهايئين شمس جي کلڙي نيٺ ڪلايئين
صوفيءَ جو سر نيزي رسايئين اهي اتس آچار

٥.جيڪو **طالب مولا** ٿيندو سِرّ سچڻ ۾ انهي کي ڏيندو
عشق نہ ان کي مور مٺيندو واھ ڪري وهنوار

٧-٦-١٩٥٧ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل:ماري عشق ڇڏيو ڇڻ اديون ڙي! اُڦٽ
لنگهيو تير جدائيءَ جو دل مان ڀِسَٽُ

١. موُن ڀانيو ته منهنجا ٽيندا پرين
جي ويندا ته پاڻ سان نيندا پرين
هي وهم نه هو، هُو مَٽيندا پرين
جهلئي ڪين جهليا، هليا ويا جَهٽ پَٽ

٢. ويا آديءَ رات هو لال لڏي
ڏيئي ڏاج ڏکن، ڇني چوري ڇڏي
ڇڏيئون گوندر ۾ هيءَ گوَلي گڏي
ڏاڍو نِرجو هُيُن ڙِي! نينهن نِپَٽُ

٣. هليا ڏاڍايون ۽ ڏاڍ ڪري
پئي نينهن ۾ نماڻي سور ڇري
هُن ويئي سري، مهنجي ڪانه سري
هو ڏاڍو ڏکيو منهنجي نينهن جو نَڪَٽُ

۴. آئون ويندسِ، وهندسِ ڪين ڪڏهن
وِڃي ملندس، طالبَ مليا جڏهن
اُهي ايندس وٽي، جڳ ڏسندو تڏهن
۽ ٽيندسِ محب سان مان مَٽَ سَٽُ

٢-٨-١٩٦١ع
لاهور

●

ٽل:"محبت ريءَ مُردار هيءَ ته حياتي ڇا ڪندي!"
١.[1] زهد، عبادت پڻ چڱا عشق وڏو اسرارُ

---

(١) هي ٽل حضرت مخدوم امين محمد عرف "پکن وارا صاحب رحه" جن جو آهي. سڄي ڪافي هٿ نه اچي سگهي. انهي ٽل تي ٽنين ڪافي جوڙي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢ـ وِرد، وظائف جو سدا الفت آهي اُجار
٣ـ اوّل، آخر مون سندو آهي محب مدار
٤ـ ڪرٽو آهي ڪريم سان وِرهَ سندو واپار
٥ـ طالب، مولا تو مٿان لَاٿو غير غبار

٩ـ٨ـ١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

تل:وِرهُه وِهائج ويهي ويهي رلندي رلندي ڪنهن نه ڪمايو
١.بند نظر ڪر ظاهر واري پو تون پسندين صورت پياري
نام ونج تي نيهي نيهي تينڊءِ پوءِ هي سانگ سجايو
٢.محبّت وارو مارڳ مشڪل ڪو ڪو هلندو ان تي ڪامل
رمز سان دل جنهن ريهي ريهي سو ئي ويندو وک وڌايو
٣.هلندي ڪانه ڪا هِتِ مخدومي جيڪو ماٽيندو مغمومي
ڳالهه ڪبي هيءَ ڪيهي ڪيهي سو سمجهي جو پڙ ۾ آيو
٤.جيڪو زمان، مڪان ڪان واقف سوئي آهي قريب جو ڪاشف
ديهه انهي جو ديهي ديهي لوڪان وهي تو پاڻ لڪائي
٥.طالبُ مولا سوئي آهي جنهن کي ضرورت ٻي ڪا ناهي
پاڻ ۾ ويو جو پيهي پيهي پرينءِ انهي کي پاڻ پسايو

٢ـ١ـ١٩٥٨ع
هالا

●

تل: ڪِئن وساريا ويهي تو ”قالُوا بَليٰ“ اقراررڙا!
چا ڪري سِگهندين سچڙ سان عشق ۾ انڪاررڙا!
١. ”فاذڪروني“ فڪر ڪر هت وار ويچو ناهه ڪو
”نحن اقرب“ ۾ تين تا دل اندر ديداررڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢. ري نيائڻ جي ته هاٺي ڪانه آهي واه ڪا
جي نه مَلَڪن تي قبوليا سي ڪنيا تو بارڙا
٣. روح هو آزاد پر مجبور ٿيو هڪدم تڏهن
هُن جڏهن آدم اندر سرسا ڪيا سينگارڙا
٤. هُوئي همدم هُوئي هادي، هُو حڪيم ۽ هُو طبيب
هُن بنا ڪنهن کي نه ڏسبا عشق جا آزارڙا
٥. **طالب المولا** دوائون ۽ شفائون هُنَ جي هَٿ
يار کي پرتل هجن شل بِرهَ جا بيمارڙا

٢٨-٥-١٩٥٦ع
هالا

●

ٿل: عجب عشق آهي اسان جو الستي
ڪڏهن بت پرستي ڪڏهن خود پرستي
١.جهان کان جدا ٿي جهان ۾ رهون ٿا
سين ساڻ گڏ هوندي سيڪجهه سهون ٿا
وَسائيسون وهوا ورهه واري وَستي
٢.اذّيت عجيبن جي لذّت ڏئي ٿي
انهي کان نه تڪليف ڪائي ٿئي ٿي
سراپا ٿياسون محبّت جي مستي
٣.اسان جي محبّت جا معيار محڪم
ڪري پيار ٿياسون جو هن ساڻ همدم
اسان تان سچاپي حبيبن جي هستي
٤.اسين هر هميشه بلند بخت آهيون
۽ سود و زيان کي ڪڏهن ڪونه چاهيون
ڏسون ڪين هرگز بلندي ۽ پستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥.ٽياسون جو طالب ته مطلوب مليو
ٿي ساقي صنم، پو ڪٽي جام اٿيو
سَرِيَ مان سچڻ جي ملي سرڪ سستي

٢٤-٦-١٩٦٦ع
مري

●

ٽل: جنهن کي عشق جڏهن ٿو نهوڙي نئي
ڏسي ڪين ڪڏهن سو ڪٿئي ۽ ڇئي

١.جي عشق ۾ ڪنهن ڪئي خود غرضي
ٿيو ذاتي عشق نه پر فرضي
سو ڪوڙو ڪفر جو ٿيو قرضي
پلي وعدا ڪٽي ڍهه پيرا ڏئي

٢.جيڪو سور ڏسيو ٿو پٽ تي وري
محروم ٿيو سو نيٺ مري
جو پيار جي خاطر پيار ڪري
مئي عشق جا پيالا روز پئي

٣.ڪو پيار ۾ شل مجبور رهي
ڪجھ وقت جي لئي مهجور رهي
ملي محب سان پو مسرور رهي
پوي خبر ته عشق ٿو ڪيئن ٽئي

٤.ڪو مون ڪان عشق جي ڳالھ پڇي
نه ته ڏوران اچي رڳو حال ڏسي
ته پو پاڙهي پتو هوند پنجي وجي
ته هي عاشق عشق ۾ ڪيئن پيو جئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥.مون کي پنھنجو پرينءُ محبوب ڪيو
محبوب سان گڏ مطلوب ڪيو
اھڙو راغب تي مرغوب ڪيو
جو پنھنجو ڪيو نہ ٻئي ءِ ٿئي
٦.پائي جھاتي ھن جا نگاه ڪئي
منھنجي انگ انگ تي واه واه ڪئي
تِتي طالب مولا آه ڪئي
ڪيو قيد انھي ھڪڙي ئي لئي
١-٣-١٩٦٦ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۷]

# ساري سَرَ ۾ سهڻو صبيح ٻه تون

ٽل: تون تارن ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ
ٻيا سهڻا ٻلي ڪن گهڻو ئي گهمنڊ
١. تنهنجي رمزن واري روءِ ڪٿي!
تنهنجي خود مستيءَ جي خوءِ ڪٿي!
پرين! تنهنجي ٻڪُر جي بوءِ ڪٿي!
ڪٿي عطر، عنبير ۽ سچو سِر ڪنڊ!
٢. هند، سنڌ ڏٺي مون گهمي ۽ ڦري
تنهنجو مَٽُ نه ڪَنهين جي شڪل هئي
جي ڳالهه اها منهنجي يار ڳٺي!
ته پو ڏيندس پري ڏهه پيرا ڏنڊ
٣. تي پيارا! هڪڙو پل نه پري
ماندي دل تي مِنا! منهنجي مفت مري
هلي آءُ اگڻ پرين! پير پري
قربان وڃان، ٿيون ڪير ۽ ڪنڊ
٤. تو پهرين نظر ۾ ماري ڇڏيو
پئي ڪانه خبر ته هي ڇا تي ويو!
پتو پوءِ پيارل! نيڻ هي پيو
وئين محب! هٽي محبّت جو منڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۵. سهڻا ماڻهو، سچڻ، ٻي ڪا ڳالهه ٻڌيئي!
ٻلي حسن، جمال حبيب! هجئي
چوي طالبؔ هيءَ ڪا خبر اٿئي!
ڏاڍو عشق اڙانگو آهي اَهند

۱۰-۷-۱۹۶۵ع
ڪوه مري

●

ٿل: تنهنجي ڪارن، وارن پاتو ڪمند
ٿي سوگهو ويو منهنجو بند، بند، بند

۱. اهي ڳهريل ڳوڙهيون ۽ ڳاڙهيون
جيڪي جلويدار ۽ ٻئي جاڙيون
پرين! پرت مان ويهي تو پاڙهيون
تن پيتو مٺان محبّت جو مند

۲. تنهنجو حسن ڏسي تو لڳيم عجب
ڪيو خالق هي ڪيڏو نہ غضب!
ياقوت ۾ جڙيا موتي نصب
آهي ڪئن نہ جَڙيل تنهنجو، ڏند، ڏند، ڏند

۳. ڏوراپا ڏئين تہ بہ سهڻا سٺا
مون پيار بہ ڏاڍا پيارا ڏٺا
تنهنجا قرب قريب ٿئا ماڪيان مٺا
مَٺ ڪونہ مِٺيءَ جو ٿئي گلقند

۴. رخسارن ۾ جيڪو رنگ پريل
ناهي ثاني ان جو گلابي گل
جنهن جو ڪوبہ جهان ۾ ڪونهي مُل
ساري سَرَ ۾ تنهن جو آهي سڳند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥. جي پاڻ کي منهنجي اک سان ڏسين
تہ پو خبر پوئي تہ تون ڇا آهين!
۽ پاڻ تي عاشق خود ٿي پوين
مون کي تنهنجي سر جو سچڻ سوگند!
٦. آئين يار سجڻ سينگار ڪري
پئي ٻانهون ڳچيءَ جا هار ڪري
ملئين **طالب** سان ڏاڍا پيار ڪري
منهنجو سچ پچ آهي بخت بلند

١١-٧-١٩٦٥ع
ڪوهہ مري

●

ٽل: تنهنجي قرب جو آهي وسيع ڪمند
تو تي عاشق ٿي پيو خود خاوند
١. ساري سَرَ ۾ سهڻو صبيح بہ تون
محبوب مٺو ۽ مليح بہ تون
وري فائق پاڻ فصيح بہ تون
تنهنجو گفتو ڪمال جي قند
٢. تنهنجي در تا جهڪن سڀ مثل گدا
ديدار جي دولت ڪر ڪا عطا
تون شاهن جو آهين شاهنشا
مان مفلس ۽ تون سهڻا! سرند
٣. جيڪو تنهنجي در تو سوالي اچي
سو مورهئون ڪين ڪي خالي وڃي
منهنجا سهڻا سجڻ! ڪو مجي نہ مجي
پر ڪونهي انهي ۾ قير ۽ قند

٤. بي يــارن جو آهين يــار بہ تون
بي واهــن جــو پوتار بہ تون
بي دلِيَن جــو دلــدار بہ تون
بي ڪــارن جــو دلبرُ دلــبنـد
٥. تنهنجي عشق ۾ ڪيئي اسـيـر ٿـيـا
تنهنجا دلــبر، دامــن گـيـر ٿيا
سَوَ طالب مولا فقير ٿيا
تنهنجي پيرن سان منهنجو پرين! پيوند

١١-٧-١٩٦٥ع
١١ ربيع الاول ١٣٨٥هه
ڪوه مري

●

ٿل: تنهنجي حسن جا هُلَ دلدارن ۾ يار دلارا!
١. وار وڪوڙيل، ڪنڍڙا، ڪارا سينڌ سڌي پئي ڏي چمڪارا!
مشڪ سان موهيل خوشبو وارا تــن ۾ گــلاب جــا گــل
پرين! لڳن تا ڏاڍا پيارا
٢. سهڻيون سڳيون پئي ڪولي هلين تو ديل ڪان وڌ تون چال چلين تو
تن کي لڏڻ کان ڪين جهلين تو چــوڪــا چــوٽــي ڦــل
جهومَرَ جاني! ڪن جهلڪارا
٣. واه جو پِڏين تو ونگيو وانگوڙو سمجهي سيڪو نانگ هي جهوڙو
تنهنجو قسم آئون ناهيان ڪوڙو منهنجا مـحـب مِـنـل!
ڦٽيون ڪيو جڻ ڏين ڦوڪارا
٤. ڏاڻُ پيارو ڏاڻَ وجهي تيو سيڪو اتي اچي پاڻ سِجهي تو
قاسي اهين جو ڪجهہ نہ ڪنجهي تو اهـڙي اتـئـي اتــڪــل
جنهن سان ونگين تو وِرهن وارا

٥.الِي عجيبَ جي ڏاڍي موچاري نوڙيو نراڙ کي چمي چوڏاري
پِرُن پَران تو ڪئن نہ بيهاري جنهن کي نڪا جهل پل
لڏيو لڏيو ٿي ڏي لامارا
٦.منجهہ ڪنن ايرينگ لڏن ٿا ڳاڙهن ڳلن کي خوب چمن ٿا
ناز منجهان ٻئي نوري نچن ٿا عشق مان ڏِينِ اُڇل
پيارا پري ڪان مارِن موچارا
٧.هيرو نڪ ۾ آهي هزاري بولو، بنئيسر مينا ڪاري
چندن هار سچو سونهاري برهہ لائينِ بَڪَلِ
چڻ چمڪن ٿا چنڊ ۽ تارا
٨.مُرڪيو مُرڪيو ماريو وجهن ٿا سهسين ڪري سينگار اچن ٿا
نئين سج نرمل! نوان ڏسجن ٿا آهن پاڻ اَمُلَ
منهنجي ساهہ جا سي ئي سهارا
٩.پر ۾ پلي ڪو ڪنوار بيهاري پوءِ ڪٽي ڪو هن ڏي نهاري
دل ۾ وري سو ويهي ويچاري پوءِ پويس ڪا ڪَلَ
تہ سونهن ۾ آهن ڪير سو پارا
١٠ سپيئي سڄڻ سان ريسون ڪن ٿيون زيور، زريون پڻ پهرن ٿيون
منهنجي پرينءَ سان ڪين پڄن ٿيون ڪن ٿيون رڳيون ئي اَهَل
اصل، نقل ۾ وڏا ويڇارا
١١.ڪتان آئن اهي ناز نزاڪت لالڻ منهنجي واري لطافت
طالب تن کي ڪهڙي طاقت! اها انهن جي ڀُل
سينو ساهن جيڪي ويچارا

١٢-٧-١٩٦٥ع

ڪوه مري

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: سهڻل جا سينگار — وهوا — دل کي وڻن ٿا
دل کي وڻن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا . ڏاڍا نهن ٿا، من کي موهِن ٿا

۱.ڪارا ڪارا، ڪُنڊڙا ڪنڊڙا سهڻا سهڻا، سنهڙا سنهڙا
وانـگــوڙي ۾ وار

۲.تيل، ڦليل، ڦٽيون، ڦوڪارا ڏوپيلَ واسيَل، ڪيس هوڪارا
گَـهرا گُهـنديـدار

۳.ابرو عجيبُ. ڏنگا ۽ ڏوڙا ڏيهه ڏسيو ڪن گهوڙا گهوڙا
تيز ڪَـنـان تلوار

۴.پيئي اکيون چڻ باز ۽ بحري مار ڪرڻ لئي پون ٽيون پهري
ڪن شاهاڻا ته شڪار

۵.نڪ نجيب جو ننڍڙو ننيرو سنهڙو سنهڙو، ڪُنڊڙو ڪنڊڙو
رنـگ پـريا رخسار

٦.لب لالڻ جا مُرڪيو مُرڪن ڏند موتِن جان جَهرڪيو جَهرڪن
ڪونج ڳـچـيءَ ۾ هار

۷.روز چمان، چشمن تي چايان لائق سمجهي لبن سان لايان
پريَنِ جـا پـيـزار

۸.گڏ گذارڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ **طالب مولا** رُسڻ ۽ پرچڻ
محبّت جـا مـعـيـار

۱۳-۷-۱۹۵۵ع
حيدرآباد ۾ هالن جي
وچ ۾ لکي وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: تنهنجي عجب اڏاوت ۽ ٻيهڪ
تنهنجي ترڻ ڦرڻ ۾ عجيب ڍنگ

١.توکان ڪونہ وڏيڪ ملوڪ ڏٺم
توکان ڪونہ زياده حسين پڌم
توکان ڪونہ وڌو ڪو مثال مليم
ڪيا کهڙا انهي ۾ شبها شڪ

٢.ڪو دنيا گهمي ٻلي ٽوڙ ڪري
ڏسون ڪنهن کي تو تنهنجو جوڙ ڪري
توکي ونندو متي جو موڙ ڪري
تنهنجو ملندو مثال نہ اوڏيءَ چِڪ!

٣.نہ شباب جو جاني! جواب ڪٿي
انهي حسن جي حد حساب ڪٿي
لِکي توکي سو آهي ڪتاب ڪٿي!
تنهنجي قوه جواني عجيب اُتڪ

٤.توکي پنهنجي هٿن سان ناهيو خدا
اها ڄاڻي حقيقت شاهہ و گدا
اي جاني جواڻي ماڻي سدا
ڏين ڏهہ ڏهہ پيرا ٽليو ٿڪ

٥.محبوب مٺا تون شال جيين!
مون سان گڏجي ڪنڊون ۽ کير پيين
تون پنهنجو مثال بہ پاڻ ٿيين
آهي مون کي نہ، پرَ پِرجا کي پڪ

٦.جو مون کي قريب تي قرب ڪيئي
جو وچڙيل کي وري پيار ڏنئي!


Scanned with CamScanner

ڇاطالب جي ڪا خبر اٿئي
تنهنجي عشق ۾ وئي ساڃاه سَمڪ
٣٠-٣-١٩٦٧ع
٢٠ محرم ١٣٨٧ھ
ڪراچي

●

ٿل: اِهو اٿم يقين ته آهيان برحق
توکي نه مڃي سو آهي احمق

١.سڀ هيرا جواهر گڏ جي ڪجن
اتي محب! مٺين ڪٽي موتي هجن
ته به تنهنجي برابر ڪين ٿين
اکيون تنهنجيون رشڪ دُرِ ابلق

٢.جي ٽيڏي اک سان يارا ڏسين
ته هيڪاري چرڪ ڇڏايو ڇڏين
تو پاڻ ڏي دلبرا! گهليو وٺين
تنهنجي چشمن ۾ آهي چقمق

٣.محبوب سڄڻ ماڪيءَ کان مٺا!
تو سدائين پلايا پال پلا!
تنهنجي سر جو قسم تنهنجو ڏوه نه آ
مونکي منهنجي سورن ڪيڙو سَحق

٤.تاريخ محبّت پڙهي جا ڏٺيم
”ريسرچ“ انهي تي ويهي ڪيم
رڳي هجر ۽ غم معلوم ٿيم
اٿلائي ڏٺو مون وَرَق وَرَق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون خاطيءَ روز خطائون ڪيون
تو مون تي الاهي عطائون ڪيون
تنهنجي جورو جفا ۾ وفائون ڪيون
رڳو تنهنجي نينهن ڪيو ناحق
٦.تنهنجون عجب رهاڻيون رس نوان
ڪري حاصل ٽياسون نوان ۽ سنوان
والله سچڻ! هي سچ تو چوان
تنهنجي وسري نٿي صحبت سابق
٧.تنهنجو طالب مولا زنده رهي
ڀلي دلبرا! دنيا ڇا ۾ چوي
مان تہ هيئن چوان هڪ هام ڀري
"منهنجي عَذرا تون مان تنهنجو وامق
٢٠-٥-١٩٦٧ع
٩ صفر ١٣٨٧هه
اسلام آباد

●

ٿل: تنهنجي رخ ۾ نوري ڏاڍو نمڪ
سڀ سهڻن ۾ ئي حبيب! تون هڪ
١.منهنجا غم گوندر ٿيو دور وڃن
جي توکي اکيون ٿيون ڪلنديءَ ڏسن
سڀ جذبا جيئرا ٿيو تا پون
تو زندگي بخشي ٺهڪ ٺهڪ
٢.تنهنجي هلڻ چلڻ واري چال ڏسي
مونکان پنهنجي قيامت وئي وسري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها لوڌ لکن جي ماري تي
سهڻا! تنهنجي چيلهه جهڙي چابڪ
٣.مون کي اڳ ۾ آهي خبر اها
جي ڳري ِ چڙهيين ته پو ٽيندين چا!
آهي اسان جو ته هاڻي ئي حافظ خدا
انسان آهيان، نه ڪي جن ملڪ
٤.ڪنهنجي ڪرڻ خوشامد آهي بُري
پر سچ ته چوان چاهي اُن ۾ وري!
تنهنجي پير هيٺان وچي نانگ سري
ٽَپي پيرن ۾ لاڪيٽو لَڪ
٥.توسان هام هٽي سو ڪير ٽِئي!
جيڪو سامهون اچي اُهو آهه ڪٽي!
هي طالب مولا سچ ته چوي
ساري سَر جو نجيب! تون آهين نڪ
٣-٥-١٩٦٧ع
١٣ محرم ١٣٨٧هه
هالا

●

ٽل: گهٽو آهن گهڻ توکان سڀ گل ڦل!
ساري ملڪ ۾ تنهنجي حسن جا هُل
١.ڪنئين خود کي خوب سينگارِن ٽيون!
مَلي مهٽي پاڻ کي مارِن ٽيون!
توڙي هر هر پاڻ سنوارِن ٽيون
نٿيون توسان پڄن ڪري تنهنجي اهل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢.منهنجا جاني، مـنـا، قربدار ڪِنا!
توکي مـولا حـسـن هـزار ڏنـا
تـون سـهـڻـو آهـيـن سينگار بنـا
تنهنجي حسب نسب ۾ نـاهـي اَل

٣.تون پاڻـهي اچـي تـو پيار ڪرين
مِـنـٿِن جـي مـنا! وارو وار ڪرين
ڪنئين مون سان عجيب! تو آر ڪرين
اِهي مـنـٿا پلي ڪـر آر انـگـل

٤.منهنجو توڏي اچڻ، تنهنجو ڪوڙو رسڻ
منهنجي منٿ ڪرڻ، تنهنجو منهڙو مٺڻ
منهنجو پيار ڏيڻ، تنهنجو پرچي پوڻ
ڏادي مـرڪـي مـلـڻ جي اٿئي اٽـڪـل

٥.مون کي پنهنجو بنائي حبيبُ پرين!
ڪيو قـرب ڏئـي تو قريبُ پرين!
منهنجو بخت پلو ۽ نصيبُ پرين
منهنجي درد جا تو وٽ سڀ درمـل!

٦.تنهنجو طالب نرمل! نماڻو آهيان
تہ بہ تنهنجو آهيان جي اياڻو آهيان
تنهنجي ديٽ جو رمـز ۾ راڻـو آهيان
منهنجي ڪـاڪ جي آهين تون مومل

١٦-٣-١٩٦٦ع
ڍاڪا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: تنهنجو دنيا ۾ محبوب! نه مٽ
پلي پائي اچي ڪو ڪلنگي چٽ
۱.ڪٿي هار سينگار هزارين ڪن
وري ناز انداز سان سامهون اچن
تنهنجو هوندس مان پلي مون لئي سڪن
ڪنهن کي طاقت جو ڪري مون سان ترڪٽ!
۲.زر زيور سان نٿو حسن وڌي
لِڪي هوندي لباس به ڪجهه نه ٿئي
اِها ذات خدائي جنهن کي ملي
هڪ تون آهين جنهن جو ناهي مٽ سٽ
۳.هٽ ڪونهي خوشامد جو ڪو سبب
هن ڳالهه کي جاڻي هڪڙو رب
تنهنجو اعليٰ آهي حسب نسب
تون تاجَ پيشي آهين پٽ
۴.پرين! پاڻ سان تو پابست ڪيو
اهو سودو دست بدست ڪيو
محبت ۾ مٺا! ڏاڍو مست ڪيو
مون کي پيار جو پياري پٽ تي پٽ
۵.ڪنهن کي طالب مولا ڪجهه نه مڃي
پلي ڪير اڏامندو چو نه اچي!
ڪٿي اڪ به انهي ڏي ڪين ڏسي.
رڳو تو وٽ آهي چريو چرڪٽ
۵-۳-۱۹٦٦ع
ڪالا باغ

ٽل: آهين لاثاني بي نظير پرين!
پوري ملڪ ۾ با توقير پرين!

١. تنهنجي فرقت جو احساس هيم
تنهنجي صبر نهوڙي نيٺ نيم
جڏهن رهبر عشق عجيب! ٿيم
اچي پيش پيس اڪسير پرين!

٢. ڪڏهن توکي وساري ڪين ڇڏيم
مون کي محب مٺا! تنهنجي سرجو قسم
تنهنجو خط ۾ لکڻ هئن ياد اٿم
”منهنجي جيءَ جا جاني پير پرين“!

٣. هاڻي اون عجيبا! ڪا ئي نه ٿم
جيڪي دل ۾ هئا سڀ-سور لٿم
تنهنجي نينهن تي بيحد ناز اٿم
منهنجي عشق جا يار اسير پرين!

۴. هر هڪ خواهش معذور هئي
هر هڪ ڪوشش مستور هئي
ڏادي يار سڄڻ! مجبور هئي
تقدير اڳيان تدبير پرين!

۵. تنهنجو طالب مولا در نه مٽيو
بازي برهه جي کان هرگز نه هٽيو
هُن پاڻ هارائي توکي کٽيو
منهنجا ڀڳڙ، ٻاونگير پرين!

۱۵-۴-۱۹٦٦ع
بنگلو جمڙائو، لانڍيَ واري موري
شهدادپور

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: تنهنجي شان وڏان ڪينهي مڙئي منصبَ
ڪٿان آڻيان سچڻ تنهنجي لاءِ لقبَ!

١.ڪولين وار ته سُنبل سَهميو وڃــن
ڪٿين اک ته نرگس جــا ڏوهه ڏڪن
سب غنچا ٽڙيــو گل ٿيو ٿا پون
جڏهن مُرڪن تنهنجا لال ٻئي لــب

٢.ڪنهن کي طاقت تنهنجي ڪَٿَ ڪا ڪٿي
تنهنجو مٽ نه ٿئي ڪو لٽي ۽ پٽي
هڪ ذات سيّد جي ســا آهي مٿي
باقي توکان سيئي گهٽ حسب نسب

٣.ٻلي هر ڪو ٻُڌي منهنجا ٻول اجهي
مون کي ڪونه تو اهڙو سَــر ۾ سُجهي
جيڪو تنهنجي جُتيءَ ۾ پير وجهي
سو پيدا ڪيــو نــي ڪونهي رب

٤.تنهنجي عشق ۾ ڪينڪي اهنجو آهيان
تنهنجو نه ٻلا ٻي ڪنهن جو آهيان!
سهڻا يار! فقط مان تنهنجو آهيان
مون تي ڪنهن جو "ڪليم" نه ڪا چب سب

٥.اهــو گفتو گفتو واهه جــو ٿهيو
جيڪو پنهنجي زبان سان هئن تو چيو
"ٿيا ڏينهن، مون سان تو نه پيار ڪيو"
وهــوا ڏادي وَڻــي اها تانگهه طلب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٦.تنهنجو طالب تي تنهنجي پيش پيس
تنهنجي قربن آخر قيد ڪيس
تون ڪين ته تو هاٺو ئي تيس
تڏهن پاڻهي ڪريان تو پنهنجا ادب
٢٢-٤-١٩٦٦ع
ديري

●

ٿلھ: جيڪي منهنجي ڳچيءَ جا هار ٿيا
اهي ڪارا ڪنڊڙا وار چمان
جيڪي ڳوپ ڏئي تي دام پيا
سي خاصا خوشبودار چمان
١.جنهن ڪان شمس و قمر شرمائن ٿا
جنهن ڪان تارا ڪتيون گهبرائن ٿا
اها نور ڀري جا پيشاني
ڪري همّت سا هڪوار چمان
٢.جن آڏو هلال ڪا شئي ناهي
جن آڏو ڪمان به ڇا آهي!
جن آڏو خنجر خم ٿا ٿين
اهي خوشتر ڀئي خمدار چمان
٣.جي چرڪ ڇڏايو خوب ڇڏن
۽ ڀنڀٽيون مورهئون ماريو وڃن
اهي ڇپر ڇنبڻ سان ڇيھ ٿا ڪن
وهوا تن جا اکِن سان وار چمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٤.جڻ مئي جا ڪنورا ٻيئي پريل
يا ماڳنهن آهن خود پيتل
اهي مست و مست قلندر ٻئي
ڪري ڏاڍو ادب، ڏئي پيار چمان

٥.سو آهي ڪنول جو ڊنگ ڪٿي!
سو آهي گلاب جو رنگ ڪٿي!
جتي بلبل پنئورا خود بيخود
اهي رمز پريا رخسار چمان

٦.جڻ لعل ۽ موتي صدف ۾ بند
قربان مٺاڻ تان تن جي قند
سي لال لعابي لالڻ جا
لب سرخ ٻئي پيهار چمان

٧.ڪٿي ڪونج نه پنهنجو ڪنڌ مٿي
جي سامهون سجڻ پئي انکي ڪِٽي
منهنجي ڳٽن پرئي جي ڳچي ته ڏسو
جا چؤکي، چڳي چوڏار چمان

٨.هو پيرين هتين تيو هڪ جهڙو
جو ثاني سڏائي، سو ٽئي ڪهڙو!
تنهنجي نقش قدم جي خاڪ ڪٿي
اها غيرت عنبر بار چمان

٩.جيڪي درتي سندس هليا مونکي وٿي
ڏيان تنکي ترت مِني تي مِٽي
اهي طالب مولا ٻئي تهدل
پنهنجا پير چمان، پيزار چمان

٨-٨-١٩٦٦ع
اسلام آباد

●

ٽل:مٺا محب ماڻهو پرين پيار وارا
انهن لئي اکِن ۾ اڏيا مون اوتارا

١. اِهي وار چلڙا ته ڪي نانگ ناهن
ڏين پاڻ ۾ پيچ اهڙا ئي آهن
ڏيو وَرَ وريو ڪن وَنگڻ لاءِ وارا

٢. چٽي چند ڪان پڻ پرينِ جي پيشاني
نه بجلي برابر نه ٻيو مٽ ۽ ثاني
جهلي ٿا سگهن ڪين ڪي تاب تارا

٣. نه تلوار جي ڌار اهڙو ڪري ڪم
نه خمدار خنجر هڻي ڪو هڻي دم
ڀِنا ٻاڻ ٻيئي ڀرون ڀئونر ڪارا

٤. چپڙ جي ڪچن ٿا نه اولا لهن ٿا
ڏکويل کي تسڪين ڏاڍي ڏين ٿا
اهي پاڪ پنبڻيون نه ڪن پارا پارا

٥. هو شهباز جئن عَزم سان جي اچن ٿا
نه پهرين نظر ۾ وڻيو دل وڃن ٿا
اهي نيڻ نرمل جا چڻ مست مارا

٦. ڪڏهن مَٽُ ڪي ٽيندا پلا گل گلابي!
ڪٿي ناز آهن انهن وٽ نقابي!
انهن ۾ نه آهن هي نوري نظارا

٧. لجي لعل، ياقوت، هيرا ٿين ٿا
۽ شرمائي مرجان، موتي وڃن ٿا
جو محبوب مُرڪن ٿا مٺڙا موچارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٨. نظر تو اچي جي پِيَنِ تا هو پاٽي
نزاڪت، نفاست ڪَنِي هت پچاٽي
ڪيا خَلقَ حيران عقل، سمجھ سارا
٩. وڏا وَڙَ ڪري هو اڱڻ منهنجي آيا
وريو بخت طالب ٿيا لايا سجايا
ڪٽي ڪير ٿو هيئن قدم قرب ڏارا!
٢٢-١٢-١٩٦٠ع
لاهور

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۸]

## سڪندي تيڙم سال

ٿل: مست الفت ۾ ڪيا ڪئين وِرهه ويچارا هٽي
پرت سان ڪيڙا پڌر ڏک درد دل وارا هٽي
۱. درد وارن جي او سهٽا ويج واهر ڇا ڪندا!
چاڙهه چاڙهيَ مان سجڻ! تون تنڪي چوڪارا هٽي
۲. ڪيف سان ڪاريون، ڪڪوريل قربدارن جون اکيون
باز بحريَ جان جهڻن دلڙن کي لامارا هٽي
۳. سالڪن هي سچ چيو "ري عاجزي ڪا واهه ناهه"
تار ۾ تابع ڪري تو برهه بي تارا هٽي
۴. جن جي سرتي عشق اطهر ٿيو اچي جلوه نما
سي هليا سبحان ڏي هو هُو جا هونگارا هٽي
۵. ات فقيري فيض جا چشما ٿيو جاري پون
جت اچي ويهي ٿـو حضرت عشق اوتارا هـٽي

●

ٿل: تو لاءِ ڪوڙين ڪانگ اڏايان پئي
تنهنجا پانڌي روز پڇايان پئي
۱.تو صبح اچي نـوان درد ڪٽي
ٿي رات ٿئي مون لءِ گهنگهر گهٽي
سَوَ سُور سندئي مـان هڪڙي ڇٽي
تنهنجا آهـن، تن سـان نيايان پئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢.تي روز سَنجهي منهن ويڙهيو سمهان
وريو آدي ڏيو تي عجيب! اٿان
پاڻيو منهن مُونَن ۾ رويو روئان
لڪيو لوڪان لڙڪ وهايان پئي

٣.تِينَ نرمل شل! ناراض مَ تون
تنهنجا هتڙا هجن، منهنجون چام! جُتون
منهنجون محب! اکيون، تنهنجون لالڻ! لتون
وٺيو واٽون تهنجون واجهايان پئي

٤.مَنُ منهنجو مُنو سمجهي به نه تو
مئو مون ڪان وري پرچي به نه تو
رٺو رمزن سان ريجهي به نه تو
ته به ڪيس پرين! پرچايان پئي

٥.تنهنجي ياد ۾ هئن مان مست آهيان
پنهنجي پاڻ کي "تون" سمجهيو ٿي وهان
اهڙي محبت ۾ ٿيو محو وڃان
جو ياڪر پاڻ کي پايان پئي

٦.تو جا تي ڇيو پلا جا هي ڪيئي!
منا محب! وڇوڙو ڏاڍو ڏنئي
پنهنجي طالب کي جو وساري ڇڏيئي
تنهنجا مان ته اجا گڻ ڳايان پئي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: ساهه سگهي ٿو جن لاءِ سڄڻ شل سارين!
سڄڻ شل سارين واڳون مَن وارين!
١. سرتيون! هوند آئون سونُ ٿيان جي محبّت ڏئي مارين
٢. ويهي ڪيئون جي وعدا پرين سي پارين
٣. سيئي پرِ کي پهچنديون گونـدرِ جـي گهارين
٤. رسنديون سيئي راز کي جي وِرهَ ۾ سِرُ وارين
٥. **طالب** دردن واريون روز هنجهون هارين

٢٦-٩-١٩٥٧ع
هالا

●

ٿل: ڏوهه دل جو آهي ظاهر ۾ وجي اکڙيون اڙيون
هوءِ نه وئي دلدار وٽ پر هي نه سورن ۾ سڙيون
١. من پرين ڪجهه پيار مان ويهي وٺي ڳالهيون ڪري
زندگي ساري گذر ءِ ياد پونديون کي گهڙيون
٢. هاڻ شل مون سان نباهي نينهن جو ناتو سڄڻ
پاڻ ئي پاتئين ڳچيءَ ۾ قربداريءَ جون ڪڙيون
٣. دل نه هڪڙي آهه جنهن تي يار جو قبضو ٿيو
محب اڄ ميخون محبّت جون، سندم جيءَ ۾ جڙيون
٤. منهنجي دل ڦاٽي نه ڇا ٿيو هي وڏي ڪا ڳالهه ناهه
لطف سان لالڻ ليون جيڪي هيون جڳ ۾ جڙيون
٥. مو~~ٽيل~~ پنهنجي لڄ ءِ لڏ هن جي حوالي ڪئي ڪٽي
هٿ رکي پنهنجون ڪيون جنهن بي وسيليون بي وڙيون
٦. بي نه سيڪنهن وٽ ڪو هڪڙو سور هوندو ساهه سان
**طالب المولا** جي دل ۾ درد جون آهن ڏڙيون

٢٥-٦-١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: محبّت کي ڪا پرواهہ ناهي    دلبر سان جو دلڙي آهي

١. ملن پلي ڪنئين طعنا مھٽا    سي سڀ سر تي آهن سَھٽا
لوڪ ملامت چاهي!

٢. سو ني نياڻي نينھن جو ناتو    پيچ پيار جو جنھن آهي پاتو
لڳ لاڳاپا لاهي

٣. ان کي خبر، جو محبّت ماريو    پيالو پيارل جنھن کي پياريو
ڪير پيو سينو ساهي!

٤. ڏڄ ڏبَ کھڙا طالب مولا    رکيا ارادا اصلئون اعليٰ
قرب ۾ رسيو ڪاهي

٢٣-١١-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

ٽل: سڄڻ هجن شل سنوان!    حالڙا ٻڌائيندس ـ سورڙا سڻائيندس

١. دلڙي گهري ٿي دلبر دمدم    هيٺي، سانڍ اچي ٿني همدم
نيو نيو وريو نوان    ڳُڻ ته ڳائيندس ـ واتڙيون وهائيندس

٢. اتر اميدون اڳڻ تي ايندا    دم دلاسا دل کي ڏيندا
نياز ڪنديس اٿون نوان    واتڙيون ٻهارينديس ـ واڙا وڇائيندس

٣. مون معذور سان محبُ ملائين    ماڙ ڪجنين ڪا مولا سائين!
لالڻ لني ويني لوان    ڳاجڙا ڳائيندس ـ موڪون ۾ ملهائيندس

٤. طالب طلبن لايون تارون    محب اچي من سٽي ڪوڪارون
پيرن تي ڪري پوان    قربڙا ڪمائيندس ـ ناتڙا نڀائيندس

٢-١٠-١٩٥٥ع
امين منزل، حيدرآباد

●

ٽل:مولا! ملاءِ تون مون سان منهنجي من جو ٺار
منهنجي من جو ٺار، دل جو دلبر يار
١. جنهن جي ساه کي سِڪ، چرڪ چڏايا چِڪ
لوڪان ڪئي جنهن لِڪ، سَهڻو سو سردار
٢. ورهَه ڪئي آهي وَس، ڏوريو پچايان ڏس
گَام نهاريان گس، محبّت جو مهندار
٣. دردُ ڪري ٿو دانهون، روز نهاريان راهون
پرَ ڪي موٽائي پاهون، عشق ڏنو آزار
٤. وَائي آهي وات، بره واري بات
آهي ڏينهان رات، طالب جو تڪرار

٥-١-١٩٥٥ع
ٽاٽو بولا خان

●

ٽل:رئندي رئندي تيون گذرن راتيون
آهن آسون اندر ۾ آتيون
١. تنهنجي آهيان، تنهنجي ٿينديس
بنهن نه ٻي در سهڻا! وينديس
تو ئي ڳرهاٽيون پاتيون
٢. منهنجو آهين، منهنجو هوندين
مون سان مدد پل پل ۾ ٿيندين
دلبر! تو لنئون لاتيون
٣. تنهنجون ويئي واٽون نهاريان
سُڏڪيو توکي يار! پڪاريان
پاءِ پرين کي جهاتيون!

٤. ننڊ نيڻن جي ويئي اڏامي
هاڻي هڪل ۾ تي اچي حامي
پرت مان ڪر پرياتيون
٥. اَهنج اندر ۾ ڏاڍا اچي ويا
مچ محبّت جا محب! مچي ويا
ڇُوهه مان گڏجن ڇاتيون
٦. مان نہ پرين! توکي ڪين ڇڏيندس
پکڙا توسان گڏجي اڏيندس
جيڪي پڳيون سي ڪاتيون
٧. سائين ڪندو سڀ پوريون اميدون
طالب مولا ٿينديون عيدون
تَنَ ۾ آهن ڏاڍيون تاتيون

٢٣-١٢-١٩٦٠ع
لاهور

●

ٿل: ايندم شال! عجيبَ - سرتيون - ڏيندم پلپل پيار پيارا
١. اسرونـد آسائـتـي آهـيـان
نرمل ڪان نا اميد بہ ناهيان
لاڪيٽا هو لبيب - سرتيون - دل وٺندا دلدار دلارا
٢. ڪوجهڙي آهيان، ناهيان ڪميٽي

پنهنجي ڪن من حبيب هيءَ هيٺي
نوري منهنجا نجيب - سرتيون - سهٽا شل ڪي ڏين سهارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۳. آهيان اصل نادان نسوري
بلڪل، بلڪل، بلڪل پوري
ڪن ڪي قرب قريب ـ سرتيون ـ جاني منهنجي جيءَ جا جيارا
۴. لاهن سڀ آزار اندر جا
نرمل نازن ساڻ نذر جا
طالب جا هو طبيب ـ سرتيون ـ منهنجا سڄڻ سي سخن سچارا
۳ـ۸ـ۱۹٦۰ع
ڪوئٽا

●

ٿل: ڪندي ياد توکي هي راتيون وهاڻيون
اچن ياد هر هر سنڌ رس رهاڻيون
۱.ملڻ ۽ کلڻ تنهنجو مرڪڻ موچارو
اٿڻ ۽ وهڻ آهي ڪل ڪان قرارو
سيئي تنهنجون رمزون سيني ۾ ساماڻيون
۲.مان تنهنجو ئي آهيان سڄڻ! اچ کلي ڏي
مبارڪ مٽن کي پلي وچ وجي ڏي
پلا آ ته هاڻي محبّت کي ماڻيون
۳.مان توسان اچي خير جو خوب کلندس
ڳچيءَ پائي ٻانهون متا محب! ملندس
نه منجن ٿيون من تان هو ڳالهيون ڳوڻاٽيون
۴.ڪري قرب تو ساڻ توکي کلايان
ڏئي پيار ۽ گل گلن سان ملايان
اُتن روز اڏ مان ته پرِ ڏي پلاٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥.پون ياد پرديس ۾ پيار تنهنجا
تہ ڳوڙها ڳلن تان ڪِريو ۽ ڪرن ٿا
اينهين دل سان ڪن ٿيون اکيون ٻئي آڪاٽيون
٦.مان تنهنجو ئي طالب تون مطلوب منهنجو
مان تو ڏي ئي راغب تون مرغوب منهنجو
ٻئي هڪ ٻئي ڏي طلب مان ٿا تاٽيون

٣-٩-١٩٦٦ع
ڪئمبرج

●

ٿل: تون ڇا هئين، ڇا مان ڇا ٿي وئين
جڏهن تنهنجو ٿيس تہ جدا ٿي وئين
١.هيءَ ڳالهہ سچڻ! تون ٻڌاءِ تہ ڪا
ڪهڙو ڏوهہ ڪيم ۽ آهي ڇا!
مون کان ڪهڙي ڀلا ٿي اربعا خطا!
جو بلڪل بي پروا ٿي وئين
٢.مون کي منهنجي نينهن نهوڙي ڇڏيو
مون کي منهنجي وِرهہ وڪوڙي ڇڏيو
مون کي منهنجي عشق الوڙي ڇڏيو
مون کي گهرجي دوا تون دعا ٿي وئين
٣.پاڻهي پنهنجو ”تون“ خريدار ڪيم
۽ پاڻ کي مفت ۾ وڪڻي ڇڏيم
تڏهن تو وٽ ڪجهہ بہ نہ قدر ٿيم
آئون ادنيٰ تون اعليٰ ٿي وئين
٤.هڪجهڙا هياسون تہ ڇا نہ هيو!
جو پيار ڪيم، پڇتايان پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وچ فرق مراتب پنئجي ويو
آئون پيس جهڪي تون خدا تي وئين

.٥ هن حيرت ۾ پيو روز هڃان
ڪئن حجت رکان توکي ڇا ڇا چوان
توکي پيار ڏيان، تنهنجا ادب ڪيان
آئون طالب تون مولا تي وئين

٢٣-٦-١٩٦٧ع
١٥ ربيع الاول ١٣٨٧ھ
اسلام آباد

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۹]

# دلڙي ڏئي مون درد پرايو

ٽل:مون کان ٽيون وسرن سڄڻ! تنهنجي ڳڻن جون ڳالهڙيون
تنهنجي ڳڻن جون ڳالهڙيون، چشمن جون چوڳيون چالڙيون
١. جيڏهن ڪئين نازڪ نظر، بينا ڪرين ٿو بي بصر
ٿيون باخبر ڪن بي خبر، ڪيفي، ڪڪوريل، ڪالڙيون
٢. هن برهه ڪئين ٻاريا ٻنا، سُهما سَون جا مون سنا
مَرُ لوڪ ڏي مون کي مِنا! اهڙيون عجب اوپالڙيون
٣. ٿا عشق جا ٻارڻ ٻرن، رڙهندس متي رهبر! زندن
پل منهنجي پيرن ۾ پون، اڄ چو نه چوهئون چالڙيون!
٤. دردن ڪيو دل کي ڀسم، ڪٿ **طالب المولا** جو غم
تنهنجي سڄڻ! سر جو قسم، اکڙيون رهن ٿيون آلڙيون
١٢-٣-١٩٥٥ع
هالا

●

ٽل: مون سان دلبر دلڙي نه لائين ها
جي لائي ته توڙ نڀائين ها

١. چو پيارا پلپل پيار ڏنئي
ڇا ڇا ٿي چيئي ڇا وعدا ڪيئي
پلا يار ڀڏاءِ ته ڇا ٿي ويئي
جي ڇڏڻو هيئي ته ڀڏائين ها
٢. تنهنجي نرمل نينهن نهوڙي نيس
اڇي پيارا تنهنجي پيش پيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي لائق تنهنجي ڪين هيس
تہ بہ رمزن ۾ پيو رهائين ها

۳. مون وفائون ڪيون تو جفائون ڪيون
مون عطائون ڪيون تو خطائون ڪيون
مون صدائون ڪيون تو ندائون ڪيون
منهنجا ڪي تہ پرين ڳڻ ڳائين ها

۴. آئون ڪينءَ سڄڻ توکي جهليان ها
پنهنجي پاڻ کي پاڻهي پليان ها
پنهنجون آليون اکيون ويٺو مليان ها
رڳو يار مون کان موڪلائين ها

۵. تي اوچتو تون بيگانو وئين
ڪنهن وهم گمان نهوڙي نئين
آخر تون بہ تہ هڪ انسان هئين
ڪجھ سوچي سمجهي سهائين ها

۶. تو پاڻ ئي مون کي پسند ڪيو
۽ خوب سڄڻ خرسند ڪيو
وري هجر جي قيد ۾ بند ڪيو
تنهن کان مورهئون من نہ ملائين ها

۷. هاڻ ڪيترو تون بيدار ڪندين
ڪو وقت ايندو فرياد ڪندين
پنهنجو طالبُ مولا ياد ڪندين
تي ويسلو وجھ نہ وڃائين ها

۹-۸-۱۹۵۵ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: تو دلڙي يارا ڏتاري  پو يرا ڪانہ ڪيئي پونواري

۱.تنهنجا ڪَيس پيارل! ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا
ڪن ونگ وجهڻ لئي وارا، پائن گِتَ ڳچي ۾ ڳارا
ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا
تين وير بہ اُت ويچارا، ٿا شاهہ پرن شوڪارا
منهنجي نرمل! آهہ نيزاري

۲ تنهنجي پاڪ پرين! پيشاني، آهي نرمل! نورَ نشاني
سجَ چنڊَ لڳي حيراني! ناهي تنهنجي ثرّيا ثاني
ٿيا تنهنجا مٽ نہ شاني، ڪر اچڻ سندي احساني
وٺ محب منا! مهماني، اچ اڱڻ مٺي دل جاني!
تنهنجي محبّت دلڙي ماري

۳.تنهنجون اکڙيون ٻئي ميخانا، يا پُر ٿيل پيمانا
يا محب! ٻئي مستانا، ڪن درد وارا ديوانا
اُتي جُنگ پرن ٿا جانا، تون شمع ٻيا پروانا
تنهنجا شوق آهن شاهانا، هي راز ٿيا رندانا
تنهنجي اڳتئون توبه زاري

۴.تنهنجي قرب ڪرايون ڪيهون، شب روز رئان ڪري ريهون
ڏنيون پرت پيارل! پيهون، ويون وَرهن گذري ويهون
ٿي دلڙي چيهون چيهون، پيون لال لڳن ۾ ليهون
تنهنجي فڪر سُڪايون ڦيهون، اچ برهہ ۾ ڳنّجي ٻيهون
ڪئي گوندر آ گلزاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۵.محبوب! ڦٽا ڪر ماڻا، ھيَ رمز سڪئين ڪيئن راڻا!
تنھنجي گُهور گهمايا گهاٽا، تتا مورهئون وٽن وهاٽا
تنھنجي صدمن ڪيا سَنڌَ ساٽا، اڇي پرت پڇائج پاٽا
وجهان ٽپٽا روز ۾ ٽاٽا، تنھنجا سور آهن سيباٽا
تنھنجي تات، طلب ۾ تاري

۶.اڄ وعدا پرت جا پاڙيون، هڪ ٻئي سان سور سلهاڙيون
دل، دل ڏي لالڻ! لاڙيون، ٽا سور وڃن سنڌ ساڙيون
تيو چيتو آهه چيهاڙيون، دل درد وڃن ڏونڌاڙيون
اڄ وِرهه وسايون واڙيون، تنھنجي دردون مَٽ نه ماڙيون
ڪر سهٽا يار! ستّاري

۷.تنھنجو طالب مولا آهي، ٻئي ساڻ پلا پيو چاهي!
رس تنھن کي قرب مان ڪاهي، پيا لڳ لاڳاپا لاهي
ڇڏ وير وِرهه جي واهي، ڪير سينو توسان ساهي!
اها طاقت ڪنهن کي ناهي، اڄ مون وٽ گاهي ماهي
لاءِ برهه جي يار! بهاري

۸-۱۱-۱۹۵۵ع
هالا

●

ٽل: جڏڙي جي جا جيارا- او پيارا!
تون ئي نه آهين جاني جياپو!

۱.اتندي وهندي پرين! تنھنجي تات اتم
سهڻا، سپرين، سڄڻ! وائي وات اتم
مون ڏي سڀ ميار - او پيارا!
تو سان ئي آهي سڳ ۾ سياپو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۲.تون ئي پلارو پلو، مون ۾ عيب اپار
ڪانڌ! ڪميٽيءَ جي ساري لهج سنڀار
پيڙو تج پتار - او پيارا
محب! مُنجان تي نينهن جو نياپو
۳.راتيون روئي رڙي ويٺي وِهايان منا!
ڏينهن ڏکن جا وري ڏاڍا مون کي ڏنا
موٽي اچ منٺار - او پيارا!
تنهنجو ئي آهي چاڻيءَ تي چاپو
۴.طالب مولا چوي اچين تون پير پري
من اهڙو وري ڍارو مون لئي ڍَري
پلپل ڏي کي پيار - او پيارا!
ڪر نه هيڪاري سهڻا! سهاپو
۲۱-۱-۱۹۵۹ع
حيدرآباد

●

ٽل: ساريو، ساريو، ساريان، او سهڻا سائين ڪيئن وساريان!
۱.روئي روئي حال وڃايم توري ڪنهن کي ڪين ٻڌايم
تنهنجون واٽون نهاريان
۲.دردن آهي ڏاڍو جهوريو ماس هڏن تان ڪوري ڪوريو
پلپل توکي پڪاريان
۳ ڪونه ڪيئي ڪو قياس ڪنيءَ تي، رحم نه آئي محب! مُنيَ تي
تو لئي اگهڻ ڀهاريان
۴.جاني! جڏيءَ وٽ پير پري اچ ،منڙا ماڻهو! قرب ڪري اچ
ساهئون توکي سنڀاريان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥.ڏاري ڪري تو آهي ڏڪاريو    وئين نه وري تو ڪونه نهاريو
ويٺي گهنگهر ۾ گهاريان
٦.پڪ ڄاڻج تان تنهنجي آهيان    هرگز ٻي ڪنهن جي مان ناهيان
ڏک ۾ ڏينهن گذاريان
٧.ڪنهن پلا تون موٽي ايندين    طالب جو ڪئن پيهر ڏيندين!
ويٺي هنجهڙيون هاريان

٩-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

ٽل:    سڪندي سال ٿيا ڏينديس نيٺ ڇري
ڏينديس نيٺ ڇري وينديس مفت مري
١.دلڙي ڦري وري وينين وساري
تارا ٽڪي پيا توڏي نهاري
ڳڻتن منجهه ڳري وينديس مفت مري
٢.قرب جا ڪوڙين ڪانگ اُڏايم
آب اکين مان ويهي وهايم
دلڙي درد ڀري وينديس مفت مري
٣.پيارا پرين! مون کي هئن نه وسارين ها
ڪاته گهڙي مون سان گڏجي گذارين ها
لڳڙي ذوق ذري وينديس مفت مري
٤.دلڙي ڏئي مون درد پرايو
توکي پيارا! ترس نه آيو
ٽيڙي ڳاله ڳري وينديس مفت مري

جيئي سنڌ جيئڻ ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

۵.طالب مولا کان نہ پري ٿي
منهنجي تہ توريءَ کانہ سري ٿي
تنهنجي ڪيئن سري! ويندس مفت مري
۱۹۶۲ع

●

ٿل: دلدار جو ڏيئي پيار، وري يار
سهڻا سڄڻ تو ڪئن وساري آهيان!
۱.جو تو ڏڪارين الا، مفت ۾ مارين پلا!
جاني، مٺا، جيءَ جيار، سردار!
شايد پرين ڪا آئون اڏاري آهيان!
۲.مون ڏي مڙيائي الا، تو ڏي نہ ڪائي پلا!
حاڪم سائين! هزار وهنوار
مون ڏي ٿيا، تن محب ماري آهيان!
۳.هٿڙو نہ لاهج الا، ناتو نبائج پلا!
گولي سنڌ، گنهگار، نيڪار
توڙي ڪني ڪوجهڙي ڪاري آهيان!
۴.سٽهل سائين الا، واڳون ورائين پلا!
منهنجا پرين، من قرار، غمٽار!
تنهنجي اهائي قرب واري آهيان!
۵.مهڻن سان ماريئي الا، ڳٽن ۾ ڳاريئي پلا!
طالب چوي قربداري، منٺار!
تنهنجي، پلارا جيءَ جياري آهيان!
۳۰-۱۱-۱۹۵۷ع
حيدرآباد

●

ٽل:ڪري قرب اچڻ، وري موٽي وڃڻ
اها رسم رکڻ، اختيار نہ ڪر
هڪ پيرو ملڻ، چني ناتو ڇڏڻ
مهٽا منهن تي ڏيڻ، اختيار نہ ڪر

۱. ويا وِرهَہ وري، آئين ڪونہ وري
دل درد ڀري، ڳٽين ۾ ڳري
تي نيٺ چري، منهنجي ڪانہ سري
هيڻن مُنهڙو مٽڻ، اختيار نہ ڪر

۲. تنهنجي اک جي اٽي، ڏاڍي دل کي وٽي
ڏي قرب ڪٽي، منهنجو آهين ڏٽي
تنهنجي گهرج گهٽي، آهيان هڪڙي ڇٽي
ڏکي ڏار ڪرڻ، اختيار نہ ڪر

۳. آهيان عشق اَري، من تو لئي مري
پنهنجا قرب ڪري، اچ پير ڀري
تي ڪين پري، منهنجي دلڙي نري
رڳو يارا! رسڻ، اختيار نہ ڪر

۴. جوشن ۾ جلي، دل ڪين پلي
اچ هاڻ هلي، وارث تون ولي
ناهي ٻي ڪا ڳلي، تو چاڙهي علي
ڏک ڏاڍا ڏيڻ، اختيار نہ ڪر

۵. تنهن جو طالب مان محبوب! آهيان
ڪٿ تو سان رسان! در ڪين ڇڏيان
تو توڏي ڏسان، چا ٔ توکي چوان!
رڳي تُنڪا هٽڻ، اختيار نہ ڪر

۲۱-۱۲-۱۹۵۷ع
قاسم ٻگهيو

ٿل:تو مان اميد نہ لاهينديس ڪَنُ ڏئي ٻڌجان سهٽل سائين!
١.وَرَ وَرَ ڏئي محبوبَ موچارا! ياڪر توکي پائينديس
سينو پنهنجو سڄڻ سچارا! تنهنجي سيني لائينديس
پو مَنَ پنهنجا پالِ پَلائين!
٢.آٽي پنهنجون اکڙيون عجيبا! تنهنجي قدمِ لڳائينديس
پنهنجي لبن کان حاڪم حبيبا! تنهنجا پير چمائينديس
مُئيءَ سان شال تون ناتو نيائين!
٣.منهنجي اگڻ تي جڏهين ايندين پو سڀ سور سٽائينديس
پيار جو هڙو مون تي ترينديں محب! متايون وراهينديس
ويهي مون سان راتيون وِهائين
٤.اگلي ؑعيبن واري آهيان تڏهن بہ تنهنجي سڏائينديس
ڪاند! ڪميڻي آئون ناهيان پنهنجي پرت پڄائينديس
تنهنجي هونديس سهڻا سائين!
٥.منهنجو پلارا! بخت بہ تون ئي تو سان حجت هلائيند يس
منهنجو تاج ۽ تخت بہ تون ئي تنهنجا ئي ڳڻ ڳائينديس
طالب ڪي شل سيني لائين!

٣-٨-١٩٦٠ع
ڪوئٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١٠]

# درد مندن جون دليون ڦيرا ڏئي دلبر ڦٽيون

ٿل: سهڻو، ته يار سهڻو، سهڻو پيو ڪير آهي
عاشق جي لِئِي عجائب صورت جو سير آهي

١.گهنڊڙا ٻه ڪئن گهتِن ٿا هُن جئن نه دل ڦُرِن ٿا
سِرمو ته سڀ وجهن ٿا اک اک جو ڦير آهي

٢.ڪوڙِن جا سِرَ قلم ٿيا سوري ٻه سَوَ چڙهي ويا
ڪنهنجي ڪديئين نه پروا دلبر دلير آهي

٣.ڪانهي مجال ڪنهن کي همسر ٿئي ڪو ان جي
قائم سدائين ڪل تي پرِيَن جو پير آهي

٤.سهڻي جا سڀ سلامي غازي ٻه ڪن غلامي
محبوبُ مون مدامي شيرن جو شير آهي

٥.واعظ هجي يا زاهد عاُرف هجي يا عابد
فائق هجي يا فاسد ڪنهن ڏي نه غير آهي

٦.من ۾ رڱي محبّت جيءَ جي اِها جبلّت
منجهه عشق واري ملّت ويري، نه وير آهي

٧.هڪ جي طلب آ دل کي ڪنهن کي مجانُ نه اُنَ ري
هڪ ڪان سوا نه پي ڏي ڪو اير پير آهي

٨.مولا جو آهيان طالب جو ڪُلّ تي ئي غالب
پُر قرب ساڻ قالب مورهئون نه مير آهي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: ڪٿن نہ بي دردن جون دليون درد سان دلبر ڏَڪيون!
رمز وارن سان رکيائين پرت مان ڳالهيون پَڪيون

١. عشق مان جن عاشقن دل جان دلبر کي ڏني
پو رکيون تن سُورهَن سان يارَ يارانيون يَڪيون

٢. مون بہ ان جي ئي پناري پاڻ کي آهي چڏيو
ڪئين اگهاڙيون، عيبداريون، پانڌ ڏئي ڍولڻ ڍَڪيون

٣. دردمنديءَ دل کي بس ديدار جي گهرجي دوا
چا ڪندا هن برهہ جي بيمار کي ڦيڻا، ڦَڪيون!

٤. رَحمة اللّعالَمِين ٿيندو مسافر جي مدد
لطف سان لاشڪ اُڪاريندو اچي لالڻ لڪيون

٥. طالب المولا کي آهي پنهنجي قادرَ جو قسم
سج ۽ چنڊ جون روشنايون منهنجي جانب کان جَهڪيون

٢٦-٥-١٩٦٨ع
هالا

●

ٿل: دردمندن جون دليون ڦيرا ڏئي دلبر ڦٽيون
يار لئي در در ڏٺا مون گهوٽ ڪئين گهمندي گهٽيون

١. جن وڏائي ڪئي انهن جو سِرُ اچي اُتِ خم ٿيو
ڪئين دليرن جون دليون شهباز ٿي، جانب جهٽيون

٢. هيءَ خبر ٿئي، ٿي ويو سر ساهہ جو سودو هِتي!
وڃ وري واعظ! ڀلا محبوب جو دَرُ ڪئن مٽيون!

٣. سِرُ نہ ڪٽبو يار جي قدمن مٿان ٽيتر ڪٽهن
در گذر جيتر نہ هو منهنجون ڪندو ڪاريون، ڪَٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٤. مون اکيون ان لاءِ اوتارا اميدن ۾ کيون
هئن حياتيءَ جا اي يارو! ڏينهڙا ويئا ڪٽيون
٥. **طالب المولا** ٻڌي هٿڙا ڪري تو عرض هي
اچ ته گڏجي يَرَا! جدائيءَ جون ڪٽي پاڙون پٽيون
١-٦-١٩٥٦ع
هالا

●

ٽل: تنهنجون زوراوَرَ سڄڻ! اهڙيون اُجهل آهن اکيون
عشق جي ميدان ۾ ايندي اچي بيٺي ٻکيون
١. مئي محبّت مان رڳو سُرڪيون ئي ساقي! تو ڏئين
مست ٿيون سي سڀ دليون جن چاه مان چاڙيون چکيون
٢. طالب ۽ مطلوب جي وچ جيڪي رمزون ٿيون رهن
ڪين ڪي سي عشق واريون لوڪ ھي ڳالهيون لَڪيون
٣. ترڪ دنيا ڪي ڏئي جن ڪئي فقيري اختيار
تن جا ٻيڙا پار ٿيا جن ڪن اهي رمزون رکيون
٤. **طالب المولاهجي** هڪڙي ته ان جي ڏيان خبر
عشق واري نانگ ڪاريهل ڪئين دلڙيون ڪکيون
١٦-١-١٩٥٧ع
پٽورو

[١١]

# توکي نہ چوان ﭘيو ڪنهن کي چوان

ٽل: تنهنجا کھڙا تورا ڳايان
تو ﭘال هزارين ﭘايان - ڙي يار!

١.لوڪ متم ڪئين ڳالهيون هلايون
سي نہ ڪڏهن تودل ۾ هنڊايون
مون ڪوجھي تي هيڏيون ﭘلايون!
هي سر گھور گھمايان - ڙي يار!

٢.نرمل! نادان آهيان نسورو
برهہ ۾ بيشڪ بيحد ﭘورو
يار! ڪرين تو لک جو تورو
پاند ٻچيءَ ۾ پايان - ڙي يار!

٣.دلبر! مون کان دور تون ناهين
وينو منهنجي دل ۾ آهين
رمز انهي کي شال نباهين
کھڙا پنڌ پچايان - ڙي يار!

٤.ورهِ گھٽئي کي ويرون وهايون
سر تي سختيون سوين ئي آيون
ڏسجئين ڪين کي منهنجون ڪچايون
توکي چا سمجھايان - ڙي يار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۵.ماڻهو کن تا محب! ملامت
طالب مولا جي ته شڪايت
تون ته ڪرين تو پنهنجي عنايت
دل کي پيو ريجهايان - ڙي يار!
١-٢-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

ٿل: مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون پلا
توکي نه چوان پيو ڪنهن کي چوان!
١.تو وٽ ته حجت جي جاءِ نه ڪا
چئو ڪنهن سان سليان سور پلا!
دردن جي حقيقت ماه لقا!
توکي نه چوان پيو ڪنهن کي چوان!
٢.من! عشق ۾ چاچا تي گذريو
تو مون کان ڪڏهن ڪجھ ڪونه پڇيو
ريجهين جي رُسين تو ڄاڻي خدا
توکي نه چوان پيو ڪنهن کي چوان!
٣.سڀ ڏک ڏوراپا درد ۽ غم
سردار سڄڻ! هي رنج، الم
هڪ پيرو چا سو سو پيرا
توکي نه چوان پيو ڪنهن کي چوان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۴.تنھنجي چڙ ۾ لکين ئي لطف مٺا!
تنھنجو جور، جفا پڻ مھر، وفا
گستاخ ٿي ڏھ ڏھ ڏوراپا
توکي نہ چوان پيو ڪنھن کي چوان!
۵.پڻ عرض ھي طالب مولا جا
اي سھڻن جا سردار! سدا
محبوب مٺا مصرن جھڙا!
توکي نہ چوان پيو ڪنھن کي چوان
۲۰-۱۰-۱۹۵۵ع
ھالا

●

ٿل: توسان نرمل نينھن نيائيندس
ٻي پاسي دل نہ لڳائيندس
۱.تنھنجي ناز نھوڙي نيٺ نيم
پنھنجو پاڻ حوالي تنھنجي ڪيم
اھو سودو سھانگو ڏاڍو پيم
اڪ ٻي ھنڌ ڪين اڙائيندس
۲.اومنھنجا سڄڻ! رک صلح صفا
تنھنجو جور جفا، منھنجي مھر وفا
جي رھندين مون کان يار! خفا
تہ بہ پنھنجو پيار وڌائيندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۳.تنهنجي پچر ڇڏيندس ڪونہ سچڻ!
توکي ياد ڪندس پيو چو نہ سچڻ!
هر حال ۾ رهندي اون سچڻ!
تو لئي ويهي راتيون وِهائيندس

۴.جيڪو يارا! ڪنيو مون آهي قدم
سو اڳتي رهندو سهٽا صنم
مون کي محب سچڻ! تنهنجي سر جو قسم
وک پوئتي ڪانہ ورائيندس

۵.تنهنجو **طالب مولا** آهيان پرين!
پي ڪنهن جو هرگز ناهيان پرين!
تنهنجا ڪهڙا تورا لاهيان پرين!
تنهنجا گڻ تہ هميشه ڳائيندس

۱۸-۴-۱۹۵۹ع
هالا

●

ٿل:محبوب منا! ڪل نيڻ ڪٽي     وهواهُ وئين تون دل کي وٽي
۱.تنهنجي ڪارَ ڪجل واري، دل کي ڪٺو
تنهنجي محبّت آهي منڙو مُٺو
تيو ڏاڍو سُٺو، تيو ڏاڍو سُٺو
وئين دل جو دلبرا! ڏاڙو هٽي

۲.تو پهرين نظر سان شڪار ڪيو
من! مُرڪي مون سان پيار ڪيو
يرا! وِرهَ جو واهِ واپار ڪيو
وئي اک سان اٽڪي اک جي اَٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣.تو سامهون ويهي ڪنڌ هيٺ ڪري
ڪٽي لڪ چپ سان وئين دلڙي ڦري
هاڻ دردن ۾ پيئي جان جُهري
آئون تنهنجي اهيان پيرن جي پٽي
٤.محبوب مسافر! ياد ڪجيئن
ڪو خطڙو مون ڏي يَرا! لکجيئن
پر يارا! خبر ڪنهن کي نه ڏجيئن
تون منهن جي دل جو آهين ڏٽي
٥.تون سمجهي وئين مون سمجهيو آ
مون ساڻ ڪندين تون مهر، وفا
هڪ پيرو اچ مَن ماه لقا!
پوءِ صورت جيڪا يارا! بٽي
٦.پنهن جي طالب وٽ اچ پير پري
نٽي تو ڪان سوا ساعت ڪا سري
هيءَ دلڙي اچي وئي عشق اري
اچ گهايل کي تنهنجي گهرج گهٽي

●

ٽل:منهنجا رُسٽا پرين، منهنجا رسٽا پرين!
شل سلامت هجين منهنجا رسٽا پرين!
١. تنهنجا جور جفا، منهنجي مهر وفا
چاٽي هڪڙو خدا، منهنجا دلبر مٺا!
توسان سِر تو لڳي سهٽا سهٽا پرين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢. منهنجا پيارا سڄڻ، جيءَ جا جيارا سڄڻ!
حال وارا سڄڻ، دل جا دارا سڄڻ!
رمز ۽ راز ۾ روز رهنٽا پرين!

٣. يارا! تون اڄ وري، دلڙي دردن ڀري
تنهنجي ڪئن وئي سري! ڪر ڪا اڄ دلبري
ڏي دلاسا مٺا قرب ڪُهنٽا پرين!

٤.ڪرڪا نرمل! نظر لهج منهنجي خبر
نينهن ۾ نازوَرا! ڏس نه ڪَسُ ۽ ڪٺر
پنهنجي طالبؔ کي تون ڏي نه مهنٽا پرين!

٦-٥-١٩٥٩ع
حيدرآباد

●

ٽل:منٺڙا! تون نه وسارج جڳ جي وساريو ته چا ٿيو!
١.روزِ ازل جي ٻول ٻَڌاسون سي ته پيارل! پارج
٢.محب! ملڻ ڪان ماٺا ڪرين تو نيڻ ڪٺي ته نهارج
٣.لوڪ پلي ڏي مهنٽا طعنا پر نه مٺا! تون مارج
٤.ٻاجھ ٻوئي من سهٽل سائين! دلڙي منهنجي ڏتارج
٥.ياد سڄڻ! تون هردم آهين مون کي ٻه سهٽا! سارج
٦.ٻازي پنهنجو پنهنجي در تان ڀهرئين پُـــور اُڪارج
٧.سيّد سهٽا! طالب مولا دلـبـرا! ڪـيـن ڏڪـارج
٢٣-٧-١٩٥٥ع
ڪٽياڻ

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل:منهنجا دلبر مٺا! ڇو ٿئين ٿي جدا
نيٺ ملنداسون ڇو ٿو رُئين تون پلا!
١.ڇو ٿي عاشق سان دلڙي اڙائيئي مٺا!
هاڻ دل ۾ اچي بره ٻاريئي ٻَنا
يار! ٻي وات ڪانهئي نيائڻ سوا
٢ حسن پنهنجي تي توکي وڏو ناز هو
تون هي پڪ ڄاڻ پر! آڏو آئيئي اهو
هاڻ مچ هار عاشق اڳيان دلربا!
٣. تو ٿِي لاغرض مون کي وڏا ڏک ڏنئي
وقت سهٽا سڄڻ سو پلا ياد ٿئي!
دل ڦُريل ساڻ دل لاءِ ڪا مهلقا!
٤. دل ۾ جا ڳالهه ٿَئي سا سڄڻ ڪر ڪٽي
پنهنجي طالب ڏي قربئون قدم پر کٽي
هاڻ مون کان سوا ٻي نه ٿئي واه ڪا
١٣-٩-١٩٥٤ع
پينگهارو

●

ٿل:وفادار آهين وفادار آهين
مگر يار! ڪجهه ڪجهه جفاڪار آهين
١. سنڌ مهربانيون چئي چا ٻڌايان
مٺا يار! ممنون احسان آهيان
سڄڻ! عشق وارن جو آذار آهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢. عجب آهه، لاغرض ٿي ڇو رهين ٿو!
مان سمجهان ٿو دلبرا! سبب آهه ڪهڙو
نشي نينهن واري ۾ سرشار آهين
٣. سندم التجائن جو مطلب پڇين ٿو
اوسهڻا! تون سمجهي به اڻ ڄاڻ ٿين ٿو
ڀلا ڇوَ پرين، ڇا اڃان ٻار آهين!
٤. اسانکي خدا خود سلامت رکي شل
سلامت اسانجي محبّت رکي شل!
اڃا يار طالب ڪان ڇو ڌار آهين!

●

ٽل:او منهنجي پيار وارا! او منهنجي پيار وارا!
١. مون ڏي سڄڻ! نهاريئي ڀرين نظر سان ماريئي
ڇڻ مئي جو جام پياريئي اوّل پري ڀهاريئي
ڳُٽنين ۾ خوب ڳاريئي پو دل اندر وهاريئي
ءُ قرب ۾ قراريئي سهڻا سڄڻ سچارا!
٢. تو تي نظر جا پيئي دلڙي هٿن مان ويئي
گذري ويا ڏينهن ڪيئي چاهيم ته پاڻ نيئي
توکي اڃان مان ڏيئي ڳالهوين ڳُٽيم سيئي!
پوريون ٿيون مڙيئي محبوب من موچارا!
٣. اي دل جا يار جاني! منثار ماه ثاني!
دل ۾ درد ڪئي ديواني هي نينهن جي نشاني
ڪئي قرب ڪامراني! ورتيئي جا ميهماني
ڪر ڪين بدِگماني منهنجي اکِن جا تارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٤. سهڻا! هجين سلامت تنهنجي ڪيم اطاعت
تيو عشق ئي عبادت هي قرب جي ڪرامت
محڪم رهي محبّت جا تو ڪئي عنايت
سو تنهنجو شان شوڪت اي جاني جيءَ جيارا!
٥. اڄ يار عيد آهي ڏاڍي سعيد آهي
محبّت! مزيد آهي شوقئون شديد آهي
حاصل ٠ تي ديد آهي هڪ خوش نويد آهي
قربي ڪليد آهي طالب جي دل جا دارا!
١٠-٣-١٩٥٩ع
عيد جي ڏينهن - هالا

ٽل: تون پهرين نظر ۾ ڪسي دل ڪٽي وئين
او سهڻا سڄڻ، يارا! وهوا وٺي وئين
١.سڄڻ! تنهنجو مرڪڻ ته ماري ڇڏي تو
غمن گوندرن کي به ڳاري ڇڏي تو
انهي رمز سان دل جو ڏاڙو هٽي وئين
٢.سنڌ نيڻ سهڻا، گلابي گلابي
عنابي عنابي، شرابي شرابي
انهن جي وسيلي تي منهنجو ڏٽي وئين
٣.سندم ڪم هي ڪونهي تو دلڙي ڏتاري
سُتي سڪ جي سهڻا! تو پاڙهي پياري
عجب آهه، حاڪمُ تي هتڙي ”هٽي“ وئين
٤.لڪائي لڪائي ڪو خطڙو لکين من!
حقيقت سندم حال جي ڪا وئين من!
اتم ياد، ڪَن ۾ جو پٽڪو پُٽي وئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥.پتو تنهنجي دل جو تہ توکي ئي آهي
مگر منهنجي من ۾ خبر ٿئي تہ ڇاهي!
نگاهن سان طالب کي دلبرا! ڏٺي وئين

٦-١-١٩٥٦ع
بدين

●

ٿل:ياريَ جي مون کي يارا! توسان دعوا ناهي
دعـــوا نـــاهـــي عـاجـــزي آهـــي
١.حاڪم سائين! تنهنجي در تي مون جهڙا تہ هزار
٢.منهنجون ڪچايون مور نہ ڏسجان محب، مٺا، منٺار!
٣.عرض هي آهي يول! ڏيکج تون منهنجا عيب اپار
٤.دمدم منهنجي من جي محبّت ماڻين شل مهندار!
٥.طالب مولا ڏي تون هرهر نرمل! ڪر ڪا نهار
١٩-٥-١٩٥٨ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# [١٢]
# دل قري وئين ڪٽي حسن وارا

ٽل: دل ڏاڍو ٿي سڄڻ! توکي ساري    ورُ واڳ وصال جي واري
١. توئي پيچ پهرين پرين! پاڻ پاتو
ڪري قرب ۾ مون کي بلڪل بلاتو
هي هاٽي نيائيج لاٽئي جو ناتو
متان دوست دلدارا ويهين وساري!
٢. لائي نينهن نرمل! مون کي نيٺ نيڙيئي
وري ڪهل ڪائي ڪنهن ڪانه ڪيڙيئي
نڪي ترس تر جو پيارا! ڪو پيڙيئي
هي عاشق اُڪنڊ ۾ گهڙيون پيو گذاري
٣. مليون يارا! توکان نه دمدم ڏڪارون!
۽ مون ڏي مڙيئي ٿيون تنهنجون ميارون
ٻڌي مانُ موٽين هي پلپل پڪارون!
ڪنديون عيد اکڙيون اچين جي اوتاري
٤. هينئن ڪا جدائي ٿي جانب! جڳائي
ورئين ڪونه جئن تون وئين پٺ ورائي
هي عاشق عجيبا! نه وينو واجهائي
رويو روز تنهنجون تو راهون نهاري
٥: يلا اچ اگڻ تي او جيءِ جا جيارا!
او محبوب منٺار منڙا موچارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آ هڪ پيرو مل تون پرين يار پيارا!
متان مون کي اڳ ۾ وڃي موت ماري!
٦. ٿيا تنهنجا سوين ئي ته سهڻا! سلامي
هي طالب المولا تنهنجو مدامي
تون ڪر درگذر انجي سيڪائي خامي
هو آڌار تنهنجي تو جيڙو جياري

●

ٽل:دل ڦري وئين ڪٿي حسن وارا! هاڻ ملندين ڪڏهن تون پيارا!
١. چوڙي ڪاڪل ڪلهن تي ڇڏين تو
موهي مستانا مانجهي ڪرين تو
وڙ وڄهن تا وري وار ڪارا
٢. تنهنجون رمزون عجب شان وارون
منهنجون آزيون، نيازيون، نيزاريون
غم اچي دور ڪر غمگسارا!
٣. ڪانه سهڻا! ڪيئي پوئواري
عمر اوکي طرح مون گذاري
ٿيو وهن نينهن ۾ نيڻ نارا
٤. پنهنجي طالب سان ملندين ڪڏهن تون
محب! اُن ساڻ ڪلندين ڪڏهن تون
تولاءِ اکڙيون ڪيون مون اوتارا
١٢-٧-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: او پرديسي! نام خدا موٽي آ آ، موٽي آ، آ!
١.دلڙي اداسي، پلپل پياسي ساري توکي سدا ٿي مٺا! موٽ
٢.هيئن نہ جفا ڪر، وعدا وفا ڪر ٿيجئين تون باوفا، دلربا! م
٣.سهڻا سائين! واڳون ورائين اڱڻ مٺي مهلقا، مون اَجها! س آ
٤.طالب مولا مست ٿيو تو لا دل ۾ درد گهٽا، او پلا! موٽي آ
٢٠ـ٨ـ١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

ٿل: آئي مولا سهڻا! آئي مولا
او ٻِل! آئي مولا
١.او پرديسي! دلڙي لُٽي وئين تير نظر جا يارا! چُٽي وئين
منهنجي خبر ٿَئي ڪا!
٢.هيئن ڪا نهي ٿي بي پرواهي دلڙي پلي وينين منڙا ماهي!
دل جي آهي دعا
٣.روز نهاريان تنهنجون راهون نڪرن ٿيونءِ هي اندر مان آهون
شابس توکي مٺا!
٤.طالب مولا يارا! پڪاري ڪين گهڙي تو توکي وساري
اڱڻ عجيب تون آ!
١٩ـ١٠ـ١٩٥٦ع
حيدرآباد

●

ٿل پنهنجا واعدا پرين! پار واڳون وصل جون وار
رڳو ماڻن سان نہ مار ربّ ڏادي ٿئي سرڪار
١. ڀرين پيالا پرت جا پياري سهڻا سائين! وئين دلڙي ڏتاري
گهڙي هڪڙي اچي گهار واڳون وصل جون وار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢.رويو رويو گذاريان راتيون    تنهنجون کھڙيون پڏايان باتيون
دلبر! دلڙي ڏتار    واڳون وصل جون وار
٣.چو تو دلبر! پري تون گذارين    نتو پر ۾ سڪايل وهارين
نڪي رمزون اهڙيون ڏار    واڳون وصل جون وار
٤.تنهنجي آڏو تو لالڻ! ليلايان    پاند پلپل گچي، آنءُ پايان
مون کي در تان نہ ڌڪار    واڳون وصل جون وار
٥.جيڪر مناسب ملڻ ناهي جاني!    هي، تہ ڪرڪا پلا مهرباني
نيڻ ڪٽي تون نهار    واڳون وصل جون وار
٦.تنهنجو **طالب** ڪري روز آهون تنهنجي سورن ۽ دردن کان دانهون
تنهنڪي سهٽا! نہ وسار    واڳون وصل جون وار
٣-١١-١٩٥٦ع
هالا

●

ٽل: موٽ مسافر سپرين    دلبر تون دل وارا!
١. هيئن نہ مناسب آهي    ويئين لاڳاپا لاهي
قرب منجهان رس ڪاهي    اکڙيون ڪيم اوتارا
٢. ساه سڄڻ! تو ساري    گوندر ۾ پيو گهاري
واڳ وطن تي واري    اچ تہ ملون موچارا!
٣. منهنجو پلا جي ناهين    ڪنهنجو پلا تون آهين
هٿڙو متان پرا! لاهين    سونهن پريا سوپارا!
٤. مونکي وجهي وئين جنجل    مون کان ڦري منهنجي دل
بازن وانگر بلڪل    لالڻ! ڏئي لامارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥. طالب ڏي پير پري اچ پرين! قرب ڪري
توري ٿي ڪين سري پرت نيائج پيارا!
١٨-٦-١٩٥٧ع
١٩ ذي القعد ١٣٧٦ھ
هالا

•

ٽل: منهنجي پيار محبت وارا پيارا موٽي آ!
١. ڏادي طلب آهي تنهنجي ڏسڻ جي
آس اندر ۾ محب! ملڻ جي
او پرديسي! ڪرڪا اچڻ جي
دلبر سائين دلارا، پيارا، موٽي آ!
٢. ڏينهن نہ ٿيا جڻ سال لنگهي ويا
پلپل تنهنجا پور اچي پيا
هجر فراق هي قهر وڏا ڪيا
جانب جيءَ جيارا، پيارا، موٽي آ!
٣. منهنجو آهين منهنجو ٿيندين
آخر منهنجي اڱڻ تي ايندين
ايندين تہ هرگز ڪين ڪي ويندين
پارج سخن سچارا، پيارا، موٽي آ!
٤. طالب مولا تنهنجو آهي
بي ڪنهن جو ان سان ڪجھ ناهي
جيڪر دنيا ڦرندي تہ چاهي!
بيا سڀ آهن اڏارا، پيارا، موٽي آ!
٣-١٢-١٩٥٨ع
حيدرآباد

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل:منهنجي اڱڻ اچ پيارا دل وارا، اڪڙيون ڪيم اوتارا!
١. سهڻا سائين! ڪا ته گهڙي اچ مون وٽ محب موچارا!
٢. تنهنجو ڪوئي جوڙ نه آهي سونهن پريا سوپارا!
٣. اڪڙيون اداسي تو لئي آهن جاني جيءَ جيارا!
٤. راهون تنهنجون روز نهاريان منهنجي دل جا دارا!
٥. طالب مولا ساڻ تون پارج پنهنجا سخن سچارا!

١-٣-١٩٥٩ع

ڳوٺ مخدوم غلام حيدر - لوٺ،
تعلق شهدادپور

●

ٽل: ”بره ڪيو بيمار - محب! اچي رس مهل اها ٽئي“
مهل اها ٽئي ويل اها ٽئي

١.حاذق ڪيئي حڪيم پڇايم واري واري ويڄ وهايم
ڪونه مليو ڪو قرار محب! اچي رس مهل اها ٽئي
٢.ڪيئي ڪرايم چنڊا، ڦيڻا درد وڌي ٿيا ٻيڻا ٽيڻا
آهين تون آڌار محب! اچي رس مهل اها ٽئي
٣.ڦڪن سُتن مان فرق نه پيڙو ويتر نينهن نهوڙي نيڙو
ٿيو دارون دل آزار محب! اچي رس مهل اها ٽئي
٤.سچڻ سائين! سوالي آهيان مئي محبت جو موالي آهيان
پيارڻ جو ڪر پيار محب! اچي رس مهل اها ٽئي
٥.حاڪم سائين! حبيب به تون ئي طالبِ لاءِ طبيب به تون ئي
هادي حڪمتدار! محب! اچي رس مهل اها ٽئي

١١-٨-١٩٥٥ع

موري ۾ قاضي احمد جي
وچ ۾ لکي وئي

●

ٿل: جانـي جِيءَ جيـــار محب! اچي رس مهل اها ٿئي
١.آس اميد ٻه تون ئي منهنجي عيد سعيد ٻه تون ئي منهنجي
ڪج نه ڏِکي تون ڏار
٢.اکيون اداسي تو لئي آهن پلپل پياسي تو لئي آهن
دلبر! ڏي ديدار
٣.توڙي ڪنڙي، ڪوجهي، ڪاري،تنهن ٻه آهيان تنهنجي پياري
پلپل ۾ ڏج پيار
٤.پيارا جاني! تنهنجي آهيان تنهنجي آهيان ٻي جي ناهيان
توڙي گنهگار
٥.سهڻا سائين! هيءَ ته ويراڳڻ متان ڪرين ڏئي ڏهُ ڏهاڳڻ
سانولڙا سردارا!
٦.حاڪم سائين! هيڏي آهيان تنهنجو قسم ته ڪميڻي ناهيان
پيڙو رهج پتارا!
٧.سڌ ۾ سڌ تون هميشه ڏين تو ساڻي سيگهه ۾ سهڻا! تين تو
هيءَ ٻه اٿئي هِڪ وار
٨.تو ڪي ئي سهڻا يارا! ستايان جو ڪنهن سان پلا حجت هلايان!
منصف ٿي مننارا!
٩.تون جوُ منهنجو پيو ڪو آهي جورسَندو اچي قرب مان ڪاهي!
تو سان انگل ۽ آر
١٠.وقت اٿئي اج ٿي اچي ساڻي ٻي ڪا وات نه آهي هاڻِي
تنهنجا پچايان پار
١١.باغ بهار سدا تون هوندين **طالب** ساڻ مدد پيو ٿيندين
آهي دعا دلدارا!

٢٧-١٢-١٩٦٠ع
لاهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: وري آ وطن تي مسافر! تون موٽي سنڌم دل اي دلبر! محبّت مروٽي
١. اندر مان اچن ٿيون عجب روز آهون
نهاريان ٿو نرمل! ويٺو رند راهون
وڏيئي ڪانه هيڏي ڪڏهن وِچ وڇوٽي
٢. اڪيون آگميون يارا! تو لاءِ آهن
وسڻ جا ڪڏهن ويس ٿيون ڪين لاهن
او منٺار! مُنڊَ جي ڪِنوڻ ناهي ڪوٽي
٣. جدائيءَ جي جاني! نہ تَن کي ڪا طاقت
ٿي راضي اچي رمز سان ڪر رفاقت
پيل پرت جي آهہ چِتَ ۾ چموٽي
٤. پرين! بي خبر منهنجي دردن کان ناهين
اميدون اٿمر، نينهن مون سان نباهين
خبر ٿَئي ڏئي ٿو وِرهہ ڪيئن وَلهوٽي!
٥. اي طالب ڏا وات تي آهن مشڪل
مدد ٿيندو مولا پري ناهي منزل
ڪٽي شال پهچان پرم جي پَروٽي!

١١-٧-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

ٽل: موٽ مسافر! اڪڙيون اجايون
ويهي رهئين ڏسي منهنجون اڳلايون
١. ڏينهن لنگهي ويا يارا وساريئي پُٺ جا ورايئي ڪونہ نهاريئي
اينهين کي ڪيئون آهن ايڏيون ارڏايون
٢. اڪنڊ اندر ۾ تنهنجي پيارا! تڪجي پيا توڏي تڪيندي تارا
شل ڪي ورائين ورڻ واريون وايون!

٣.يارا جواني- جون چوڪيون چاليون، پاروٽڻ واريون ڳجهڙيون ڳالهيون
وَرَ وَرَ ڏئي آهن اندر ۾ آيون
٤.وس ڪان وڃان تو دانهون ڪيان تو، توکي پڪاري رئندو رهان تو
آ تہ ڳڙهاٽيون پاڻ ۾ پايون
٥.دم تي کهڙو باور آهي جو اڄ آهي صبحاڻي ناهي
مهل اتئي مَنَ ملي موڪلايون!
٦.اتم اميدون آخر ايندين ايندين تہ مون وٽ هردم هوندين
مولا ڪندو سڀ سهنج سٽايون
٧.طالب مولا توکي ساري روز هنجهون تو هجر ۾ هاري
هئن ڪي نهن تيون يارا جدايون!

٢١-٦-١٩٥٥ع

حيدرآباد

●

ٽل:پيارا! پري اچ پيرا پيرا ساريون وينا توکي سهڻل سائين!
١.ناز انداز سان ڪاريون ڪجليون گهورون ڏيو ڪن گهيرا گهيرا
٢.ڳلي- ڳلي- ۾ دمدم دلبرا! ڦِريو ڏيون تا ڦيرا ڦيرا
٣.حاڪم سائين! لاتا دل ۾ تنهنجي دردن ديرا ديرا
٤.منهن نہ منج منٺار منا! تون محب! آهيون توڙي ميرا ميرا
٥.طالب مولا تان نہ هٽائج پنهنجي پال جا پيرا پيرا
٨-١٠-١٩٥٦ع

هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: اڄ اڱڻ حاڪم! هلي تو ڏ، سڄڻ! وينا سِڪون
درد مندن کان نہ لڪ هي لوڪ سان ٺهنديون لڪون

.١ اي پرين! ڪ ڄاڻ تنهنجي ڪئن ڇڏينداسون پڇر!
تون نہ در تان ڌِڪ مُنا! مر لوڪ ڏي ڌوما ڌڪون

.٢ درد ديرا لاتيا دلدار، دلبر! دل اندر
من! محبّت تي ڏِٺي ڪئين چرڪ ۽ چيرا، چڪون

.٣ ان جو مطلب ٿيو نہ پورو ۽ رهيو ناڪامياب
جنهن ڪيون سورن ۽ سختِن منجهہ ڍورن جانِ ڍڪون

.٤ طالب المولاانهي ڪي مئي جي مستي چا ڪندي!
پنهنجي پياري يار جنهن ڪي پرت مان پياريون پڪون

٢٤-١٢-١٩٥٦ع

حيدرآباد

●

ٽل: دردمندن تان اي دلبرا! پيچ نہ بِنهين پيرڙا
اڄ اڱڻ سردار سهڻا! پرت مان ڏئي پيرڙا

.١ هٿ پڌيو بيهو رهي هرڪوئي هڪدم هيج مان
جت سنڌ ڪجليون ڏيو گهورون، اچيو ڪن گهيرڙا

.٢ اي سڄڻ، سهڻا، سباجها! باجهہ ڪا پنهنجي ڪجان
توکي مون جهڙا هجن پرتل مڙيئي ميرڙا

.٣ هڪڙي در کان جي ڌڪيندين ٻي کان ايندا سون وري
زندگي آهي تہ سهڻا! پيا ڪنداسون ڦيرڙا

.٤ طالب المولاجي مَنَ ۾ تون ئي تون باقي رهين
يارا جنهن دم دل اندر دردن دمايا ديرڙا

٢٥-١٢-١٩٥٦ع

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: اڄ تون اڱڻ يار ـ سانولڙا ـ توري پلا ڪئن گولي گذاري!
١.ڏينهن ٿيا تو ڏني، محب! منهنجا مدام
آسروند سان مٺا! ڪونہ ڪيئي ڪو ڪلام
ڏکن ڪيا ڏار ـ سانولڙا ـ نڪريو نماڻي توڏي نهاري
٢.ڪئن پچرائون ڇڏيان تنهنجي پيارا پرين!
ڪنهن دم ڪکن تي پلا پيرو ڏيئي پرين!
لهہ ڪا سڄڻ سار ـ سانولڙا ـ تنهنجي سڪان ٿي نوري نظاري
٣.سهڻل! وسرن نٿا پيارل! تنهنجا پيار
دل تان لهين ڪين ڪي جانب! جيء جيارا!
ڪر نہ ڏکي ڏار ـ سانولڙا ـ لڳيس تنهنجي لالڻ! لاري
٤.طالب مولا چوي توهہ تنهنجي تڳان
محب! توکي مَني پي جي لڙهہ نہ لڳان
ڪرڪا سار سنڀار ـ سانولڙا ـ مون کي مٺا چو وڻين وساري!
١٢ـ١٢ـ١٩٥٧ع
هالا

●

ٿل:اڱڻ ٻهاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!
١. تنهنجي اچڻ جون رکيو اميدون
جيء کي جياريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!
٢. راتو ڏينهان سک ۾ سهڻا!
گهڙيون گهاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣. تو ري، گهڙيون يار پيارا!
رويو گذاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!

٤. نوري نرمل! نالو تنهنجو
روز اچاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!

٥. طالبُ مولا تنهنجو آهيان
توکي سنڀاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سڄڻ!

١٧-٤-١٩٦٠ع
ڳوٺ مريد راڄڙ ضلعو سانگهڙ

●

ٽل: اچ وري تہ گڏجي گهاريون
سڀ ميارون تنهنجون محب! مڃان ٿي

١. آءُ هيٺي، وٽ حاڪم سائين!
منهنجا سڄڻ! ڪري سرداريون
تنهنجي ڏسڻ لاءِ سِڪيو سِڪان ٿي

٢. هي ڪي نهن ٿيون ايڏيون ارڏايون!
تو تہ ڳالهيون سڀئي وساريون
واٽون پرين! تنهنجون ڏِسيو ڏِسان ٿي

٣. هاڻي ڪٽي جڏ رنج رُساما
روئي رڙي ڪريان ٿي زاريون
آهيان معذور نہ اچيو سگهان ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٤.منصف تي محبوب مٺا تون!
ڪير ڪندو سندم پيو آريون!
حجت پائي توکي اينهين چوان تي
٥.آئون نہ وٽان تي تون تہ وٽين تو
ڪر ايڏيون نہ تون بيزاريون
تنهنجي ملڻ لاءِ اچان جيان تي
٦.طالب مولا ويٺين وساري
مون کي سمجهيو سڄڻ! تو ڌاريون
ٻولَ ٻين کان اينهين ٻڌان تي
٢٢_٧_١٩٦١ع
بوداٽي ڪتياڻ

●

ٿل:آ تہ سڄڻ! توسان سليان ڳالهيون پاڻ مراديون
پاڻ مراديون، ڪر امداديون
١.توکان سوا من منهنجا مٺڙا! ڪنهن کي وڃي آئون چوان
٢.جيڪي آهن جيءَ ۾ جاني! ٻي کي چئي نتو سگهان
٣.دل جون دلبرا! ڳجهڙيون ڳجهڙيون توريءَ ڪنهن سان ڪيان!
٤.هجر, فراق ڪيو چا مون سان پيش تنهنجي سڀ رکان
٥.تنهنجي منهنجي يارا! اندر جون پهرين لڄان، پوءِ پڇان
٦.عرض ڪري تو طالب مولا تنهنجون ٻہ ڀهگڻ ٻڌان
٢٠_٢_١٩٦٦ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل:مون کي اچي تون ماڻ - يار - متان محب! مري وڃان
۱. آئون تہ تو لئي آهيان - پلو يار - ناهيان ٻي جي ڪاڻ
۲. اچڻو اٿئي تان اچ تون - پلو يار - ڪر نہ اڄ صبحاڻ
۳. اچ تہ ڪريون ڪا عشق جي - پلو يار - ويهي ريجهہ رهاڻ
۴. طلبن تارون لائيون - پلو يار - ڪر ڪا وَٽِ وراڻ
۵. مون کي اچي پئي مون منجهان - پلو يار - تنهنجي سڄڻ! سرهاڻ
۶. **طالب مولا** ڪان مٺا! - پلو يار - چِرڪين تو چاڪاڻ!

۲۴-۲-۱۹٦۸ع
۷ ذي القعد ۱۳۸۷هہ
درگاه ميون سلطان
بلڙيَ جي پر ۾

●

ٿل:آهيان تنهنجي ڳڻن جو يار! ڳدل
توري ڪين سري تو منهنجو پل پل
۱.هڪڙي جا سڄڻ! سينگار آهيون
هڪڙي جي ڳچيءَ جا هار آهيون
هڪڙي جا يقيني يار آهيون
آئون توسان مٺا! تون مون سان ٻڌل
۲.اها دلبر! دل سان دعا ٿي ڪجي
هي جوڙو سجوڙو شال هجي!
پنهنجي پرت پيارا جا چڱي!
تون منهنجي سسئي، آئون تنهنجو پنهل
۳.هر حال ۾ هردم توپ ٿيئين
ڪو ڪونہ ڏسئي آئون اهڙو نيئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ جاني! تہ جيءَ ۾ جاءِ ڏيئين
منهنجي دلبرا! دل تنهنجو رنگ محل
٤.اڄا سڪ ۾ پاڻ سڪايان پيو
تنهنجي وصل جي ڪاڻ واجهايان پيو
آئون حيلا هزار هلايان پيو
من جاڳي وري منهنجو بخت ستل!
٥.ڏينهان ڏينهن پرت آهي گهاٽي گهٽي
تنهنجو پيار پرين! منهنجي دل جو ڏٽي
جيئن جيئن تو ڏسئين تئن تئن تو وٽي
توڙي سهٽا صنم! آهين ڏاڍو ڏتل
٦.او منهجا پيارا حسين پرين!
اهو طالب کي ڪو ڏيار يقين
مان تنهنجو ۽ تون بي ڪنهن جو ناهين
تون مون کي متا! آئون توکي پرتل
١٩-٣-١٩٦٦ع
ڍاڪا

●

ٽل:توڙي آهيان پرين! آئون ڏاڍو ڏڏُ
چاهي ان ۾ گذاريون ڪٽي گڏ سڏ!
١.تئي ڪير جو تنهنجي ڪَٽَ ڪا ڪَٽي!
هر نيڪيءَ ڪان آهين محب! متي
جهڙو اُپرئي تون تهڙو ئي لٽي
ڪنهن کي طاقت جو ڪري توسا تَوَڏ!


Scanned with CamScanner

٢.منهنجي درد جي دلبر! تون ئي دوا
منهنجي توکان بِگر ٻي ڪانهي ٻَوا
منهنجو هَڏ ڏوکي ڪير توکان سوا!
تو ڏي رڙهندي سدائين سندم هڏ هڏ

٣.اٿنداسون ٻه گڏ وهنداسون ٻه گڏ
هلنداسون ٻه گڏ، گهمنداسون ٻه گڏ
کِينداسون ٻه گڏ، پِينداسون ٻه گڏ
جِينداسون ٻه گڏ، مرنداسون ٻه گڏ

٤.تنهنجي محبت جو مرهون آهيان
توتي منڙا من! مفتون آهيان
مشڪور آهيان، ممنون آهيان
تو سهڻا! سدا ڏنو سڏ ۾ سڏ

٥.لاهين طالب تان متان نوري نظر
تنهنجي ڪانه ڇڏيندس يار پچر
منهنجا دل جاني! هجئي هيءَ خبر
منهنجو عشق اٿئي محبوب! مجڏ

٩-٥-١٩٦٦ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: پائي ورهه جا ونگ آ تہ ڪرڙيون ڪي قربڙا
١. پيلن پار ٻرن پٽا چوڙ ڪنڍين جا چنگ
٢. ٻاجهہ ٻور وري ڪيا سرن ڪيا پيلي سنگ
٣. ڪانگن الڙ اتاريا دردن ڪيا ڏنگ
٤. پنيون ٻج گهرن پيون جهانگن ڪيا جهنگ
٥. اتر بہ هاڻ اِجهي وڙئا سڪن هنڌ پلنگ
٦. طالب مولا طلبن توري ڇڏيا تنگ

٣-٩-١٩٦٨ع
هالا

●

ٿل: اچ تہ گذاريون گڏ
وقت ويل آئون ناهيان

١. وِيل ويل نہ ورندي هرگز آنءُ تہ توسان گڏ سڏ
٢. لُونءُ لُونءُ تنهنجون لڳيون لغارون حب ۾ هجي هڏ هڏ
٣. انگ انگ ۾ آهي سوز سمايو سَنڌ سَنڌ ۾ تهنجو سڏ
٤. طالبُ مولا عشق ۾ آهي ماڳنهن محبَ! مچڏ

١٨-٩-١٩٦٨ع
اسلام آباد

●

ٿل: مون ۾ آهن اَوَس اڻ ڳڻيا اوڳڻ
تہ بہ آهيان پرين! تنهنجي دل جي ڏڻ

١. منهنجا زلف سيه خمدار وٽيئي
يا ابرو مثل تلوار وٽيئي
متان مورهئون منڙا! پيار وٽيئي
وهوا خوب ڪيئي منهنجي چوندءِ چُڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۲.منهنجون گلگون اکيون مئي عشق ڪيون
چا تنهنجي نظر کي وٽي سي ويون
يا کي پيون وصفون توکي پسند پيون
مون کي ڪجهه تہ ٻڌاءِ تون سهٹا سڄڻ!

۳.توکي منهنجي وَجاهت شايد وٽي
تڏهن سيني سان مون کي لائي ڪٽي
تو نہ ڪائي ڳٽن جي ڳالهه ڳٽي
چو تہ سڀ کان وڏا آهن قرب جا ڪَڻ

۴.مون کي گهٽي ڏِيَن تيون گهورون گهٽيون
قريو اچن جتي ڪتي ڪيئي جٽيون
تنهنجي سر جو قسم مون کي تون ئي وٽيون
ڪٽ جنڪي جَڻ، ڪٽ بالا بُڻ!

۵.ڪنهن سان حجّت هرگز ئي نہ هٽان
توڙي ڪوڙين وَنهنُ کي ڏاڍو وٽان
ڪنهن ڏي هڪڙي نظر بہ آئون ڪونہ ڪٽان
ڪٽي تو جهڙا ڪنهن ۾ اٽڻ وِهڻ!

۶.اج ظالب مولا ٿيو خورسند
جنهن کي پياريو پرينءَ محبت جو مند
تنهن جو مولا ڪيو آهي بخت بلند
جنهن جا لالڻ کي وٽيا خوب لَچڻ

۶-۵-۱۹۶۶ع
هالا

ٽل:ڏاڍي ٿي دير ويئي اي دلدار يار آ!
محبوب آ، سچار تون آ، غمگسار آ!
١.مکڙيون اميد واريون جي پلپل پيار ۾
سڀ گل ٽيڙ جي لاءِ سنڌ انتظار ۾
منهنجي چمن جي باد صبا ۽ بهار آ!
٢.واٽن ۾ تنهجي پنهنجون اکيون مون وڇائيون
مولا اڇهي ته منهنجون اميدون پڄائيون
منهنجي اکِن جا نور، متا من قرار آ!
٣.او شاعريءَ جي جان ۽ شاعر جي زندگي
منهنجي تصورات جي دنيا جي روشني
سينگار، منهنجي خانهٔ دل جا نگارآ!
٤.دل سان صدائي طالب مولا ڏي گوش ڪر
پنهنجي نگاه مست سان مدهوش هوش ڪر
تنهنجو ئي آهيان تنهنجو قسم قربدار آ

٢٤-٨-١٩٦٠ع
ڪوئٽا

## [۱۳]

# مون کي ماري دردَ جياري وئين

تل:وئين ڪسي دلڙيون انهن جون جن ۾ تو گهورون گهتيون
ديد ديوانيون ڪيون سهڻا! سوين سالم سَتيون
۱. سُڪ سمهن ڪهڙيَ طرح دلدار دلبرا! تو سوا
ياد جن کي تيون پون رمزن، رهاڻن جون رتيون
۲. ڪير آهي جو ڪري تو ساڻ سهڻا! همسري
تنهنجي جلوي ڪان جهڪا سج، چنڊ ۽ تارا ڪتيون
۳. ڏِڪ نه اي دلبرا! دران ۾ مان فقط تنهنجو اَهيان
تون ته پنهنجو قرب ڪر جي مون سنديون موڙهيون متيون
۴. ڪيئن سچڻ تنهنجي ڇڏيندو طالب المولا پچرا!
تو ۾ آهن چاڻ پَڪ، منهنجون به ڪجھ پيارا! پتيون
۲۷-۵-۱۹۵٦ع
هالا

●

تل:اچي محب مٺا! مون کي ماري وئين
مون کي ماري دردَ جياري وئين
۱.چا پيار پرين! منهنجا ڪين وٽيئي!
متان عيب اپار ڪي مون ۾ ڏٺئي!
يا دل ۾ پي ڪا ڳالھ هيئي
وئين، اهڙو وئين جو وساري وئين

٢.مان نهاريان گهٽو نڪرين ٻه نٿو
پنهنجي گس تان وري گذرين ٻه نٿو
تو ـ وساريان مگر وسرين ٻه نٿو
منهنجي عمر عجيب! تون ڪاري وئين

٣.جي رنگ سجڻ! تہ رنڻ نہ ڏنئي
جي ڪليم پرين! تہ ڪلڻ نہ ڏنئي
جي ويس تہ مورهئون وجڻ نہ ڏنئي
گهڙيون ڪئن نہ ڪڙيون ڪري گهاري وئين!

٤.تون اڄ تہ سهي ڪي پيار ڪريئين
ڏاڍي چاه منجهان پرين! پير چمئين
وٺي ياڪر ۾ ما! منڙيون ڏيئين
منهنجي عشق ڪي خوب آزاري وئين

٥.منهنجي آهي دعا هي، ڏينهن سيئي
منهنجو نينهن نهوڙي شال نيئي!
مون سان پيار ڪرين تہ ڪا خبر پوئي
پو مون ڪي چوين تہ تون ڪاري وئين

٦.منهنجا جاني! سدائين شال تون جِي
من! ايڏو بي پروا تہ نہ ٿي
يلا طالب سان تو ڪيو ڇا هي!
جو ٻهڳڻ! ٻارڻ ٻاري وئين

٢٧-٦-١٩٦٥ع
نٿيا گلي ـ لاله زار

●

ٽل:ڪسي دل ڪٽي وئين ڪجلَ پائي ڪانيون
رکي خوب رمزون عجب عاشقانيون
١.نظر سان نظر کي جڏهن تو ملايو
اِکن ات اِکن سان نئون نينهن لايو
اشارن ۾ اٽڪيون هئي بي زبانيون
٢.ڏنا مون جي ڏُوران اهي سرخ ڏورا
پو سمجهيم ته آهن هو منهنجا ئي گهورا
ميسّر ٿيون ات نيون زندگانيون
٣.مون سمجهيو ته هاڻي تو پنهنجو بنايو
وريو بخت منهنجو ٿيو لايو سجايو
ٿيون دور دل مان پڇي بدگمانيون
٤.وري محب منڙا! نئون نينهن لائي
نئون نينهن لائي نئون پيچ پائي
نئون پيچ پائي ڪيئي مهربانيون
٥.تو طالب سان دلبرا! لئون خوب لاتيون
ڏسڻ لاءِ آهن اکيون روز آتيون
نهارِن ٿيون تو لاءِ نرمل! نيرانيون
٢-٩-١٩٦٥ع
ريلوي اسٽيشن گجرات

●

ٽل:ڇڏي مون کي ڪيئي ڪچو ڪيڏو نه ڪمرا!
هاڻي يارا! ڪرين تو ڪهڙو غمرا!
١.هيءِ خبر اٿم مون کي سارين ٿو
رڳو گوندر منجهه گذارين ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ پاڻ کي مفت ۾ مارين تو
ڏاڍو سر تي سهين پيو درد، الم
٢.جي ايندين هلي ته معاف ڪندس
پر ڳالهيون سيئي صاف ڪندس
پڪ ڄاڻ ته مان انصاف ڪندس
۽ تيندس ڪين ڪي مان برهم
٣.ڇا تيندو يلا پرچاءِ ڪٽي!
جا گذري سا گذري، ٻٽي نه ٻٽي
۽ ڏيندس الفت اڳ کان گهٽي
تون ڏس ته اچي ڪيڏي دل مان وَهَم
٤.وني ياڪر ۾ ٻه ٽي پيار ڪيئين
مِٺيون محب مٺا! ڀرپور ڏيئين
پو پرچي ويندس خوش باش تجئين
يلا آهي انهي ۾ ڪهڙو اَهم (١)
٥.وري اچ ته پيارا! پيار ڪريئين
ٻئي ٻانهون ڳچيءِ جا هار ڪريئين
مٺڙن جي مٺا! وارو وار ڪريئين
تنهنجو آهي سڄڻ! منهنجي دم سان دم
٦.مان تنهنجي زندگي آهيان پرين!
پڪ ڄاڻ پرايو ناهيان پرين!
وينو رمز ۾ ناتو نباهيان پرين!
جتي سهڻا! ڇڏيئي اتي آهي قدم

(١) اَهَم ۽ وهَم کي هتي قافيي جي مناسبت سان اَهَمَ ۽ وَهَمَ ڪري آندو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٧.جي طالب پنهنجو ڪرٽو اٿئي
پو عشق جو ڏنڊ به پرٽو اٿئي
سر منهنجي اڳيان اچي ڏرٽو اٿئي
پائي پاڪر توسان ٿيان همدم

١٦_٧_١٩٦٥ع
اسلام آباد

●

ٿل:خبرِ هاڻ پوندي ته چاهي جدائي!
چڱو هو، ڪرين ها تون وعدي وفائي

١. اسين خوب توساڻ ماٺا ڪنداسين
نڪي نيڻ پنهنجا نماٺا ڪنداسين
نه ڪر هاڻ جاني! تون آڪڙ اجائي

٢. ڇڏينداسون توکي ستائي ستائي
نه ملنداسون هڪ پل گهرائي گهرائي
گهڻا ڏينهن دلڙي سچڻ! تو ستائي

٣. نه جور و جفا ڪان ڪڏهن باز اچبو
ٿڙي توکي محبوب! بدلو به وٺبو
ڪنداسون رعايت نه تو سان ڪائي

٤. مٺا! تنهنجي مرضي جي حجّت هلائين
نيائين اسان سان، نه جي تون نيائين
برهه ۾ نه بلڪل ڪنداسون پلائي

٥. اچي پنهنجي طالب ڪي جي پيش پوندين
چمي چاه مان رخ، ڳچي ۾ ٻانهون وجهندين
ته پو توسان پرچي ڪبي هِڪ هِڪائي

٢١_٧_١٩٦٥ع
اسلام آباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تل:رڙي روئي عاشق! ڪندس التجائون(١)
امید آهي ٻُڌندين سڄڻ! سڀ صدائون
١. هي تسليم جانان! گنهگار آهيان
مان تو وٽ برابر خطادار آهيان
پلي ڪر تون مون تي اي جاني! جفائون
٢. ڪڏهن ڪين تنهنجي سڄڻ! در تان ويندس
پرين! پنهنجي هر هڪ خطا کي مڃيندس
ڪندين مون تي آخر عجيبا! عطائون
٣. سنڌ پير پيارا! اکِن ساڻ چمندس
ڳچيءَ پاند پائي ۽ پرچائي وٺندس
ڪجئين معاف منهنجون خدارا خطائون!
٤. مان زوريءَ اچي تنهنجي سيني سان لڳندس
سنڌ منهن منوّر چَرين وانگي چمندس
قسم تنهنجو، تو سان ڪندس مان وفائون
٥. سوا تنهنجي ڪائي سندم واه ناهي
تون چاتيءَ سان لائج اها آس آهي
ڪندس منهنجا طالب! مان دل سان دعائون

٢-٨-١٩٦٥ع
اسلام آباد

---

(١) هيءَ ڪافي محبوب جو عاشق کي جواب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل:لٽون ويٽيس لالڻ سان لڳائي
شل نوري نجيب نيائي!

١.مس مس حاصل دوست ڪيو مون ربَ سائين ستائي ستائي
٢.وس پڇيم تہ سھٽل سائين رکان دل ۾ لڪائي لڪائي
٣.ٻئي ڏنا مون پنھنجي پرينءَ کي سرءِ ساھ لکائي پڙھائي
٤.پاڻ بہ ماريان ٻي کي بہ ماريان ڪير مونکي اچي ھٿ تہ لائي!
٥.طالب مولا عشق ڪيو مون دل جان سان ڳائي وڄائي

٦-٣-١٩٦٧ع
لاھور

## [۱۴]

# مون ڏي حرفَ هزارَ

تل:پازي آئون پينار ناهي دم دعوا جو
۱.شاهه گدا تنهنجي در جا سلامي منهن جو ڇا مقدار!
۲.منهنجي عيبن ڏي ته نه ڏسجان پنهنجو سڃاڻج پار
۳.تنهنجي ٻانهن جو ٻانهون آهيان خاصو خدمتگار
۴.دعوا وارا ڏُور ڏٺا مون برهه وڏو آهي بار
۵.تنهنجو غلام هي طالب مولا پاڻ ئي ڏيئنس پيار

۱۹-۵-۱۹۵۸ع

ڪراچي

●

تل: مون ڏي حرف هزارَ پاڻ ڪرم ڪر پنهنجو پيارا!
۱.تون ئي آهين منهنجو سائين محب، مٺا، مٺار!
۲.هڪڙي تنهنجي دمدم دلبر! تَنَ ۾ آهي تار
۳.منهنجي جهولي محبّت سان پر ڏيهن جا ڏاتار!
۴.تنهنجي پناري پيو آئون آهيان پيڙو تڇ پوتار!
۵.طالب مولا تنهنجو آهي ياقي، ياور يار!

۲۴-۱-۱۹۵۷ع

●

تل:ڪيا محب ڪروڙ محبّت سان ممتاز هزارين مان نه رڳو
۱.هو اگلا پر ۾ وهاري تو ڪئيو نور پريون پئي نهاري تو


Scanned with CamScanner

کئين پنهنجا ڪري تو قربت سان — دمساز هزارين مان نہ رکو

٢.هر ڪنهن سان يال پلائي تو — هر ڪنهن سان وک وڌائي تو
نرمل تو موهي نزاڪت سان — از ناز هزارين مان نہ رکو

٣.هو قرب ڏئي تو ڪو جنهن کي — ۽ روز اڏي پيو اپوجهن کي
ڪري طالب مولا شفقت سان — همراز هزارين مان نہ رکو

١٦-١١-١٩٥٧ع
هالا

●

ٿل:خبر خاص آيو ڪٿي اچ ڪيانتو
پکيڙو پري ڪان صحيح مون سڃاتو

١.ٻڌائين تہ سهٽو پيو توکي ساري
سچي رات سک ۾ تو تو لئي گذاري
پکو پرت جو تو سان جَنهن پيچ پاتو

٢.وراٽيئين تہ محبوب وٽ هاڻ هل تون
سري ٿي نہ ساعت هلي هن سان مِل تون
لڳايو اٿس توسان نيهي ٿي ناتو

٣.چيو مانس چئجئين تہ آيو ڪِ آيو
متان محب! هيٺي ڪا وائي ورايو
او محبوب! بلڪل ڪيو تو بلاتو

٤.وَراٽيم اِئن سان اچي پير چمندس
ٻڌي ٻانهون حاضر اگيان تنهنجي ٿيندس
نيائي مان نيندس مون لاتو جو ناتو

٥.ڪيانتا! خبر خير جي ڏج پرينءَ کي
۽ چئجئين تہ سهڻا! هي طالبَ چيو ٿي
رهان تو اوهان ڪان سوا مان بہ آتو

٧-٩-١٩٥٩ع
هالا

●

ٿل:بخشئي بخشٹھارا - پلارا۔
مهنجون مڙيئي محب! مدايون

١. ادلو گدلو الا! آهيان مان عيبدار
ڪوجهڙو ڪنڙوو الا پازي تنهنجو پينار
جاني جيءَ جيارا۔ او پلارا۔ ڪين ڪي ڏسجئين ڪوڙين ڪچايون

٢. دامن لڳڙي الا! ڇڏج نہ پيارا پرين!
پنهنجو ڪيو ٿئي الا! سونهارا سيبس
مون ۾ عيب اپار۔ او پلارا۔ پاٽا ڪجئين ڪي بيحد پلايون

٣. لوڪ ۾ لالڻ! الا! تنهنجي نانءُ سبيس
ننگ سجاڻج الا! نہ تہ محب مييس
دلبر! ڪج مَ دار۔ اوپلارا۔ تو ۾ ئي آهن سهٹا! سچايون

٤. ازيون نيازيون الا! محب! تو سيئي مجيون
سُهمُون سهٹا، الا! سجڻ تو نہ سجيون
پاڻهي ڪيئي پيار۔ او پلارا۔ منهنجي اگڻ تي از خود تون آيون

٥. ڪڏهن ڪوسوالا! ڪامل ڪونہ ٿئين
پرت ۾ پيارا الا! وڏندو روز وئين
سهٹن جا سردارا۔ او پلارا۔ جانب! ڏنيون تو جيءَ ۾ جايون

٦. طالب مولا الا! جاني پنهنجو ڪيئي
ڪڏهن ڪونہ الا! نينهن نبيري نيئي
منهنجا مِنل يارا۔ او۔ پلارا۔ آ تہ ڳرهاڻيون پيارا ڪي پايون

٢-١١-١٩٥٩ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۱۵]

# آيو يار ڏنئين دلداريون

تل:سهڻا ساٿيڙا مون وٽ اچ تا اچن
مون وٽ اچ تا اچن، ڏاڍا قرب ڏين
ڏاڍا قرب ڏين بيحد پيار ڪين

١.ويهو ويهو ڪانگ لنوي ٿو
سب تي سمجهان جيڪي چوي ٿو
اڪيين تا ڏسجن ڏاڍا قرب ڏين

٢.واٽن ۾ مون اکڙيون وڇايون
منهنجون الله اجهي آسون پڇايون
پل ۾ تا پهچن ڏاڍا قرب ڏين

٣.جيڪو پري ڪان ايندو ڏسان ٿي
منهنجو سڄڻ اهو، اِنهين سمجهان ٿي
من ڪي تورا ڪن! ڏاڍا قرب ڏين

٤.آسروندِ ويٺي واٽون نهاريان
ور ور ڏيو وريو اڱڻ ٻهاريان
پلپل پيار ڪين ڏاڍا قرب ڏين

٥.ڏاڍيون اميدون اندر ۾ آيون
ڏينديس مان ڏهه ڏهه ڏهنايون
سئي شل سب سمجهن! ڏاڍا قرب ڏين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٦.دل ڌڙڪي ٿي، اک ڦَرڪي ٿي
من ۾ محبّت پڻ مَـرڪي ٿي
گوليءَ سان گڏجن ڏاڍا قرب ڏبن

٧.طالب مولا ٻخت وري ٿو
ٻول ٻَـدل اُهـو هاڻ پري تـو
پيرين هٿ ڌربن ڏاڍا قرب ڏبن

۲۲ـ٧ـ١٩٦٠ع
ڪوئٽا

●

ٽل:آيو يار ڌڻئين دلداريون
اهڙو گهوٽ وجهي ڪئن گهاريون!

١.پهتو پرين اچي پهرين هڪل ۾
پيار ڪيائين پل پل پل ۾
ڳالهيون پرينءَ سڀ پاريون

٢.رئنديءَ سان اچي راز ڪيائين
ڪيئي ڪروڙين قرب ڏنائين
پنهنجو اتم ناهي ڌاريون

٣.پيار منجهان اچي ياڪر پائي
لـڙڪ اُگهي اچ ڪِلي پرچـائي
ڪِيَـڙيون سهڻي سـتـاريـون

٤.منهنجو تہ آخر اُهوئي آهي
ٻي ڪنهن سان ٻلا منهنجو چاهي!
سـڄـڻ ڪـيـون سـرداريـون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥.لاڙ ڪيا مون تي لَڪ لَڪ تورا
دل ۾ هيم ڏاڍي ڇورا ڪورا
نِـــوڙي ڪـيـم نـيــزاريــون

٦.پيارَ پيالو اُهي ئي پين ٿيون
طالب مولا سي ئي جين ٿيون
جـيـڪـي مـحـبّـت مـاريــون

٢٧_١٢_١٩٦٠ع
لاهور

●

ٽل:سور ويا سڀ لهي محب مليو ٿيون ڏاڍيون ٻهاريون
١.مونـي محب اڱڻ تي آيو قرب منجهارون ڪهي
٢.سهڻو سائين آڻ وني آيس رات وٺـــانـــئـــس رهـــي
٣.ڳالهه اها وڃي نيٺ ٿي پوري پَر ۾ اسان جيڪا پهي
٤.طالب کي مطلوب پيارِي مـــحـــبّـــت واري مـــهـــي

٢٧_٢_١٩٥٦ع
هالا

●

ٽل:درد دفع سڀ ٿيا مون سان ٿيو اڄ محبوب مُلاقي
١.دل جي دري، مان مون لئي هردم لالـڻ پـاتـا لِـيـا
٢.نرمل واري ناز سان هڪدم ڇڏي ويا سڀ ڇِيا
٣.پيار محبّت وارا پلپل نَينڌ پرت جا پيا
٤.مئي محبت پي محب ۽ طالب خوب ٿيا ٻئي ڪِيا

٢٧_٢_١٩٥٦ع
هالا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: صبح سان سرداڻ پنهنجو پاڻ پَسايو۔
پاڻ پَسايو ۔ ديدار ڪرايو
١.غور فڪر ۾ مان هوس محڪم
ڪلي ڪري ڪيڪار۔سِڪ جو سُر سمجهايو
سر سمجهايو ۔ ديدار ڪرايو
٢.اکڙيون هُيَڙيون عجز ۾ آليون
دلڙي وني دلدار ۔ ويهي قرب ڪمايو
قرب ڪمايو ۔ ديدار ڪرايو
٣.اِستغراق مان اچي اٿاري
سهٽي لَذڙي سار ۔ وصل جو ورق ورايو
ورق ورايو ۔ ديدار ڪرايو
٤.طالب! مولا عيدون ڪرايون
منهن ڏيکاري منٺار ۔ پَلي پاڻ پَلايو
پاڻ پَلايو ۔ ديدار ڪرايو
٢٠-٨-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

ٿل:ڪِلُ ڪِلُ او ناز وارا! لايون نوان نظارا
١. ڏه ڏه پيرا ڏنگِن ٽا وَرَ وَرَ ڏيو ونگِن ٽا
رت ۾ ڪئين رنگِن ٽا لالڻ! ڏيو لامارا
واسينگ وار ڪارا
٢. جن ڏي ٻه ٽيون نهارن مهمير مرد مارن
مُئلون دليون جِيارن جهٽ پٽ ۾ جيءَ جيارا!
اکڙيون ڏيو اشارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۳. تنهنجو نه جوڙ جاني! تنهنجو ڪو مَٽ نه ثاني
هرڪنهن کي هيءِ حيراني قربان تين ويچارا
سج، چنڊ، ڪتيون ۽ تارا

۴. سهڻا! هجين سلامت هي تنهنجو شان شوڪت
اعليٰ عظيم عظمت گلبوءِ گلعذارا!
نازڪ، پرين، نگارا!

۵. آ، آ، پرين! اڱڻ تي مَرڪان سنڌ ملڪ تي
تنهنجي مٺا! اچڻ تي سهڻا، سچڻ، سچارا!
اڪڙيون ڪيم اوتارا

۶. طالب تان هٿ نه لاهج ان جو عرض اگهائج
آهون مڙئي اونائج خادم سنڌ خدارا!
پرتو اٿئي پيارا!

●

ٽل: تنهنجا ڪرم ڪروڙين قرب سندا
نتو لاهي سگهان، نتو ڳائي سگهان

۱.مون ڪِنڙي، ڪوجهي، ڪاري تي
هٿ ٻاجهارو هر وقت رکيئي
احسان اهي محبوب مٺا!
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

۲.تون شاهن جو آهين شاه پرين!
آنءُ گولو، گداگر ۽ گدلو
تو .مون تي ڪيا جي وڙ وڏا
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

 Scanned with CamScanner

٣.آئون تنهنجي ڳڻن جو آهيان ڳڌل
آئون اهڙي زبان ڪٿان آڻيان
سردار سنڌ، احسان، الا!
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

٤.آئون پاڻُ ڏسي تو توکي ڏسان
لڳي مون کي عجب تو محب مٺا!
اي سهڻا! تنهنجا لک تورا
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

٥.تنهنجي تورن جي ڪهڙي ڳالهه ڪبي
تعريف لکي آئون ڪهڙي لکان!
بيڪار سان تو جي قرب ڪيا
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

٦.مون هيٺي جو همراه ٿئين
پازيءَ جي پشت پناه ٿئين
هي تنهنجا پلارا! پال پلا
نتو لاهي سگهان نتو ڳائي سگهان

●

ٿل:رهه ڪا سڄڻ رات - سانولڙا!
وچ نه پري تون پرديس پيارا!

١.ڏينهن نه لائج گهڻا - دل جا دلبر يارا!
سيگهه مان لهجئين وري - ساجن! منهنجي سنيار
هيءَ تون ڏجئين ڏات - سانولڙا!
موٽي پسائج مُنهڙو موچارا!


Scanned with CamScanner

۲.ويل وڃڻ جَي پلا - ڳالهيون ڪر ڪي ٻَني
محب مسافر مٺا - حبڙي شل نه هٽي!
باقي مچ هيِ بات - سانولڙا!
ڪٽ ٻاجهه ماڻ ٻَي ديدون دلارا!
۳.موٺڻ جي ڪج ڪا پرين - توڏي ڏسيو تو ڏسان
تو سان وطن ۾ وري - محب ماڻ ملاڻ!
تنهنجي اٿم تات - سانولڙا!
ڪيم عجيبا! اکڙيون اوتارا
۴.طالب مولا پرين - توکي ياد ڪري
سڪ ۾ ساه ٽڌا - پورل! روز پري!
وائي اها وات - سانولڙا!
ور خير سان، مِل، سخنِ سچارا!
۱۶-۱۲-۱۹۵۷ع
ڪراچي

●

ٽل: سينو سهٽل ساڻ نه ساهه
ٻانهون ٻَدي ير اُن جي غلامي
۱.سر ته سچڻ آڏو آٿي در تون
پاڻ قدمَ ڪو اگرو ير تون
دل ڏئي دعوا ڪابه نه ڪر تون
لوڪ لاڳاپا هڪدم لاهه
نينهن ۾ تيندِي نه ته ناڪامي

٢.سهٽل سان ڇو حجت هلائين!
ڏيان ڪجان متان پـو پڇتائين!
سرچندو ڪين ڪي جي سَرچائين
نـــوڙت ڏاران ڇـــارو نـاهہ
هِـت تہ سوين ٿي آهن سلامي
٣.ڪـاوڙجَـي تہ بہ ڪـنـڌ نمائج
عـجـز جو پاند ڳچي۽ ۾ پائج
ويـتـر اوڏنـهـن وک وڌائـــج
ڪاهيو، ڪاهيو، ڪاهيو، ڪاهہ
عاشق! تيندين پو آرامي
٤.تو ۾ سهڻ جـي طـاقـت نـاهـي
مـــاٺ انهي کان بهتر آهي
رڳو ٻـتـاڪ ۾ رڪـيـو ڇـاهـي!
پڙ ۾ نہ اچ تون خوا مخواهہ
سر تي نہ کڄان ڪا بدنامي
٥.ٻانهون ٻڌي جڏهن بيٺو رهندين
سور سِـڪـڻ جا جيـڪـر سهندين
طالبؔ! مولا تڏهن لهندين
ڏاوَ ۽ ڏَٻ پيا مڙئي لاهہ
هـادي تـوسان تيندو حـامي
١-٩-١٩٥٧ع
هالا

●

ٿل: ڪڏهن تنهنجي در جو فقير آهيان
ڪڏهن تنهنجو پرت ۾ پير آهيان
١.پنهنجي پاڻ ۾ نينهن نبار اٿم
پنهنجي پرت سان پورو پيار اٿم
پنهنجي عشق تي هڪ اتبار اٿم
پنهنجي طلب ۾ با توقير آهيان
٢.تنهنجي محبّت ۾ مستان به مان
تنهنجي عشق جو اعليٰ شان به مان
تنهنجي الفت جو عنوان به مان
تنهنجي طلبن جو تفسير آهيان
٣.منهنجو جاني ۽ جانان به تون
منهنجو روح به تون ۽ جان به تون
منهنجي نينهن ۾ نورجهان به تون
تنهنجو جاني ۽ جهانگير آهيان
٤.مان توسان سچڻ! منسوب ٿيس
۽ تنهنجو مٺا! محبوبُ ٿيس
قري طالب مان مطلوب ٿيس
پنهنجو نينهن ۾ پاڻ نظير آهيان
٢٢-١٠-١٩٦٥ع
هالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چريون چست چهريون

ٽل: اهي ڪاريون، ڪجليون، چريون، چست، چهريون
اڇڻ ساڻ اٽڪيون اکيون پئي اُڀريون
١.نشي نينهن جي ڪان هيون مست بيحد
نگاهن سان پياري بنايائون بيخود
نئين سال جو تن ڪيو پيار پڀريون
٢.اڳئين ڪان ٻه اڳريون عجب رنگ ۾ پئي
عجب رنگ ۾ پئي عجب ڍنگ ۾ پئي
صنوبر ڪان سهٽيون، گلن ڪان ٻه گهَرَيون
٣.هو پياريون ٻه پيئي ته سرڪش ٻه پيئي
هو ساقي ٻه پيئي ته مئڪش ٻه پيئي
خماريل خماريل، هو گُوڙهيون ۽ گهَرَيون
٤.نظر جي چُمن سان چميو ۽ چميئون ٿي
اشارن اشارن ۾ ڪي ڪجھ چيئون ٿي
ڪري قرب لاٿئون ڪرم سان ڪُمَهَريون
٥.سڄي رات صحبت ۾ ويهي گذاريم
محبّت جي مئي خوب پيتم پياريم
ڪيون خوب **طالب** قريبن ڪچهريون

١-١-١٩٦٦ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: اکيون عزم واريون عقابي عقابي
هو مارڻ سان ڪن ٿيون شتابي شتابي

١.هو سرمو سينگارن، نہ سرمي سينگاريون
جي پنهنجي خوديءَ ۾ پلا خود خماريون
هنن ۾ هميشہ برهہ جون بهاريون
عُنابي عُنابيءَ، گلابي گلابي

٢.هو پنهنجي ئي مستيءَ ۾ بدمست اَهن
سدا سوز وارن جي لئي سخت آهن
ڏچن کون ڪنهن کان زبردست آهن
رنگينيون رنگينيون، شرابي شرابي

٣.محبّت جي مئي جون مدامي موالي
اچن جي ڪٽيو جُود مان پئي جلالي
مُڙن کون ڪنهن کان اهي لا اُبالي
قلندر قلندر، عِتابي عِتابي

٤.اتي ناهہ پيرن فقيرن جي جراٌت
نہ زاهدءِ واعظ سان ڪن ڪا مروّت
هلي صاف صوفِن جي هرگز نہ حجّت
مچن کون ڪنهن کي وَهابي وَهابي

٥.نہ پالاءِ بڇيون، ڪٽاريون سندن مٿ
تُفنگ، تير، تلوار، خنجر سيئي گهٽ
نظر جي ڪٽيو ڪن صفن جون صفون چٽ
جي حملا هو ڪن ٿيون جوابي جوابي

٦.ڪٽيو وَرَ وڙهڻ لاءِ سنيريون وتن ٿيون
بنا دير جي منهن مقابل ٿين ٿيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهين مان هو طالب نہ مورهان مڙن ٿيون
ٻـڌن ڪانہ ڪنهن جي حسابي حسابي

٢٨-٧-١٩٦٥ع
اسلام آباد

●

ٿل: اِهي ناز واريون ۽ مٽڙيون موچاريون
امالڪ ٿيون اٿڪن سڄڻ جي سيڪاريون

١.ڦريو دل وجن جي ڦرڻ تي اچن ٿيون
نہ ڪا مهل ۽ موقعو ڪو ڏين ٿيون
زبردست ڌاڙيـلِ، دلبر جي ڌاريون

٢.سدا تير سيني منجهان پار اُڪارن
پکي دل جو پهرين نظر ساڻ مارن
جي پَهريو پون ٿيون، وجهن مِيرَ ماريون

٣.انهن تي ڪنهين جي چڙهي ڪانہ حشمت
ٿئي تيـغ زن ڪـي نہ ات ڪـابہ همّت
هميشه ڪان حملي ۾ سرسيون، سوڀاريون

٤.هو ڪن پيش قدمي ڪرڻ ۾ نہ ڪا گهٽ
پڄن برق بجلي ڪان جلدي ۽ جهٽ پٽ
ڪريو سي وتن ٿيون ڄـجو ترتان تياريون

٥.پڇر جو ڪري ان تي اُيرن اورهاٽيو
هٽيو ڏنگ ڏاڍا وجهن ٿيون وِهاٽيو
پورو ڪن پَٽي، تي ڪاريهر ڪان ڪاريون

٦.ڏين گهور ٿيون جڻ لڳي وئي دونالي
سندن وار طالب وجن ڪـونہ خـالـي
هـو مـارن جيارن تہ اختيار واريـون

٢٩-٦-١٩٦٥ع
ريلوي اسٽيشن ”دينا“

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل:مات ٿيا سي جن ۾ اکيون تنهنجي اکڙن جون اُٿيون
هي دلبريون تو سنديون وهوا سڄڻ! ڏاڍيون وٽيون
١.ڪنهن کي طاقت جو جهلي تک تاءِ سُرمَيلن سندوا!
هڪ نظر سان تيون وجهن ڦيرا ڏيو دل ۾ ڦٽيون
٢.هٿ ٻڌيو حاضر تين سلطان سهٽي جي اڳيان
پير ۽ مخدوم سڀ پرين جي پيرن جون پٽيون
٣.قرب وارا! تون ڪڏهن ايندين ڪو اڱڻن جي اڱڻ
انتظارن ۾ او سهٽا! ڏينهڙا وينا ڳٽيون
٤.درد وارا! چاڻ ملنڊءُ پنهنجو دلبر دل اندر
پر جڏهن ڦيريندو رهندين قرب سان من جو مٽيون
٥.يار جي اڳيان اهو مقبول ٿيندو هر گهڙي
قلب ۾ جنهنجي وڏيون ڪي قرب جون قدرت ڪٽيون
٦.طالب المولا تي هر هر تاب چو ايذا ڪرين!
هو وهيٽو هڪ سندو تون تو ڏٺن گهورون گهٽيون
١-٦-١٩٥٦ع
هالا

ٿل: نشيليون نشيليون اچن جو اورهاٽيون
تہ چوهٺون چڏنِ تيون گهورن سان گهوماٽيون
١.سي شاهين وانگر جو پرواز ڪن تيون
مثل باز بحري لامارا ڏين تيون
پڪي دل جو پڪڙن چنبن ۾ چپياٽيون
٢.نہ اچٽيون جي اچٽيون تہ واپس نہ وچٽيون
جي ڇهٽن ۽ چنبڙن تہ ڏاڍيون ٿي ڏنگٽيون
ڏئي وِهہ وِرهہ جو وجن تيون وِهاٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣.هَوڪاريو هَوڪاريو پئي پک وجهن ٽيون
وڙهڻ ملهه محبت جي هڪدم اچن ٽيون
هو ماريو مچائن ڪيڏيو ڪانبلاٽيون
٤.پئي حسن واريون اداسي اداسي
محبّت جي مئي لِءِ پياسي پياسي
اهي عشق جي اَج اصل کان اُساٽيون
٥.جي نڪريو نقابن مان ٻاهر پون ٽيون
ته ويتر وڏا ڏِنگ ڏاهيو وجهن ٽيون
نه ڪن تر تفاوت سڏيون ۽ سنواٽيون
٦.بظاهر نظر ٽيون اچن خوب چِرڙيون
مگر در حقيقت ڪاريهر ڪان ڪَرڙيون
اي **طالب** ٽيون مارن گهورون ڏيئي گهاٽيون
٢-٧-١٩٦٥ع
ڪراچي

●

ٽل: زوراور، زوراور اهي بي ملاليون
هتن سان هيرائي پرين ڪِئن نه پاليون!
١.هميشه ڏسون تا گلابِي، گلابي
ڪڪوريل، ڪڪوريل، شرابي شرابي
الاجي ڪتان ٽيون پين پُر پياليون!
٢.پِيُن جيڪڏهن پور ڪن ٽيون نوازش
جي نه ته هر گهڙيءَ ۾ هو سرڪار، سرڪش
رهن مست، خود دار ۽ خود خياليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣.ڏسڻ ۾ سدائين اياڻيون، اياڻيون
نماڻيون، نماڻيون، سياڻيون، سياڻيون
سدائين تيون ڏسجن نيون ۽ نراليون
٤.عجب آهه ٻئي مست هڪڙي سچڻ وٽ
سندن ئي قسم، ناهه ڪنهن ۾ ٻه ڪا گهٽ
الهڙ عشق واريون صنم ڪيئن سنڀاليون!
٥.خطا تا تين ڪين تن جا نشانا
لڳن پنهنجي مرڪز تي سورنهن ئي آنا
گسن ڪين ڪڏهين هو دُوران دوناليون
٦.هو تسليم ڪنهن کي ڪڏهن ڪين تيون ڪن
يقيناً اهي ٻئي ”ڪميونسٽ“ آهن
اتن چڙڪ روسين ۽ چينن جون چاليون
٧.سياڻپ اسان کي ٻه ڪجھ ڪانه آئي
اسين پڻ محبّت ۾ ڏاڍا چريائي
اسان ڪان ٻه تن جون چريون چست چاليون
٨.بظاهر رهن تيون بيگانيون، بيگانيون
اي طالب نہ آهن ديوانيو نہ، ديوانيون
مگر مست، بيخود ٻئي لا اباليون
٣٠-٦-١٩٦٥ع
ٺڪوئٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١٧]

# گونگيون گوءِ ڪٿي ويون

ٽل: مينهن! ڪرين تون متان
منهنجي اکِن سان ريس رڻ جي

١.موسم جو محتاج تون آهين
پنهنجي وس ۾ هرگز ناهين
توکي ڀلا ڪئن ميان
ڪين وسين تو ڪَرِين جَي وسڻ جِي

٢. ٻارهين ماهِ تون موٽي اچين ٿو
مَس مَس مُند تي نيٺ مچين ٿو
ڏينهن نہ رهين تو گهٽان
وريو ڪرين تو وَير وچڻ جي

٣. سُڪا پٽ تون ساوا ڪرين ٿو
تلاءَ ترايون بيشڪ ڀرين ٿو
ڏک نہ ڪرين تہ آئون چوان
جهٽ پٽ ڪن تا سيئي سُڪڻ جي

٤. منهنجون اکيون شب روز وسن ٿيون
وِرهَ وٽن ڪي سائو رکن ٿيون
ساوڻ لائين سدان
بوند وسائن روز ڀَنَڻَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥. تون ته اچين گمسان گُرڻ سان
هي تيون وسن چپ چاپ ڪرڻ سان
تون ته ڪرين وجان وجان
بلڪل هي تئون ڪن ڪا پَڄڻ جي
٦. هار مجيندين نيٺ ننن سان
بيهي ڏس ڪنهن مهل پِنن سان
متان ڪري ڪو ميان!
گونگن ڪان ڪا گوءِ ڪٽڻ جي
٧. طالب مولا ڳالهه سچي ڪئي
جنهنجي پيار سان آهي اچي پئي
هجر ڪئي جنهن تي هَلان
تنهن ڪان پچي ڪو ورهَ ونڊڻ جي
٢٨-٨-١٩٦١ع
ڪراچي

●

ٹل: اَڪن ۾ عجيبَن جون آهن آڪاٽيون
سُتيون ڪين ڪڏهين سدوريون سياٽيون
١.نهاري نهاري اُهي ڪونه تڪيون
اصل کان ڪيون پرت پختيون ۽ پڪيون
هو سِڪ ۾ سچڻ جي سراسر ساماٽيون
٢.پائي پيچ پلپل جي لالڻ سان لڙيون
وري ڪين ڪنهن مهل مورهان سي مڙيون
وڏيون وچ ۾ ويتر ڪَرن ڪئين ڪانجاٽيون


Scanned with CamScanner

٣.تصوّر ڪري ٽيون پرينِ تائين پهچن
ڪنهن هنڌ هرگز ڪڏهن هُو نه هٽڪن
سدا هجر ۾ ڪن سي ريجهون رهاڻيون
٤.سچو ڏينهن سارينِ سهٽيَ سڄڻ کي
نه هرگز سڄاڻن سلڇڻيون سمهڻ کي
ڀنِن جون برهه ۾ ئي راتيون وهاڻيون
٥.پرين پاڻ تن سان اچو پيار ڪن ٿا
وريو بيخوديءَ ۾ سي چاهئون چمن ٿا
هي صابر سڄڻ کي سدائين سيباڻيون
٦.اي **طالب** انهن تي مون کي ناز آهي
منجهن ئي لڪل دل جو آواز آهي
پياسي پرينِ لاءِ نرمل نماڻيون
٨-٧-١٩٦٥ع
ريلوي اسٽيشن سهاله،

●

ٽل: اکيون عاشقن جون مدامي موالي
پيڻ لاءِ پرَ وٽ سدائين سوالي
١.رکيون بيئي اڪثر عجيبن اجايون
مڙئي ڳالهيون تن کي محبن منجايون
انهن کي ڏئي خوب وعدا وصالي
٢.هو هڪڙي سڄڻ جون نه ٻي ڏي نهارن
رڳو پاڻ ۾ پنهنجو دلبر وهارن
سي پرپور بلڪل رهن ڪين خالي


Scanned with CamScanner

٣.هميشه هو پنهنجي سڄڻ لاءِ سَتيون
محبّت ۾ مورهئون رهن مست متيون
هو عامل اَمر تي نه ڪن بي خيالي
٤.هو پنهنجي پرينءَ ري ڪٿي ڪونه اٽڪن
پراين درن تي نه بلڪل سي ڀٽڪن
سدا بي مياري اهي لا اُبالي
٥.اي طالب ڪڏهن ڪا هلائن نه حجّت
تڏهن ٿا نه ڪن محب تن سان مروّت
ڪئي تن جي قسمت نصيبن نرالي
١٠-٧-١٩٦٥ع
ڪوه مري

•

ٿل: ڦُڙي ڦُڙي ۾ آهي بهار
عشق اِڪِن جي ساوڻ لايا
١.اڪيون ڏاڍيون آڳميون آهن پنهنجي وس ۾ بلڪل ناهن
ڪري اٿيون اڄ ڪارونيار
٢.سرديَ گرميَ وه جو وسن ٿيون بيهڻ جي ڪا بس نه ڪن ٿيون
هردم لائن ميگهه ملهار
٣.رڪيو رکيو اوهيرا اچن ٿا باغ برهه جا ساوا ڪن ٿا
وڏ ڦُڙ لائي وارو وار
٤.هڪڙا مينهن جي وسيو وڃن ٿا ۽ ٻيا ٻيهر پرجو اچن ٿا
رڳو وسڻ جا ڪن وهنوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥.گونگا مينھن گونگِن جا آھن  بلڪل سي بيھڻ جــا ناھن
ڪجن ٻلي ڪٽي حيلا ھزار
٦.دلبر يارا! تون چو تو اُسرين  پوندين پسي متان ٻاھر نڪرين!
بيھ تہ سھٽا! ڏين ڪا وار
٧.طالب مولا جون ٻئي اکيون  پيارِيون پياريون جي رب رکيون
نينھن انھن ۾ آھي نبار

٣-٨-١٩٦٥ع
اسلام آباد

●

ٽل: اِڪن سان ڪيائين اينھين چو الاڙي!
ويچاريون وِھن تيون لکين لڙڪ لاڙَي
١.اچڻ لئي عجيبن جي آھن اجايون
سندن وات ۾ مون اکيون ٻئي وڇايون
اچي من ٻنھي کي ھو لالڻ لتاڙي
٢.الاجي پرينءَ کي چو پرواھ ناھي!
اکين کي سندس ئي تہ آزار آھي
ڪيئين پوئواري نہ ھڪڙي ڏھاڙي
٣.سجڻ پاڻ ڪيڏو نہ آھي پيارو
سلڇڻو، سياڻو، سباجھو، سچارو
وڏئين چو ٻِنن کي گھنگھر ۾ گھوڙا ڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۴.اجهل عشق جي ڇا حقيقت ٻڌائِن!
بکيو شينهن وينيون اندر ۾ نپائن
تو پنهنجي هو پيري کي دمدم ڏونڌاڙي
۵.اي طالب ڪيو ڇا سڄڻ ھي پنن سان
اها ڪار ساڳي ڪئي ڳوڙهن ڳلن سان
ڪَٽِي جڻن ويهي پنهنجي مَن کي مَناڙي

۹-۷-۱۹۶۵ع
ڪوه مري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[١٨]

# منهنجو هاڻي پنيور ۾ چاهي

ٿل: مون نٿي پانيو تہ آخر ڏار ويچاري ڪندا
پر اجا آهن اميدون محب موچاري ڪندا

١. آسرو سهڻن سپاجهن جو اديون! مان ڪئن ڇڏيان!
نيٺ ڪو ڦيرو ڦِٽيءَ تي هاڻ هڪواري ڪندا

٢. وَرَ وندر جا ووڙيان تي وِرهَہ ۾ واڪا ڪندي
شال مون مئيءَ سان اچي سردار سرداري ڪندا!

٣. مون ۾ اوڳڻ ڪو ڏئون جو هئن ويا مون کي ڇڏي
در گذر آخر سندم هرڪا ڪِتي ڪاري ڪندا

٤. ڪين لاهيندا سڄڻ مون تان ڪڏهن هٿ ٻاجھ جو
عيبدارڻِ سان غمن ۾ ڪا تہ غمخواري ڪندا!

٥. هُو پرين آهن ڀلا پر مون ۾ گهٽتائي گهٽي
دل نٿي ٻاسي تہ هُو ڪا هئن دلازاري ڪندا!

٦. هِن اميدن تي اجا ويٺي نهاريان واٽڙيون
شَل ڪري تورا ٽڪيءَ وٽ پاڻ پاٽاري ڪندا

٧. هيءَ جُڪي جا هاڻ ڪهجي واٽ تي ويهي رهي
نيٺ نرمل تنهن نڌر جي ڪا نظرداري ڪندا

٨. پاند ڳل پائي اي ٻانَدي! وڃ عجيبن جي اڳڻ
”پڇ پرينِ کان سي ڪڏهن ڪا منهنجي ٻوواري ڪندا“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۹. سک ڏسي ساجهر ستيس چاتم ته هوندا هوتَ هِتِ
پر اٿم افسوس هاڻي حرف هيڪاري ڪندا
۱۰. اک نه پوريان ها ڪڏهن ويهي وِهايان رات ها
جي خبر مون کي پوي ها هو وڃڻ واري ڪندا
۱۱. **طالب المولا** سنياري پنهنجا ساٿي ساه ۾
وَڙَ وڏا يايانِ جي هو محب مناري ڪندا
۱۹-۱۰-۱۹۵۴ع
حيدرآباد

●

ٽل: منهنجو وَرُ ته وني ويا چوري الا
گهر گهر جي آهيان گهوري الا
۱.ڪل ته پيئي ڪانه ڪا بلڪل آهيان پوري الا
۲.اديون! هيءَ ته اڄاڻ اڄ ننڊ ۾ جڏي ويا ندوري الا
۳.پنهل ري پرديس ۾ مُيس ته ڪس تي گهوري الا
۴.لالڻ جي ئي لغار جي لُونءُ لُونءُ ۾ آهي لوري الا
۵.جانب ڪارڻ جت جي جيءَ کي لڳي وئي جهوري الا
۶.**طالب مولا** سسئي جُلِي پئي چپر ۾ چوري الا
۱۳-۱-۱۹۵۵ع
ڪراچي

●

ٽلُ: پنهل جي ته پچار اٿئي پهر اندر ۾
۱.اٿيس آڌيءَ رات جو هو سنجهي ويا سردار
۲.مڙئي مون ڏانهن سرتيون! محبن ڏي نه ميار
۳.خوشيون سڀ ته خِزان ٿيون گوندر ڪيا گلزار
۴.سَگرِ پنهنجي سڌ ڪري نيندا هيءَ نيڪار


Scanned with CamScanner

٥.ورهَه واري وٽ ۾ ڏکن کڍيا ڏار
٦.طَالب مولا پيو تڳي آري جي آڌار
٩-٨-١٩٥٥ع
حيدرآباد

●

ٿل:مون تہ پرين کيا پنھنجا منھنجا ٿين، نہ ٿين
منھنجا ٿين، نہ ٿين دلڙي ڏين نہ ڏين
١.تڏهين بہ پھتيس پرَ کي ماس مرون جي کين
٢.وس وارڻ جا ڪنديس منٿون مانَ مڃين!
٣.ڪاهي رسنديس ڪيچ ۾ لاڙين يا لوڏين
٤.منھنجي ميڙ منٿ تي واڳون شل وارين!
٥.عيبن واري آهيان ڍولڻ شال ڏکين!
٦.طالب مولا محب سي چاھ منجھان چاهين
١٥-٩-١٩٥٧ع
حيدرآباد

●

ٿل: ننڊ ڪيئي جو نياڳي! او نياڳي
ڪيچي آيا، تو سان قهر ڪري ويا
١.پوئينءَ رات اٿي پڇتائيئي سنجهي ٿيئي نہ سجاڳي
٢.جن تي وِهائيون راتيون اکِ ۾ سيئي تيڙيون سهاڳي
٣.ترِمان گسي سَوَ چوٽون کائي تون بہ وئين تي ويراڳي
٤.سيئي رمزِ راز کي رسنديون ورهَہ سان دل جن واڳي
٥.طالب مولا واصل ٿيبو جَاڳي، جاڳي، جاڳي
٦-٨-١٩٥٨ع
حيدرآباد

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: پنهل ڏي پئي پنڌ پيرين اگهاڙي
تيس عشق رهبر اصل کان ادا ڙي!

١.سڏي ويئي سسئي پُلي کين بَر ۾
تيس هوت حامي ۽ ساٿي سفر ۾
ٿي سَرهي سڄڻ وٽ سيئي قول پاڙي

٢.سسئي سَک ڇڏيا سپ سڄڻ جي ئي سانگي
هٽائي نه هرگز ڪڏهن نينهن نانگي
وڃي نيٺ پهتي لڪيون، لَڪ لتاڙي

٣.محبّت پرايا به پنهنجا ڪري ٿي
جدا هڪڙي ساعت نه تن جي سري ٿي
هميشه ئي هڪبئي سان سڪ ٿي سلهاڙي

٤.اهي طالب المولا ٿيون پار پهچن
حبيبن ڏي هلندي جي هڪ پل نه هٽڪن
عيو تن کي محڪم محبّت منَاڙي

٦-٩-١٩٥٩ع
حيدرآباد

ٿل: هلِي هوت پنهل ڏي هاڪارَي
سسئي پهتي منزل مارَي

١.ورتَس هَرَ هَرَ هرهند بدلا سُکن ساري سنياري
٢.پهچايُس وڃي پنهنجي پِر وَٽ وهوا ورهَ ويچاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣.جبل جايون ڏنيس جي. ۾ ڏيل پنهنجي کي ڏاري
٤.جيڪا سچ تان سر ڪري صدقي پرت پلي سا پاري
٥.هوتُ هميشه محبّت واريون ماري پوء جياري
٦.تنهن کي مبارڪ طالب مولا بانهون پڌي جا گذاري
١٠-٨-١٩٦١ع
راولپنڊي

●

ٿل: منهنجو پنهل اٿوَ سڀي چهر جو چُنُ
تنهن جو ملڪ ۾ مورهئون ناهي ڙي! مَنُ
١.ڪو ڏاڍ ڪيئين تہ بہ مون سان ڪيئين
ڏک درد ڏنئين تہ بہ مون کي ڏنئين
پلا بي. تہ ڪنهن کي ڪين چئين!
پلي سورن سان ڪنين مون کي سَلهُ
٢.اديون! عشق جو هي دستور اٿوَ
ڏک هڪڙو حياتي. جو پور اٿوَ
مون لئي محب اکِن جو نور اٿوَ
هڪ وير ۾ لاهي قلبئون ڪَنُ
٣.جي آن بہ ڪيو هوندو عشق اديون!
تہ پو هونديون ڏاڍيون دردونديون
پنهنجو حال ڏسي ڪٿي سمجهو بنديون!
تو ڪنن نہ چڪي قورائي جو قَنُ


Scanned with CamScanner

٤.منهنجون دانهون متان اوهين چاٽو ڳِلا
هي آهون آهن ڏک ڏوراپا
متان هُن جي ڪريو مُنيون! ڪابه ڳلا
جنهن پياريو پَڙي! مون کي پيار جو پٽ

٥.جڏهن سندس هيس تڏهن هيڏيون ڪيئين!
نه ته هوند ٻين کي ڏکڙا ڏنئين
ويندي طالب کي ڪجهه ڪين چيئين
انهي چال ۽ چاهه ڪيس آئون چَٽ

١٢-٨-١٩٦١ع
لاهور

●

ٽل: منهنجو هاٽي ٻنيور ۾ چاهي!
آئون ڪيچِن کي رسنديس ڪاهي

١.دردن دل کي اينهين چيپاٽيو جيئن ڳاهو ويهي ڳاهه ڳاهي
٢.آهي پنهل سان سِرَ جي بازي منهنجو نينهن نباڀي جو ناهي
٣.چا جي نصيحت چا جي هدايت! منهنجي الهڙ جواني ته آهي
٤.چوِني چَموٽِي هُن کي ڏنيم مون سان ڪير پلا سينو ساهي!
٥.مرٽنديس ڪين کي وينديس ورڏي آئون بيني آهيان لاهي پاهي
٦.هردم طالبَ مولا مون کي شل رمز انهي ۾ ئي راهي!

٦-٤-١٩٦٧ع
لاهور

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل:جنهن پيار ڪيو ڪنهن کان ڪين پِلي
ويندي وَرَ ڏي اها جهلئي ڪانہ جهلي

۱.جنهن ساه ۽ سر جي لاتي سَٽَ
تنهن لئي هڪڙي ڳالهه ٿي هار ۽ ڪٿ
ڏِني عشق جنهين جي جي ڪي جهٽ
اُها هيجئون حبيب ڏي ويئي هلي

۲.جنهن جو عشق اچي اڳواڻ ٿيو
تنهن کي پُور پرِيَن ري ڪونہ پيو
تنهن لئي ساڳيو ٿئي تو ڪٿيو ۽ ڇيهو
پو جي واٽ مئي تہ ٿي بيشڪ پلي

۳.جنهن ٻول ٻَڌا پنهنجي پيارل سان
سا جانب ڏي ويئي جود منجهان
ڊِني ڪين اها ڊپ ڊِائن کان
تَنهنجِي ڳڻن پرئي ري ناهي ڳلي

۴.ڇو ٿيون سرتيون! ڦري اوهين مون کي جهليو
جي ڪا همت اٿو، منهنجا پور پليو
نہ تہ ساهيڙيون ٿي سور سليو
ڪندو ٻورل سائين نيٺ ڀلي

۵.ڪِئن آن سڄڻ ري هت وهندِس!
پنهنجي لالڻ کي وڃي لهندس
وهندَي ڪئن نهندس!
۾ هلي ڪا چلي!

۲۸-۱۱-۱۹۶۱ع
ڪوئٽا

[۱۹]

# طالب عشق امام جنھين جو

ٽل: ڳهڙي ساهڙ جي ته سهاري وجي پهتي پرت کي پاري
١. ڪين دريا کان ڪنهن دم دهلي ڏيل سائر جو ڏاري
٢. ڪڙڪا ڪُنن سڏ ساهڙ پانيئين پاڻ وڏئين وَهَ واري
٣. سَوَ احسان ڪيئين ساهڙ تي خطرا، خوف وساري
٤. ساهڙ سهڻيءَ کان ئي سڄاپي ساري دنيا ڏاري
٥. **طالب** عشق امام جنهين جو سا ڪيڏهن ڪين نهاري

١١-٨-١٩٦١ع

راولپنڊي

●

ٽل: جتي جام سميون ڪئين سياڻيون
اُتي مَرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!

١. مڇيءَ ڪائڪ آهيان مهاڻي گولي گندري ڪڪيءَ هاڻي
هُت هونديون سوين ئي سرهاڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!

٢. توکي ڏسيو وريو پاڻ ڏسان تي پنهنجي مرم ۾ مريو وڃان تي
وينيون آهن اڳيان راڄ راڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!

٣. جام! سَمِن سان ڏاڍو نهين تو تون ته تماچي! لَڪَ لهين تو
منهنجو مَرڪ اهي ئي مياڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٤.آئون مهاڻي تون تہ شهنشا منهنجي ڪري متان مٺا ڏيئي ڪا!
هڪ جهڙيون اٿئي وڏ گهراڻيون
اتي مرڪن پلا ڪِئن مهاڻيون!

٥.توکي چام! هي چنبڙيو چوان ٿي ڪينجهر ڪنڌين ڏاڏي نهان ٿي
ويهي هِت ڪي ڪريون رس رهاڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون .

٦.ڪين نهن ٿا ويس شاهاڻا اسين مهاڻا آهيون اياڻا
مون تي سُونهن تيون اڳڙيون اباڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!

٧.طالب مولا ٻي نہ لاڳاپي نوري، تان تو چام سڃاپي
هيون ڪيئي سگهڙيون سمياڻيون
اتي مرڪن پلا ڪئن مهاڻيون!

٢٨-٥-١٩٦٧ع
١٧ صفر ١٣٨٧ھ
ڪراچي

●

ٿل: عمر! بند رکبيون نہ ڪنهن جون نياڻيون
مڙئي منهنجون شاهد اٿئي گهرَ ڏياڻيون

١.وڄهان پن، ڏيان پن، اهي محل ماڙيون
اسان لاءِ سيڪي ولهارن جون واڙيون
ڪٿي بـاغ بنگلا، ڪٿي لنب لاٽيون!

٢.نهوڙي ڇڏيندءِ انـدر واريـون آهون
جي نہ تہ هيٺ رک تون هميشه نگاهون
هلن پيون ڪيئي نياڻيون سياڻيون


Scanned with CamScanner

۳.اهي ڪوٽ تنهنجا پڇي ٿين پورا
ڏسان شل وطن ۾ هو سانگي سدورا!
هِتي ڪئن نهن جي سنگهارَين ساماٽيون!
۴.وچايو ڪتي تو پلا جھر چاراتو!
سهي ڪين سگهندين پنوهارن پاراتو
ڪٺهن ٿيون پرايون جي وَرَ وٽ وڪاٽيون!
۵.ڪٿي ڪير تنهنجن ڏي جيڪر نهاري
ته هڪدم چڏئي هوند سو ڏيل ڏاري
پڇي ڏس تون پنهنجون وچي وڏ گهراٽيون
۶.سُکن کي نه طالب سنگهاريون سچاٽن
اميراٽيون اهلون چنيون ڪين چاٽن
نهن ٿيون هتي ئي رڳي راج راٽيون
۳-۶-۱۹۶۸ع
۶ ربيع الاول ۱۳۸۸ھ
پشاور

ٿل: لڳايم نينهن جو ناتو، اهو ناتو! نڀائيندس
۱. نهوڙي ننڊ نيو هئي هئي! تڏهن سوڍي سُتَي چڏيو
خبر مون کي نه هئي تان پاڻ کي پاڻهي رلائيندس
۲. مهارون مَن وَري موڙي مَيَي جون پنهنجي مومل ڏي
ڳچي ۾ پاندڙو پائي وڏا حيلا هلائيندس
۳. لنگهي ويندس ته آخر ڏِٺ ڏٺي مون سان وري ملندو
لُڏاٽي ۾ وچي هڪ ڀيرو قسمت آزمائيندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

۴. ڪنديس ميڙيون گهٽيون، پر جي نہ موٽيو مينڌرو ماڳَھن
وَچن آهي تہ پنهنجي عمر پو ويهي وڃائيندس
۵. رنل راٺو نہ جي پرتو تہ پو مومل مئي پڌندئو
مري ويندس مگر مان ڪاڪ کي ليڪو نہ لائيندس
٦. هي هر هر طالب مولا چيو سائڻ تي ٻانهيءَ کي
"اميد آهي رنل راٺي کي منٿن سان مڃائيندس"
٢-٣-١٩٥٨ع
هالا

●

[٢٠]

# وڻجارا تہ ورنِ

ٽل: هِنيَڙي هُلَ حشر، ڪانهي خبر
ڪڏهن ورندا وڻجارا!

١.هر هر پنهنجي حبيب کي اوريان منجھ اندرَ
٢.دلڙيءَ ۾ دردن جا ويٺا آهن ولرَ
٣.متان هن مهجور تان لاٿئون مهر نظر!
٤.ڪر نہ قيامت ڪان گهڙي گهارڻ منجھ گهنگهر
٥.سودو ڪيو مون سِرَ جو ڪَس لڳي يا ڪٽر
٦.ملندي ڪڏهن محبن سان هيءَ تہ نماڻي نڌرا!
٧.پاندي روز پڇائيان واٽن تي ڏئي ور
٨.ماري هن تہ مُنيءَ کي سهسايائون سفر
٩.ڪين ڇڏيندس ڪڏهين پرينِ جي ڪا پچر
١٠. طالب مولا کي نہ ڪا خالق! توکي خبر

١٩-٣-١٩٥٦ع
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: وڻجارا تہ ورن ڙي پينر جيڏيون! ڏينهن ڏئي ٿيا جن جَي

۱. اکڙيون انهي پار ڏي ڏاڍو ٿيون کِي ڏسن
۲. روز بندر تي بيهندي منهنجا نيڻ ٿمن
۳. ويهي ڪيئون جي واعدا شل پرين پورا ڪن!
۴. پيـڙا پاجهارن سندا اوري مانَ اچن!
۵. پاڻ تہ ڪين پلي ويا! مورهئون ٽتا موٽن
۶. طالب مولا سپرين اوري شال اچـن!

۱۹-۱۲-۱۹۵٦ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پي ۽ پيڻ ڏي

ٽل:تون بہ پيالا پي - ڙي يارا! پيو بہ ڪٽي ڪو پئي تہ پيڻ ڏي
١. ساقيءَ جي پر ڪين ڪي ڇڏيي مئي محبّت سان دلڙي گڏبي
ڪِيو خمار ۾ ٿِـي من مستانو ٿئي تہ ٿيڻ ڏي
٢.ڇڏ لاڳاپا لوڪ جا لاهيُ هن ۾ پلا پيو رکيو ڇاهي!
ورندو نہ هن مان ڪِي مهٽا پلي ڪو ڏئي تہ ڏيڻ ڏي
٣.**طالب مولا** مَيس ڪي ماري تارِ منجهان ڪيد پاڻ ڪي تاري
جيئري مري تون جِي نينهن نهوڙي نئي تہ نيڻ ڏي
١١-١١-١٩٥٧ع
١٥ رجب ١٣٧٦هه
هالا

●

ٽل: ساقي! سُرڪيون ڏئي غَمَ، ٽار پلا
ڪر ساغر جي واروارِ پلا
١.سِرَ ساهَ جي پول ڪا پولِ اٿي
دنيائي ڏنڌن ڪان رولِ اٿي
مَنَ پوريل پراڻا ڪولِ اٿي
اچ پنهنجي سخا ڏيکارِ پلا
٢.پلي رقص، سرود ۾ حال پون
ڪوڙي تقويٰ وارا رنگ لهن
سب علمن جا بہ حجاب ٽٽن
ڪر اهڙي اٿي ڪا ڪار پلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣.هِن زهد ريائي ۾ ڪجهه نه مِجي
اهو ڦِٽو پري آهي ويتر وڃي
ڏئي جام جذبنس تون هستي پچي
ڪر دير نه، آڻ، پيار پيالا

٤.سجدن ڪِيو ڦِصلو ڇُتو ڇُتو
تسبيح جي تالَ جو تير گتو
خرقي ۽ عبا مان ڪين ڪُتو
مئي خوش مان ذرو ڪو ڏيار پيالا

٥.مستانو ٿيان، ديوانو ٿيان
بدمست هجان ته به وينو پيان
پنهنجي قسمت، پوءِ مران يا جيان
مئي منهنجي مٿان بينو هار پيالا

٦.تيسين پيار وينو جيسين ٻاک ڦُٽي
پلي عقل، خِرد جو غرور ٽُٽي
گهڙي ڪِنَ ته زماني مان جند ڇٽي
ڪر اهڙو سخي! سرشار پيالا

٧.مخدومي ۾ ڏاڍو ڏينگ ڪيو
پيري ۾ به هزاري رنگ ڪيو
پر محبّت جنهن کي ملنگ ڪيو
تنهن کي ڪنهن جي آهي درڪار پيالا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٨.رڳو ڏينُ تو ٻين کي گهاٽي گهٽي
تو ٻه ورتي زماني جي ريت ڪٽي
ٻه اڪيائي تہ ڇڏ اِها سمجهي سُٽي
ڪر مون سان ٻلي اڪيون چار ٻلا

٩.هي طالب مولا دعا تو ڏيئي
ميخانو سدا آباد هجئي
سِرَ بخت جو مولا خير ڪرئي
ڪي پيار قدح ڪَنان تار ٻلا

١-٦-١٩٦٧ع
٢١ صفر ١٣٨٧هه
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دنيا اتئي درياءَ دلاور!

ٿل: سجاڳي ڇڏيسون هي دنيا دورنگي
اِها اصل ڪان ئي ڪا آهي اڍنگي
١.مڃيوسون ته والله ڪا ڳالهه ناهي
زماني جو ظاهر ٿلهو ٿاهه آهي
ڏٺيسونس فطرت ۾ لالچ لفنگي
٢.رڳي ڪن ٽا خِرقن مان واسينگ وارا
عبائن جي اندر لڪل نانگ ڪارا
حقيقت ۾ هي پوش آهن پَلنگي
٣.ڏسي مچ محبّت جو ڪاهي پياسون
رڃي لال لاهوتي ان ۾ ٽياسون
وئي دل ڪي وهوا وٺي پَرِ پتنگي!
٤.نه ڪر دير ساقي! سگهو آڻ ساغر
صراحيءَ ڪي نوڙائي بلڪل ڪٽي پُر
وڃي چيز ڪا ڏُن جدا جلترنگي
٥.گهڻو وقت مخدومي ماڻي ڏٺيسون
۽ پيري به قبضي ۾ آڻي ڏٺيسون
پسند پيئي من کي رڳي مَتِ ملنگي
٦.اسين فاني دنيا جا طالب ڪي ناهيون
اسان لئي اهو بس ته مولائي آهيون
قلندر جي آهي قدم تي ڪلنگي

٦-٦-١٩٦٧ع
٢٦ صفر ١٣٨٧هه
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: ڏاڍا دنيا جا ٽا رنگ ڏسجن
ماڻهو ماڻهن جهڙا گهٽا پيا گهمن

١. ٻي هر ڪا سٺي شئي ملبو وڃي
قيمت جي ڏجي، گهر ويني اچي
چڱو ماڻهو ته رلندي به ڪونه ملي
اهي سور ڀلا ويهي ڪهڙا سلجن!

٢. اخلاق جي گهرج به ويئي لهي
تهذيب، الا! وئي ڪيڏي ڪهي!
هي ڳالهه ڪندو ڪو سالڪ سهي
انسان نُما ته هڙئي پيا هلن

٣. جيڪي مطلب خاطر دوست ٿين
اهي آخر دشمن ٿي ٿا پون
گڏ هلندي هلندي موٽيو وڃن
عجب آهي ته ڪئن ٿا ماڻهو متجن!

٤. هڪٻئي تي سيڪو سيٺيو وتي
۽ پاءُ تو پاڻ کي سير سڏي
ڪم زاد، نه ڪنهن تي اک تو ڪٽي
اُهي ماڻهو ڪٽي جي مِٺا ميجن!

٥. مسڪين کي مورهئون ڪونه پڇي
پلي لُوهُون ڏئي ۽ خوب لڇي
هليو هرڪو وڃي ۽ ڪين ڪڇي
ڏي ڪير نٿو ڪا ٽوپَ ٽڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٦. پيءُ پٽ جي پاڻ ۾ ڪين بڻي
ياءُ ياءُ کي اصلئون ڪونه وڻي
ڪريو چورا ڇڏي سڀ ماءُ ڄڻي
رڳو رُلن پنن ۽ وَرَ ڏيو وڙهن
٧. هر جاءِ ڏسون تا پير گهڻا
وڏي قند وارا ته فقير گهڻا
ڪئين امير گهڻا، ڪئين وزير گهڻا
پر ڪنهن به غريب جا ڏک نه ڏسن
٨. هيءَ ناهي سياست، آهي ٺڳي
جاڻي سيڪو پنهنجي سوُٽِ سڳي
پر هن جي ڪنهن سان ڪانه لڳي
۽ يار سندس رڳو روز رلن
٩. انهي ڪرسيءَ ملڪ کي ماري ڇڏيو
ماري نه ڇڏيو ته به ڪاري ڇڏيو
وڏي گهرج گُٽن کي ڳاري ڇڏيو
اُهي سونُ، جيڪي مسڪين مرن
١٠. ننڍو آڏو وڏي اڳيان ڪين نَوي
ڪنهن کي ڪنهن تي نه ڪوئي ترس پوي
هي طالب مولا سچ تو چوي
اِهو لَڪَڙُ نه آهي منجهه لَڪن
٥-٧-١٩٦٦ع
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: تَرُ تارو اٿئي ويل تَرَڻ جي ڪُن اڳيان ڪارونيارُ

١. دنيا اٿئي درياءُ دلاورا! پيلي! نہ تيجئين پار
خطرا خوف هزارين آهن مَڇَ مانگر ڪن مار

٢. آهن ڪرڪا ڏاڍا ڪُنَن جا پُرجِهج تون پاتار
تي غوّاص ڪي غوطا مارج هردم رهہ هشيار

٣. سِرُ سجاڻج سِير جو سمجهي ڏاڍو آهي ڏهڪار
اُت ملاح بہ مُنجهيو پون تا جت نہ ياوُر يار

٤. سَندُ نہ سيٺهہ پاندُ نہ پوڙو آڏو اجهاڳَ تَئي آر
ترڻو اٿئي تک تارِ مان تڪڙو آهي پري هو پار

٥. ڪڏهين ڪِبرَڏي ڪين ڪي ڏسبو اهڙو نہ ڪج آچار
طالبؔ مولا مرد تي محڪم عشق تيندو آڌار

٢٢-١٠-١٩٥٦ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[۲۳]

## متفرقات

ٽل: پري ٿي بہ آهين اکِن ۾ عجيبي
تون مون وٽ ئي آهين، قلب کان قريبي

١.هميشه وسين تو تون نازڪ! نظر ۾
ٔ ساٿي ٿئين زندگيءَ جي سفر ۾
سلامت هجين نوري، نرمل، نجيبي!

٢.هزارين تمنائون دل ۾ رهن ٿيون
ڪڏهن ڪين سي سب چين تي اچن ٿيون
تون ڪر پاڻ پوريون اي لائق لبيبي!

٣.اي محبوب! اچ مون کي ماڻي تہ ڏس تون
ٔ آغوش ۾ يارا! آڻي تہ ڏس تون
مان تنهنجو ئي آهيان او حاڪم، حبيبي!

٤.تون سهڻن کان سهڻو سدائين ٿئين جو
جهان ۾ سنڌ ڪونہ ثاني ٿئي ڪو
اســان لاءِ آهــي غنيمت غـريبي

٥.مان تنهنجي برهہ جو ئي بيمار آهيان
اهو سچ اٿئي تنهنجوِ دلدار آهيان
تون ڏي وَٽ وصالي ڪا ترتان طبيبي!

٦.سڄڻ! وصل جي التجا آهي جاني!
پاڻهي پنهنجي طالب تي ڪر مهرباني
تہ پو ڪم نصيبي ٿئي خوش نصيبي

٢٣_٦_١٩٦٦ع
ڪوه مري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل: پرديسي پکيئڙا کري ويڙا ولر وَهي وِهي
کي جي ڪالھ ڪتان هئا آيا ڪهي ڪهي
١. چُڻ پُڻ لاتي جن موٽيو سي ٿا وڃن
وري شال ورن ساڳئي سَرَ تي سهي سهي!
٢. سنجهي ڪين سمهن آدي ٿا اُڏرن
ڳالهيون سنديون ڳجهن ويڙا پَرِ ۾ پهي پهي
٣. چلڙُ ڪين چُٽن لوچي لعلون لهن
مَارن ٿاهيا مُٺن ٽڊهين اُڏريا ٽهي ٽهي
٤. طالب مولا تن واري واڳ وطن
موٽي مانَ اچن هڪڙي رات رهي رهي!
١٥-١٠-١٩٥٨ع
هالا

●

ٿل: جاني جلويدارا! منهنجي جيءَ جا جيارا!
جيءَ جا جيارا اَکِن اُجارا!
١. شال تون ماڻين جاني! جواني رب ڏي توکي وڏي زندگاني
منهنجا مٺا مٺارا! دولھ دوست دلارا!
٢. توتي هجي نت نظر نبيءَ جي هردم هونديئي آڌر عليءَ جي
تيندئي مددگار پنجتن پاڪ پيارا
٣. بارنهن چوڏنهن حامي هونديئي سَوَ جڳ شال سلامي هونديئي
يا ور چارئي يار سچا سيئي سوپارا
٤. هادي حفظ ۾ رکج امين کي! منهنجي پياري ماھ جبين کي
عالم جا آڌار سائين سڀ جا سهارا!

٥. جيڪي گهريم اهو مولا ملايو    شڪرانا تيو لايو سجايو
آهن حـــمــــد هزار    مطلب تيڙا مڙئي موچارا
٦. طالب مولا تيڙيون بهاريون    آخر اميدون ڏاتر ڏيکاريون
تي دل باغ بهار    نوان تيڙا نيث نظارا★
٢١-١-١٩٥٧ع

●

ٿل: مولا ڏيئي ٻي ڇمار    جاني شال جيين تون!
١.صحتمند تون هوندين سدائين    ورَورَ ڏيو مون کي يارا! گهرائين
پيارا پنهن جا پير ڇمائين    دلبر دل جا يارا!
نرمل! نينهن ۾ نيين تون
٢.وار ونگو نہ نہ جاني! ٿيئي    ڪوسو واءُ نہ ڪين لڳيئي
وڏي حياتي محب! مليئي    ماڻي مون کي منٺارا!
ڪنڌون کير پيين تون
٣.شافع ڏيندءِ شال شفائون    دافع قبوليون دل جون دعائون
مولا ڪندئي سڀ رد بلائون    هوندين باغ، بهار
منهنجو محب ٿيين تون

---

★ هيءَ ڪافي برخوردار محمد امين فهيم جي شادي خانہ آباديءَ جي
تي لکي وئي.    طالب المولا

۴.پنهنجون ڇڏيون مون خوشيون خريدون، رڳي ٿين تنهنجون پوريون اميدون
جن ۾ ئي آهن منهنجون عيدون، دل وارا دلدار!
ڏاڍا پيار ڏيين تون
۵.طالب مولا حڪم هلايون جانيءَ ڪي ڪي ياڪر پايون
هل تہ سيني سان سينو لايون پرين سان پڳدار!
پيالا پِيرا! پيين تون

۱۵-٦-١٩٦٧ع
٦ ربيع الاول ۱۳۸۷ھ
تيزگام

●

ٿل: ونگيو دل ونن ٽا ڪُنڊا ڪيس ڪارا
سي ڪن قيد قربئون پرين! تنهنجي پارا
۱. جي ڪولين تہ ڪن ٽا ڪمندن کي ڪِهتِر
سهيڙين تہ سنبل کان بلڪل ئي بهتر
سموهين تہ سُونَهن سين کان سگهارا
۲. جي ويڙهين تہ ويتر وجهن ونگ ونگن تي
جي چوڙين تہ ڏاڍا هٽن ڏنگ ڏنگن تي
اڳيان تن جي آهن وسيهر ويچارا
۳. هٽن سان هيڪاري تون ڳوپيو ڳنين تو
گهٽو ئي ويچارن کي ويڙهيو وتين تو
پوَن نيٺ نڪريو لَٽون ڏيو لامارا
۴. لڳن خاص خوشتر گلابي گلن ۾
هو قاتل رهن شال چوٽي ڦلن ۾
لڏن ۽ پيا لٽڪن ڪمر تي قرارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥. جڏهن مشڪ سان موهي سهڻا! سينگارين
ته ماريو جيارين، جياريو تو مارين
ڪري تون جو نڪرين ڦٽيون ۽ ڦوڪارا
٦. تين تا جو گستاخ تنهنجي ڳلن سان
ٿئي رشڪ **طالب** ڪي تو خوب تن سان
اها ڪا خبر ٿَئي مِڙن ڪان موچارا!

١٠-٥-١٩٦٦ع
حيدرآباد

●

ٿل: ڪَٽي لال لبَ ۽ ڪَٽي گل گلابي!
هو سنهڙا، سنا ٿئي عجب انقلابي
١. جي چاهئون ڇُرن پو مسيحائي ڪن تا
ڪِڇن تا ته ڪاوڙ مان ماريو وجهن تا
ٿيا هاءِ پَرَ وس عجائب عُنابي
٢. مِلڻ ساڻ ڪئين راز رمزون رکن تا
کُلڻ ساڻ هر وقت موتي پُٺن تا
لِگڻ ساڻ ڪِن خوب شوقئون شرابي
٣. هميشه مجائن، نه ٻي ٻول ٻولِن
مگر پنهنجي رمزن ۾ روزانو رولِن
نه ڪن ڪنهن کي تسليم وهوا وهابي
٤. ڪِڇڻ جي نه تن جي اڳيان آهه طاقت
اچو اُت ڪري هرڪو آخر اطاعت
نه ڪنهن کي ٿئي ٿي ڪا جرأت جوابي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥. مٺين ڪائي مصريون اسان آزمايون
تين مَٽُ پلا ڪئن مِنِ سان مِنايون!
مِنا خوب ماڪيءَ کان لائق لعابي
٦. ڇُرن چڙ مان جي چپ تہ ڪن هانجا هڪدم
هو پنهنجي حڪم تي مِنا رهن محڪم
چمي تن کي **طالب** تياسون تَوابي
١١-٥-١٩٦٦ع
هالا

●

ٽل: سهٽي تون صندوق پاڻَ ئي پنهنجي دُر نڈُر جي
١. سَحق پلي ڪر نفس ندورو تون نہ تِجئين مسحوق
٢. هڪدم دل واري دشمن کي برهہ جي هڻ بندوق
٣. رهُ استاد تون پاڻهي پنهنجو ٿي نہ مگر مَسبوق
٤. **طالب مولا** محبّت وارا هرگز ڇڏ نہ حُقوق
٢٣-٥-١٩٦٨ع
هالا

●

ٽل: آهي آبِ حيات پِڪَ پرينِ جي، دَر ڏٺن جي
١. سائي يقيناً امرت ڏارا سائي شاخ نبات
٢. دردن، سورن ۽ فڪرن کان نجُ پِجُ ڏي ٿي نجات
٣. واللہ بأللہ اهائي اسان لءِ مرتئي مَشروبات
٤. نشا نينهن جا هردم چاڙهي بلڪل پاتئين پات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥. مولا ڄاڻي ڪنھن کي ڀاڳين سرندي ھيءَ سوغات
٦. ڪابہ نجاست ڪانھي ان ۾ پاڻ رڳي برڪات
٧. طالب مولا خوش بختن کي ڏاتر ڏي ھيءَ ڏات

١١-٨-١٩٦٨ع
١٦ جمادي الاول ١٣٨٨ھ
ڪراچي

●

ٿلھ: رخ روشن تي پرين! آھيان پتنگ
مولا ڄاڻي عجيب اٿئي رنگ ڍنگ

١. تنھنجا ويڙھيل وڪڙيل زلف دوتا
تو ڪئــن نہ قريني ساڻ ڳتا!
چڻ آھن پيا ڪارا نانگ ستا
پاڻھي پاڻ ۾ ويڙھجي وجھي ونگ ونگ

٢. اَبرُن جا عجب احسان ڪئي!
پنبڻِن جا وري پيڪان ڪئي!
اھي دردن جا درمان ڪئي!
ڪئي تير تَبر، ڪئي تيغ تُفنگ!

٣. تنھنجي ھر ڪا نظر آھي جام فِگن
تنھنجو ھرڪو اشارو زُھد شِڪن
تنھنجي آڏو نہ ڪا شي سَرو سمن
ڪِيئي حسن جمال ۾ دلبرا! دنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٤. محفل ۾ اچين تہ صُراحي جُهڪي
تعظيم جي خاطر ساقي اٿي
پيمانو سلام جي ڪاڻ اچي
هر ڪنهن کي بنائين مست ملنگ

٥. تو جهڙو صنم محبوب مليم
دل خوش ٿي اٿم اج سيڪي سريم
تنهنجي سر جو قسم بالا بخت ٿيم
ڪري عَش عَش پيو مهنجو انگ، انگ، انگ

٦. ڪهڙا لفظ وني تعريف ڪيان
چا تنهنجي سجڻ! توصيف لکان
تنهنجي لاءِ خطاب ڪٿان آڻيان!
آهي عاجز تو لءِ هر فرهنگ

٧. بيهو ڪبڪ رهي تو جي يارا هلين
اچي سَرو تي سَڪتو، جو بيهو رهين
تون جي اُوچي ڳات عجيب! اچين
ڪنڌ ڪين ڪٽي تنهنجي آڏو ڪلنگ

٨. ڪن ڏيئي تون ٻڌ هي ڳالهہ پرين!
تنهنجي طالب ڪان جي محب! قِرين
تہ پو دامن جو متان خير گهرين
منهنجو عشق عجيب! اٿئي اڙنگ

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽل: ونئي آيا تو وٽ پرين! پير پيارا
اِڪن سان چمان تو برابر پلارا

١. ڪڏهن واٽ تنهنجي وڃائي نه ويٺا
وري وچ تي هرگز هِيرائي نه بيٺا
قَتيل ڪين قِريا سدائين سوپارا

٢. اِڪن کي اونداهيءَ ۾ سڌ ڪانه ڪائي
ڪئي ڪين قدمن ڪڏهن ڪا ڪُڏائي
رڙهي ٻيئي رسيا سياڻا سچارا

٣. اکيون نيٺ عاجز ٿي هر هر رئن ٿيون
هنن ڪان نه واٽون ڪڏهن ئي وڃن ٿيون
هلي صبر سان ٿا پچن پرت وارا

٤. وڃو نيڻ نرمل سان آخر ملن ٿا
مگر پير هر وقت راهون رلن ٿا
ڪڇن ڪونه ڪنهن دم هو قربٿون قرارا

٥. اي طالب! اکيون خوب تڪجي پون ٿيون
لڪين هجر ۾ لڙڪ لاڙيو وهن ٿيون
قدم ڪين ترسن ٿا دلدار ڏارا

٢-٩-١٩٦٥ع
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

١. ڪچڪول جو عنقريب پيو ڇاپو شايع ڪيو ويندو.
٢. ڪچڪول ۾ پروفيسر چنا صاحب، حضرت طالب المولا جي تولد جي تاريخ ٩ محرم، ١٣٣٨ه مطابق ٢٦ سيپٽمبر ١٩١٩ع ڏني آهي - جيڪا صحيح نہ آهي. صحيح عيسوي تاريخ ٥ آڪٽوبر، ١٩١٩ع هئڻ کپي. ڏسو ص: ٣١.
٣. ابن خلڪان: وفيات الاعيان، الجزع الاول، ص ٥٣٥، مطبوع مصر - ابن خلڪان شيخ شهاب الدين ۾ سندس چاچي شيخ ابوالنجيب جي دور ڪي ويجهو هو ۽ سدن شجرو پاڻ بہ ڏنو اٿس ۽ ابن النجار جي تاريخ بغداد تان بہ نقل ڪيو اٿس - ابن النجار جو قول آهي تہ هن اهو شجرو خود شيخ ابولنجيب جي هٿ اکر لکيل نسخي تان نقل ڪيو آهي - شجرو هن ريت آهي:
ابوالنجيب عبدالقاهر بن عبدالله بن محمد بن عمويه واسمه عبدالله بن سعد بن الحسين بن القاسم بن علقمه بن النضر بن معاذ بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد ابن ابي بکر الصديق رضي الله عنه الملقب ضياء الدين السهروردي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قال محب الدين بن النجار في تاريخ بغداد نقلت نسب الشيخ ابي النجيب من خطه وهو عبدالقاهر بن عبدالله بن محمد بن عمويه واسمه عبدالله بن سعد بن الحسين بن القاسم بن النضر بن القاسم بن النضر بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد بن ابي بكر الصديق رضي الله عنه واذا كان بخطه هكذا فهو اصح.

٤. ڪليات امين: مرتبه محبوب علي چنه، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٦ع، ص ١٦ - ١٧.
وڏيڪ ڏسو مير علي شير قانع: تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧ع، ص ٣٨٣_٣٨٤.

٥. جنب گذاريم جن سين: جي - ايم - سيد، جلد ٢، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٧ع، ص ٣٤٣_٣٤٧.

٦. مجمع الفيوضات حضرت طالب المولا جن جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. عڪسي تصويرون پيش ڪجن ٿيون.

٧. شاه جو رسالو، جلد ١، ڪراچي ١٩٢٣ع، ص ١٦٧.

٣ فبروري ١٩٧٣ع
اسلام آباد ۽ ڪراچي جو وچ
هوائي جهاز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner


بسم الله الرحمن الرحيم

حمد وافر مر احدی را که از نهانخانهٔ احدیت بجنبش الف احمدیت رایات عزت به
معارک عالم امر نهاده و منشاء و مبداء آثار ذات خود قرار داده بر صفحهٔ صحیفهٔ
نگارخانهٔ عالم ظهور تجلی فرموده و [illegible] مرحمه را که از تجلیات احدیت [illegible]
برآورده وجود مسعود محمدی را [illegible] ملک و ملکوت گردانید و
از نور وجود او ظلمت مظهریت عدم را از [illegible] کون و مکان رفع نمود [illegible]
نموده الصلوات والسلام على نبيه النبي [illegible] على الانبياء والمرسلين [illegible]
[illegible] كان نبيا [illegible]
والطين [illegible] اجمعين [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون [illegible]
[illegible] عالم عالميان [illegible]

مجمع الفيوضات جي نسخي جو صفحو نمبر ۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مجمع الفيوضات جو اهو صفحو جنهن ۾ حضرت غوث الحق
مخدوم نوح عليه الرحمة جو سنڌي بيت ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




هي بيت مجمع الفيوضات جي حاشيي تي لکيل آهي


Scanned with CamScanner

# قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي مقولن جون معنائون

| | |
|---|---|
| اَللهُ الغَنِيُّ وَ اَنۡتُمُ الفُقَرَآءُ: (سورة محمّد مدني آية ٣٨) | الله بي پرواه آهي ۽ اوهين محتاج آهيو. (مترجم مولانا تاج محمود امروٽي) |
| اِنَ اللهَ عَلٰي كُلِّ شيءٍ قَدِيرٌ: (سورة فتح مدني، آية ٢١) | الله سڀڪنهن شيء تي وسوارو آهي. (مترجم ايضاً) |
| اِلَّا الله: | ۽ بس هڪ الله (جيئن، "وحده جي وديا، ڪنا، "اِلَّا الله" اَدّ" |
| اَلْعِشْقُ نَارُالله: | عشق الله جي ٻاريل باهه آهي. |
| اَلْفِرَاقُ اَشَدُّ مِنَ الْموت: | وڇوڙو موت کان وڌيڪ سخت آهي (عربي زبان ۾ هڪ عام چوڻي) |
| اَلْاِنۡسَانُ سِرِّي وَ اَنَاسِرّه: | انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون انسان جو راز آهيان. (سالڪن جي زباني بيان ڪيل الاهي چوڻي.) |
| اَلْقَلْبُ مِرآةُ الْمُؤمِنِين: | مومنن جي دل هڪ آئينو آهي. |

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

| | |
|---|---|
| اِنَّ الله يَحُولُ بَينَ الْمَرءِ وَ قَلْبِهِ: | (اللهجو) انسان ۽ سندس دل جي وچ ۾ گهيرو ڪري ٿو. |
| اِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَة اِذَا صُلْحَت: | جسم ڪي جيستائين پاڪ نہ ڪجي تيستائين اهو صرف گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي. |
| اِن الله لا يَنْظُرِ اِلي صُورتِكُم وَلاكِن يَنْظُرِ اِلي قلوبِكُم | تحقيق الله اوهانجي شڪلين تي نظر نہ ٿو ڪري ليڪن اوهانجي دلين ڪي ڏسي ٿو. |
| اَلدُّنيَا جِيفَةٌ وَ طَالِبُها كِلاَبُ | دنيا ڍوند آهي ۽ ان جا طلبگار ڪتا آهن |
| اَلْهِجْرُ قِطعَةٌ مِنَ النَّار | جدائي باهہ جو ٽڪرو آهي |
| اِنَّه بِكُلِّ شَيءٍ مُحِيْط | بيشڪ الله هر شيءِ جي چوڌاري آهي |
| بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ | توهان هجو ۽ الله پاڪ جيڪي ڪجهہ اوهان ڪريو ٿا "اهو" ڏسندڙ آهي |
| خياركم أحسن كُم أخلاقاً: | يلا توهان جا. توهان مان ڀلي اخلاق وارا آهن. |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| شفيع المذنبين | گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ |
| صِرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ:<br>(سورة الفاتح آية ٥) | سڌي واٽ |
| فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ:<br>(سورة البقره مدني، آية ١٥٢) | جيئن شاهه صاحب سر ڪلياڻ بيت ١١ ۾ چيو آهي. مونکي ياد ڪريو ته آئون اوهان کي ياد ڪريان.<br>(مترجم ايضاً) |
| قَالُو بَلىٰ:<br>(سورة الاعراف آية ١٧٢) | چيائون ته هائو (آهين) [اڳيان سوال اچي تو ته (آئون) اوهانجو پالڻهار نه آهيان جا "اَلَستُ بِرَبِّكُم"؟ "قالو بليٰ"]<br>(مترجم ايضاً) |
| قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّيٰ:<br>(سورة الاعليٰ مڪي آية ١٤) | بيشڪ ڇُٽو جيڪو سڌريو<br>(مترجم ايضاً) |
| قُلْ هُوَ اللهُ: قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ (١)<br>(سورة الاخلاص مڪي آية ١) | چوءِ ته الله اڪيلو آهي.<br>مترجم ايضاً) |
| كُلِّ شَيءٍ يُحَرِّكُ | هر ڪا شيءِ چر پر ۾ آڻي ٿي |
| كُلِّ شَيءٍ مُحِيْطُ: | سڀ ڪنهن شيءِ تي گهيرو ڪندڙ.<br>(مترجم ايضاً) |

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌالرَّسُوْلُ اللّٰهِ
(سورة محمّد مدني آية ١٩
۽ سورة فتح مدني آية ٢٩)

ا لله کانسواءِ (ٻيو) ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي. محمّد ﷺ الله جو موڪليل آهي.
هي ڪلمءِ طيب آهي جيڪو قرآن شريف ۾ ٻن سورتن ۾ ڦهريون ۽ ٻويون اڏ ڏار ڏار تي آيل آهي.
(مترجم مولانا تاج محمود امروٽي)

لِباسُ الْڪَافِرِيْنَ قُلوبُ الْمؤمنين:

ڪافرن جهڙو لباس ۽ مومنن جهڙيون دليون

مَنْ عَرَفَ

جيڪي سڃاڻن ٿا

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدَ عَرفَ رَبَّهٗ

جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تہ بيشڪ ان پنهنجي ربّ کي سڃاتو.

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ

جيڪي پاڻ سڃاڻن ٿا (اڳتي آهي، فقد عَرَفَ رَبَّه اُهي پنهنجي پالڻهار کي ڄاڻن ٿا.
(حديث شريف)

وَهُوَ مَعَڪُمْ أينَ مَا ڪُنْتُمْ وَاللّٰهُ

۽ هو الله توهان سان گڏ آهي جتي.

وَحْدَهٗ لاَ شَرِيْڪَ لَهٗ

هو (الله‌جـ) هڪُ آهي ۽ سندس ڪو بہ شريڪ نہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| وَنَحْنُ اَقْرَبُ | ۽ اسين ويجها آهيون |
| وَ فِيْ اَنْفُسِكُمْ: | ۽ اوهان جي جندن ۾ |
| (سورة الذّاريات آية ٢١) | (مترجم مولانا تاج محمود امروٽي) |
| وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ اَفَلاَ تُبْصِرُوْنَ | ۽ اوهان جي اندر ۾ آهيان. ڇا اوهان نٿا ڏسو؟ |
| وَ فِيْ اَنْفُسِكُمْ وَ اَيْنَمَا كُنْتُمْ | (الله) اوهانجي اندر ۾ آهي، اوهين ڪٿي ڪٿي به هجو |

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

# ڏکين لفظن جي معنيٰ

## [ الف ]

آتو = بيتاب
آچار = فيصلو
آزار = اندر جي عشق واري تڪليف
آف = ناڪامر ـ ناس
ابرو = ڀرون
اپتيان = ڪوليان
اذيت = تڪليف
اسير = قيدي
الهت = نشا
الي = پيشانيءَ تي پائڻ جو زيور
انگين = ماڪي
امل = لاجواب ـ جنهن جي قيمت نہ هجي
اوجهڙ = بنا واٽ ـ بنان رستي ـ بنا گس جي
اوپالڙيون = ڏوراپا ـ تنڪا ـ طعنا
اُڙنانج = ٻڏج ـ ٻوءِ واري

آٽ = انڪار
آڌر = ڏڍ ـ آسرو
آسروند = اميدوار
آغوش = ڀاڪر ـ هنج ـ گود
آڪڙ = تيزي ـ غرور
اٻاليون = بي حال ـ گدليون
اُڌميا = جذبات
اُساٽيون = تڪليف ڏنل
الڪ = نقص ـ خرابي
الوڻ = ال جو جمع عني بنياد ۾ نقص
اليل = بيحد مست
امنديون = ٻئي پاڻي وهائيون
اميريون = ڪورين جي تاجيءَ جون ڳنڍيون
ڏاڻ = ڏاوڻ جو مخفف آهي. اٺ کي ڏاوڻ ڏبو آهي
اوير = اير
اوڳي = موڳي ـ ڪم عقل
اُهنج = اهڃاڻ ـ پار پتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪج

آهنبڊ = ڏنگو

اوهيرا = مينهن جو رڪي رڪي زور سان بار بار وسڻ

[ ب ]

باور = اعتماد ـ فخر

شيءِ کي چڪ هٽڻ لاءِ حڪم ڪبو آهي

برخيز = دفع، اٿي

برهم = ڪاوڙيل

بلاتو = مضبوط ـ قابو

بيچون = بي مثل

بز = خوشبوءِ

بيراڳڻ = اداسڻ

بالابڻ = اعليٰ بنياد يا مخفف آهي

برج = پٽن جي آفيسرن واري راند

برزخ = هِن دنيا ۽ هُن دنيا جي وچ وارو عرصو يا مقام ـ جتي فوتي جو روح رهندو آهي

[ ٻ ]

ٻاروتڻ = ننڍپڻ

ٻاونگير = هوشيار

ٻڪيون = ٻاڪرين ٻيون

ٻنگ = وڪڙ ـ ٻيچ

ٻهڳڻ = ٻهونگڻ ـ گهڻن صفتن وارو

ٻيهاري = ٻيهر

ٻانڊ = ٻنڊ قومر

ٻک = ٻاڪر

ٻلاريون = مال جي ڳچي ۾ ٻڌڻ جو آلو جنهن ۾ ٻه لارون ٽينديون آهن

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [ ٻ ]

ٻال ٻلائڻ = مهرباني ڪرڻ

ٻرم = ٻت

ٻورو = ڪم فهم ـ ڪم عقل

ٻچ = ٻچڻ ـ عذاب ـ ٻاھ ۾ ٻچڻ

ٻٽيندو = ٻڌائيندو

ٻيد = ڳجھ

## [ ت ]

تات = طلب ـ چڪ ـ يادگيري

ترياقن = دواجو قسم آهي جيڪا بلا جي ڪاڏل ڪي ڪارائبي آهي

توابي = توبھ ڪيل نيڪ عمل ـ صالح اعمال

توقير = عزّت ـ قدر

تهدليئون = دليئون

تئونس = بخار ـ تپ

تالان = دربدر ـ ختم

ترس = قياس

تفنگ = بندوق

تمثيل = مثال

تُنبيو = ذرا ذرا ڪرڻ

تنڪا = طعنا

توشو = عمل ـ اڳتي لا

توري = وزن ڪري ـ اصطلاحي معني آهي سوچي سمجهي

## [ ٿ ]

ٿانيڪيون = هڪ هنڌ موجود

ٿيج = ٿج ـ ٿي جنئين

ٿوپ = آسرو ـ ڏڍ

## [ ٽ ]

ٽاٽا = مقام ـ هنڌ ـ جاءِ

ٽهٽا = ڦالون وغيره

ٽاهيا = چرڪايا ـ ڏيڃاريا

ٽهي ٽهي = چرڪي چرڪي ـ ڏڃي ڏڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[ ڄ ]

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڄتون | = | ڄڳون وارن جون | ڄتي | = | اڻڄاڻ ـ ڄٽ |
| ڄيرين | = | باھ جا شعلا | | | |

[ جھ ]

| | | |
|---|---|---|
| جهونجهي | = | ڳولي |

[ چ ]

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| چب | = | اجائي شدت | چتا | = | خشڪ ـ پياسا |
| چتائين | = | ذهن ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ | چُتو چُتو | = | ذرو ذرو |
| | | | چڪ | = | ڳپ |
| چڳ | = | وارن جي چڳ | چلڙ | = | ميرو پاڻي ۾ ڳپ وارو |
| چموٽي | = | چهنبڙي | | | |
| چُڻ | = | چونڊ | چُڻن | = | ڪاڻين |
| چڙڪي | = | سٽي | چهڙ | = | چڙٻ جو سخت قسم |
| چينام | = | چينيم ملم پتي ڪيم | | | |

[ ڇ ]

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڇائي | = | ڏوڙ | ڇڇ | = | ان وانڻ وارو ڪکڻ جو ٺهيل تاڻ |
| ڇڙيون | = | ڪرڙيون | | | |
| ڇوهون | = | جلدي مان | | | |
| ڇيا | = | نقصان | | | |

[ ح ]

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| حاذق | = | حڪمتدار | حجر | = | |
| حلق | = | نڙي | حنان | = | الله جو صفاتي نالو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## [ خ ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| خرقن | = مولوين جو خاص لباس (جمع ۾) | خرقي | = مولوين جو خاص لباس |
| خراج | = تحسين - آفرين - ڏل - معاوضو | خمدار | = چپائي رکندڙ - اڌ گول |
| خورسند | = خوش | خرّم | = خوش |
| خوشتر | = بيحد خوش | خوشي | = خوشي |
| خميرن | = دوا جو قسم | | |

## [ د ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| دافع | = دفع ڪندڙ | داور | = الله |
| دُرِ ابلق | = اڇي ۽ ڪاري رنگ وارو موتي (سچو موتي) | درس | = تعليم |
| | | دُڙباٽيان | = هيسيان |
| | | دوري تيڻ | = دور - تيڻ پري تيڻ |
| دهليز | = اهو دروازو جتي ڪافي ماڻهو ويهن ۽ دربان بادشاه وغيره سان ماڻهو ملائي | دُهرا | = ٻيٽا |

## [ ڏ ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏتاري | = ريجهائي | ڏج | = گهٽا يا گهٽائي |
| ڏڙيون | = اڍائي سير وزن يا ان کان وڌيڪ وزن کي ڏڙيون يا ڏڙا چئبو آهي | ڏکون | = تيلها ڏيڻ |
| | | ڏوما | = دلبا |
| | | ڏون | = ڏوڻ |

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

[ ڎ ]

ڎاڻ = دام (نٽ جوڎاڻ)

ڎوٽ = رنج

ڎڍ = آسرا يا آسرو

ڎهڪار = رعب

[ ڍ ]

ڍوهه = فريب ـ جادو

[ ڍ ]

ڍيڪ = بد لفظ ڳالهائڻ

[ ر ]

راهوند = هالا شهر جي اوڀر
ڟرف ديهه جو نالو
آهي اهوهند جتي
مخدوم محمّد
امين پکن ڏٽي
چلا ڪشي ڪئي
هئي

ريجهه = پاڻ ۾ ريجهي
ويهڻ

رج = بيابان

رخ = مُنهن

رخسار = ڳل

رستاخيز = قيامت

رقت = ڪيفيت

رندن = رستن ـ واٽن

ري ڪاٽيون = بنا ڪاڻ جي

[ ز ]

زاغ = ڪانگ

زرياب = هڪ قديم ڳائڻو
فنڪار

[ س ]

ساغر = پيمانو ـ پيئڻ جو
ٿانءُ

سُبُو = پيئڻ جو ٿانءُ

سجاڻ = هوشيار

سجين = اولارين

ساهئون = ساهه سان ـ روح
سان ـ جان سان

سپند = هرمهرو پسارڪي
هڪ شي آهي

سحق = ڪرل ۾ مالش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سحو = غلطي . ٿيل

سرت = ڄاڻ سمجهه . سرسا = ججها - گهڻا

سرميلن = سرمي پيل اکيون . سرواڻ = اگواڻ

سرويچ = قربان ٿيڻ وارو . سُريت = ٻنان نڪاح جي

سگر = ٻاڻ سان گڏ . وهاريل عورت

سگيٽيون = مائٽاڻيون . سلو = بدلو

سنبل = گل جو قسم، . سنا = سُوري

جنهن جو نمونو . سوبسو = هرطرف

انسان جي وارن . سوريتي = سورن واري

سان ملندڙ آهي . سُوگُون = نفرتون

سهڙج = پهچج . سهيڙين = ويڙهي

سڻا = ٻڌا . سَٽنا = عوام

سيباٽا = وٽيا . سيراف = خوف - ڊپ

سيٺهه = پاڻي ترڻ جو منڊ .

[ ش ]

شائق = شوق رکندڙ . شتاب = جلد

[ ص ]

صانع = صنعت وارو- . صبيح = سهڻو

هنرمند . صدف = سپ

صيقل = روان .

[ ط ]

طواف = ڪعبي کي . طوق = ڳانو- ڳلي ۾

چوطرف ڦرڻ . ٻڌڻ جو ڳهڻو

[ ع ]

عاصي = گنهگار . عبا = مولوين جي لباس

عتابي = ڪنهن تي . جو قسم

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

کاوڙجڻ

عقابي = عقاب شڪاري
ٻکي وانگر

عش عش = لطف وٺڻ

عقيق = پٿرجوهڪ قسم

عليم = علم وارو ـ
معلومات وارو

[ غ ]

غمّاز = ناز

غوّاص = تارُو ـ پاٽيءَ
۾ ڦرندڙ ۽
ٽٻيون هڻندڙ

[ ف ]

فائق = فضيلت مند

فلاح = چڱائي

فرهنگ لغات

[ ڦ ]

ڦند = اٽڪل

ڦيهون = جگريا جيرو

[ ق ]

قُبح = بد صورت

قرينى = سليقي سگهڙ
ٻائي

قَلق = تڪليف

قَند = مصري ـ مناڻ

قوس قزح = اندلٺ

قدح = پيالو

ققنس = اهو ٻکي جيڪو
مختلف راڳ
آلاپيندو آهي

قنديل = اهو ٽنب جنهن
تي شمع يا ڏيو
رکجي

[ ڪ ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاڙين = فقيرن جو هڪ قسم

ڪارن = اکن جي صفت آهي

ڪبريا = وڏائي وارو

ڪبڪ = ڍيل

ڪرت = ڪم ڪار

ڪفيل = پنهنجي وارو- خوش حال - ٻئي جو بار کڻندڙ

ڪلتار = ربّ

ڪليم = دعوى

ڪمر = چيلهه

ڪنان = ڪان

ڪنوات = اٺ جو جوان ڦر

ڪوهو = بهادر- جنگي جوڌو

ڪيف = نشو

ڪارون = ٻڪارون- ٻڪارن جو مخفف آهي

ڪانبلائيون = ملهه وڙهڻ جو انگ

ڪڏائي = اندرجي ڪوٺائي

ڪسب = ڪم ڪار - ڏنڌو

ڪلال = شراب ڏيڻ يا وڪڻڻ وارو

ڪلاهون = ٽوپيون

ڪُلنگيون = تاج- تاج ۾ لڳل گل

ڪمدن = جنگي هٿيار رسي وانگر

ڪڻ = فال

ڪور = ور

ڪهتر = گهٽ- بدتر

## [ ک ]

کٽو = اها شيءِ جنهن جو ذائقو کٽو هجي يا ڏونٽري ناهڻ لاءِ ڪير ۾ ملائڻ لاءِ ڏڌ زرو

کانجاٽيون = اٽڪاءِ-رڪاوٽ- خرابي - نار ۾ اٽڪاءَ

کرکيون = مينهن ۽ ڳئن جي ڳچي ۾ ٻڌڻ جو آلو

کرن = سچن

کنجاري = کلهي کان ڪرائي تائين ٻانهين

کيا = مدهوش

کيانٽو = کانگل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪُهجي = ٽڪجي

## [ گ ]

گام = قدم

گزاف = ٻٽاڪ

گيتار = انگلش ساز جو

گدولوي = ڪنو- بي افعالو

گنيون = گن واريون

گينوار = مغروري

## [ ڳ ]

ڳٽ = جانورن جي ڳچي ۾ سوڙهوءِ سوڳهو پٽو

ڳل = ڳچي

ڳڏل = خريد ٿيل

ڳڏو = خريد ڪيو

ڳڻن = صفتن (ڳڻ يعني صفت)

## [ گهہ ]

گهنگهر = آزار

## [ ل ]

لا ابالي = بي پرواهيون

لاڦون = ٻٽاڪون

لچڻ = ڦتڪڻ

لعوق = دوا جا قسم

لنب = اڪيلو- نالائق

لوچي = ڳولي

لوهون = جهوتون- ڦيريون پائڻ

ليهون = سيئو ڪاريون

لاڪس = سندس لاءِ

لبيب = محبوب

لعاب = ٻاٽي

لفنگي = نالائق

لوچڄ = ڳولا ڪڄ

لون ءِ لون = نس نس- انگ انگ

لنون = لغار- عشق جو ناتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[ م ]

ماسوي = ان کان سواءِ

مانداٺا = رٿائون

ماهہ جبين = چنڊ جهڙي

ماهہ لقا = چنڊ جهڙو

ماء اللحم = مختلف هلال

مائل = رغبت رکندڙ

مباح = جائز

مجاز = حقيقي جو ضد

مجرو = شاباس

مڃن = ٻاهہ جا مڇ وڏيڪ

محڪم = مضبوط

مختار = اختيار وارو

مدّ = آئون لکڻ وقت
الف جي مٿان
وارو نشان جنهن
کي عربي ۾ مدّ
چئبو آهي

مسحوق = ڪرل ۾ مالش

مسيح = جيارينڌڙ

مضراب = ستار وڄائڻ جو
آلو

مناڙي = چپي ـ لتاڙي

منقار = چهنب

موتوا = موت کان اڳ
مري جيئڻ وارو
جهان ـ پنهنجي
نفس کي ماري

مانجهي = منجهہ وارو ـ
رازدار

پيشاني

گوشتن جو عرق

يعني گوشتن جو

پاڻي ڪمزور

جسم کي طاقت

ڏيندڙ

مڃن

مدام = هميشه

مراتب = مرتبا

مرڪبو = ڀڪڻ ـ عزت
وارو ٿيڻ

مروني = وٽ ڏئي

مسبوق = سبق ڏنل
ڪيل

مصحف = قرآن شريف

مڳ = مضبوط

مليح = ملاحت وارو ـ
خوبصورت

منگهٽ = تاج جي قسم
جي ٽوپي

مورهئون = اصلئون ـ هرويرو

موڪي = ساقي

مهت = عزت

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڻ

جواهر مهرا = دوا جو قسم

مهمايل = مغرور ـ تڪبر وارو

مهميز = سخت هدايت ڪرڻ

مهجور = جدا ٿيل ـ هجر وارو

مهندان = اڳيان

مهمن = ڪوبہ مشڪل ڪم

مئي = شراب

## [ ن ]

ناسوت = تصوف جو هڪ عالَم يا هيءُ دنيا

نجيب = بزرگ ـ چڱو

نحيف = ڪمزور

نفاست = نازڪ مزاجي

نقارو = ڦُٽ ڪن جي ڪائن سان وڄائڻ وارو ساز

نهڙ = بنياد ختم ڪرڻ ـ مڪمل طرح تباه ڪرڻ

نبار = نج

نبير = فيصلو نبيرڻ

نجابت = چونڪارو

نجاست = پليتائي

نرت = عقل ـ سمجهه ـ سوچ ـروشني

نڪٽ = تارن ستارن جا مخصوص جهڳٽا

ننگئون = لڄئون ـ شرم حيا

نٺا = وئي وٺا

نياڻ = وڏي وهڪري وارو دريا جو ڦاٽ

## [ و ]

واڌايون = مبارڪون

وامق = عذرا جو عاشق

واڻ = وجود ۾ وحدت جو ويساهه پيدا ڪرڻ

واڳون = واڳون يا مهارون، اٺ، گهوڙي وغيره لاءِ ٿينديون آهن

وائر ليس = بنان تند تا رجي

وٿ = امانت ـ موڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وديعت = ڪنهن کي ڪا شي ڏيڻ .

وصال = ملڻ ـ محبوب سان ملڻ .

وظائف = وظيفا ـ وردَ .

ونڊجن = سوناري جو جواهرن کي چلڻ وغيره .

ونگيون = ويڙهيون .

وهابي = ڪنهن کي نه مڃڻ وارا ـ عبدالوهاب جي مذهب وارا .

ويساند = ساهي ـ فرصت .

ويڙا = ويا .

ويل = گذريل .

وريدن = نبضون ـ ساهه جون رڳون .

وصلا = فقيري استعمال جون شيون ـ ٽوپي ـ گوڏ ـ چولو .

و نحن اقرب = ۽ اسين ويجها آهيون .

ونن = اڪ جي وڻ جو جمع .

وهائيو = زهريلو ڪريو .

وهب = بخشش ـ عطا .

ويراڳ = عشق جي اداسي .

ويسلي = اپوجهه .

ويڳاڻيون = اداسي .

[ هه ]

هامر = همت .

هڃان = تڪليف وٺان .

هما = هڪ خيالي پکي .

هيهات = افسوس جو ڪلمون .

هجر = جدا ٿيڻ ـ وڇوڙو .

هُرن = ياد اچن .

هول = خوف خطرا .

هيجئون = شوق مان .

[ ي ]

ياور = مددگار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اگر خذمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالب المولیٰ،
تہ پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو."



پيدائش

4- آڪٽوبر 1919ع

وفات

11- جنوري 1993ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)